# يونيورسٽي آف سنڌ ڄام شورو

پي ايڇ.ڊي ٿيسز

## سيد ثابت علي شاھ جي سنڌي ۽ مير انيس جي اردو مرثيہ نگاريءَ جو تقابلي ۽ تحقيقي جائزو


ناھيد شاھ نقوي

سنڌي شعبو

سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو

سنڌ، پاڪستان


٢٠٢٣ع/ ١۴۴۵ھ

# UNIVERSITY OF SINDH

**Faculty of Arts**

**Dated__________________**

# DEPARTMENT OF SINDHI

## CERTIFICATE

Certified that Ms. Naheed Shah D/o Syed Nisar Ali Shah Naqvi has carried out research on the topic:

**"Syed Sabit Ali Shah's Sindhi and Mir Anees's Urdu Monody: An Analytical and Comparative Study"**

**"سيد ثابت علي شاهہ جي سنڌي ۽ مير انيس جي اردو مرثيہ نگاريءَ جو تقابلي ۽ تحقيقي جائزو"**

under my supervision. Her work is original & distinct and her dissertation is worthy of presentation to the University of Sindh, Jamshoro for award of the degree of Doctor of Philosophy (Ph. D.) in SINDHI.

**Dr. Shazia Pitafi**
Associate Professor / Supervisor
Department of Sindhi
University of Sindh, Jamshoro

# DECLARATION

I hereby declare that this PhD thesis has been prepared and composed entirely by myself and that all the work carried out is also my own: except where specifically stated.

**NAHEED SHAH NAQVI**

# انتساب

منهنجو هيءُ پورهيو منهنجي وڇڙي ويل هميشہ دعاڳو رهندڙ

امڙ بي بي آپا ممتاز ۽ بابا سيد نثار علي شاهہ نقويءَ

سان منسوب ڪريان ٿي، جيڪي سدائين مون کي علم جي ميدان ۾

ڪامياب و ڪامران ڏسڻ جا خواهشمند ۽ متمني هوندا هئا

ڪل من عليها فانٍ و يبقىٰ وجه ربڪ ذو الجلال و الڪرام

# فــهــرســت


| | | |
|---|---|---|
| ● مقدمو | | و |
| باب پهريون | **تحقيق جو طريقيڪار** | ٠١ |
| ١.١ | موضوع جو تعارف | ٠١ |
| ١.٢ | موضوع جي اهميت ۽ افاديت | ٠٩ |
| ١.٣ | اڳ ٿيل تحقيق | ٠٩ |
| ١.۴ | تحقيق جو طريقيڪار | ١٠ |
| ١.۵ | تحقيق جو مقصد | ١١ |
| ١.٦ | تحقيقي ذريعا | ١٢ |
| ١.٧ | لائبرريون | ١٢ |
| باب ٻيو | **مرثيو: فن ۽ تاريخ** | ١۴ |
| ٢.١ | مرثيي جي شروعات | ١۴ |
| ٢.٢ | مرثيي جو فن | ٢٠ |
| ٢.٣ | اردو ٻوليءَ ۾ مرثيہ نگاريءَ جي روايت | ٢۴ |
| ٢.۴ | سنڌي ٻوليءَ ۾ مرثيہ نگاريءَ جي روايت | ٣٣ |
| ٢.۵ | مرثيي جا ترڪيبي جُزا | ٣٩ |
| باب ٽيون | **سيد ثابت علي شاهہ ’ڪربلائي‘ ۽ ’مير انيس‘ ببر علي جي شخصيت** | ۴٢ |
| ٣.١ | سيد ثابت علي شاهہ ’ڪربلائي‘: هڪ تعارف | ۴٣ |
| ٣.٢ | سيد ثابت علي شاهہ جي مرثيہ نگاريءَ جون فني ۽ فڪري خوبيون | ۵٢ |
| ٣.٣ | ’مير انيس‘ ببر علي: هڪ تعارف | ٦٨ |
| ٣.۴ | مير انيس جي مرثيہ نگاريءَ جون فني ۽ فڪري خوبيون | ٧۴ |
| باب چوٿون | **سيد ثابت علي شاهہ ۽ مير انيس جي مرثيہ نگاريءَ جي فن جو تقابلي اڀياس** | ٩۴ |
| ۴.١ | سيد ثابت علي شاهہ جي مرثيہ نگاريءَ جي فن جو اڀياس | ٩۴ |
| ۴.١.١ | گهاڙيٽا | ٩٧ |
| ۴.١.١.١ | مسدس | ٩٨ |
| ۴.١.١.٢ | علم عروض مطابق شاعري | ٩٩ |
| ۴.١.١.٣ | علم عروض ۾ لفظن جا تي اصول | ١٠٠ |

| | | |
|---|---|---|
| ۴.۱.۲ | **ترڪيبي نظام** | ۱۰۴ |
| ۴.۱.۲.۱ | مرثيي جا ترڪيبي جزا | ۱۰۵ |
| ۴.۱.۲.۲ | مرثيي جا ڪردار | ۱۰۵ |
| ۴.۱.۲.۳ | سيد ثابت علي شاھ جي مرثين ۾ صنعتن جو استعمال | ۱۰۷ |
| ۴.۱.۳ | **پيشڪش ۽ اسلوب** | ۱۱٦ |
| ۴.۱.۳.۱ | صنعت تشبيھ جو استعمال | ۱۱۹ |
| ۴.۱.۳.۲ | صنعت استعارا جو استعمال | ۱۲۱ |
| ۴.۱.۴ | **واقعہ نگاري** | ۱۲۳ |
| ۴.۱.۵ | **ڪردار نگاري** | ۱۲۸ |
| ۴.۱.۵.۱ | ڪردار نگاريءَ سان منظر نگاري | ۱۲۹ |
| ۴.۱.٦ | **جنگ جي منظر نگاري** | ۱۳۳ |
| ۴.۱.٦.۱ | جنگ جو هنگامہ خيز منظر | ۱۳۳ |
| ۴.۲ | **مير انيس سيد ببر علي جي مرثيہ نگاريءَ جي فن جو اڀياس** | ۱٦۱ |
| ۴.۲.۱ | **گهاڙيٽا** | ۱٦۱ |
| ۴.۲.۲ | **ترڪيبي نظام** | ۱٦۷ |
| ۴.۲.۲.۱ | مير انيس جي شاعريءَ ۾ مرثيي جا جزا | ۱٦۷ |
| ۴.۲.۲.۲ | ترڪيبي جز آمد | ۱۷۲ |
| ۴.۲.۳ | **مير انيس جي شاعريءَ ۾ صنعتن جو استعمال** | ۱۷۹ |
| ۴.۲.۴ | **ميرانيس جي مرثين ۾ شاعريءَ جي پيشڪش ۽ اسلوب** | ۱۸۲ |
| ۴.۲.۴.۱ | ٻولي | ۱۸۴ |
| ۴.۲.۴.۲ | صنعت تشبيھ جو استعمال | ۱۸۸ |
| ۴.۲.۴.۳ | صنعت استعارا جو استعمال | ۱۹۰ |
| ۴.۲.۵ | **واقعہ نگاري** | ۱۹۴ |
| ۴.۲.٦ | **ڪردار نگاري** | ۱۹۸ |
| ۴.۲.۷ | **جنگ جي منظر نگاري** | ۲۰۴ |
| ۴.۲.۸ | **مڪالمہ آرائي** | ۲۱۹ |

## باب پنجون سيد ثابت علي شاهہ ۽ مير انيس جي مرثيہ نگاريءَ جي فڪر جو تقابلي اڀياس ٢٣١


٥.١ سيد ثابت علي شاهہ جي مرثيي جو فڪري اڀياس ٢٣١
٥.١.١ سنڌي مرثيي ۾ ثابت علي شاهہ جي منزلت ٢٣٣
٥.١.٢ ماحول ٢٣٤
٥.١.٣ غم ۽ جذبات جو بيان ٥٣٥
٥.١.٤ سيد ثابت علي شاهہ جي مرثين ۾ مير انيس جي مرثين کان الڳ مقامي رنگ ٢٣٧
٥.١.٥ جنگ جو جاهہ و جمال ٢٣٧
٥.١.٦ شان و شوڪت ۽ خوبصورتي ٢٣٩
٥.١.٧ بهادري ۽ سورهيائيءَ جو بيان ٢۴٠
٥.١.٨ جاهہ و جلال ٢۴١
٥.١.٩ تاريخي ڪردار تي سنڌ ڌرتيءَ جو اثر ٢۴١
٥.١.١٠ عزم و استقلال ٢۴٥
٥.١.١١ فن فڪر خطابت ٢۴٧
٥.١.١٢ ڪربلا جي ايذاءَ تي زمين، آسمان ۽ پاڻيءَ جو پڇتاءُ ٢۴٨
٥.١.١٣ ثابت علي شاهہ جي مرثين ۾ مڪالمہ نويسي ٢۴٩
٥.١.١۴ در عباس عملدار تي فڪر انگيز مناجات ٢٥١
٥.١.١٥ سنڌي زبان جو پهريون منظوم سفرنامو ٢٥۴
٥.١.١٦ زيارت نامو فڪر جي انتها ٢٥۴

٥.٢ مير انيس جي اردو مرثيہ نگاريءَ جو فڪري اڀياس ٢٥٧

٥.٢.١ ماحول ٢٥٩
٥.٢.٢ غم ۽ جذبات جو بيان ٢٦٢
٥.٢.٣ فڪر ۽ خيال ٢٦٣
٥.٢.۴ جنگ جو جاهہ و جمال، شان و شوڪت ۽ خوبصورتي ٢٦٥
٥.٢.٥ فڪر انيس ٢٦٧
٥.٢.٦ عزت جو موت ذلت جي زندگيءَ کان بهتر آهي ٢٧١
٥.٢.٧ مير انيس ۽ ميرزا دبير جي فڪر جو موازنو ٢٧٣
٥.٢.٨ بهادري ۽ سورهيائيءَ جو بيان ٢٧٥
٥.٢.٩ جاهہ و جلال ٢٧٦
٥.٢.١٠ غيرت نسبي ٢٧٨
٥.٢.١١ فن خطابت ٢٧٩
٥.٢.١٢ علي اصغرؑ سان خطاب ٢٧٩
٥.٢.١٣ بي بي صغرا جو درد بيان ٢٨٠

| | | | |
|---|---|---|---|
| | ٥.٢.١٤ | حُر جي صدا | ٢٨١ |
| | ٥.٢.١٥ | عزم جزم | ٢٨٢ |
| | ٥.٢.١٦ | عزم و جزم جي پختگي ۽ سخا | ٢٨٤ |
| **باب ڇهون** | | **نتيجا ۽ تجويزون** | ٢٩٠ |
| | ٦.١ | **نتيجا** | ٢٩٢ |
| | ٦.٢ | **تجويزون** | ٣٠١ |
| | • | **ڪتابيات** (BIBLIOGRAPHY) | ٣٠٣ |
| | • | Abstract | i_iv |

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ○

# مقدمو

جيڏو تنهنجو نانءُ، ٻاجهہ بہ اوڏيائي منگان،
ري ٽنيين ري ٽُوٽين، تُون ڇڇڙَ تون ڇانءُ،
ڪُڇاڙو ڪَهانءُ، توکي معلوم سپڪا.
(آڏواڻي، ٢٠١٣: ٣٦٧)

تمام حمد و ثنا ڪرم رحم ان رب پاڪ لاءِ ۽ سندس ٻاجهاري ذات سان منسوب آهن ،جيڪو اسان کي قوت گويائي، قوت سماعت عطا ڪري ٿو. ان رب پاڪ رحيم مون تي بہ ڪرم ڪيو ۽ ٻاجهہ ڪئي، نہ تہ آءٌ ناچيز هن ڪم جي پوراءَ لاءِ سوچي بہ نٿي سگهيس. هو منهنجو رب پاڪ نيتن جو مالڪ آهي، ڏسي پسي ٿو ۽ جيڪا نعمت ان رب وٽان عطا ٿي ٿئي، ان جي ڪنهن انسان وٽ ڪو قوت ادراڪ ناهي.

منهنجي هيءَ تحقيق ائين هئي، جيئن اونهي بحر عميق مان ماڻڪ موتي ڪڍڻ. ڪنارن تي بيهي تہ ماڻهو رڳو سپون، ڪوڏيون، سانڪوڙا ۽ لهرون ئي ڏسي ڪيڏي سگهي ٿو. بس جڏهن نيت صاف هوندي آهي تہ منزل بہ آخرڪار ملي ئي ويندي آهي. هو رب رحمان هڪ ڪُند ذهن کي ڪولي رحل تي سجائي ٿو، جيئن سندس پيغام قرآن مجيد دل جي معرفت سان پڙهڻ وارو سامهون رکي پالڻهار سان جهڙوڪ گفتگو ۽ ڪلام پيو ڪندو آهي ۽ هر هڪ آيت سڄوريءَ مان ان کي نئون پيغام دڳ وات پئي ملندي ويندي آهي. مون سان بہ اهڙا ڪيئي معجزا ٿيندا رهيا هن تحقيق دوران ۽ وڪ وڪ تي جيڪي رڪاوٽون ۽ پيچيدگيون ٿيون، تن مان آءٌ ڪڏهن بہ مايوس نہ ٿيس، انهن رڪاوٽن کي منهن ڏيندي رهيس.

منهنجي پي.ايڇ – ڊي لاءِ عنوان آهي: ”سيد ثابت علي شاهہ جي سنڌي ۽ مير انيس جي اردو مرثيہ نگاريءَ جو تقابلي ۽ تحقيقي جائزو“ جيڪو ٢٠٢١-١٠-٠٧ تي منظور ٿيو. ۽ سنڌي شعبي جي مهربان استاد ڊاڪٽر شازيہ پتافي گائيڊ مقرر ٿي. ان کان اڳ پي.ايڇ – ڊيءَ جو ڪورس ورڪ ٢٠٢٠ع ۾ ڪاميابيءَ سان مڪمل ڪري چڪي هيس ۽ الحمدلله ان ئي سال اين.ٽي.ايس جي ٽيسٽ بہ ٦٠ سيڪڙو تان ڪواليفاءِ ڪري چڪي هيس.

مقالو لکڻ ۽ سيمينار ڪرائڻ جو مرحلو شروع ٿيو ۽ مون دلجمعيءَ سان ڊاڪٽر شازيہ پتافي پنهنجي همدرد نگران جي رهنمائيءَ ۾ انهن سمورن مرحلن کي طئہ ڪيو ۽ استاد منهنجي رهنمائي ڪندي رهي.

هڪ حقيقت آهي تہ انسان کي رويا ٿڪائيندا آهن، منهنجو استاد جو رويو ڪِلڻو، شفيق، ٿڌي مزاج مون کي ٿڪجڻ نہ ڏنو.

منهنجو موضوع سنڌي ٻولي ۽ اردو ٻوليءَ سان تعلق رکي ٿو. صنف مرثيہ ۾ ٻن شخصيتن جي جاندار لازوال شاعريءَ سان وابستہ آهي. هڪ شخصيت سنڌي ٻوليءَ جي ننڍي ڪنڊ جي سيد ثابت علي شاهہ ڪربلائي جنهن مرثيي جي صنف کي جديد روپ ڏيئي علم عروض جي قاعدي تي مسدس ۾ جاودان ڪري ڇڏيو ۽ اهڙيءَ طرح ٻئي عنوان جي شخصيت ببر علي مير انيس برصغير هندستان سان تعلق رکي ٿي، جنهن پڻ اردو ۾ مرثيي کي مسدس جي روپ ۾ علم عروض جي قاعدي تي خوبصورتي عطا ڪئي آهي.

منهنجو هيءُ موضوع سنڌي اردو ٻوليءَ ۾ مرثيي تي مشتمل آهي ۽ هڪ نئون انوکو موضوع آهي. سنڌي ڊپارٽمينٽ ۾، مون کي هن تحقيق ۾ ٻولي ۽ مواد تي آڌاريل ڪم لاءِ ڏاڍي جاکوڙ ڪرڻي پيئي. جيئن تہ آءٌ سيد ثابت علي شاهہ جي ڪم تي پهرين اسڪالر آهيان، سنڌ يونيورسٽي طرفان ۽ اهڙي طرح تقابل ۾ مير انيس جي ڪم مرثيي کي سنڌي ڪم جو ڀيٽ اردو ٻوليءَ سان ڪرڻ ۾ بہ پهرين اسڪالر آهيان. منهنجي حد صنف مرثيو آهي ۽ ٻن تهذيبن جو ميلاپ آهي، ٻن ٻولين جو سهڻو شاهڪار آهي. مون پنهنجي حد اندر ٻنهي شخصيتن جي پورهئي جي خوبصورتيءَ کي ڇنڊڇاڻ ڪري تحقيق سان ثابت ڪيو آهي ۽ تمام سهڻا بهترين نتيجا سامهون آيا.

هن تحقيقي رٿا ۾ اردو ٻوليءَ جو مواد هٿ ڪرڻ ۾ مير ببر علي انيس جي اڪيڊميءَ جي استادن ۽ لائبررين جو ساٿ شامل رهيو، جنهن ۾ هڪ ماهر تعليم علم عروض جي ماهر سبجيڪٽ اسپيشلسٽ محمد ناظم ماتلويءَ جي شخصيت ذڪر لازمي آهي، جيڪو سنڌي، اردو، فارسي ٻولين تي ڄاڻ رکندڙ پڻ آهي، جنهن مون کي مير انيس جي مرثيي جو مڪمل جلد (مراثي مير انيس) قديم لائبررين مان دستياب ڪرائي ڏنيون ۽ قيمتي مشورن سان رهنمائي پڻ ڪئي.

اهڙيءَ طرح سيد ثابت علي شاهہ ڪربلائيءَ جي مرثيي تي ڪم ڪرڻ لاءِ ڪليات ۽ ناياب ڪتابن جي حاصلات ۾ مدد زوار عبدالستار درس جي ملي، جنهن ڪئين سال سيد علي شاهہ جي پوئينرن پاران قائم ڪيل يادگار اڪيڊميءَ ۾ هڪ فرض شناس ليکڪ اديب طور پورهيو ڪيو آهي.

منهنجي گهر ڀاتين ۾ سڀني جو مون سهڪار رهيو، جنهن ۾ خاص منهنجو ننڍو فرزند سيد محمد زڪي نقوي، جنهن تحقيق لاءِ مون سان هر وقت گڏجي يونيورسٽي، لائبررين، استادن وٽ وڃڻ لاءِ ساٿ ڀڙي ڏنو آهي. الله تعاليٰ سلامت رکندس آمين.

آخر ۾ ذکر پنهنجي پورهئي کي ڪمپوز ڪرائڻ جو جڏهن مرحلو آيو تہ ان ۾ شروع کان آخر تائين ۽ وچ ۾ مقالا، مضمون پڻ سڀ ڪم ۽ ٿيسز جو مڪمل ڪم سهيل راڄڙ جي حوالي رهيو، جيڪو سهڪار ڪندڙ ۽ گڏوگڏ هڪ ماهر ٽيڪنيڪل ماڻهو آهي، جنهن جي قيمتي مشورن مان ڪافي فائدو حاصل ٿيو، جنهن لاءِ آءٌ سندس شڪر گذار رهنديس.

**ناهيد شاهہ نقوي**

٢- آڪٽوبر ٢٠٢٣ع
ٽنڊو جهانيان، حيدرآباد

**باب پھريون**

# تحقيق جو طريقيڪار

۱.۱ موضوع جو تعارف

۱.۱.۱ سيد ثابت علي شاهه ’ڪربلائي‘

۱.۱.۲ ’مير انيس‘ سيد ببر علي

۱.۲ موضوع جي اهميت ۽ افاديت

۱.۳ اڳ ٿيل تحقيق

۱.۴ تحقيق جو طريقيڪار

۱.۵ تحقيق جو مقصد

۱.۶ تحقيقي ذريعا

۱.۷ لائبرريون

## باب پهريون

# تحقيق جو طريقيڪار

### ١.١ موضوع جو تعارف

موضوع تحقيق جو ٻن شخصيت جي مرثيہ نگاريءَ جي فني، فڪري ۽ تقابلي جائزي تي مشتمل آهي. سيد ثابت علي شاهہ 'ڪربلائي' جي سنڌي مرثيي ۽ مير انيس ببر عليءَ جي اردو مرثيي تي.

مولانا شبلي نعماني پنهنجي تصنيف 'موازنہ انيس و دبير' ۾ لکي ٿو تہ، عرب ۾ شاعريءَ جي ابتدا فطرت جي عين مطابق 'مرثيي' سان ٿي. دلين ۾ جيڪي جذبا پيدا ٿيندا هئا، انهن جو شاعريءَ جي ذريعي اظهار ڪيو ويندو هو. اها آڳ مِٽ حقيقت آهي انساني فطرت موجب خوشيءَ کان درد و غم وارا جذبا وڌيڪ قوي تر هوندا آهن. مثال طور اگر ڪنهن شخص جي گهر ۾ پٽ ڄمي تہ ان کي خوشي تہ ضرور ٿيندي پر هو ان خوشيءَ جو اظهار اهڙي پُراثر انداز ۾ نہ ڪري سگهندو، جهڙي انداز ۾ درد و غم واري جذبي جو اظهار ڪري سگهندو.

#### ١.١.١ سيد ثابت علي شاهہ 'ڪربلائي'

سنڌي ادب جي دنيا ۾ ڪربلا ۽ حضرت امام حسين عليہ السلام ۽ سندن ساٿين جي غم ۽ ماتم ۾ نوحا ڪنان پهرين پهرين شاهہ عبداللطيف ڀٽائي نظر اچي ٿو، جنهن پنهنجن بيتن ۽ ڏوهيڙن سان سُر ڪيڏارو ۾ ان غم جو فڪر ڏيئي ڇڏيو آهي. شاهہ صاحب ڪربلا جي قضئي کي سُر ڪيڏاري ۾ هندستان جي گائن وديا موجب ڪيداري ديپڪ راڳ جي پنجن اِسترين مان جيڪو هڪ آهي ان کي 'سمپورڻ' سڏيو آهي، ان ۾ رزميہ شعر ۾ لاثاني مثال ڏنو آهي. ڪيدار معنيٰ جنگ جو ميدان. اهو ئي فڪر اهو ئي غم آڳاٽي تاريخ جي صنف مرثيہ نويسيءَ کي سيد ثابت علي شاهہ جديد رنگ ڏيئي فني خوبين ۽ خصوصيتن جي لحاظ کان پڄاڻيءَ تي پهچائي ڇڏيو. فارسي طرز ۽ عرب جي ايجاد طريقہ شاعريءَ ۾ علم عروض جي حدن اندر مسدس ۾ مرثيي کي نئين ۽ خوبصورت شڪل ۽ هيئت ڏيئي ڇڏي. سيد ثابت علي شاهہ ۽ سچل سرمست همعصر شاعر آهن. ميان سرفراز ڪلهوڙو پڻ ثابت علي شاهہ جو هم مڪتب آهي. سچل سرمست بيشڪ هڪ اعليٰ منزل ۽ مرتبي وارو شاعر آهي، مگر جڏهن ڳالهہ علم عروض ۽ جديد مرثيي جي ايندي تہ ان ۾ بنياد باني سيد ثابت علي شاهہ نظر ايندو. سيد ثابت علي شاهہ اڄ کان ٢٦٦ سال اڳ ١٧٤٠ع-١١٥٣هہ ۾ ڪلهوڙن جي دؤر ۾ ڄائو ۽ ١٨١٠ع-١٢٢٥هہ ۾ ميرن جي دؤر ۾ وفات ڪيائين.

اها اڻ مٽ حقيقت آهي تہ سيد ثابت علي شاهہ ١١٨٥هہ بمطابق ١٧٧٢ع ۾ باقاعده سنڌي مرثيہ نويسي ۽ مرثيہ گوئيءَ جو بنياد رکيو ۽ ان کي عروج تي پهچايو، انڪري ئي تہ مير حسن علي خان حسن ٽالپر جهڙي عظيم شاعر بہ سيد ثابت علي شاهہ جي فن جي باري ۾ فرمايو تہ:

چئي ثابت علي شاهہ ويو،
پيو سنڌيءَ ۾ ڪنهن شعر اهڙو نہ چيو،
ڪلام ان جو مون غور سان جَڏِ ڏٺو،
ڏٺم جڻ ڪنهن قلب منئون پلٽي ڪڍيو،
هو هن فن ۾ سيد استاد ڪار،
خدا جون مٿس رحمتون بي شمار.

مرزا گل حسن ’احسن‘ ڪربلائي وري هن طرح فرمايو:

سنڌ جو فاضل ۽ عالم باعمل ۽ پارسا،
شاعر اعظم سخنور صاحب ذهن و ذڪاءُ،
مرثيہ گو، ذاڪر و زوار شاهہ ڪربلا،
زندگي پوري ڪئي جنهن در ثناءِ اهلِ بيت،
رات ڏينهن ذڪر زبان، هڪ منقبت پيا مرثيہ.

ان ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ سيد ثابت علي شاهہ ڪربلائي، سنڌي مرثيہ نويسيءَ ۾ نيون جدتون، نوان اسلوب پيدا ڪرڻ ۽ رزميہ شاعريءَ ۾ باقاعده سنڌي مرثيہ نويسيءَ جو باني آهي. ڪنهن جو تعلق ڪهڙي بہ مذهب سان ڇو نہ هجي، ان جي سڃاڻپ ان جي ڪردار جي ذريعي ئي ٿئي ٿي. يزيد ۽ مروان ڪان وٺي تيمور ۽ نادر شاهہ تائين مسلمان هجڻ جا دعويدار حاڪم ظالم ۽ سفاڪ هئا ۽ ظالم ۽ سفاڪ ئي سڏبا. تاريخ، اسلام ۽ ڪفر جو معرڪو نہ پر قومي امانت آهي، جنهن جي حفاظت ڪرڻ هر قوم جو فرض آهي. حب الوطني ۽ تاريخ جو مذهب سان ڪو بہ ٽڪراءُ نہ آهي. اهو ئي سبب آهي جو عرب اڄ بہ اسلام ڪان اڳ واري دؤر جي شاعرن ۽ سورهين تي فخر ڪن ٿا. سيد ثابت علي شاهہ جو وڏو ڪارنامو عرب ڌرتيءَ تي ٿيندڙ ڪوس ڪربلا کي پنهنجي سنڌي ٻوليءَ سان ان جي ريتن رسمن سان سنواري سينگاري پيش ڪرڻ آهي. ڪربلا جي تاريخ وار سلسلي کي رد و بدل نہ ڪيو اٿس، پر ان ۾ سنڌي مدنيت جيڪا اجاگر ڪئي اٿس، اهو مظهر بس ثابت علي شاهہ جي ڪلام ۾ ملندو.

پهريون مرثيو سندس سنڌي ٻوليءَ ۾ ابتدا ١١٨٥هہ ۾ آهي. انهيءَ ڪم ۾ پير اسدالله شاهہ سيد ثابت علي شاهہ کي گهڻو همٿايو، ان تي ثابت علي شاهہ چوي ٿو:

مرثيو سنڌي اڳي هو ڪونہ اصلي سنڌ ۾،
جي ڪو هو تان پڻ نہ هو مشهور هن پر هر ڪجا.

مون ڪي چئين ثابت علي شاھ هي شعر سنڌي دردناڪ تون سنڌي شعر ۾ ڪي چئج ماتم مرثيا،
جڏهن پهريون مرثيي جي پهرين مصرع چيائين:

”اي خدا جا لاڏلا سردار سرور يا حسين.“

پير صاحب کي ڏاڍو پسند آيو ۽ آفرين چيائينس. آفرين وٺڻ کان پوءِ گهڻائي مرثيا چيائين.
پهريون مرثيو مربع چئن سٽن واري سان شروعات ڪيائين.

اي خدا جا لاڏلا سردار سرور يا حسين،
چيوم پهريون مرثيو سو ٿيو قبول ڪبريا،
تنهن تي بيحد مرثيہ مسڪين و مقتل ترجمان،
ٿي چيم جيئن مومنن سڀ ڪنهن لکي دفتر ڪيا.

مرثيا چوڻ ڪري ثابت علي شاھ مشهور ٿيڻ لڳو. ڪلهوڙن کان پوءِ ٽالپرن جي حڪومت ۾ مير فتح علي خان لقب شاھ وردي خان هئس. تنهن وٽ ۽ سندس پيءُرن تائين ثابت علي شاھ جي شناخت هئي ۽ هن ڪيس گهر ويٺي وَجھہَ ۽ معمول ملڻ لڳا. مير صاحبن جي ڄُنگي ۽ فتحن جو سنڌي ۽ پارسي شعر ۾ بيان ڏنائين ۽ فتح نامہ ۽ ظفر نامہ لکيائين.

پاڪستان جي ادبي حلقن ۾ هاڻ هيءُ نقطو بہ ظاهر ٿيو آهي تہ سنڌ جو بلند مرتبي وارو مرثيہ گو شاعر ثابت علي شاھ ۱۴۴۰ع کان ۱۸۱۰ع) تائين ننڍي کنڊ جي ٻن عظيم مرثيہ گو اردو شاعرن مير ببر علي انيس (۱۸۰۱ع کان ۱۸۷۴ع) ۽ مرزا سلامت علي دبير (۱۸۰۳ع کان ۱۸۰۱ع) کان ۹ سال پوءِ ۽ مرزا دبير جي ولادت ۱۸۰۳ع کان ست سال بعد ثابت علي شاھ ستر ورهين جي ڄمار (۱۸۱۰ع) ۾ سيوهڻ شريف ۾ وفات ڪيائين ۽ اتي ئي دفن ٿيا. ثابت علي شاھ جي مرثين جي انوکي ڳالھ هڪ تہ مسدس ۽ مسلسل طويل مرثيہ نگاري ۽ ٻيو ان ۾ ڪربلا جي قصي ۾ سنڌي تهذيب ۽ روايتن کي بيان ڪرڻ جو فن مثال طور: شهزادي قاسم ابن الحسن جي مينڌي ۽ شهادت شهزادي علي اڪبر جي شهادت ۽ سنڌي سهرا حضرت عباس جي جوانمردي دليريءَ تي سنڌي جوڌن جوانن غيرت جي بادشاهن جو مثال ڏيئي مرثيہ نگاري ڪرڻ جي ڏانءُ سيد ثابت علي شاھ جي فن کي ممتاز ڪري ڇڏيو آهي. اڄ بہ عزاداريءَ ۾ غم حسين جي تڏن ۽ مجلسن ۾ سنڌ ۾ خاص ڪري بدين ۽ ان جي علائقن، سنڌ اندر سکر ۾ ۽ ٽنڊو آغا، ٽنڊو نوڙهو، حيدرآباد جي قديم پڙن تي ابتدائي مرثيو ماتم پڙ ۽ اوسارا زاري، مينڌي، سهرو سيد ثابت علي شاھ جو ئي پڙهيو وڃي ٿو ۽ اڪين جي طهارت ٿيو وڃي، جنهن ۾ نہ ڪو

مسلڪ نہ فرقو، نہ ئي قوميت، نہ رنگ نہ نسل بس هر احساس رکندڙ دل شامل هجي ٿي. اها ئي منفرد حيثيت اگر ڏسجي تہ سيد ثابت علي شاھہ جي ناماچاريءَ لاءِ ڪافي آهي، جيڪا صرف هن مرثيہ گو کي رب عطا ڪئي آهي.

سيد ثابت علي شاھہ سنڌي شاعريءَ کي تمام گهڻي وسعت ڏني. مرثيي کي رواج ڏنو، پر ان کي معراج پڻ ڏنو ان جا سڀ لوازمات ممدوح جي اوصاف، اخلاقيات، شجاعت، دليري، بيباڪي، برداشت، صبر، رضا، جنگ جو نظارو، مناظر قدرت، رجز خواني، گهوڙي سواري، تلوار زنيءَ جو بيان، سواريءَ جو بيان، حق ۽ باطل جو ڏک، دشمن جا عيب، ظلم، هجو مطلب تہ رُک وهنديءَ جو سمورو نظام بهترين، مناسب ۽ موزون لفظن ۾ ڏنو ۽ سنڌي زبان کي لفظي ۽ معنوي خزاني سان مالامال ڪيو آهي. مرثين جو تعداد تہ اڻ ڳڻت آهي، پر جيڪي سيد ثابت علي شاھہ جي ڪليات مان مرثيا مليا، انهن مطابق تحقيق ڪئي ويئي آهي.

ننڍي کنڊ ۾ جيڪا سعادت سنڌي ادب جي هن مرثيہ نويس کي ملي آهي، اوتري هن لافاني شاعر کي موت ناهي ملي. ڪنهن جو خيال نہ ويو تہ ڪو تحقيقي طور سندس ڪلام تي ڪم ڪري، ڪنهن جي بہ اک ڪونہ پئي ان شخصيت تي.

ڊاڪٽر الانا چوي ٿو تہ: جهڙيءَ طرح اردو ادب بنا ڪنهن تفريق جي مير انيس جي مرثيہ گوئيءَ واري شاعريءَ کي وڏي شان ۽ مان سان شايع ڪيو ۽ پذيرائي ڏني آهي، اسان جا ادبي ادارا سيد ثابت علي شاھہ جهڙي ننڍي کنڊ جي عربي، فارسي، اردو، سنڌي زبان جي عالم فاضل ۽ اعليٰ مرثيہ گو شاعر جي شاعراڻي فن ۽ فڪر تي الائجي ڪڏهن توجهہ ڏيندا. سيد ثابت علي شاھہ جو ڪلام ڪنهن بہ عقيدي ۽ مسلڪ واري ڪسوٽيءَ جو محتاج ناهي. سندس مايہ ناز مرثيو جيڪو ڪيئي سالن تائين ريڊيو تان نشر ٿيندڙ شام غريبان جي مجلس عزا کان ڪجهہ دير اڳ رجو ٻهائي پڙهي ڪيئي اکين جي طهارت ڪرائيندو رهيو هو، تنهن بعد علامہ رشيد ترابي زيب ممبر ٿيندا هئا. ڪراچيءَ جي کارادر جي ٻڙا امام بارگاھہ ۾ جتي سيد ثابت علي شاھہ جي مرثيي جي سوز خواني تمام گهڻي مشهور هئي ۽ اهو ساڳيو مرثيو جنهن جا چند بيت سنڌي نائين درجي جي نصاب ۾ سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ طرفان شامل ٿيندا ٿا اچن:

"ڪربلا جي قتل جي ڪر ڪا خبر اي آسمان،  
ڪيئن ڏٺي نيزن چڙهيا شاهن جا سر اي آسمان،  
هي خدا جا قطب تارا عرش ڪرسيءَ جا جڙاءُ،  
هي رسول الله جا شمس و قمر اي آسمان،  
مرتضيٰ مولا جا هي سر ساھہ هي منهن نور عين،  
فاطمہ زهرا جا هي جاني جگر اي آسمان."

سيد ثابت علي شاهہ نہ صرف سنڌي شاعريءَ ۾ انقلاب برپا ڪندڙ علم عروض جي اصولن تي شاعريءَ جو بنياد وجھندڙ مرثيي سلام، منقبت ۽ شاعريءَ جي ٻين ڪيترين ئي صنفن جو باني آهي، پر سنڌي ادب ۾ پھريون منظوم سفرنامو لکڻ جو اعزاز بہ سيد ثابت علي شاهہ ڪربلائي کي ئي حاصل آهي. ان سفرنامي جو نالو ’زيارت نامو‘ آهي. سيد ثابت علي شاهہ ڪربلائي ١٧٩٤ع ڌاري اتان جي زيارتن دوران قلمبند ڪيو هو، جيڪو سنڌس ڪليات ۾ ٻئي ڪلام سان گڏ شايع ٿيل آهي. سن ١٢٠٨هہ بمطابق ١٧٩٣ع ۾ عراق ڪان آيل بندر جي پتڻ تي قافلن جي موجودگي ڏسي دل ڀرجي آيس ۽ اظهار ڪيائين مير ڪرم علي خان سان ۽ آخر ڪرم ڪريم سان. سفر ڪربلا جو بندوبست ٿي ويس، ارادي سفر تياري ڪان وٺي اتي هر مقام زيارت عراق جي هنڌ هنڌ جي پنهنجي مرثيہ نگاريءَ ۾ بيان ڪئي اٿس:

فضل سبين ذوالفضل جو ڪلي جمعيت ٿي درست،
مون مصمم ڪيو دل عزم طواف ڪربلا،
همرڪاب خسرو دوران بہ تقريب شڪار،
شاهہ بندر ڏي ڪشش ڪئي قسمت آب و هوا.

سرزمين ڪربلا جي احوال ۽ زائرين جي دلين جي ڪيفيتن کي بيان ڪرڻ سان گڏ روضہ اطهر حضرت امام حسينؑ جي باري ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت واري قديم سلسلي جو ذڪر ڪندي ثابت علي شاهہ هيٺين ريت درود سلام پڙهڻ جو ذڪر ڪيو آهي:

باب عباس علي ڪئون ٿياسين وارد شهر ۾،
تا در درگاهہ عالي سر بہ سجده الحيا،
داخل درگاهہ اقدس ٿي چمي باب الحرم،
سر رکي سجدي ۾ ڪيوسين زار و گريان بيقرار.

نماز پنجگانہ، صوم صلوات جا پابند، ڪاني ڪرامت وارا بزرگ پڻ هئا. پيٽ جي سور، نانگ جي ڏنگ ۽ ڪوڙهہ جي بيماريءَ لاءِ سيد ثابت علي شاهہ وٽ ڪئين بيمار ايندا هئا. سندس طب جي ڪتاب جو قلمي نسخو پڻ لائبرري يادگار ڪميٽيءَ ۾ موجود آهي، جنهن ۾ عجيب نسخا هر مرض لاءِ لکيل آهن.

سرور سادات دوران سيد ثابت علي،
گوهر درياء فرمان سيد ثابت علي،
بُلبُل روضہء فصاحت سر و بستان خرد،
نقل بند باغ بستان سيد ثابت علي،
در حضور حق تعاليٰ شد و عايش مستجاب،
مقبل درگاهہ رحمان سيد ثابت علي.

### ١.١.٢ مير انيس سيد ببر علي

مير انيس تخلص مشهور زماني ۾ نالو سيد ببر علي آهي. پاڻ فيض آباد ۾ پيدا ٿيو. ڪتاب روح انيس' ۾ پروفيسر سيد مسعود حسن رضوي اديب لکي ٿو تہ: پيدائش جو صحيح سن تہ معلوم نہ ٿي سگهيو آهي، ها مختلف روايتن مان معلوم ٿيو تہ ١٢١٦ع ۽ ١٢٢٠ع جي درميان مير انيس جي ولادت ٿي. سندن بزرگن ۾ ڪئين پشتن کان شاعري هلندي آئي. سندن پڙ ڏاڏو مير غلام حسين ضاحڪ فارسي ۽ اردو ٻنهي زبانن ۾ شعر چوندو هو. طبيعت ۾ هزل ظرافت ۽ کِلڻ کِلائڻ هئڻ ڪري تخلص 'ضاحڪ' اختيار ٿيو. سلطنت دهليءَ جي تباهيءَ بعد دهلي ڇڏي فيض آباد هليا ويا. مير انيس جو ڏاڏو مير غلام حسن 'حسن' وڏو ڪامل شاعر ۽ غزل جو استاد هو. اردو شاعريءَ جو مٿس فخر هو. نواب آصف الدولہ فيض آباد جي جڳهہ تي لکنؤ کي پنهنجو دارالحڪومت قرار ڏنو. مير حسن بہ لکنؤ اچي ويو ۽ آخري عمر تائين اتي رهيو ۽ محرم ١٢٠١هہ ۾ وفات ڪيائين. مير انيس جو والد مير مستحسن خليق بہ باڪمال شاعر هو. شعر جو ذوق ۽ شاعري ورثي ۾ مليس. والد اصلاح ڪئي ۽ غزل گوئيءَ سان شوق پورو نہ ٿيو تہ مرثيہ گوئيءَ جي طرف متوجهہ ٿيو آخري عمر تائين.

مير انيس فطرت جو شاعر هو. سازگار ماحول ۽ مناسب تربيت سندس طبيعت کي چمڪائي ڇڏيو. پهرين غزل لکندو هو ۽ تخلص 'حزين' هو. جڏهن لکنؤ آيو ۽ سندس والد جي دوست جي فرمائش تي ڪلام پڙهيائين:

کھلا باعث یہ اس بے داد کے آنسو نکلنے کا،
دھواں لگتا ہے آنکھوں میں کسی کے دل کے جلنے کا۔

تہ سڀ جهومڻ لڳا. مير خليق کي سندس دوست چيو هي تنهنجو فرزند رشيد خاندان جي يادگار بڻجندو. هيئنر نوجوانيءَ ۾ اهڙو حال آهي تہ اڳتي عالمگير شهرت حاصل ڪندو، مگر تخلص حزين نہ هجي. والد جي اصرار تي مير کي تخلص 'انيس' مليو. اهڙيءَ طرح وقت گذرڻ سان مير انيس والد جي طرز تي مرثيہ گوئي شروع ڪئي ۽ تخلص 'حزين' سان ديوان غزل بہ ختم ٿي ويا. پهريون مرثيو فيض آباد ۾ لکيو مير انيس:

''عجب شہزادہ تھا شیر سبط مصطفی یار۔''

ڊاڪٽر ضمير اختر نقوي ٢٠١٣ع پنجويهہ اپريل ۾ لکنؤ ۽ ان بعد ٢٠١٧ع ۾ انچولي امام بارگاهہ ۾ انيس جي مرثيي جي شهرت جو سبب ٻڌائيندي چيو تہ ديانت دولہ واجد علي شاهہ جو وزير هو. ان کي تڙپ ٿي مجلس جي امام بارگاهہ جي افتتاحيہ شعبان ۾ مير انيس کان پڙهائڻ جي ۽ بادشاهہ

سميت تمام رئيسن، اميرن ۽ شهزادن ڪي گهرائڻ جي. هو مير انيس وٽ ويو. مير انيس هن کي چيو تہ ضرور ايندس، نئون مرثيو بہ پڙهندس، ڏوم بہ مڇندي ۽ بادشاھ جي سواري بہ نڪرندي. المختصر وقت مقرر مجلس تي بادشاھ سميت شهر جا سڀ رئيس موجود هئا. مير انيس زيب ممبر ٿيو ۽ هي مرثيہ صنف دعا تعلي پڙهي:

یارب چمن نظم کو گلزار ارم کر،
اے ابر کرم خشک زراعت پہ کرم کر،
توفیض کا مبدا ہے توجہ کوئی دم کر،
گمنام کو اعجاز بیانوں میں رقم کر۔
جب تک یہ چمک مہر کے پرتو سے نہ جائے،
اقلیم سخن میرے قلم رو سے نہ جائے۔

بقول انيس جي يا الله منهنجي زبان ۾ تاثير پيدا ڪر جو آءٌ سَنَد ٿي وڃان. اقليم سخن تي راڄ ڪريان ۽ منهنجو قدر زمين سخن اهڙو ڪن جو بعد ۾ آسمان ڪري ڇڏن. اڄ هيءُ نظم ايڏو مشهور آهي جو ٻارهين درجي جي ڪورس گلزار اردوءَ ۾ بہ شامل آهي ۽ ٻچي ٻچي جي زبان زدعام آهي.

مير خليق جا همعصر تي مشهور مرثيہ گو هئا: مير ضمير، ميان دلگير ۽ مرزا فصيح پر خليق جو مرتبو مرثيہ گوئيءَ ۾ گهٽ نہ هو. ١٢٦٠هہ ۾ وفات ڪيائين. مير خليق جا ٽي پٽ مير ببر علي 'انيس'، مهر علي 'انيس' ۽ مير نواب مونس هئا. تنهي کي وراثت ۾ مرثيہ گوئي ۽ مرثيہ خوانيءَ جو ذوق نصيب ٿيو، مگر مير انيس سن ۾ بہ وڏو هو تہ فن ۾ بہ ٻائرن کان اڳڀرو رهيو. فن مرثيہ گوئي ۽ مرثيہ خواني ٻنهي کي ترقي ۽ عروج تي پهچائي ڇڏيو.

مير انيس جي تعليم و تربيت جي لحاظ کان مسعود حسن رضوي، اديب جي ماخذن مان بہ استادن جو ذڪر ملي ٿو. 'مير نجف علي' جيد عالم، علم طب جو ماهر ۽ ٻيو استاد مولوي حيدر علي فيض آبادي جيڪو هڪ حنفي عالِم دين هو ۽ علم ڪلام ۽ مناظري جو ماهر هو.

مير انيس جي والده بہ هڪ تعليم يافتہ خاتون هئي. ڪتاب 'روح انيس' ۾ آهي تہ مير انيس ابتدائي تعليم ان معظمہ کان حاصل ڪئي. والد مير خليق کان بہ رهنمائي وٺندو رهيو ۽ اتباع ڪندو رهيو. عربي ۽ فارسيءَ ۾ دسترس هوندي هيس. واقعہ نگاريءَ ۾ انيس کي ڪمال هو. واقعن جي جُز کان تمام گهڻي معلومات هيس ۽ منظر نگاريءَ جي فن ۾ تہ ايڏو ڪمال هئس جو حقيقت جي منظرن جي پنهنجن لفظن سان تصوير ڪشي ڪري ظاهر ڪندو هو. مير انيس صبح جي رونق، شام جي سانت

سناٽي، بھار جي جوش، گرميءَ جي شدت اھڙيءَ طرح بيان ڪئي آھي جو سندس شاعرانہ منظر نگاريءَ جو ڪمال چئبو. انيس مرثين جي شخصيتن ۾ جيڪا سيرت ڏيکاري آھي، اھا نہ خالص عربي آھي ۽ نہ ھندستاني بلڪ ٻنھي جو مجموعو آھن، بلڪ ھندستانيت جو عربيت تي غلبو نظر ٿو اچي. مير انيس جي مرثين جي ڇئن جلدن ۾ ١١٩ مرثيہ مليا آھن. پنجون جلد بہ شايع ٿيو ھو. نائب نقوي مراثي انيس کي ترتيب ڏيندڙ جي چوڻ مطابق اھو جلد ھڪ دفعو ڇپيو ۽ پيھر شايع نہ ٿيو.

جيئن تہ علامہ شبلي نعماني "موازنہ انيس و دبير" ۾ چوي ٿو تہ مير انيس جي شاعريءَ تي مرزا دبير جي رقابت ۽ مقابلي جو ڪيترو اثر ٿيو ۽ ٻنھي حريفن مان پھريون ڪير ھو شاعريءَ جي دنيا ۾ قدم رکڻ وارو، باوجود ڪوشش جي ڪاميابي نہ ٿي. ذڪر آھي تہ مير انيس جو مرثيي جي دنيا ۾ ھڪ ئي حريف ملي ٿو مرزا دبير. بلاغت جي نقطي تي ڳالھہ نڪرندي تہ مير انيس درجو رتبو، جنھن عمر جي ماڻھوءَ جو ذڪر اچي، ان جي طرز خيال کي ذھن ۾ رکيو اٿس. پوڙھو، جوان، مرد، عورت، ڪنواري، بيواھہ، غلام، نوڪر، جنھن جي زبان مان جيڪو خيال ظاھر ٿيو ھجي، ان طرز خيال کي تمام خصوصيتن سان قائم رکيو اٿس. مثال: حضرت امام حسين عليہ السلام جي سفر جي وقت پاڙي جون بيبيون بي بي زينب[سلام] کي سفر کان روڪي رھيون ھيون (مثال مختصر ستن جي مرثيي مان):

سب کہتے ہیں زینب سے کہ اے شاہ کی شیدا،
کس طرح کے خط آئے یکایک یہ ہوا کیا،
پانی کی کمی، گرمی کے دن، خوف کا رستہ،
وہ دھوپ پہاڑوں کی، وہ لو اور وہ صحرا،
کہا سوچ کے اس فصل میں شبیر چلے ہیں،
بچوں پہ کرو رحم کہ نازوں کے پلے ہیں۔

مولانا شبلي لکي ٿو تہ مير انيس جي مرثين ۾ واقعات ۽ ڪيفيتون جيڪي آھن، اھا سندن ڏاڏاڻي ميراث آھي، پر فرق آھي مير حسن واقعہ نگاريءَ ۾ وسعت ۽ عام ڳالھہ ٻولھہ تي نظر يا پرواھہ ڪونہ ڪندو ھو، پر مير انيس واقعہ نگاري ۽ مصوريءَ سان گڏ بندش جي مضبوطي ۽ گفتگوءَ جا خواص قائم رکيا ۽ اھا سندن قادر الڪلاميءَ جي انتھا آھي.

کسی نے تری طرح سے اے انیس،
عروس سخن کو سنوارا نہیں۔

مير انيس وقت آخر واري ڏينهن صبح جو مير مونس کي گهرائي چيو تہ گذريل رات هڪ مطلع خيال ۾ آيو آهي، ان کي لکي ڇڏ. ان کان پوءِ هيءُ مطلع جيڪو حقيقتاً انيس جي شاعريءَ جو مقطع هو:

سب عزیز و آشنا نا آشنا ہو جائیں گے،
قبر میں پیوند جتنے ہیں یہیں جدا ہو جائیں گے۔

**انيس جو ابتدائي ۽ انتهائي ڪلام**

خميس ٢٩ شوال ١٢٩١هہ (١٠ ڊسمبر ١٨٧٤ع) ۾ تقريباً شام جي وقت انيس جون اکيون نزع جي حالت ۾ بند هيون. بلڪل آخري وقت اکيون کُلي ويس ۽ لبن تي هڪ مسڪراهٽ جي ڪيفيت پيدا ٿي ۽ دم پرواز ٿي ويو.

ميرزا دبير، مير انيس جي قطع تاريخ لکي:

”آسمان بے ماہ کامل، سدرہ بے روح الامین،
طور سینا بے کلیم اللہ و منبر بے انیس۔

## ١.٢ موضوع جي اهميت ۽ افاديت

مرثيہ نگاري ’سخن وري‘ ۾ سيد ثابت علي شاهہ ۽ مير انيس جو تقابلي ۽ تحقيقي اڀياس هڪ تمام گهڻ رُخي اهميت وارو موضوع آهي. ٻنهي عظيم شاعرن جي هن عظيم ورثي کي جيڪو ڪتابن تائين محدود رهجي ويل آهي ۽ لائبررين جي اندر گمنام رهجي ويو آهي. ڏنو وڃي تہ هڪ شاعر هڪ ليڪ پنهنجي دل ڪيڏي قلم سان پني تي تحرير ڪندو آهي ۽ اهو ذڪر خدا، رسول ۽ انهن جي پيارن جو هجي تہ ان ۾ تہ وڏيڪ جذبات پرجي ويندو آهي.

هيءُ موضوع هڪ نئون موضوع آهي، جنهن تي ڪنهن ڪم ناهي ڪيو. مرثيہ نگاريءَ جو ڪمال، سنڌي ۽ اردو ادب جو امتزاج هڪ نئون مثال قائم ٿيندو ۽ ان ڀيٽ سان مرثيہ نگاريءَ جا نوان جوهر سامهون ايندا. هن سان سنڌي ۽ اردو مرثيہ نگاريءَ جي انفرادي ۽ هڪ جهڙين خوبين جو پڻ پتو پوندو.

## ١.٣ اڳ ٿيل تحقيق

سيد ثابت علي شاهہ ۽ مير انيس جي مرثيہ نگاريءَ جو تحقيقي ۽ تقابلي اڀياس پنهنجي انداز ۾ نئون موضوع آهي، باقي مرثيہ نگاريءَ تي قديم کان جديد ادب ۾ ڪيترائي مقالا ۽ ڪتاب لکيا ويا آهن.

اردو ادب ۾ مير انيس تي ڪيترائي مقالا، مضمون رسالن ۽ جرنلن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن. سيد ثابت علي شاهه تي بہ مختلف اديبن، ليکڪن، اسڪالرن، جرنلن ۽ رسالن ۾ تحقيقي مقالا لکيا آهن، پر ڪنهن ايم. فِل يا پي ايچ.ڊي سطح تي سيد ثابت علي شاهه تي ريسرچ نہ ڪئي آهي.

سنڌيءَ ۾ ثابت علي شاهه جي مرثيہ نگاري ۽ اردوءَ ۾ مير انيس جي مرثيہ نگاريءَ تي تقابلي تحقيق هڪ نئون موضوع آهي.

## ۱.۴ تحقيق جو طريقيڪار

هن موضوع جا بنيادي ماخذ سيد ثابت علي شاهه جي سنڌي مرثيي بابت ۽ مير انيس ببر عليءَ جي اردو مرثيي تي آڏاريل تحقيقي ڪتابن، مضمونن، مقالن تي جن ۾ عالمن، اديبن، اسڪالرن جا متفق رايا آهن، جن ۾ سنڌي، اردو ادب جا ڪتاب، فارسي،عربيءَ جا مترجم ڪتاب وغيره ڪتب آندا ويا آهن. هن مقالي جي تياريءَ لاءِ انهن کي بنيادي ماخذن جي حيثيت ڏني ويئي آهي.

منهنجو هيءُ تحقيقي ۽ تنقيدي ڪم تشريحي تحقيقي (Descriptive Research) سان لاڳاپيل آهي.

مقالي ۾ مواد جي حوالي ڏيڻ (Citation) لاءِ APA (American Psychological Association) وارو طريقو اختيار ڪيو ويو آهي ۽ ٿيسز جي پڇاڙيءَ ۾ الف – ب وار ببليوگرافي شامل ڪئي ويئي آهي. حوالي جو طريقو هيءُ آهي:

مثال طور: ڪتاب بابت اشارو ڏيڻ لاءِ لکبو: آڏواڻي، ڀيرو مل، مهر چند (۱۹۸۵)، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، ڪراچي-حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.

جنرل/ مخزن لاءِ لکبو: ابڙو، آفتاب (۲۰۰۰)، سنڌي ٻوليءَ جا مسئلا، ايڊيٽر: ڊاڪٽر فهميده حسين، ڪلاچي تحقيقي جرنل ۳ (۱)، ۱۰۷۰-۸۵، ڪراچي يونيورسٽي: شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر.

مترجم يا مرتب بابت لکبو: بروهي داد محمد، خادم، ڊاڪٽر (۱۹۹۱)، لاڙي محاوري جو لساني جائزو، مرتب: ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، لاڙ جو مطالعو، ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.

اهڙيءَ طرح مواد ۾ اندر ڪتاب جي حوالي ڏيڻ (Citation) جو طريقو هيءُ آهي: جتوئي، ۱۹۹۴: ۲۵) ۽ جنرل مخزن مان حوالي ڏيڻ (Citation) جو طريقو هيءُ آهي: (بلوچ، ۲۰۰۹: ۴۳-۷۲)

## ١.٥ تحقيق جو مقصد

مرثيہ نگاري 'سخن وري' ۾ سيد ثابت علي شاھ ۽ مير انيس جو تقابلي ۽ تحقيقي اڀياس هڪ تمام گهڻ رُخي اهميت وارو موضوع آهي. ٻنهي عظيم شاعرن جي هن عظيم ورثي کي جيڪو ڪتابن تائين محدود رهجي ويل آهي ۽ لائبررين جي اندر گمنام رهجي ويو آهي. ڏٺو وڃي تہ هڪ شاعر هڪ ليکڪ پنهنجي دل ڪيڏي قلم سان پني تي تحرير ڪندو آهي ۽ اهو ذڪر خدا، رسول ۽ انهن جي پيارن جو هجي تہ پوءِ ڪان متي کي بہ جذبات اهميت نٿا رکن.

هيءُ موضوع هڪ نئون موضوع آهي، جنهن تي ڪو ڪم ناهي ٿيو. مرثيہ نگاريءَ جو ڪمال، سنڌي ۽ اردو ادب جو امتزاج هڪ نئون مثال قائم ٿيندو ۽ ان ڀيٽ سان مرثيہ نگاريءَ جا نوان جوهر سامهون ايندا. هن سان سنڌي ۽ اردو مرثيہ نگاريءَ جي انفرادي ۽ هڪ جهڙين خوبين جو پڻ پتو پوندو.

سيد ثابت علي شاھ ۽ مير انيس جي مرثيہ نگاريءَ جو تحقيقي ۽ تقابلي اڀياس پنهنجي انداز ۾ نئون موضوع آهي، باقي مرثيہ نگاريءَ تي قديم ڪان جديد ادب ۾ ڪيترائي مقالا ۽ ڪتاب لکيا ويا آهن. اردو ادب ۾ مير انيس تي ڪيترائي مقالا، مضمون رسالن ۽ جرنلن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن. ريسرچ جي ميدان ۾ بہ مير انيس تي اردو ادب ۾ ڪافي ڪم ٿيو آهي. اهو اسان جو موضوع نہ آهي. اسان جو موضوع مير انيس جي اردوءَ جي مرثيہ نگاريءَ جو ۽ سنڌي ادب جي مرثيہ نگاريءَ سان تحقيقي ڇنڊڇاڻ تي ڪم آهي. سيد ثابت علي شاھ تي مختلف اديبن، ليکڪن، اسڪالرن، جرنلن ۽ رسالن ۾ تحقيقي مقالا لکيا آهن، پر ڪنهن ايم. فِل يا پي ايچ.ڊي سطح تي ريسرچ نہ ڪئي آهي. جيئن تہ منهنجي حد آهي ٻن شخصيتن جي درميان ساڳئي فن مرثيہ نگاريءَ تي تحقيق ڪرڻ ۽ ان موضوع جي چونڊ بہ ان ڪري ڪئي ويئي آهي جو مرثيہ نگاريءَ ۾ ٻنهي شخصيتن ڪمال ڪيو آهي. ڪربلا واري واقعي جو ذڪر ۽ محمد و آل محمد جي ذڪر ۾ مهارت ٻنهي شخصيتن جي قلم سان اجاگر ٿي هڪ برصغير هند تہ ٻئي ننڍي ڪنڊ سنڌ ۾ ڪمال ڪيو ۽ ورهاڱي کان اڳ ۽ ورهاڱي بعد هند سنڌ جي سماج ۾ ٻنهي جي مقبوليت جو مليل جُليل تاثر رهيو. اگر ٻنهي باڪمال، سخن ور، اهل علم، مرثيہ نگاريءَ تي قدرت رکڻ وارن جي تقابلي تحقيق ٿيندي تہ سنڌي ادب ۾ نئون اضافو ٿيندو، جيڪا تحقيق پهرين ڪڏهن نہ ٿي آهي.

سنڌي ادب ۾ ثابت علي شاھ جي مرثيہ نگاريءَ جو ۽ اردو ادب جي مير انيس جي مرثيہ نگاريءَ تي تقابلي تحقيق هڪ نئون موضوع آهي.

## ١.٦ تحقيقي ذريعا

هن تحقيقي مقالي جو تعلق ڪتابن، لائبررين، عالمن ۽ اديبن سان آهي، تنهنڪري هن تحقيقي رٿا لاءِ تحقيق جا بنيادي (Primary) ۽ ثانوي (Secondary) ٻئي ذريعا اختيار ڪيا ويا آهن. بنيادي ذريعن ۾ سيد ثابت علي شاهه ڪربلائي ۽ مير انيس ببر عليءَ تي لکيل ۽ ترجمي ڪيل ڪتابن تان استفادو پڻ ڪيو ويو آهي. ثانوي ذريعن ۾ موضوع سان لاڳاپيل ڪتابن، رسالن، اخبارن، اديبن سميت انٽرنيٽ ڪان به مدد حاصل ڪئي ويئي آهي ۽ گڏوگڏ تحقيق لاءِ گهربل خاص مواد مرثيي جا ڪليات جا ڪتاب تحقيق جي مدد ۾ شامل آهن.

١. سيد ثابت علي شاهه ڪربلائيءَ جي ڪليات (ڇاپو پهريون) مرزا عباس علي بيگ جي ترتيب تاريخ مرثين سميت ١٩٨۴ع.
٢. ڪليات سيد ثابت علي شاهه ڪربلائي، مرتب: مرزا نجم الحسن ٢٠٠٥ ع
٣. مرثيه سنڌي سيد ثابت علي شاهه ڪربلائي، مرتب: حاجي سيد ثابت علي شاهه ثالث، ڀاڱو پهريون، ڀاڱو ٻيو ۽ ان ڪان علاوه چونڊ مرثيه ترتيب ڏنل مختلف عالمن جا شامل آهن.
۴. مير ببر علي انيس (مراثي انيس مڪمل، جلد اول، جلد دوم، جلد سوئم، جلد چهارم، ترتيب: نائب حسين نقوي.
٥. منتخب مراثئ انيس، مرتب: سيد مرتضيٰ حسين فاضل، ١٩٧٢
٦. ڪليات ڪان علاوه ٻيا عنوان تحت لکيل ڪتاب جيڪي شامل آهن، سي الف – ب وار ببليو گرافيءَ ۾ ڏنل آهن.

## ١.٧ لائبرريون

هن مقالي جي اُڪلاءَ ۾ هيٺ ڄاڻايل لائبررين مان استفادو ورتو ويو:

- ريفرنس لائبرري، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو
- محمد ابراهيم جويو لائبرري، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو
- علامه آءِ.آءِ قاضي سينٽرل لائبرري، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو
- علامه دائودپوٽو لائبرري نزد سنڌ ميوزيم، حيدرآباد.
- سنڌي لينگئيج اٿارٽي لائبرري، نزد سنڌ ميوزيم، حيدرآباد
- ريسرچ لائبرري، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو
- سيد ثابت علي شاهه ڪربلائي يادگار اڪيڊمي لائبريري، ميرن جا قبا، حيدرآباد

- نهج البلاغہ لائبريري، انجمن اماميہ سنڌ، قدم گاهہ مولا علي، حيدرآباد
- زوار عبدالستار درس جي ذاتي لائبرري، جاني شاهہ محلو، ٽيون نمبر تلاءُ، حيدرآباد
- مرزا نجم الحسن جي ذاتي لائبرري، ٽنڊو آغا، حيدرآباد
- مير قائم خان ٽالپر جي ذاتي لائبرري، مير محلہ ٽنڊو ڄام
- حضرت عائشہ صديقہ رضي الله عنها بلديا لائبرري، لطيف آباد يونٽ نمبر ٨، حيدرآباد
- جمهوريہ لائبرري، لطيف آباد يونٽ نمبر ٧، حيدرآباد
- حضرت خديجة الڪبريٰ رضي الله عنها لائبرري، لطيف آباد يونٽ نمبر ٨، حيدرآباد
- ميونسپل لائبرري، لطيف آباد يونٽ نمبر ٦، حيدرآباد
- ميونسپل لائبرري، لطيف آباد يونٽ نمبر ٨، حيدرآباد
- ميونسپل لائبرري، لطيف آباد يونٽ نمبر ٦، حيدرآباد
  - هي سموريون لائبرريون لطيف آباد واريون هاڻي عائشہ صديقہ رضي الله عنها لائبريري ۾ ضم ٿي چڪيون آهن.
- گوشہ علم و عرفان لائبرري، لطيف آباد يونٽ نمبر ٦، حيدرآباد

باب ٻيو

# مرثيو: فن ۽ تاريخ

٢.١ مرثيي جي شروعات

٢.٢ مرثيي جو فن

٢.٣ اردو ٻوليءَ ۾ مرثيہ نگاريءَ جي روايت

٢.۴ سنڌي ٻوليءَ ۾ مرثيہ نگاريءَ جي روايت

٢.۵ مرثيي جا ترڪيبي جُزا

باب ٻيو

# مرثيو: فن ۽ تاريخ

## ٢.١ مرثيي جي شروعات

مرثيو اصل ۾ عربي شاعريءَ جي قديم ترين صنف آهي. عرب جي شاعري بہ هر ملڪ ۽ زبان جي شاعريءَ جيان اتان جي ملڪي حالتن، طبعي خصوصيات، ماحول ۽ منظرن جو نتيجو آهي. ڪائنات ۾ هر تخليق شروع کان ئي رد و بدل تي، انسان جو توجهہ پاڻ ڏانهن ڇڪائيندي آهي.

”مرثيو اصل ۾ عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جيڪو ’رثيٰ‘ مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي روئي ڪنهن جون نيڪيون ۽ ڳڻ بيان ڪرڻ. مرثيو (اَلمرثاةُ وَالمرثِيۃ) جو مطلب اهو شعر آهي، جنهن ۾ ڪنهن ميت جون خوبيون بيان ڪيل هجن. ”عربيءَ ۾ ’المراثي السبح‘ هڪ مشهور محاورو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، ’عرب جا ست مرثيا‘. ’خساءِ‘ نالي شاعر جو مرثيو خاص طرح مشهور آهي ۽ مذڪور ستن مرثين مان هڪ آهي.“ (بلوچ، ١٩٧٠ع: ١)

سنڌي ادب جي تاريخ جو مصنف محمد صديق ميمڻ لکي ٿو:

”مرثين جو نظم ’مرثيہ‘ لفظ جي معنيٰ آهي اهو شعر جنهن ۾ ڪنهن بہ دردناڪ حادثي جو ڏک ڀريل لفظن ۾ بيان ٿيل هجي، جهڙوڪ بغداد جي قتل عام ۽ ان وقت جي ٻين دلسوز واقعن وقت شيخ سعدي شيرازي جا ٺاهيل عربي مرثيا (ڪليات سعدي) پر اڄڪلهہ جي عالمگير اصطلاح موجب مرثيہ جي معنيٰ اهو رزميہ ڪلام جنهن ۾ خاص طرح ڪربلا جي واقعي بابت دلسوز بيان هجي.“ (ميمڻ، ٢٠٠٣: ١٦١)

### ٢.١.١ مـرثيو

مرثيي جي تعارف ۾ ائين بہ چئجي تہ ڪنهن جي مظلوميت سان مارجي وڃڻ تي لُڙڪ لاڙڻ، آهہ زاري ڪرڻ، پار ڪيڻ، اوسارا ڏيڻ، سياپو ڪرڻ، پِٽڪو ڪرڻ يا سندس مظلوميت بيان ڪرڻ، مظلوم جون خوبيون خصوصيتون بيان ڪرڻ، اهو راز ظاهر ڪرڻ، جنهن مظلوميءَ سان هن جو موت ٿيو هجي ان کي نروار ڪرڻ. مرثيو درد ۽ غم جو مها ساگر ۽ عروضي شاعريءَ جو قسم آهي. ”ڪائنات ۾ سڀ کان پهريون مرثيو حضرت آدم عليہ السلام پنهنجي فرزند حضرت هابيل جي شهادت تي سرياني ٻوليءَ ۾ چيو. ان کان پوءِ مرثيو عربي ٻوليءَ ۾ ملي ٿو، جيڪو عروضي شاعريءَ جو هڪ قسم آهي ۽ ان کي عرب شاعرن ايجاد ڪيو.“ (درس، ٢٠١٥ع: ١١)

### ٢٠١٠٢ صنف

شاعريءَ جي هن صنف ۾ رزميہ يعني جنگي شاعري بہ شامل آهي. انگريزي زبان ۾ شاعريءَ جي ان صنف کي اليجي (Elegy) چيو ويندو آهي. دنيا جي جنهن بہ زبان ۾ ادب تخليق ٿئي ٿو، اتي ماڻهو پنهنجي عزيز و اقارب، سردارن، اهم شخصيتن ۽ برگزيده هستين جي مرتيي تي رنج و غم وارن جذبن سان ڀرپور شاعري بہ ڪندا آهن. اهڙي درد انگيز شاعريءَ کي مرثيو چيو وڃي ٿو.

### ٢.١.٣ عرب ۾ شاعريءَ جي ابتدا

”عرب ۾ شاعريءَ جي ابتدا فطرت جي عين مطابق مرثيي سان ٿي. دلين ۾ جيڪي جذبا پيدا ٿيندا هئا، انهن جو شاعريءَ جي ذريعي اظهار ڪيو ويندو هو. اها شاعري ماڻهن جي دلين تي نشتر جو ڪم ڪري، اهڙي شاعريءَ کي ئي مرثيو چيو وڃي ٿو. عرب ۾ مرثيہ گوئيءَ جي تاريخ تمام قديم ۽ وسيع آهي، جنهن تي ابن رشيد پنهنجي تصنيف ”ڪتاب العمه“ جي باب المراثي ۾ مفصل بحث ڪيو آهي.“ (درس، ٢٠١٥: ١٣)

روئڻ انسان جو فطرتي عمل آهي ۽ انسان جو اهو عمل خالق ڪائنات کي ايترو تہ پسند آهي جو هن قرآن حڪيم جي سوره توبه ۾ انسانن کي حڪم ڏنو آهي تہ، ”بس توهان کي گهرجي تہ توهان کِلو گهٽ ۽ روئو وڌيڪ“ ۽ سوره النجم ۾ وري نہ روئندڙن کي غافل سڏيو ويو آهي. روئڻ سيرت انبياء آهي.

مقدمہ شعر و شاعريءَ ۾ مولانا حالي لکي ٿو تہ:

مرثيي جو فن عرب دؤر جاهليت ۾ عروج تي هو. پنهنجي قوم جي آبرو قبيلي جي نسب ۽ زبان جو محافظ مڃيندا هئا ۽ جڏهن بہ ڪنهن قبيلي مان ڪو شاعر اُڀرندو هو تہ نہ صرف سڄي قبيلي جا مرد ۽ عورتون گڏجي کيس مبارڪون ڏيڻ لاءِ ايندا هئا، پر ان سلسلي ۾ وڏا وڏا جشن منعقد ڪري خوشيءَ جو ڀرپور اظهار پڻ ڪندا هئا. عرب ان دؤر ۾ شاعرن جي هر طرح ناز برداري پڻ ڪندا هئا. ميمون بن قيس ان دؤر جو ناميارو شاعر هو، جنهن کي نابينا هجڻ سبب اعشي سڏيو ويندو هو، ان جي ناز برداريءَ جو ذڪر ڪندي مولانا حالي لکي ٿو تہ:

”هڪ ڀيري اعشيٰ جو بن عامر واري علائقي مان گذر ٿيو. وٽس تمام گهڻو مال و اسباب هو ۽ رات ٿيڻ واري هئي، انڪري رهزنن جي خوف کان هن علقمہ بن علاثہ وٽ رات ترسڻ جو فيصلو ڪيو، جنهن کي علقمہ بن علاثہ وڏي خوشيءَ سان قبول ڪيو. اعشيٰ، علقمہ بن علاثہ کان سوال ڪيو تہ ڇا تون مون کي جن و انس ۽ موت کان پناهہ ڏيئي سگهين ٿو؟ علقمہ بن علاثہ جواب ڏنو تہ، آءٌ توکي جن و انس

ڪان تہ پناهہ ڏيئي سگهان ٿو، پر موت ڪان پناهہ ڏيڻ منهنجي وس ۾ نہ آهي. اهو ٻڌي اعشيٰ ڪاوڙجي هليو ويو ۽ وڃي عامر بن طفيل وٽ ترسڻ لاءِ پهتو. اتي پهچي هن عامر بہ طفيل ڪان بہ ساڳيو سوال ڪيو. عامر بہ طفيل جڏهن ڪيس هر طرح خاطري ڪرائي اطمينان ڏياريو تہ هن عامر بن طفيل ڪان بہ سوال ڪيو تہ تون ڪي موت ڪان بہ پناهہ ڏيڻ جي ڪيئن رضامندي ظاهر ڪئي آهي؟ عامر بن طفيل ڪيس جواب ڏنو تہ اگر منهنجي پناهہ ۾ تنهنجو موت واقع ٿي وڃي ٿو تہ آءٌ تنهنجي وارثن ڪي تنهنجو خون بها ڏياري موڪليندس. اهو جواب ٻڌي اعشيٰ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ان ئي وقت عامر بن طفيل جي شان ۾ قصيدو ۽ علقمہ بن علاثہ جي هجو (بدگوئي) ۾ شعر لکيائين.“ (درس، ٢٠١٥: ١٦-١٨)

اهڙيءَ طرح عرب ۾ اعشيٰ جي شاعريءَ جا ايڏا تہ چرچا هئا جو هو اگر ڪنهن لاءِ تعريف ۾ قصيدو لکندو هو تہ ان جي عرب ۾ واهہ واهہ ٿي ويندي هئي ۽ جيڪڏهن هجو (بدگوئي) ڪندو هو تہ ڪو ماڻهو ان شخص ڏانهن لڙڻ نهارڻ پسند ڪونہ ڪندو هو.

رشيد احمد ارشد ماهوار ’سيپ‘ ڪراچي جي فيبروري – مارچ ١٩٧٢ واري شماري ۾ مير انيس خصوصي نمبر ۾ ’عربي ادب‘ ۾ مرثيہ گوئيءَ جي عنوان سان پنهنجي مضمون ۾ لکي ٿو تہ، ”عربن ۾ خانہ جنگي سبب مرثيہ گوئيءَ کي ايتري تہ مقبوليت حاصل ٿي جو جيڪو شاعر مرثيہ گوئيءَ تي طبع آزمائي نہ ڪندو هو، ان کي ادب جي سمورين صنفن ۾ ڪامل نہ سمجهيو ويندو هو. عرب معاشري ۾ شاعريءَ جي هن صنف جي اهميت انڪري بہ وڌي جو دؤر جهالت ۾ عربن جي مختلف قبيلن جي وچ ۾ ٿيندڙ خانگي جنگين ۾ قتل و غارت گري معمول بنيل هئي. اهڙي صورتحال ۾ اهم شخصيتن ۽ بالخصوص قبيلن جي سردارن جون زندگيون نہ صرف هر وقت خطري ۾ رهنديون هيون، پر اهي اڪثر جنگين ۾ مارجندا رهندا هئا ۽ پنهنجي مقتولن جو انتقام وٺڻ عربن جي فطرت ۾ شامل ٿي چڪو هو. عربن جو ان دؤر ۾ اهو عام عقيدو هو تہ مقتول جو جنهن وقت تائين انتقام نٿو ورتو وڃي، ان وقت تائين ان جو روح بيچين رهي ٿو ۽ ان مقتول جي کوپڙيءَ مان هڪ پکي نڪري ان وقت تائين دانهون ڪندو رهي ٿو. جڏهن ڊگهو عرصو انتقام وٺڻ ۾ لڳي ويندو هو تہ مقتول جي وارثن لاءِ سخت بيچينيءَ وارو مقام بڻجي ويندو هو ۽ هو ان صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ۽ پنهنجي جذبن کي مانو ڪرڻ لاءِ دردناڪ مرثيا لکرائيندا هئا، جن کي بار بار پڙهڻ سبب انهن ۾ انقام وٺڻ وارو جذبو هر وقت بيدار رهندو هو.“ (رشيد، شماره انيس خاص نمبر: ١٩٧٢)

عربن ۾ مقتول جو انتقام نہ وٺڻ کي عيب بہ تصور ڪيو ويندو هو. اهو ئي سبب هو جو جيڪي بہ وارث پنهنجي مقتول جو انتقام نہ وٺي سگهندا هئا، انهن کي ڪانئر ۽ بزدل تصور ڪيو ويندو هو.

مرثيي جو عرب جي تاريخ سان وابستگي اسلام کان پهرين

ان زماني ۾ عربي مرثيو ترقي ڪري بام عروج تي پهتو ۽ ڪيترن شاعرن وڏا وڏا پُراثر مرثيا لکيا هئا، جن مان ان زماني ۾ بيحد نامور ٿي گذريا آهن، جن جا نالا آهن خنساء ۽ متمم بن نويره.

### ۰۱ خنساء

هيءَ عورت جنهن کي پنهنجي ڀاءُ صغر سان بيحد محبت هئي، صغر ڪنهن لڙائيءَ ۾ مارجي ويو. خنساء تي پنهنجي ڀاءُ جي موت جو بيحد گهرو اثر ٿيو ۽ سندس هوش حواس ويندا رهيا. صغر جي پراٽين جتين جو هار ٺاهي، ڳچيءَ ۾ وجهي هيءَ عورت چرين وانگر ملڪ ملڪ ڦِرندي رهي ۽ انهيءَ حالت ۾ حج تي بہ ويئي. هيءَ حضرت عمر فاروق رضي الله عنہ جي خلافت وارو دؤر هو. جڏهن خنساء حرم شريف جو طواف ڪري رهي هئي ان وقت بہ سيني تي هٿ هڻندي ماتم ڪندي رهي. حضرت عمر فاروق رضي الله عنہ جڏهن اهو حال ڏٺو تہ ڪانئس ان جو سبب پڇيائين، جنهن تي هن پنهنجو داستان غم بيان ڪري ٻڌايو. حضرت عمر رضي الله عنہ فرمايو تہ اهو صحيح آهي، مگر ماتم جي انهيءَ طريقي کي اسلام مٽائي ڇڏيو آهي. انهيءَ وقت خنساء جي زبان مان بي اختيار چند شعر نڪتا، جن مان هڪ هيءُ آهي:

"هر يقين من دمومک واستمنيقي،
و صبراً ان اطقت ولم تطيقي."

يعني "(اي نفس) ڳوڙها ڳاڙ ۽ انهيءَ سان تسلي ڪر، صبر ڪر جيڪڏهن ڪري سگهين، مگر تون ڪري نہ سگهندين.

### ۰۲ متمم بن نويره

هي عربي مرثيہ شاعر بہ حضرت عمر فاروق رضي الله عنہ جي زماني ۾ ٿي گذريو آهي. ڪيس سندس ڀاءُ مالڪ بن نويره سان تمام گهڻي محبت هئي. هڪ لڙائيءَ ۾ خالد بن وليد جي هڪ دوست ضرر بن الاذر اسدي سندس ڀاءُ مالڪ کي ماري ڇڏيو. مولانا شبلي نعماني پنهنجي ڪتاب 'موازنہ انيس و دبير' جي صفحي ٨ تي قلمطراز آهي تہ، "مالڪ بن نويره کي خالد بن وليد خود ماريو هو، مگر شرح حماسہ ۾ ڄاڻايل آهي تہ خالد بن وليد جي هڪ دوست ضرار بن الاذر اسديءَ ڪيس قتل ڪيو هو." (بلوچ، ۱۹۷۰: ۷)

دؤر جاهليت ۾ مرثيي ۽ ماتم جا فرائض گهڻو ڪري عورتون ئي سرانجام ڏينديون هيون، بلڪ مٿي جا وار کُوڙائي ڇڏينديون هو. هو روڄ پِٽڪي سان گڏ پنهنجي منهن تي پٿر هڻي پاڻ کي رتوڇاڻ

ڪري ڇڏينديون هيون. خاص مقامن ۽ قبرستانن تائين محدود نہ هيون، بلڪ ساليانی مخصوص ڏهاڙن، عيدن ۽ ميلن ۾ بہ اهڙيون ماتمي گڏجاڻيون ڪيون وينديون هيون. انهن ۾ مشهور شاعرن جا مرثيا پڙهيا هئا. خنساء کي مرثيہ گوئيءَ ۾ ٻين شاعرن کان وڌيڪ شهرت انڪري حاصل ٿي جو هوءَ هڪ حساس دل رکندڙ خاتون جي حيثيت ۾ درد ڀريل جذبن جو ڏاڍي اثرائتي نموني اظهار ڪرڻ واري صلاحيت رکندڙ هئي. هن جا مرثيا سمورن وڏن وڏن اجتماعن ۾ پڙهيا ويندا هئا، انڪري هن کي عرب جي وڏي شاعره جو اعزاز حاصل هو. مرزا عباس علي بيگ 'ڪليات سيد ثابت علي شاهہ' ۾ لکي ٿو تہ، "مرثيو ان دؤر ۾ تمام گهڻي ترقي ڪري چڪو هو ۽ حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي ڏاڏي حضرت عبدالمطلب ۽ ڀين ڪيترن ئي نامور شاعرن جا مرثيا عربي ادب ۾ اڄ بہ محفوظ آهن ۽ حماسي ۾ هڪ مستقل فصل باب المراثي جي عنوان سان موجود آهي." (بيگ، ١٩٨۴: ٣)

سنڌ جي علمي فضيلت لاءِ ايترو ئي ڪافي آهي جو تمام تاريخي روايتون متفق آهن تہ حضرت علي ابن طالب جو فرمان آهي تہ سنڌ اها سرزمين آهي، جتان علم جو سج اُڀرندو آهي. مشهور عرب محقق ابن اُبي لکي ٿو تہ سنڌ وارن وٽ علم و حڪمت جو تمام وڏو ذخيرو موجود آهي ۽ يونان وارن وٽ سمورو علمي ذخيرو سنڌ مان پهتو آهي. ابو معشر 'ڪتاب الالوف' ۾ لکي ٿو تہ، سنڌ جي علم، فن، حڪمت ۽ فلسفي توڙي دنيا جي سمورين قومن کان اڳ سنڌين جي علم ڏانهن وڌڻ جو اعتراف دنيا جي سڀني قومن ڪيو آهي. ڪتاب 'اخبار الحڪماء' ۾ آهي تہ دنيا جي سڀني قومن مان سنڌي قوم علم ۽ حڪمت جو سرچشمو آهي ۽ دنيا ۾ عدل ۽ سياست جو پهريون مرڪز سنڌ آهي. عربن جي تصنيفات ۾ ان قسم جا ڪيترائي حوالا موجود آهن، جن ۾ اهو تسليم ڪيو ويو آهي تہ سنڌ جي سرزمين علم ۽ حڪمت جي کاڻ رهندي آئي آهي. (درس، ٢٠١۵: ۴٢)

عجم تذليل تي فردوسيءَ هڪ مصرع "تفو بر تو اي چرخ گردان تفو" ۽ دارا جي موت تي نظاميءَ جو هڪ شعر "نسب نامہ دولت ڪيقباد – ورق بر ورق هر سوئي برباد" هزار داستان حرمان ۽ قلق جو خلاصو آهي، ليڪن اسان جي ملڪ ۾ مرثيي جو اطلاق زياده تر حضرت امام حسين عليہ السلام ۽ ان جي رفيقن جي شهادت جي احوال تي ٿئي ٿو. هيءُ حسرت ناڪ واقعو ايتري قدر عبرت جوڳو آهي، جو جيڪڏهن سادن لفظن ۾ بنا ڪنهن عبارت آرائيءَ جي بيان ڪجي تہ پڙهڻ وارن جون دليون ڏڪي وينديون ۽ "گريہ بر ملايڪ هفت آسمان فتو" افسوس ڪهڙو نہ درد انگيز منظر آهي، پنهنجي وطن کان جدا ٿي، رسول پاڪ جو مقصد جوار ڇڏي، مڪہ کي اقامت گاهہ بنائي، پر اتي بہ چين ميسر نہ آهي. بعض گندم نما جؤ فروش حمايت ۽ نصرت جو سبز باغ ڏيکاري خانہ خدا ۾ بہ ٽڪڻ نہ ڏنو. بي وفائي ۽ بد عهدي ڪوفين جو شيوو آهي، پر هو محمد صلي الله عليہ و آلهٖ وسلم جو ڪلمو پڙهن ٿا، ۽ حجت حق

انهن کي مسلمان سمجهي، عين حج جي موسم ۾ ڪعبي مان ڪوچ فرمائي عرب جي ريگستان جي گرمي ۽ سختي برداشت ڪري پنهنجي ڪٽنبن جي پاڪ عورتن ۽ ٻارڙن کي ساڻ ڪري، عراق جي سرحد تائين به پهچي ٿو. اوچتو خبر ملي ٿي ته جن بي وفا ماڻهن خط موڪلي سڏايو هو، سي ڦري ويا آهن ۽ سڏايل مهمان لاءِ ۽ سندس آجيان لاءِ تلوارون تيز ٿي رهيون آهن ۽ ڪوفي ڏانهن وڃڻ جو ارادو ترڪ ڪيو وڃي ٿو. قضا، ڪربلا جي سرزمين تي ٿي وڃي پهچائي. دشمن جو وڏو لشڪر پهچي ٿو، پاڻي بند ڪيو وڃي ٿو، ساقيءِ ڪوثر جي ٻچڙن تي فرات جي پاڻيءَ مان پکي پکڻ، چرند پرند سڀ سيراب ٿين ٿا، بس هڪ وڏو قصور فرزند رسول ڪيو، جنهن آڻ نه مڃي باطل اڳيان." (بيگ، ١٩٨٣: ٢)

### ٢.١.٤ اسلام اچڻ بعد

آفتاب رسالت جي طلوع ٿيڻ کان پوءِ مرثيه گوئيءَ تي زوال نه آيو. حضرت حسان بن ثابت حضور صلي الله عليه وسلم جن جي وفات حسرت آيات تي اهڙا مرثيا چيا آهن، جن جو هر هڪ شعر سوز ۽ گداز جي تصوير آهي. حضرت فاطمه زهرا به انهيءَ موقعي تي هڪ دردناڪ مرثيو چيو، جنهن کان پوءِ حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه ته پنهنجي ڀاءُ جو مرثيو ان عهد جي مشهور مرثيه گو متمم بن نويره کان فرمائش ڪري لکايو، ليڪن افسوس آهي جو ان وقت حضرت امام حسين عليه السلام جي اهڙي ۽ ايڏي سانحي تي ڪنهن کي به مرثيا چوڻ جي همت نه ٿي، ڇو جو جابر حڪومت ان وقت جي شاعرن جون زبانون بند ڪري ڇڏيون. عرب جي مشهور شاعر فردنق هڪ قصيدو حضرت امام زين العابدين عليه السلام جي فضائل ۾ لکيو ته ڪيس قيد ۾ وڌو ويو، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو ڪنهن به مشهور شاعر کي ڪربلا جي واقعي کي نظم ڪرڻ جي جرئت نه ٿي ۽ عرب جي شاعري اهلبيت جي مصائب بيان ڪرڻ جي سعادت کان محروم ٿي ويئي. بنو عباس جي عهد ۾ ڪن شاعرن ڪربلا جي واقعي متعلق مرثيا چيا آهن، جن مان دعبل خزائي جو طويل مرثيو مشهور آهي، جيڪو هن امام علي رضا عليه السلام جي حضور ۾ پڙهيو." (بيگ، ١٩٨٤: ٣)

### ٢.١.٥ ايران جو فطري جذبو

"ايران جي سرزمين اهلبيت جي غلاميءَ جو حق ادا ڪيو. شاهه طهماسپ صفوي شاعرن کي فرمائش ڪري مرثيا لکرايا. ان زماني ۾ محتشم ڪاشي جي ٻارنهن 'بندن' کي مقبوليت جي سند حاصل ٿي. اهو مرثيو فطري جذبن سان لبريز ۽ درد و غم جي مڪمل تصوير آهي. محتشم کان پوءِ مقبل به مرثيه گوئيءَ ۾ شهرت حاصل ڪئي. محتشم جي درد ۽ تاثير جو جواب ڏنو. هن سڀ کان وڏو ڪم اهو ڪيو جو ڪربلا جو سمورو واقعو ابتدائي سفر کان مستورات پاڪ جي گرفتاري ۽ وري رهائي ٿيڻ،

۽ مديني اچڻ تائين نظم ڪيو، پوءِ تہ ايران ۾ مرثيا چوندڙن جو هڪ گروهہ پيدا ٿي ويو.“ (صائب، ٢٠٠٣: مقدمو)

## ٢.٢ مرثيي جو فن

”اهڙي ڪوتا جيڪا پنهنجي جوهر سان سماج تي اثر ڇڏي، اها تاريخ ٿي ويندي آهي ۽ هميشہ زندهہ رهندي آهي. جديديت صرف نيون تشبيهون تمثيل (Allegory)، علامت نگاري (Symbolism) سان ڪونهي، انهيءَ سان گڏ فن – هُنر (Art) بہ نئون هجڻ لازمي آهي. اها ئي ڳالهہ آهي، جيڪا اسان کي روايتن کان ٻاهر ڪڍي ٿي پر انهن سڀني کي (Post_Modernism) جديديت پڇاڙان جديديت خود تخليقي عمل رد ڪري ٿو.

شاعري انساني ڪيفيت جي اظهار جو نالو آهي. شاعري انسان جي امنگن، جذبن ۽ خيالن جي ترجماني آهي. شاعريءَ جي تشريح ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هن ريت ڪري ٿو:

”شاعري: جمع شاعريون، لفظ مؤنث (عربي) شعر ٺاهڻ جو هُنر، شعر بندي، قافيہ بندي ڪرڻ ۽ ڪوتا.

اهڙيءَ طرح شاعريءَ جي لغوي معنيٰ اردو جامع احسن اللغات ۾ هن طرح آهي: شاعري عربي لفظ آهي. شاعري شعر گوئي، ابلاغ يا مبالغو ڪرڻ.

جامع فيروزاللغات ۾ شاعريءَ جي معنيٰ هيءَ آهي تہ شعر چوڻ ۽ مبالغہ آرائي ڪرڻ.“ (قاسماڻي، ٢٠٢٠: ٢۴)

ڳالهہ ڪريون مرثيي جي فن جي – مرثيي جو مفهوم بہ فني نگاهہ سان قابل غور آهي. مرثيي جي تعريف ڪندي علامہ شبلي لکيو آهي تہ، ”اهڙو حزينہ ڪلام جو ڪنهن موصوف جي وفات تي چيو وڃي. ان ۾ فوتيءَ جا اوصاف بيان ڪيا آهن، پر جي زندهہ جي تعريف ڪجي تہ پوءِ ان کي قصيدو ڪونجي ۽ مرده جي تعريف کي ’مرثيو‘ چئجي.“

اها تعريف عرب عام ۾ توڙي لغوي طرح سان بجا آهي، پر شاعريءَ جي دنيا ۾ ان جو اصطلاحي مفهوم محدود بہ آهي ۽ مخصوص بہ آهي. ”شاعريءَ جي دنيا ۾ مرثيو فقط شهداءِ ڪربلا متعلق حزينہ نظم ۽ ڪلام جو نالو آهي، جنهن ۾ ڪا مخصوص هيئت ۽ مخصوص پيشڪش آهي. ان جو اسلوب بہ خاص آهي، انداز بيان بہ خاص آهي، مضمون بہ خاص آهي ۽ مواد بہ خاص آهي. محرڪات بہ خاص آهي تہ

منظرنگاريءَ جو ميدان بہ خاص آهي. انڪري مرثيو مون وٽ باقي شعري اصناف ڪان منفرد ۽ خاص آهي ۽ ممتاز بہ آهي. جيئن تہ مرثيي جو لفظ پنهنجي معنيٰ ۾ هڪ مخصوص لفظ آهي. آءُ مرثيو انڪري ٿو چوان جنهن ۾ شهيد ڪربلا جو ذڪر هجي ۽ مرثيہ نگار بہ اهوئي آهي، جنهن شهيد ڪربلا جو ذڪر ڪيو هجي. فاتح ۽ بهادر ڪنهن بادشاهہ ۽ شهنشاهہ جي فوتگيءَ تي جو بہ ڪجهہ لکيو ويندو آهي، اهو 'قصيدو' چئبو، ان کي مرثيو نہ سڏڻ گهرجي. پوءِ پلي تہ ان ۾ سندس شهادت، مظلوميت ۽ شجاعت جو رنگ ڇو نہ پيدا ڪيو وڃي، تاهم ان کي 'مرثيو' نہ سمجهڻ گهرجي. افسوس جو علامہ شبلي 'مرثيي' ۽ ان جي مخصوص ۽ محدود معانيءَ کي نظر انداز ڪيو آهي." (گرامي، ١٩٧٦: ٣٠)

مرثيي جو تعلق نفسياتي طرح انسان جي جذبات ۽ حساسيت سان آهي. مرثيي جي فن جي هڪ انفراديت بہ آهي ۽ ان سان گڏ 'عموم' بہ اهي. مرثيو گويا انفراديت ۽ عموميت جو امتزاج آهي. انفراديت اها تہ ان ۾ فقط شهيد ڪربلا جو ذڪر ڪيو وڃي ۽ عموميت اها تہ ان منظر ڪشي ۽ واقعہ نگاريءَ کي فقط مسلمانن ۽ انهن مان فقط شيعن تائين محدود نہ سمجهڻ گهرجي. 'مرثيي' کي مذهب ۽ ان جي مخصوص معتقدات ۾ بہ پابند نہ سمجهڻ گهرجي، بلڪ 'مرثيو' اهو آهي، جنهن ۾ پيش ڪيل شهيد ڪربلا جو منظر هر مذهب، هر مڪتب فڪر ۽ هر مڪتب خيال واري صاحب علم و بصيرت کي متاثر ڪري، پوءِ انسان ذات کي هڪ درخواست ڪجي، احساس جي نفسيات انساني سان تہ جيئن هو ظلم تشدد جي خلاف جذبو پيدا ڪن. "جيئن تہ شاعري غم ۽ خوشيءَ جي اظهار جو بهترين وسيلو آهي تہ پوءِ شاعر کي بہ شاعريءَ جا اها سڀيئي ذريعا استعمال ٿا ڪرڻا پون، جن سان هو واقعن ۽ احساسن جي ذهن جي سهڻن رنگن سان چٽسالي ٿو ڪري. انساني فطرت آهي تہ اهڙن مانجهي مردن تي سدائين راءِ زني ڪئي ويندي آهي، انڪري اهي مرد مجاهد جن جي ڪردار ۾ ديني ۽ مذهبي عنصر شامل هوندو آهي." (صائب، ٢٠٠٣: ٨١)

مرثيي جي فن تي نير مسعود ڪتاب 'مرثيہ خواني کا فن' ۾ لکي ٿو تہ:

"مرثیہ خوانی بڑے مجمعے کے سامنے کلام سنانے کا فن تھا۔ اس زمانے میں جب آواز کو بڑھانے اور دور تک پہنچانے کے مشینی وسیلے موجود نہیں تھے، مرثیہ خواں کے لیے سب سے اہم چیز اس کی آواز تھی۔ ایسی آواز جو دور تک یکساں سنائی دے 'پلّہ کش' کہلاتی ہے۔ تقریباً سبھی مشہور مرثیہ خوانوں کی آواز خواہ باریک ہو یا موٹی، پُلہ کش ضرور ہوتی تھی۔ پیارے صاحب ارشد کی آواز پتلی تھی۔ حیدر آباد میں جہاں وہ نواب بہرام الدولہ کے یہاں پانچ چھ ہزار کے مجمعے میں مرثیہ پڑھتے تھے، ان کی آواز کے پلے کا تجربہ کرنے کے لیے۔

ایک صاحب پیشتر منبر کے نیچے پھر وسط مجلس کے بالکل آخری حصے میں دیوار سے لگ کر کھڑے ہو گئے۔ انہوں نے بیان کیا کہ، جیسے ہم منبر کے نیچے آواز سن رہے تھے، بالکل اُسی طرح آخری صف میں بھی آواز تھی۔" (سید سجاد حسن، مقالہ سے، ص ۲۰)

اردو ٻوليءَ ۾ مرثيي جي فن تي جن هستين شموليت اختيار ڪئي، انهن جو شاعريءَ ۾ قدم تہ پهرين هو، ليڪن ڪنهن نہ ڪنهن سبب ۽ وقت جي تقاضائن مطابق انهن مرثيي جي دنيا ۾ قدم رکيو ۽ ڪامياب بہ ٿيا.

پروفيسر سيد احتشام حسين (لکنؤ يونيورسٽي لکنؤ) مقدمہ مراثي جلد اول ۾ لکي ٿو تہ:

"بعض ادیب اور شاعر محض اس وجہ سے اپنا صحیح مقام حاصل نہ کر سکے کہ ان کے موضوع پر تنگ خیالی سے نگاہ ڈالی گئی۔"

هاڻي ان جو خيال مرثيي جي روايت ۾ ان تنگ خياليءَ سان آهي تہ مرثيہ گو شاعرن کي هڪ خاص گروهہ تائين محدود رکيو ويو آهي، انڪري انهن جون فني صلاحيتون، شاعرانہ بصيرتون، تخليقي قوتون، قدرت بيان جو اعتراف ڊيل لفظن ۾ ڪيو ويو آهي. احتشام حسين وري چوي ٿو تہ:

"اس حیثیت سے میر انیس کا شمار ان فنکاروں میں ہوتا ہے، جن کا سارا شاعری سرمایہ مسلمانوں کے ایک خاص فرقے کے لیے وقف ہے۔ ایک اعلیٰ پایہ کے فنکار اور شاعر پر اس سے بڑا کوئی ظلم نہیں ہو سکتا۔ اس کے پُر خلوص انتخاب موضوع کو اس کی مذہبیت یا تنگ نظری پر محمول کر کے اس کی شاعرانہ عظمت کے ساتھ انصاف نہ کیا جائے اور صرف اس وجہ سے کہ اس کے موضوع کو کچھ لوگوں نے محدود یا فرقہ ورانہ قرار دے دیا ہے۔ اسے اس توجہ کا مستحق نہ سمجھا جائے جس کا وہ واقعی مستحق ہے۔" (نقوی،۱۹۵۸: ۹)

هڪ هندو ڪرشن جي تعريف ڪري ٿو، پر اها مسلمانن ۽ نصارن، يهودين ۽ مجوسين لاءِ لازم نہ آهي تہ انهن کي بہ پسند اچي. ان طرح مجوسي، زرتشت جي مناقب ۾ شعر چون ٿا، پر اهو ٻين مذهبي ماڻهن کي پسند نٿو اچي. ان طرح نصارا، حضرت عيسيٰ لاءِ مبالغہ آرائي ڪن ٿا، پر اها هندن ۽ مسلمانن لاءِ دور انڪار آهي. بلڪل ان طرح سان اگر مرثيي کان فقط شيعا ۽ سُني حضرات محظوظ ٿيا يعني رڳو اهل اسلام تائين ان جي افاديت محدود رهي تہ پوءِ اهو ڪمال نہ چئبو. مرثيو اهو آهي جنهن جي محشر خيز ۽ غم انگيز مضمون کان هر انسان جا جذبات متاثر ٿين، مغموم ٿين ۽ باطل شڪن اثرات اخذ ڪن. ان سلسلي ۾ اجا ايترو عرض ڪنديس تہ جيئن هندو شاعر غزل لکن ٿا، حالانڪ غزل مسلمانن جي خاص صنف آهي، ان وانگر مرثيي جي پذيرائي ۽ انفعالي ڪيفيت ايتري ۽

اهڙي هئڻ گهرجي، جو پڙهڻ سان هر مذهب ۽ ملت جو ماڻهو زندگي ۽ عمل جي ان ڪردار کان متاثر ٿئي ۽ ان جو اثر رڳو مسلمانن تائين محدود نہ رهي. 'جوش' خوب چيو آهي تہ:

انسان کو بیدار تو ہو لینے دو،
ہر قوم پکارے گی ہمارے ہیں حسینؑ۔

مرثيي جي تڪميل ۽ ڪاميابيءَ جي اها ئي آخري حد تصور ڪرڻ گهرجي.

ان سلسلي ۾ حضرت عباس عليہ السلام جي مرثين جا ٻہ چار شعر پيش ٿي ڪريان، جي مٿي پيش ڪيل تعريف ۽ فن سان نهڪي ٿا اچن، انهن ۾ داخليت ۽ عموميت آهي، فرمائي ٿو:

يا نفس، من بعد الحسين هوني،
و بعده لاكنت ان تكوني،
هذا الحسين سارب المحنوني،
و تشربين يارد المعيني،
تالله ما افعال ويلي،
ولا فعال صادق اليقيني.

[اي نفس! تون حسين کان پوءِ ذليل ڪيو وينديں، خدا نہ ڪري تون حسينؑ کان پوءِ باقي رهين. ڏس حسينؑ موت جي چشمي تي قيام ڪيو آهي تہ ڇا تون شيرين پاڻيءَ ڪي پيئنديں؟ والله نہ اها دين ۽ اخلاق جي تقاضا آهن ۽ نہ سچي يقين وارن جي اها پَرَ آهي." (گرامي، ١٩٧٦: ٦٥)

حضرت عباسؑ جي ان مرثيي ۾ داخليت ۽ عموميت آهي، مقصد آهي، بلندي ۽ سرفرازي آهي، ولولو ۽ حوصلو آهي، حق سان وابستگي ۽ فدا ڪارانہ پيوندگي آهي، باطل لاءِ نفرت ۽ بيزاري آهي. مولانا گرامي چوي ٿو تہ:

"منهنجي نظريي موجب مرثيي جو بنيادي مقصد ۽ فني منصب اهوئي آهي. خاص نظرياتي مسئلن سان هي شاعرانہ صنف، ادب ۽ شاعريءَ جي ميدان مان نڪري هڪ خاص گروهہ ۽ ان جي مذهب جي ترجمان بنجي وڃي ٿي، ان ڪي شاعري نہ پر خيال آرائي چئي سگهجي ٿو. مرثيو نہ پر تبليغ چئي سگهجي ٿو، جي بہ جائز آهن، پر مرثيي لاءِ نہ." (گرامي، ١٩٧٦: ٦٥)

### ٢.٣ اردو ٻوليءَ ۾ مرثيہ نگاريءَ جي روايت

اردو شعر و ادب جي صنفن جي ترقي ۽ ترويج ۾ لکنؤ جي فضا جو وڏو هٿ رهيو آهي. اهي صنفون شايد لکنؤ کان بہ ٻاهر رهيون هجن، ليڪن انهن صنفن ۾ نکار لکنؤ جي ادبي فضا جي مرهون منت آهي.

''اصناف میں مرثیہ ریختی ڈرامہ و نظم نگاری بطور خاص شامل ہیں۔ مرثیہ اور ریختی نے لکھنو میں جو عروج حاصل کیا اسے وہاں کی تہذیبی ضرورت بہ قرار دیا جاسکتا ہے۔'' (قریشی، ١٩٧١، ٣٥٥)

''مرثیہ خالصتاً ایک ہندوستانی صنف سخن ہے۔'' (فاروقی، ١٩٥١: ١٣)

''جنوبی ہند کے مرثیے جذباتی سرمائے سے مالا مال ہیں اور اس صورت میں ان میں فن کی تلاش عبث ہے۔'' (مضمون، ١٩٦٧: ٣٦)

بقول رام بابو سڪسينا:

''قدیم طرز لکھنو کی مصنوعی اور مخرب اخلاق فضائے شاعری میں مرثیہ کی نمود اور اس کی سلاست و فصاحب اور ادب آموزی نے وہی کام کیا جو ریگستان میں ایک خوشنما سبزہ زار کرتا ہے۔ مرثیہ میں اس حقیقی شاعری کا پرتو ہے جو اعلیٰ جذبات کو برانگیختہ کرتی ہے۔ اس کی ادب آموزی ایسے وقت میں جب دنیائے شاعری عیش پسند درباریوں کو خوشامد اور تتبع میں نہایت ادنی اور رقیق جذبات کی دلدل میں پھنسی ہوئی تھی، قابل صدر ہزار آفریں ہے۔ ہر چند کوئی مرثیہ بلحاظ فن گرا ہوا ہو مگر پھر بھی وہ ایک اخلاقی نظم ضرور ہے اور اسی معنی میں اس کے مفید ہونے میں کسی کو کلام ہو سکتا ہے۔ اس کا مضمون ضرور عالی اور مقدس ہو گا۔ لہٰذا شاعر گو غزل میں کیسا ہی پست اور لاابالی خیال ظاہر کرے مگر مرثیہ میں مناسبت کے خیال سے وہ ضرور سنجیدہ اور اخلاق آموز شعر کہنے پر مجبور ہو گا۔'' (سکسینہ: ٢٠٧-١٩٩)

اها ئي وجہ آهي جو اڄ جو مرثيہ نگار پنهنجي مرثيہ نگاريءَ تي فخر ڪري ٿو. ڏکڻ هند کان شروع ٿيڻ واري مذهبي ماحول سچي ان صنف جي سخن ۾ فهم کان اثر ورتو، بلاشبہ 'لکنؤ' ۽ 'مرثيو' اڄ اسان جي ذهنن ۾ لازم و ملزوم ٿي چڪو آهي. هي هڪ اهم نقطا آهن، جن جي طرف ناقدين کي توجهہ ڏيڻ گهرجي.

ڊاڪٽر سيد شبيہ الحسن پنهنجي ڪتاب "اردو مرثيہ اور مرثيہ نگار" ۾ جن حوالي تي توجهہ ڏياريو آهي، ان ۾ خاص اردو مرثيي جي ابتدا ۽ روايت لاءِ حوالي جي طور لکي ٿو تہ:

''لکھنوی دبستان کے متعلق تو ایک عام تنقیدی رجحان ہے کہ چونکہ لکھنوی تہذیب میں نسائیت، حسن پرستی، عورت پرستی، لہو و لعب، بداخلاقی وغیرہ عام تھیں، اس لیے وہاں کی شاعری میں بالعموم اور ریختی میں بالخصوص یہی عناصر در آئے اور اگر یہ پوچھا جائے کہ جس عہد میں ریختی پیدا ہوئی، اس عہد میں مرثیہ کیوں کر فنی کمال کے درجے پر پہنچ گیا؟ تو جواب ہو گا کہ وہاں شیعہ حکومت تھی۔ مگر اس بات کا جواب نہیں ملتا کہ ایسا معاشرہ جو بدترین اخلاقی گراوٹوں کا شکار ہو، ایسی صنف سخت کو کیسے عروج کمال تک پہنچا سکتا ہے، جو اعلیٰ ترین اخلاقی رویوں کا اظہار کرتی ہو؟ یہ ایک اہم ترین نکتہ ہے اور ناقدین کو اس سلسلے میں ضرور غور کرنا چاہیے۔ بہرحال مرثیہ کو عروج لکھنو میں ملا۔ میر اور سودا کے مراثی ان کی شاعری کے جزوی حصے ہیں، جبکہ ضمیر اور خلیق کی تقریباً تمام شاعری مرثیہ کے گرد گھومتی ہے۔ یہی سبب ہے کہ ان دونوں حضرات نے صنف مرثیہ کو خارجی اور داخلی محاسن کو پختگی کے ساتھ متعین کر کے ''بگڑا شاعر مرثیہ گو'' کا طوق اس کے گلے سے اُتار پھینکا اور انیس و دبیر نے اس صنف کو بااعتبار صنف سخن بنا دیا۔'' (سکسینہ: ۲۰۷-۱۹۹)

مرثيي جي گهاڙيتي ۾ جيڪي تبديليون آيون، انهن ان صنف سخن کي هڪ بلنديءَ تائين پهچائي ڇڏيو، جتي ماڻهن کي ايپڪ ۽ ٽريجڊيءَ جو خيال اچڻ لڳو. مرثيي جي تعميري ساخت جي سلسلي ۾ هڪ اهم دلچسپ رول مير ضمير جو آهي، ڇو جو هن ان ڳالهه جو واعدو ڪيو آهي. مرثيي جو نئون طرز ايجاد ڪرڻ ۾ ان کي اوليت حاصل آهي؛ هن پنهنجي مرثيي هيٺين بند ۾ لکيو آهي:

''جس سال لکھے وصف یہ ہم شکل نبی کے،
تھے بارہ سو انچاس وہ سال نبوی صہ کے،
۱۲۴۹
آگے بھی دیکھے نہ تھے یہ طرز کسی کے،
اب سب ہی مقلد ہوئے اس طرز نوی کے،
دس میں کہوں سو میں کہوں یہ درد ہے میرا،
جو جو کہے اس طرز میں شاگرد ہے میرا۔

اس بند کو پڑھنے کے بعد کئی اہم سوالات پیدا ہوتے ہیں۔ کیا سن بارا سو انچاس کے پہلے میر ضمیر نے خود جو مرثیے لکھے، وہ اس مرثیے یا اس کے بعد کے مرثیوں سے مختلف تھے؟ کیا ان کے ہم عصر دوسرے شعراء اور اس وقت تک جو مرثیے لکھتے تھے، ان میں وہ باتیں نہ تھیں جو اس ۱۲۴۹ والے مرثیے میں پیدا کی گئی ہیں؟'' (نقوی، ۱۹۵۹: ۱۴)

سيد محمد نصرت علي دهلوي پنهنجي ڪتاب "تاج التواريخ" ۾ هندستان جي پيشه ورن جو حال لکي ٿو. اهي سڀ حضرات مجلسن ۾ مرثيا پڙهندا هئا ۽ اهو انهن جو ذريعو معاش هو. حالانڪ اهو

معزز پيشو ڪافي زماني ڪان هو، مگر اوڌ جي شهنشاهن جي وقت ۾ ان کي فروغ حاصل ٿيو.

موازنہ انيس و دبير ۾ شبلي لکي ٿو تہ:

''سب سے پہلے میر ضمیر نے تحت اللفظ مرثیہ پڑھنا شروع کیا۔''

جنهن کي نير مسعود ڪتاب "مرثيہ خواني ڪا فن" ۾ رد ڪري ٿو. مثال ٿو ڏئي تہ:

''اپنی معنوی مظہر العجائب تصنیف ۱۲۴۴ھ کے سبب تالیف میں میر ضمیر نے اپنی مرثیہ گوئی کے آغاز کا ذکر کیا ہے۔ یہ بیان اس لحاظ سے بہت اہم ہے کہ اس سے فن مرثیہ خوانی کی تاریخ کے بارے میں بیش قیمت معلومات حاصل ہوتی ہے۔ ضمیر بتاتے ہیں کہ پہلے میں غزل، قصیدہ، مثنوی وغیرہ کہتا تھااور قصص عشق جب سناتا تھا، گرر لاتا تھا۔ اگرچہ میں یہ شغل ترک کر چکا ہوں، لیکن اب بھی میرے ''دوستان سابق'' مجھ سے ان گزشتہ شعر خوانیوں کی فرمائش کرتے ہیں تو میں کچھ نہ کچھ ان کو سنتا ہوں۔''

### ٢٠٣٠١ مير ضمير جو مرثيي جي طرف اچڻ

چوي ٿو تہ منهنجي پاڙي ۾ هڪ عزادار غلام علي رهندو هو. آءٌ اڪثر ان جي گهر مجلس عزا ۾ ويندو رهندو هئس. هڪ ڏينهن شب عاشور هو، منهنجي گهر آيو. اتفاق سان ان رات غلام علي کي مجلس ۾ مرثيہ خوان پڙهڻ لاءِ دستياب نہ ٿيو ۽ هن کي فڪر ٿي پيو تہ هاڻي ڇا ٿيندو ۽ هو مون وٽ مرثين جو ڪتاب کڻي آيو ۽ هٿ ٻڌي چوڻ لڳو:

شعر پڑھنا ہے آپ کا مشہور،
کوئی ویسا پڑھے تو کیا مقدور،
اس کتاب میں عمدہ مرثیے ہیں، اگر آپ پڑھ دیں تو بہت اچھا ہے،
میں کہ اس سے کبھی نہ تھا آگاہ،
مرثیے کا ہے کیا طریقہ و راہ،
میں نے یہ عرض کی کہ مشفق من،
مرثیہ خوانی کا جدا ہے فن،
مجھ کو کچھ اس سے رسم و راہ نہیں،
اس میں بندے کو دستگاہ نہیں۔

جڏهن گهر جي مالڪ ڏٺو ته آئون ڪنهن به طور راضي نه پيو ٿيان ته چوڻ لڳو مير صاحب! آءُ قيامت جي ڏينهن اوهان جي جد سان شڪايت ڪندس ته منهنجي گهر ۾ عزاداري هئي ۽ مون کي ڪوئي ذاڪر نه مليو، ليڪن اوهان جي هن فرزند منهنجي التجا جي باوجود منبر جي طرف قدم نه وڌايو ۽ شب عاشور آخر گذري ويئي خالي خالي مير ضمير چيو مون ان وقت غلام عليءَ کان بياض مرثيه ورتو. منهنجا هٿ ڏڪي رهيا هئا ۽ آءُ روئڻ لڳس. آخرڪار مون ان بياض مان شاعر گدا جو عمده مرثيو ڪڍيو ۽ منبر جي طرف وڌيس.

فاتحہ پڑھ کے با خضوع و خشوع،
کیا منبر پر مرثیہ شروع،
کبھی مجلس میں تھا پڑھا نہ سلام،
رعب سے جسم کانپتا تھا تمام۔

لیکن ابھی آدھا مرثیہ بھی نہ پڑھا تھا کہ مجلس پر رقت طاری ہوگئی۔ کئی لوگوں کو غش آگیا اور میں بھی منبر پر سے گر پڑا۔

مير ضمير چوي ٿو ته ان بعد مون ڪيترائي مرثيا تصنيف ڪيا. ان دؤران مير ظفر علي مون کي پنهنجي گهر مجلس ۾ مرثيو پڙهڻ جي فرمائش ڪئي. مون جناب فاطمہ زهرهؑ جي حال تي مرثيو پڙهيو. پڙهڻ شرط ماڻهن جو گريو شروع ٿي ويو.

مرثیہ جب کہ زور پہ آیا،
قلزم گریہ شرو پہ آیا،
غش کا عالم ہوا نہ کس کس کا،
ہو گیا خاتمہ مجلس کا،
گو کہ باقی کئی تھے مرثیہ خواں،
پھر کسی نے کیا نہ وا جزداں،
نہ رہا شغل مجھ کو پھر کوئی،
ہو گیا صرف مرثیہ گوئی۔

(نیر، ۲۰۰۵: ۱۷-۱۹)

ان بيان مان معلوم ٿيو تہ مرثيي جي ميدان ۾ اچڻ کان اڳ ضمير جو انداز شعرچوڻ ۾ مشهور هو (شعر پڑھنا ہے آپ کا مشہور) ۽ محفلن ۾ ان طرح شعر خواني ڪندو هو، جو ٻڌڻ وارن تي اثر ٿيندو هو ("گر ہنساتا تھا، گر رُلاتا تھا"). ان بيان مان اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ ضمير کان پهرين بہ مرثيہ خواني جو فن موجود هو، جيڪو ضمير جي شعر خواني جي انداز کان مختلف هو ۽ ضمير ان فن کان واقف نہ هو. ("مرثیہ خوانی کا جدا ہے فن، میں کہ اس سے کبھی نہ تھا آگاہ، مرثیے کا ہے کیا طریقہ وراہ، مجھ کو کچھ اس سے رسم وراہ نہیں")، انڪري مجبورن هن پنهنجي طور تي پنهنجي انداز سان مرثيو پڙهيو. اهو ان انداز سان پڙهڻ مرثيہ خوانيءَ ۾ ڪيس ممتاز ڪري ويو ۽ مؤثر ثابت ٿيو. ان کان پوءِ ضمير مرزا ظفر علي خان جي گهر خود پنهنجي تصنيف ڪيل مرثيا پڙهيا ۽ ان جو انداز ڪامياب ويو.

### ۲۰۳.۲ اردو شاعريءَ جي ابتدا

هندستان ۾ اردو شاعريءَ جي ابتدا دکن کان ٿي ۽ مرثيہ گوئيءَ جو آغاز بہ اتان ئي ٿيو. سلاطين بيجاپور ۽ گولڪنڊا سرپرستي ڪئي. محمد علي قطب شاھ (المتوفي سن ۱۰۲۲ھ)، سلطان محمد قطب شاھ (المتوفي سنہ ۱۰۳۵ھ) ۽ عبدالله قطب شاھ (المتوفي سنہ ۱۰۸۳ھ) بادشاهان گولڪنڊه خود شاعر ۽ سخن سنج ۽ جوهر شناس هو، تنهن پڻ فارسي آميز دکني اردوءَ ۾ ديوان مرتب ڪيا. ان عهد جي شاعرن مان نصرتي ۽ هاشمي صاحب ديوان هئا. سڀ کان پهريون مرثيہ گو ملا وَجَهي آهي، جنهن جا بہ ڪتاب 'ڪتب مشتري' اڄ بہ مشهور آهن. غواصي جون مثنويون ۽ ميرزان نالي هڪ پاڪ طينت بزرگ، جو فقط مرثيا چوندو هو.

بيجاپور ۽ گولڪنڊا ۾ شاهي عاشور خانا موجود هئا. بيجاپور جي شاهي عاشور خاني جو نالو حسيني محل هو، جتي عزاداريءَ جون رسمون پابنديءَ سان ادا ٿينديون هيون ۽ انهن ۾ سلطان بہ نفس نفيس شريڪ ٿيندا هئا. دکني ادب جي مطالعي مان معلوم ٿيو آهي تہ شروع کان آخر تائين هر زماني ۾ مرثيہ گوئيءَ جو رواج رهيو آهي ۽ هر هڪ شاعر هڪ بہ مرثيا ضرور چيا آهن.

قابل ذڪر مرثيہ خوان حسب ذيل آهن، جن جا مرثيہ موجود آهن: (۱) وَجَهي، (۲) غواصي، (۳) لطيف، (۴) ڪاظم، (۵) افضل، (٦) شاهي، (۷) مرزا، (۸) نوري، (۹) هاشمي.

گولڪنڊا جو آخري تاجدار ابوالحسن تانا شاھ شعر و سخن جو فريفتہ هو ۽ ان جي مصاحبن مان شاھ قلي خان بہ هڪ مرثيہ گو شاعر هو، جنهن جا مرثيا دهلي ۽ آگره ۾ هٿو هٿ پهچائي مجلس عزا ۾ پڙهيا ويندا هئا.

گولڪنده ۾ سخن وري تي شمس الدين ’ولي‘ جي عروج ۽ اقبال جو ستارو چمڪيو، جنهن کي صاحب ”تذڪره آبِ حيات“ اردو نظم جو بابا آدم فرمايو آهي. اردو شاعري اُن جي وقت کان سؤ سال پهرين شروع ٿي چڪي هئي ۽ قريب قريب سمورا اصناف سخن ريختي ۾ اچي چڪا هئا، پر زبان صاف نه هئي. اُها ’ولي‘ جي دؤر ۾ اُن مرتبي تي پهتي، جو ڪلام به سمجهه ۾ اچي ٿو، فرمائي ٿو:

دل ولی کا لے لیا دلّی نے چھین، جا کہو کوئی محمد شاہ سے۔

ولي، شهداءِ ڪربلا جي احوال ۾ هڪ مثنوي لکي، صاف ۽ نج اردوءَ ۾، مثنويءَ جي خاتمي ۾ چوي ٿو:

ہوا ہے ختم جب یوں درد کا حال تھا،
گیارہ سو بہ اکتالیسواں سال،
کہا ہاتف نے یوں تاریخ معقول،
’ولی‘ کا ہے سخن حق پاس مقبول۔

ولي جي پيرانه سالي ۾ سودا ۽ مير جو عنوان شباب (ڀوهه جواني) هو.

تحقيقات ڪندي خبر پوي ٿي ته عالمگير جي زماني کان گهڻو پهرين جهانگير جي عهد ۾ پهرين پهرين شجاع الدين نوري مرثيه گوئيءَ ۾ نالو پيدا ڪيو، تنهن کان پوءِ هاشم علي برهانپوري مرثيا چيا ۽ انهن ٻنهي کان پوءِ راؤ سيوا ۽ ڪاظم علي انهيءَ صنف ۾ شهرت حاصل ڪئي، جن جو نمونو هي آهي:

زہر دے کر مارے حسن کون مکر سین
سبز تھا وہ چہرہ گلفام کا
کربلا میں تھا حسین ابن علی
آج لگ ہے گا انہیں ایام کا

### ٢.٣.٣ ٽي ڀائر: مسڪين، حزين، غمگين

محمد شاهه جي عهد جي مرثيا چوندڙن ۾ سوائي فضليءَ جي مسڪين، حزين ۽ غمگين جا نالا ورتا وڃن ٿا، جيڪي ٽيئي ڀائر هئا. سودا ۽ مير جي عروج کان پهرين مرثيي جو چڱو رواج ٿي چڪو هو. پنهنجي وقت جي مرثيه گو ميان مسڪين جو، سودا ’شهر آشوب‘ ۾ هيئن تذڪرو ڪيو آهي:

اسقاط حمل ہو تو کہیں مرثیہ ایسا،
پھر کوئی نہ پوچھے میاں مسکین کہاں ہے۔

مير تقي بہ مرثيا چيا، ليڪن اهي انهيءَ پايي جا نہ هئا:

دلوں پر محبون کی حالت عجب ہے،
مصیبت پے ماتم ہے، غم پے نعب ہے،
عرض کیا کہوں کس روشن کا غضب ہے،
حسین ابن علی کی شہادت کی شب ہے۔

مرزا رفيع سودا جو مشهور مرثيو:

یارو سنو تو خالق اکبر کے واسطے
انصاف سے جواب دو حیدر کے واسطے
وہ بوسہ کہ بنی تھی پیغمبر کے واسطے
یا ظالموں کی بُرُش خنجر کے واسطے

### ٢٠٣.۴ اردو زبان جو پهريون مسدس

سودا کان اڳ يا سودا جي زماني ۾ مرثيي کي چؤمصرع چئبو هو. خبر ناهي تہ اهو شرف سودا کي سمجهجي يا ميان سڪندر کي نصيب ٿيو جو پنجاب جي رهڻ وارو ۽ مرزا جو همعصر هو، جيڪو پوءِ تلاش معاش ۾ لکنؤ ۾ اچي رهيو. ان بہ هڪ نهايت دردناڪ مرثيہ مسدس جي طرز ۾ چيو آهي، جيڪو اڄ تائين هندستان جي مجلسن ۾ پڙهيو ويندو آهي ۽ اردو زبان جو پهريون مسدس آهي، جنهن کي قبول عام سَنَد ملي. سودا جو پنهنجو ديوان ۾ ۽ سڪندر جو مرثيو نواح لکنؤ ۾ ڏيڍ سؤ سالن کان پوءِ بہ پچي پچي جي زبان تي آهي. هندستان ۾ مرثيہ گوئيءَ جو پيو دؤر جنهن عاليشان عمارت جوڙي "لکنؤ تا بہ ثريا" پهچايو، تنهن جو ٻج پنجاب جي ميان سڪندر جو ئي وڌل هو. ان مقبول مرثيي جا چند بند هيٺ ڏجن ٿا.

ہے روایت شترا سوار کسی کا تھا رسول،
اک جگہ شہر مدینہ میں ہوا اس کا نزول،

جس محلے میں رہتے تھے حسن ابن بتول،
ایک لڑکی کھڑی دیوار پہ بیمار و ملول،
خط لیے کہتی تھی پردے سے لگی زار و نزار،
ادھر آ تجھ کو خدا کی قسم اے ناقہ سوار،
ناگہاں سُن شترا سوار وہ آواز حسین،
باادب ان کے کہنے لگا پردے کے قرین،
کوئی اس گھر میں دلاسے کو تیرے ہے کہ نہیں،
اتنی سی عمر میں کیا دکھ ہے کہ تو ہے غمگیں،
کون سی قوم کی لڑکی ہے تو بیمار و صغیر،
کیا تیرا نام ہے اور کس کے لیے ہے دلگیر۔

هن مرثيہ جي سال تصنيف جي پوري خبر ناهي، ليڪن سودا جو سال وفات ١١٩٥هہ آهي ۽ ميان سڪندر، مرزا رفيع جو همعصر هو، انهيءَ ڪري هيءَ جدت غالباً ١١٩٥هہ کان پهرين جي آهي. مير ضمير مرثيي ۾ جدتون جيڪي آنديون، اهي رزميہ، سراپا، گهوڙي ۽ تلوار، هٿيار اسلحو، جنگ جا اوصاف ڏيکارڻ، صفائي بندش تي توجهہ ڏيڻ ۽ غلط لفظن جي مرثين ۾ استعمال تي بندش ڪئي. تحت اللفظ پڙهڻ جو رواج ۽ منبر تي ويهي هٿن سان اشارا ڪري پڙهڻ وغيره سڀ انعقاد وڌا.

مير خليق، ميان دلگير، مرزا فصيح، مير ضمير جا هم رتبہ هئا. محاوره بنديءَ ۾ خليق جو درجو بلند هو ۽ هن طرز جديد سان سيني جي بازار سرد (ٿڌي) ڪري ڇڏي. ميان دلگير جي زبان ۾ لڪنت هئي، هو خود مرثيہ نہ پڙهندو هو، پين سوز خوانن کان پڙهائيندو هو. مير خليق جو جوهر ڪمال لطيف زبان کي خيالن ۽ درد انگيزيءَ سان گڏ ترڪيب ڏني. اهل مجلس کي روئارڻ لڳو.

فصيح 'زمانہ پاتو نہ سازد تو پا زمانہ بہ ساز' تي عمل ڪيو ۽ بيان رزم مرثين ۾ شامل ڪرڻ لڳو. ٿورن ڏينهن کان پوءِ حج ۽ زيارت لاءِ روانو ٿيو ۽ اتي رهائش اختيار ڪيائين.

مشق سخن اتي بہ جاري رهيس جو ان جو هڪ نهايت پرزور سلام مڪي مان آيو ۽ لکنؤ ۾ مقبول ٿيو، چند شعر ڏجن ٿا:

سلام کہتا ہوں میں حرم میں قلم سے زمزم ٹپ رہا ہے،
سر اپنا کعبہ کے سنگ در پر سیاہ پردہ لٹک رہا ہے،
سکینہ پیاسی تڑپ رہی ہے، پڑی ہے بیہوش بنت مسلم،
ادھر کو اصغر سسک رہا ہے، اُدہر کو باقر بلک رہا ہے،
خدا مظفر حسین خان کو بخیر و خوبی حرم میں لائے،
'فصیح' مشتاق اس قدر ہے کہ راہ دن رات تک رہا ہے۔

### ۲۰۳.۵ مير ضمير جو شاگرد ميرزا دبير

ان وقت مير ضمير جو نامور شاگرد ميرزا دبير عليہ رحمہ، عرصي کان مرثيہ گوئيءَ جي مشق ڪري رهيو هو. هن استاد جي پيرويءَ ۾ شهزادي علي اڪبر جي حال جو مرثيہ طرز جديد ۾ لکيو ۽ مطلب بہ انهيءَ شان سان چيائين: "سب محفلوں میں نور کی محفل ہے، یہ محفل" ان محفل ۾ خواجہ آتش بہ موجود هو، جنهن ڪي هي مرثيو تمام گهڻو پسند آيو. مرثيہ گوئيءَ جي آسمان تي ضمير ۽ دبير ماه مشتري وانگر چمڪڻ لڳا. عام طور خيال ٿيڻ لڳو تہ مرثيہ گوئي درجہ ڪمال تي پهتي ۽ هاڻي هن صنف سخن ۾ ترقيءَ جي گنجائش ڪا بہ ناهي، ليڪن يڪايڪ خورشيد رخ تان نقاب ڪنيو، گردون تي رنگِ چهره مهتاب فق ٿيو. مير خليق جي بلند اقبال صاحبزادي مير ببر علي انيس، فيض آباد مان اچي لکنؤ ۾ مجلس پڙهي رزم بزم جون اهڙيون تہ هلندڙ ڦرندڙ تصويرون ڏيکاريون جو "هذا اڪبر" جي صدا هر گوشي مان اچڻ لڳي. انيس، طرز مرثيہ گوئيءَ ۾ ڪا خاص جدت پيدا نہ ڪئي، بلڪ ضمير ۽ دبير جي محاسن ڪلام جو هڪ مرقع بنايو ۽ ان تي مير خليق جا محاوره بندي ۽ مير حسن جي داستان نگاريءَ جو رنگ ۽ روغن ڏيئي طلسمات جو عالم ڏيکاريو. مير انيس جو حريف مقابل هن صنف سخن ۾ جيڪڏهن ڪوئي ٿي سگهي ٿو تہ اها فقط مرزا سلامت علي دبير عليہ الرحم جي ذات بابرڪت آهي. هندستان ۾ هنن ٻنهي باڪمال شاعرن جي نقش قدم تي هلڻ وارا سوين پيدا ٿيا.

### ۲۰۳.٦ مير انيس جي معرڪة اعليٰ (نظم) دعا

انيس جو انداز بيان نهايت سلجهيل، تعقيد ڪا پري، سلاست ۽ فصاحت، حسن محاورات سان لبريز آهي. مير انيس جي شاعريءَ اها ناموري ۽ عظمت حاصل ڪئي آهي، جنهن جو نظير نٿو ملي سگهي. گويا قدرت اُردو مرثيہ جو متس ئي خاتمو ڪري خاتم الڪلام جو لقب عطا ڪيو هجيس.

مير ببر علي انيس ۽ مرزا سلامت علي دبير جي دؤر اردو مرثيي کي اؤج تي رسايو. اردو مرثيو نہ صرف شيعہ شاعرن لکيو آهي، پر اهل سنت مسلڪ سان تعلق رکندڙ شاعرن بہ شاعريءَ جي ان صنف ۾ ڀرپور نموني پاڻ ملهايو آهي ۽ هندستان جي حيدرآباد دکن ۾ تہ مرثيي کي عروج تي پهچائڻ وارا سني شاعر هئا.

پاڪستان ۾ بہ اردو مرثيہ لکندڙ شاعرن وڏو نالو ڪمايو آهي، جن ۾ سيد آل رضا، جوش مليح آبادي، نسيم امروهي، حيا اڪبر آبادي، محسن نقوي شهيد، سبط جعفر شهيد، مرحوم ريحان اعظمي، گوهر جارچوي، تڪلم ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن.

## ٢.۴ سنڌي ٻوليءَ ۾ مرثيي نگاريءَ جي روايت

ڊاڪٽر غلام علي الانا ”رڻ گجيو راڙو ٿيو“ جي مهاڳ ۾ لکي ٿو تہ، ”هونئن تہ سنڌ ۾ مرثيہ گوئيءَ جي تاريخ آڳاٽي آهي، پر سيد ثابت علي شاهہ ڪربلائيءَ جي مرثيہ نويسيءَ کان پوءِ سنڌ ۾ ڪو بہ اهڙو مرثيہ نويس شاعر ٿي نہ ٿي سگهيو آهي.“

مشرق توڙي مغرب جي سڀني زبانن جي شاعريءَ ۾ مرثيي جي صنف موجود آهي.

دنيا جي مختلف زبانن ۾ شاعرن پنهنجي انفرادي لاڳاپي وارن شخصن ۽ واقعن تي مرثيا چيا آهن. جوش ۽ جذبي جي شدت سبب مرثيو داخلي شاعريءَ جو عمدو نمونو آهي. منظر نگاري، سيرت نگاري ۽ ڪردار نگاري مرثيي جا اهم جُزا آهن، ۽ انهيءَ ڪري مرثيي ۾ جيڪا تصور جي زبردست قوت استعمال ٿئي ٿي، تنهن هن صنف کي وڏي ادبي اهميت ڏيئي ڇڏي آهي. هيءَ هڪ تحقيق شده حقيقت آهي تہ سنڌي مرثيي جي ابتدا تڏهن ٿي جڏهن سنڌي شاعري وجود ۾ آئي ۽ ”سنڌي مرثيي جي ابتدا بہ بيتن ۽ ڏوهيڙن سان ٿي، جنهن جو مثال خدائي سخن حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيرح جي رسالي ۾ سُر ڪيڏارو آهي، جنهن جي پڙهڻ سان درد ۽ غم جي ڪيفيت طاري ٿئي ٿي. نہ رڳو ايترو، بلڪ جوش ۽ جذبي جي شدت سببان وار وار ڪاندارجو وجي.“ (بيگ: ١٩٨۴: ١٢-١٣)

اها هڪ ناقابل انڪار حقيقت آهي تہ هر قوم جي سڃاڻپ جو مدار ان قوم جي ٻولي، تهذيب ۽ ثقافت تي مبني هوندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن قوم جي ٻولي، تهذيب ۽ ثقافت برقرار آهي تہ اها قوم زندهہ ليکي ويندي آهي، ٻي صورت ۾ سندس نالو نشان ميٽجي ناپيد ٿي ويندو آهي. اسين سنڌي دنيا ۾ هڪ قوم جي حيثيت سان سڃاتا وڃون ٿا، ڇاڪاڻ تہ اسان جي پنهنجي ٻولي، تهذيب ۽ تمدن آهي، جيڪا ڄمار ۽ سرمائي جي لحاظ کان دنيا جي ڪنهن بہ قوم جي ٻولي ۽ ثقافت کان ڪنهن بہ صورت ۾

گهٽ نہ آهي. ”شاهہ عبداللطيف ڀٽائيؒ بہ پنهنجي ڪلام ۾ سُر ڪيڏارو جي نالي مرثيو چيو آهي، جنهن جو تذڪرو علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي ’ڪليات سيد ثابت علي شاهہ ڪربلائي‘ ۾ لکيل پنهنجي راءِ ۾ بہ ڪيو آهي، پر اڪثر محققين شاهہ سائينءَ جي سُر ڪيڏارو کي مرثيو مڃڻ کان شايد انڪري انڪاري آهن جو شاهہ جو سُر ڪيڏارو مسدس ۾ نہ آهي. ان دؤر ۾ مرثيہ چؤمصرع (چئن سٽن) ۾ لکجڻ جو رواج عام هو.“ (درس، ۲۰۱۵: ۴۵-۴۶)

ڪلهوڙا ۽ ٽالپر حاڪم اثنا عشري مذهب جا هئا. جهڙي ريت ايران ۾ صفوي خاندان جي دؤر ۾ اوڌ جي والين جي دؤر ۾ مرثيي کي عروج حاصل ٿيو، تهڙي طرح سنڌ ۾ وري ڪلهوڙا ۽ ٽالپر خاندان جي دؤر ۾ سنڌي مرثيي جو زور ٿيو.

### ۲.۴.۱ مرثيو سنڌي ادب جو جز

”سچ تہ ائين آهي تہ جيڪڏهن مرثيي جي صنف کي سنڌي علم و ادب مان ڪڍيو ويندو تہ پوءِ ان ۾ سواءِ خد و خال ۽ گل و بلبل جي ٻيو ڪجهہ بہ نہ رهندو ۽ سنڌي شاعريءَ جي تاريخ نامڪمل ٿيندي. هاڻي انهن سنڌي شاعرن جو مختصر احوال ڪجي، جن مرثيہ گوئيءَ تي طبع آزمائي هئي آهي ۽ هن صنف کي گهڻي تقويت ڏياري آهي.

مخدوم عبدالله نري وارو ناڙي جي ڳوٺ ۾ تولد ٿيو. ذات جو منڌرو هو. ۱۱۴۹هہ-۱۷۳۶ع ۾ وفات ڪيائين. سندس تصنيفات مان هيٺيان ڪتاب مشهور آهن: ڪنزالعبرت، قصص الانبياء، خزانة الابرار، خزانة الاعظام، خزانة الروايات، قمر المنير، ازان سواءِ ٽيهہ اڪري لکيائين. ڪنزالعبرت ۾ مخدوم عبدالله قصہ شهادت حضرت امام حسين عليہ السلام لکيو آهي، جنهن ۾ ڪربلا جو واقعو الف اشباع جي نظم ۾ بيان ڪيل آهي.

سندس انتخاب مان:

جيئن جڏهن يزيد بن معاويہ کي آئي خلافتا،
تڏهن امام حسين تنهن جي نہ ڪئي بيعت قبول،
جي حڪم جو خلافت جو سو امر عظيم آ،
تيلانهن سا فاسق کي اصلئون ڪين رها.
(بيگ، ۱۹۸۴: ۱۳-۱۴)

### ٢.۴.٢ شاهہ عبداللطيف جي شاعريءَ ۾ مرثيو

شاهہ عبداللطيف ابن سيد حبيب شاهہ ١١٠٦هہ-١٦٨٩ع ۾ تعلقي هالا ڪتياڻن جي ويجهو وستي ڀٽائي پور ۾ تولد ٿيو. شاهہ صاحب شاعر نہ هو، بلڪ شاعر گو هو ۽ سمورين شاعرانہ خوبين جو مالڪ هو.

تون حبيب تون طبيب تون درد جي دوا

شاهہ جا بيت، بيت نہ آهن، پر جيئن پاڻ فرمائي ٿو تہ آيتون آهن:

ڏنو محرم ماه سنڪو شهزادن ٿئو،
ڇاڙي هيڪ الله، پاڻ وڻنديون جو ڪري.

محرم موٽي آئيو، آيا تان نہ امام،
مديني جا مير، ڏاتر مون ڏيکاريين.

حسن مير حسين جو جن نہ هيئڙي ڇار،
خالق رب جيار، ڪين مرهيندو تن ڪي.

چار تراريون چيلهہ سين، ٻڌي ٻہ ٻاڳون،
اڳين جون آڳون، ڪونر ڪلي ۾ موڪيو.

### ٢.۴.٣ مخدوم عبدالرؤف ڀٽيءَ جو مرثيو

مخدوم عبدالرؤف ڀٽي هالا تخلص 'عاصي' هي بزرگ سنڌي شاعريءَ ۾ مولود النبي جو مؤجد هو.

من اندر ماتام يارو تن يتيم جو،
ڪربلا جي پڙ ۾ ميان الا اصل هو انجام،
ڪسڻ قريبن جو.
شهزادن شهادت جو الا جال پيتو جام،
مرڻ معصوم جو.

### ٢.۴.۴ مولوي احمد

روضة الشهداء جو سنڌيءَ ۾ منظوم ترجمو ڪيو آهي، جو الف اشباع واري قافيي ۾ نظم ڪيل آهي، جنهن ۾ حضرت امام حسينؑ جي پوري شهادت جو واقعو بيان ٿيل آهي.

سندس مرثين مان انتخاب:

”تان جڏهن ٿيو واقعو هي دار ۾ دنيا،
رت هارئو زمين تي سندو سپريا،
عرش ڪرسي اُپ مٽيوئي لرزي ۾ آيا.“

### ٢.۴.۵ سچل جي فڪر ۾ مرثيو

سچل سرمست: حافظ عبدالوهاب عرف سچيڏنو ابن صلاح الدين فاروقي ١١۵٣هه-١٧٣٩ع ۾ درازن جي ڳوٺ ضلعي خيرپور ۾ تولد ٿيو. هن سنڌي مرثيہ گوئيءَ تي بہ طبع آزمائي ڪئي آهي:

يا امام المسلمين ڪر يار ياري يا حسين،
ملڪ ۾ ماتم پيو هئي بيقراري يا حسين،
بلبلن چوڙي چڏيا باغ و بهاري يا حسين،
هاءِ حورن ڪي ڏسڻ جي انتظاري يا حسين.

### ٢.۴.٦ مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ جي ڪتاب ’شانِ حسين‘ مان مرثيي جي ڪلام جو مجموعو آهي، جيڪو پاڻ اهلبيت سان محبت ۽ عقيدت جي اظهار طور چيو اٿن:

نمبر ١:

”ڇا خاطر شبيرؑ آ درگاهہ خدا ۾،
هرگز نہ ڪڏهن فرق پيو جنهن جي دعا ۾،
يڪتا آ عبادت ۾ شجاعت ۾ سخاوت ۾،
بيڪس بہ پيو اهڙو نہ آهي دوسرا ۾.“

نمبر ٢:

”ڇا مرتبو آهي ڇا وري ظلم سهيو،
لاشو بہ تہ بي ڪفن ۽ بي دفن رهيو.“

ان ڪان علاوه مرثيي تي طبع آزمائي ڪندڙن مان سيد عظيم الدين ٺٽوي، ميرزا مراد علي بيگ ’سائل‘، مير نصير خان، آخوند محمد بچل، مرزا بنده علي بيگ، آخوند محمد عالم، مسڪين ماڇي، بيدل فقير، فقير غلام حيدر شر، مرزا فتح علي بيگ، مخدوم امين محمد سائين، سيد علام مرتضيٰ شاهہ، هزهائينس مير حسن لي خان، رازق ڏنو ونڊير، آغا نور محمد شاهہ، حاجي محمد حداد، ميرزا عباس علي بيگ، حاجي پريل خان، ميرزا پڊل بيگ، ميان محمد حسين خان، ميان محمد يوسف عرف ميو وڏل علوي، ميان غلام محمد ڪمانگر، ميرزا دوست محمد بيگ، سيد محمد علي شاهہ، آخوند محمد عالم ثاني، مير عبدالحسين سانگي، سيد زمان شاهہ، مير مهر نجف، ميرزا قليچ بيگ، ميان غلام محمد يوسفاڻي، ميرزا قربان جي بيگ.“ (بيگ، ١٩٨٤: ١٣-٣٩)

## ٢.۴.٧ ميرزا قليچ بيگ جي مضمون مان ورتل

سيد ثابت علي شاهہ ڪربلائي ١١٥٣هہ – ١٧۴٠ع ۾ ڄائو ۽ وفات جي تاريخ ٢٧ جمادي الثاني سنہ ١٢٢٥هہ.

اگرچ ثابت علي شاهہ گهڻن قسمن جو شعر چيو آهي، مگر مشهور مرثين جي ڪري آهي. پهرين تہ ڄڻ مرثين جو سنڌ ۾ بنياد بہ هن وڌو، ٻيو وري هن ڪي اندر جو درد سچو پچو هو، تنهنڪري بہ سندس ڪلام دردناڪ ۽ سوز وارو آهي. پير اسدالله شاهہ گهڻو همٿايس. (درس، ٢٠١٧: ٢٠)

سيد ثابت علي شاهہ اهڙيءَ طرح سنڌي مرثيي جي طرف آيو ۽ ان کي جدت ۽ نواڻ ڏني.

### <u>سنڌي مرثيي کي نواڻ</u>

”مرثيو سنڌي اڳهين هو ڪونہ اصلي سنڌ ۾،
جي ڪو هو تا پڻ نہ هو مشهور هن پر هر ڪجا،
مون کي چئين ثابت علي شاهہ هي شعر سنڌي دردناڪ،
تون سنڌي شعر ۾ کي چئج ماتم مرثيا.“

پهرين مرثيو اهو چيائين، جنهن جي پهرين مصرع آهي، ”اي خدا جا لاڏلا سردار سرور يا حسين“. ان مرثيي جي آفرين تي پوءِ گهڻائي مرثيا چيائين، چوي ٿو تہ:

اي خدا جا لاڏلا سردار سرور يا حسين،
چيوم پهريون مرثيو سو ٿيو قبول ڪبريا،
تنهن تي بيحد مرثيا مڪسين و مقتل ترجمان،
ٿي چيم جيئن مومنن سڀ ڪنهن لکي دفتر ڪيا.“

(درس، ٢٠١٧: ٢٠ ۽ ٢٣)

### ٢.٤.٨ مرثيو ۽ فن جي پختگي

سنڌي ٻوليءَ ۾ مرثيہ نگاريءَ جي روايت ڪي پنهنجي پنهنجي وقت ۽ دؤر جي حساب سان چاٽايل نالي وارن شخصن خوب نڀايو، پر بقول مولانا غلام محمد گرامي تہ، ”سائين ثابت علي شاهہ جي فن متعلق ايترو چوڻو آهي تہ پاڻ جنهن فني پختگيءَ سان مرثيا لکيائون، ان کان ٿورو اڳ اردو زبان ۾ مرثيہ گوئيءَ جو مَس بنياد پيو هو. ان دؤر ۾ جڏهن تہ اردو شاعري بہ اوائلي دؤر ۾ هئي، لهاذا زبان ۽ بيان جي صحت جو ايترو خيال نہ ڪيو ويندو هو. تاريخي طور برصغير هند و پاڪ ۾ پهريون مرثيہ نگار غالباً محمد قلي قطب شاهہ آهي، ان جي تقليد ۾ بيجاپور جي بادشاهن اوائلي ۽ سادي انداز ۾ مرثيا لکيا. اهي تاريخي لحاظ کان ثابت علي شاهہ کان اڳ جا آهن ۽ انهن جو لهجو دکني اردوءَ ۾ هو. سائين ثابت علي شاهہ جو دؤر سنہ ١٧٤٠ع کان ١٨١٠ع تائين آهي، پر انهن ۾ بہ خاص مرثيہ گو شاعر ’سودا‘ آهي، جنهن جو زمانو سنہ ١٧١٣ع – ١٧٨٠ھ تائين آهي. اهو ثابت علي شاهہ کان ٢٧ سال اڳ جو آهي. مختصر تاريخي پس منظر کان پوءِ سنڌي شاعريءَ تي ٿا اچون تہ سيد ثابت علي شاهہ هن فن جو بادشاهہ آهي.“ (درس، ٢٠١٧: ١۴-۵۴)

سنڌي ٻوليءَ ۾ مرثيي جي روايت کي ١٩٨۴ع جي ڇاپي مطابق ڪليات سيد ثابت علي شاهہ ڪربلائي ۾ چاٽايل حال حيات مرثيہ گو شاعر جن مان ڪجهہ هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري چڪا آهن.

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، سيد احسن الهاشمي، سيد لطف علي شاهہ نقوي (تخلص منظور نقوي)، ميرزا عباس علي بيگ، ميرزا سلطان حيدر بيگ، ميرزا فتح علي بيگ، ميرزا ڪاظم رضا بيگ.

## ٢.٥ مرثيي جا ترڪيبي جُزا

جهڙيءَ طرح ادب ارتقا ۽ ترقيءَ جون منزلون طئہ ڪري اُسرندو رهيو آهي، تهڙيءَ طرح ان جي هڪ اهم جزي مرثيي ۾ بہ اوسر ايندي ويئي آهي ۽ انهيءَ اوسر جي نتيجي ۾ هاڻي مرثيي جي ترڪيب ۾ هيٺ ڄاڻايل جزا شامل ٿي ويا آهن، حالانڪ هر هڪ مرثيي ۾ انهن سڀني جزن جو اچڻ لازمي ڪونهي، تنهن هوندي بہ انهن مان اڪثر جزا هر هڪ مرثيي ۾ نظر اچن ٿا.

٠١ ”**چهرو يا مکڙو:** مرثيي جي تمهيد آهي، جنهن ۾ گهڻو ڪري قدرت جو نظارو، حمد ۽ نعت، منقبت ۽ مناجات يا پنهنجي شاعريءَ جي ساراهہ بيان ڪئي وڃي ٿي، ڪن تہ ان ۾ سفر جون صعوبتون، دنيا جي بي ثباتي يا ٻيون اهڙن ڳالهين کي تمهيد طور آندو آهي، جنهن جو مضمون جي مطلب سان لاڳاپو هوندو آهي.

٠٢ **ماجرا:** مکڙي کان پوءِ ڪجهہ شعر آندا ويندا آهن، جيڪي ٻڌندڙ توڙي پڙهندڙ جي ذهن کي مرثيي جي موضوع ۽ مطلب ڏانهن ڌيان ڇڪائيندا آهن. جيئن قصيدي ۾ گريز جي صورت ٿيندي آهي، ائين ڪٿي چئجي تہ ماجرا، مرثيي جو گريز آهي. اهو حقيقت ۾ مرثيي تي قصيدي جي اثر جو نتيجو آهي.

٠٣ **سراپا:** هن ۾ مرثيي جي مکيہ شخصيت جي ڏنل قد ۽ ڪاٺ توڙي ٻين خوبين جو ذڪر اچي وڃي ٿو.

٠٤ **رخصت يا موڪلاڻي:** هن ۾ مرثيي جي مکيہ شخصيت جنگ جي ميدان ۾ لهڻ لاءِ، پنهنجن بزرگن يا عزيزن کان وداع گهرندي آهي.

٠٥ **آمد:** هن ۾ مرثيي جي مکيہ شخصيت، جڏهن سهي سنبري جنگ جي ميدان ۾ لهندي آهي، ان وقت ان جي شآن و شوڪت، ڏيک ويک ۽ هن جي بي نيازي ۽ بهادريءَ جو بيان اچي وڃي ٿو.

٠٦ **رجز:** هن ۾ جنگ جي ميدان ۾ لهڻ واري شخصيت، پنهنجو حسب نسب بيان ڪري، پوءِ پنهنجي بزرگن جي جنگي ڪارنامن ۽ جنگ جي فن ۾ پنهنجي وڏن توڙي پنهنجي جنگي مهارت جو بيان ڪندي آهي.

٠٧ **جنگ يا ويڙهہ:** هن ۾ مرثيي جي مکيہ شخصيت يا جنگي جوڌي جي بهادري، همت، جنگي ڪرتب، هٿيارن يا سواري وغيره جو بيان اچي وڃي ٿو.

٠٨ **شهادت:** هن ۾ مرثيي جي جنگي جوڌي جي شهيد ٿيڻ جو بيان اچي وڃي ٿو.

٠٩.  بين ڪرڻ يا پار ڪيڻ: هن ۾ جنگي جوڌي جي شهادت تي هن جا مٽ مائٽ ۽ پيا لاڳاپي وارا جيڪو ماتم يا پار ڪيي ڏک جو اظهار ڪندا آهن، تنهن جو منظر چٽيو آهي." (صائب، ٢٠٠٣: ٤١، ٤٢)

سنڌي مرثيي ۾ اڪثر ڏنو ويو آهي تہ مرثيہ نگار پڇاڙيءَ جو پنهنجي مغفرت لاءِ دعا گهرندو آهي، اهو بہ جڻڪ مرثيي جو آخري جزو بڻجي ويو آهي.

هيءَ ڳالھ بہ ياد رکڻ گهرجي تہ هرهڪ مرثيي ۾ اهي سڀئي جزا سمايل ڪين هوندا آهن، البت انهن مان گهڻا جزا يا ڪڏهن ڪڏهن مڙئي جُزا ڏسڻ ۾ ايندا آهن.

## حوالا


٠١.  بلوچ، غلام رسول (١٩٧٠ ع): "سنڌي مرثيہ نويسي، ص ١، (مونوگراف)، ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي.

٠٢.  ميمڻ، محمد صديق (؟): "سنڌي ادب جي تاريخ"، ص ٣٠٣، (ڇاپو ٻيون)، حيدرآباد: آر. ايڇ احمد ائنڊ برادرس.

٠٣.  زوار عبدالستار درس، (٢٠١٥): "مرثيو تاريخ جي آئيني ۾، ص ١١

٠٤.  زوار عبدالستار درس، (٢٠١٥): "مرثيو تاريخ جي آئيني ۾، ص ١٣

٠٥.  زوار عبدالستار درس، (٢٠١٥): "مرثيو تاريخ جي آئيني ۾، ص ١٦-١٨

٠٦.  رشيد احمد ارشد (١٩٨٢ ع): ماهوار سيپ ڪراچي، فيبروري-مارچ.

٠٧.  بلوچ، غلام رسول (١٩٧٠ ع): "سنڌي مرثيہ نويسي، ص ٧، (مونوگراف)، ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي.

٠٨.  بيگ، عباس علي مرزا (١٩٨٤ ع): "ڪليات ثابت علي شاھ"، ص ٣

٠٩.  بيگ، عباس علي مرزا (١٩٨٤ ع): "ڪليات ثابت علي شاھ"، ص ٢

١٠.  بيگ، عباس علي مرزا (١٩٨٤ ع): "ڪليات ثابت علي شاھ"، ص ٣

١١.  صائب، عبدالقيوم (٢٠٠٣): "سيد ثابت علي شاھ شخصيت ۽ شاعري"، ص ؟، حيدرآباد: ڪي پرنٽنگ پريس، محمدي پلازه، ويسٽ ڪڇا.

١٢.  قاسماڻي (٢٠٢٠ ع): ص ٢٤، نيت تان ورتل

١٣.  گرامي، غلام محمد، مولانا، (١٩٧٦ ع): ٽماهي مهراڻ، مضمون، ص ٣٠-٢٠

١٤.  صائب، عبدالقيوم (٢٠٠٣): "سيد ثابت علي شاھ شخصيت ۽ شاعري"، ص ٥١، حيدرآباد: ڪي پرنٽنگ پريس، محمدي پلازه، ويسٽ ڪڇا.

١٥. مقالہ بیان تحریری، سید سجاد حسین شدید لکھنوی مشمولہ ''میر عشق اوران کے خاندان کی مرثیہ گوئی''، (قلمی نقل، کتاب خانہ، ادیب، لکھنو)

١٦. نقوی، نائب حسین (١٩٥٩ء): ''مراثی انیس''، (جلد اول)، ص٩

١٧. گرامي، غلام محمد، مولانا، (١٩٧٦ع): تماهي مهراڻ، مضمون، ص ٦٥

١٨. گرامي، غلام محمد، مولانا، (١٩٧٦ع): تماهي مهراڻ، مضمون، ص ٦٥

١٩. قریشی، محمد اسلم، ڈاکٹر (١٩٧١ء): ''ڈرامے کا تاریخی وتنقیدی پس منظر''، ص٣٥٥

٢٠. فاروقی، احسن، ڈاکٹر (١٩٥١ء): ''مرثیہ نگاری اور میر انیس''، ص١٣، لاہور: اردو اکیڈمی۔

٢١. وقار عظیم (١٩٦٧ء): ''اردو میں مرثیے کی ارتقا''، مضمون، ص٣٦، رسالہ نگار، پاکستان۔

٢٢. سکسینہ، رام بابو (؟): ''تاریخ ادب اردو''، (مرتب تبسم کاشمیری)، ص١٩٩- ٢٠٧، لاہور: علمی کتب خانہ (س-ن)

٢٣. سید، شبیہ الحسن، ڈاکٹر (٢٠٠٤ء): ''اردو مرثیہ اور مرثیہ نگار''، ص١٤-١٥، لاہور: اظہار سنز پرنٹرز، ١٩اردو بازار۔

٢٤. نقوی، نائب حسین (١٩٥٩ء): ''مراثی انیس''، (جلد اول)، ص٩

٢٥. نیر مسعود (٢٠٠٥ء): ''مرثیہ خوانی کا فن''، ص١٧-١٩، کراچی: ذکی سنز پرنٹرز۔

٢٦. بيگ، عباس علي مرزا (١٩٨٤ع): "ڪليات ثابت علي شاهه"، ص ٤-١١

٢٧. بيگ، عباس علي مرزا (١٩٨٤ع): "ڪليات ثابت علي شاهه"، ص ١٢-١٣

٢٨. زوار عبدالستار درس، (٢٠١٥): "مرثيو تاريخ جي آئيني ۾، ص ٢٥-٤٦

٢٩. بيگ، عباس علي مرزا (١٩٨٤ع): "ڪليات ثابت علي شاهه"، ص ١٣-١٤

٣٠. بيگ، عباس علي مرزا (١٩٨٤ع): "ڪليات ثابت علي شاهه"، ص ١٣-٣٩

٣١. زوار عبدالستار درس، (٢٠١٥): "مرثيو تاريخ جي آئيني ۾، ص ٢٠ ۽ ٢٣

٣٢. زوار عبدالستار درس، (٢٠١٥): "مرثيو تاريخ جي آئيني ۾، ص ٤٩ ۽ ٥٤

٣٣. صائب، عبدالقيوم (٢٠٠٣): "سيد ثابت علي شاهه شخصيت ۽ شاعري"، ص ٤١-٤٢، حيدرآباد: ڪي پرنٽنگ پريس، محمدي پلازه ويسٽ ڪچا.

٣٤. شان حسين (٢٠٠٥ع): "مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ"، مرتب: جليس جعفري، حيدرآباد: بتول پرنٽنگ پريس.

باب ٽيون

# سيد ثابت علي شاھ ’ڪربلائي‘ ۽ ’مير انيس‘ سيد ببر علي جي شخصيت


٣.١ سيد ثابت علي شاھ: ھڪ تعارف

٣.٢ سيد ثابت علي شاھ جي مرثيہ نگاريءَ جون فني ۽ فڪري خوبيون

٣.٣ مير انيس سيد ببر علي: ھڪ تعارف

٣.٤ مير انيس سيد ببر علي جي مرثيہ نگاريءَ جون فني ۽ فڪري خوبيون

## باب ٽيون

# سيد ثابت علي شاهہ ’ڪربلائي‘ ۽ ’مير انيس‘ سيد ببر علي جي شخصيت

سيد ثابت علي شاهہ ڪربلائيءَ جو جڳ مشهور مرثيو، جيڪو نائين درجي جي سنڌي نصاب ۾ شامل آهي:

### ڪربلا جي قتل جي ڪر ڪا خبر اي آسمان

ڪربلا جي قتل جي ڪر ڪا خبر اي آسمان،
ڪيئن ڏنئي نيزن چڙهيا شاهن جا سر اي آسمان.
هي خدا جا قطب تارا، عرش ڪرسي جا جڙاءَ،
هي رسول الله جا شمس و قمر آسمان.
مرتضا موليٰ جا هي سر ساهہ هي منهن نور عين،
فاطمہ زهرا جا هي جاني جگر اي آسمان.
هن سرن کي نت نبي صلوات جا بخشيا ثواب،
هين جي پارت ڪيائين با جن و بشر اي آسمان.
هن منهن تي مرتضيٰ مصحف پڙهي دم ڪيو مدام،
هي علي شيرِ خدا جا شير نر اي آسمان.
فاطمہ فردوس ۾ اَڄ تني جي ماتم ماتمي،
منهن پِٽيا ملڪن ۽ حورن ڪيا حشر اي آسمان.
فاطمہ فردوس مئون هن ڪاڻ ڪاهيو ڪربلا،
پائي ڳل ڪفني پٽي با چشم تر اي آسمان.
فاطمہ فرزند ماريا اَڄ يزيدن قهر ڪيا،
فاطمہ فريادي اڄ داوَر جي دَر اي آسمان.
فاطمہ فرياد ڪئي اڄ عرش ڪرسي ٿا ڪنبن،
تو نہ ڪنبڻي پئي ڪرئين، هئين بي اثر آسمان.

جڏ علي اصغر ڏنئي ٿي تير سين تڙلين تڇو،
ڇو نہ ان جي تير جي تون ٿين سپر اي آسمان.
منهن ڏنئي اڪبر جو ساڳيو مصطفيٰ جيئن بيمثال،
ڪيئن ڏنئي نيزي تي پنهنجي رت ۾ تَر اي آسمان.
جڏ ڏنئي عباس پياسن ڪاڻ پاڻيءَ تي ڪُنو،
توکي رُوئڻو هو جي ها تو ۾ ڪَڪَرُ اي آسمان.
سر حسين ابن عليءَ جو سڀ جي اڳ ۾ نيزي سر،
پُٽ ۾ پائر پائتيا پاڻج سڀ جگر اي آسمان.
هاءِ هن سر آمِر حق لولاڪ نت ناني جوارث،
هِن تئون ناني ڪيو فدا پنهنجو پسر اي آسمان.
عابدين واڳون ورائي هي وطن هُو رڻ دفن،
’ثابت‘ انجي در گدا شام و سحر اي آسمان.
(ڪليات سيد ثابت علي شاهه ڪربلائي، ترتيب: مرزا عباس علي)

### ٣.١ سيد ثابت علي شاهه ڪربلائي: هڪ تعارف

سنڌي، اردو، فارسي ۽ عربي ٻولين تي دسترس رکندڙ عالم، اديب ۽ باقاعده سنڌي مرثيي جي باني شاعر سيد ثابت علي شاهه ڪربلائيءَ جي ولادت سيوهڻ شريف ۾ ١٣ رجب المرجب ١١٥٣هه بمطابق ١٧٤٠ع تي سيد مدار علي شاهه جي گهر ۾ ٿي.

”اهو ميان نور محمد ڪلهوڙي جي حڪمرانيءَ وارو دؤر هو. ميان نور محمد ڪلهوڙو ٩ ڊسمبر ١٧٥٣ع بمطابق ١١٦٧هه ۾ وفات ڪئي، جنهن کان پوءِ سندس وصيت تي عمل ڪندي سندس وڏي فرزند ميان مرادياب ڪلهوڙي کي تخت تي ويهاريو ويو. ميان محمد مرادياب جي دؤر حڪومت ۾ ملڪ ۾ تمام گهڻي بدامني پکڙيل رهي، جنهن سبب ١١٧٠هه بمطابق ١٧٥٦-٥٧ع ۾ کي معزول ڪري سندس جاءِ تي غلام شاهه ڪلهوڙي کي تخت نشين ڪيو ويو. ميان غلام شاهه ڪلهوڙي ئي ١١٨٢هه بمطابق ١٧٦٨-٦٩ع ۾ سنڌ جي اُجڙي ويل قديمي شهر ’نيرون ڪوٽ‘ کي پيهر ’حيدرآباد‘ جي نالي سان آباد ڪيو. ان هنڌ نيرون ڪوٽ وارو قلعو زبون حالت ۾ اڳيئي موجود هو، جنهن کي ميان غلام شاهه ڪلهوڙو پيهر تعمير ڪرايو.“ (درس، ٢٠١٥: ١١)

### ۴.۱.۱ ابتدائي تعليم

”سيد ثابت علي شاهہ ڪربلائي ابتدائي تعليم پنهنجي گهر ۾ ئي پنهنجي والد سيد مدار علي شاهہ کان حاصل ڪئي. جڏهن سيد ثابت علي ڪجهہ وڏو ٿيو تہ کيس آخوند عبدالرحمان جي مدرسي ۾ داخل ڪرايو ويو. ڪجهہ عرصي کان پوءِ، آخوند عبدالرحمان حرمين شريفين روانو ٿي ويو، تہ ملان ماڪو، سيد ثابت علي شاهہ کي تعليم ڏيڻ شروع ڪئي ۽ قرآن حڪيم جا ۴ سيپارا پڙهايائينس. ان بعد سيد ثابت علي شاهہ کي فارسي تعليم جي حاصلات لاءِ آخوند الياس محمد صوفي جي مدرسي ۾ ويهاريو ويو، جتي هن فارسيءَ جو ابتدائي ڪتاب ’ڪريما‘ پڙهيو. ان ئي دؤران هندستان مان آيل عالم سيد شاهہ چراغ وٽ عربي علم جا قاعدا پڙهيائين ۽ تفسير، حديث، فقہ، توڙي طب کان بہ واقفيت حاصل ڪيائين، جنهن جو مفصل ذڪر پاڻ پنهنجي ’زيارت نامو‘ ڪتاب ۾ ڪيو اٿس. ’زيارت نامو‘ جي مطالعي مان اها ڄاڻ بہ حاصل ٿئي ٿي تہ سيد ثابت علي شاهہ ڪربلائيءَ جا ابا ڏاڏا ملتان شهر جي ويجهو ڳوٺ ’ڪڙيو ڪهاول‘ جا رهاڪو هئا. اُچ شريف سان تعلق رکندڙ بزرگ، عالم دين حافظ سيد مبارڪ علي شاهہ جو چوڻ آهي تہ ’ڪڙيو ڪهاول‘ کي هاڻي ’خانيوال‘ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي.

سيد ثابت علي شاهہ ڪربلائيءَ جي بزرگن ۾ علم ۽ هدايت جو سلسلو ابتدا کان ئي جاري رهيو، جنهن سبب هندستان جي مغل سلطنت نہ رڳو کين سندن مان ۽ مرتبي جي لحاظ سان جاگيرون عطا ڪيون هيون، پر سندن لاءِ خصوصي وظيفا بہ مقرر ڪيا هئائون. اهو ئي سبب هو جو سيد ثابت علي شاهہ جا ابا ڏاڏا معاش جي فڪر کان آزاد هئا. مسجدون ۽ مدرسا آباد ڪري علم و هدايت جي روشنيءَ کي پکيڙڻ ۾ مصروف رهندا هئا. ملتان ۾ انهن ساداتن مان پڻ پيائرن سيد عبدالشڪور شاهہ جي مسجد ۽ سيد عيسيٰ شاهہ جو مدرسو تمام گهڻو مشهور هئا.“ (درس، ۲۰۱۵: ۳۲)

هڪ پيرو انهن ساداتن جي ڳوٺ ۾ کوهہ سُڪي ويو، جنهنڪري پيئڻ جي پاڻيءَ جي سخت اڻاٺ پيدا ٿي پيئي. پاڻي حاصل ڪرڻ لاءِ سيد نور محمد عرف ثابوت شاهہ هڪ نئون کوهہ بہ کوٽارايو، پر ان کوهہ مان بہ معقول پاڻي حاصل نہ ٿي سگهيو، جنهنڪري سمورا ڳوٺاڻا سخت پريشانيءَ ۾ مبتلا هئا. انهن ئي ڏينهن ۾ سندن ڳوٺ ۾ هڪ درويش اچي مهمان ٿيو ۽ ڳوٺ وارن کان سندن پريشانيءَ جو سبب معلوم ڪيائين. ڳوٺاڻن درويش کي پنهنجي پريشانيءَ کان آگاهي ڏني تہ درويش هنن کي هڪ تعويذ لکي ڏنو ۽ چيائين تہ هيءُ تعويذ کوهہ ۾ وجهو. رب پاڪ جي حڪم سان کوهہ پاڻيءَ سان پرجي ويندو. ڳوٺاڻن اهو تعويذ کوهہ ۾ وڌو تہ کوهہ پاڻيءَ سان پرجي ويو. اها ڪرامت ڏسي سيد نور محمد عرف ثابوت شاهہ ان درويش جي مريدي اختيار ڪري ورتي. درويش ڪجهہ ڏينهن انهن ساداتن وٽ مهمان ٿي ترسڻ کان پوءِ ڪانئن موڪلائي سيوهڻ شريف ڏانهن روانو ٿي ويو. سيد نور

محمد شاهہ عرف ثابوت شاهہ ان درويش جي سيوهڻ شريف طرف روانو ٿي وڃڻ کان پوءِ تمام گھڻو بيچين رهڻ لڳو. ڪانئس پنهنجي مرشد جي جدائي برداشت نہ پئي ٿي ۽ چاهيائين پئي تہ هو پاڻ بہ سيوهڻ شريف پهچي پنهنجي مرشد جي حاضريءَ ۾ وڃي رهي، پر سندس سيوهڻ روانگيءَ لاءِ ڪنهن بہ طرح راهہ هموار نہ پئي ٿي. هو سخت بيچينيءَ ۾ وقت گذاري رهيو هو تہ ١١٢٨هہ بمطابق ١٧١٦ع ۾ مغل بادشاهہ فرخ سير، نواب اعظم خان کي ٺٽي جو گورنر مقرر ڪري روانو ڪيو، جيڪو دهليءَ کان ٺٽي ڏانهن ويندي ملتان ۾ اچي ترسيو. جڏهن نواب اعظم خان ملتان ۾ اچي ترسيو تہ سيد نور محمد عرف ثابوت شاهہ ان موقعي کي غنيمت سمجهندي، نواب اعظم خان جي مصاحبن ۾ شموليت اختيار ڪري ورتي ۽ پوءِ انهن سان گڏجي ٺٽي پهتو.“ (درس، ٢٠١٥: ٣٢)

”نواب اعظم خان ٺٽي ۾ ۴ سال حڪومت ڪئي. هن جي حڪومت دؤران ١١٣٠هہ بمطابق ١٧١٨ع ۾ جهوڪ شريف ۾ صوفي شاهہ عنايت کي ڪاهہ ڪري شهيد ڪرايو ويو. صوفي شاهہ عنايت جي شهادت واري واقعي کان هڪ سال پوءِ مغل بادشاهہ فرخ سير مارجي ويو ۽ اقتدار تي محمد شاهہ قبضو ڪري ورتو. محمد شاهہ اقتدار تي قابض ٿيڻ شرط نواب اعظم خان کي معزول ڪري واپس طلب ڪري ورتو. ١١٨١هہ بمطابق ١٧١٩ع ۾ نواب اعظم دهليءَ ڏانهن واپس روانو ٿيو تہ سيد نور محمد عرف ثابوت شاهہ ٺٽي کان سيوهڻ شريف هليو آيو ۽ درگاهہ حضرت لعل شهباز قلندر جي زيارت کان مشرف ٿيڻ کان پوءِ، سيوهڻ شريف ۾ ئي مستقل سڪونت اختيار ڪري پير ڪامل شاهہ جي ڪچهريءَ سان منسلڪ ٿي ويو. سيد نور محمد عرف ثابوت شاهہ ڪجهہ عرصي کان پوءِ پنهنجي چاچي سيد عبدالشڪور شاهہ ۽ پنهنجي فرزند سيد مدار علي شاهہ کي بہ ملان مان سيوهڻ شريف سڏائي ورتو. سيوهڻ شريف ۾ قيام اختيار ڪرڻ کان پوءِ ١١٥٣هہ بمطابق ١٧۴٨ع ۾ سيوهڻ شريف ۾ سيد مدار علي شاهہ جي گهر ۾ سيد ثابت علي شاهہ ڪربلائي جي ولادت ٿي.“ (مرزا، ١٩٨۴: ٥٠-٥٢)

سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي حڪمرانيءَ واري دؤر توڙي ان کان پوءِ ٽالپرن جي حڪمرانيءَ واري دؤر ۾ بہ نہ صرف سرڪاري ۽ درٻاري ٻولي فارسي هئي، پر هر هنڌ فارسي ٻوليءَ جو چرچو هو. فارسي ٻوليءَ جي غلبي ۽ عروج واري زماني ۾ آفاقي شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائيؒ سنڌي ٻوليءَ ۾ عوامي شاعري ڪري سنڌ ۾ نہ صرف فارسي ٻوليءَ جي غلبي کي ٽوڙيو، پر حسيني پيغام کي گهر گهر پهچايو. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ١١٦٥هہ بمطابق ١٧٥٢ع ۾ رحلت ڪئي. سندس رحلت کان ٧-٨ سال پوءِ ١١٧٢هہ بمطابق ٥٩-١٧٥٨ع ۾ سنڌ جي ان وقت جي حاڪم ميان غلام شاهہ ڪلهوڙو وقت جي قاضي القضاہ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي جاري ڪيل فتويٰ تي عمل ڪندي سنڌ ۾ جاري عزاداريءَ تي پابنديءَ جو نہ صرف شاهي فرماني جاري ڪيو، پر ان فرمان تي سختيءَ سان عمل ڪرائڻ جو حڪم پڻ جاري

ڪيائين، جنهن جو تذڪرو رحيمداد مولائي شيدائيءَ جي ڪتاب 'جنت السنڌ'، 'تاريخ تمدن سنڌ'، غلام رسول مهر جي ڪتاب 'تاريخ سنڌ ڪلهوڙا دؤر'، سائين جي.ايم سيد جي ڪتاب 'پيغام لطيف'، عبدالرسول قادري جي ڪتاب 'مخدوم محمد معين ٺٽوي' ۽ ٻين ڪيترن ئي ڪتابن ۾ موجود آهي..

"سچيون حقيقتون سامهون رکڻ سان اها ڳالهه کُلي سامهون اچي ٿي ته جڏهن سنڌ ۾ جاري عزاداريءَ تي پابنديءَ وارو شاهي فرمان جاري ڪيو ويو، ان وقت سيد ثابت علي شاهه ڪربلائيءَ جي ڄمار ١٨-١٩ سال هئي ۽ پاڻ ان ئي دؤر ۾ غزل ۽ قصيده گوئيءَ سان شاعريءَ جي ابتدا ڪيائين. هن شاعريءَ ۾ مخدوم نورالحق ڪان اصلاح ورتي ۽ مولوي غلام علي 'مدارح' ابن محسن ٺٽويءَ جو شاگرد ٿيو. ان ڪان پوءِ ئي سيد ثابت علي شاهه پنهنجي علمي ۽ ذهني صلاحيتن جي طفيل خدا آباد پهچي ڪلهوڙا حڪمرانن جي درٻار سان وابسته ٿيو. جڏهن ميان عبدالنبي ڪلهوڙو ۽ عزت يار خان جي وچ ۾ جنگ لڳي ته ان جو 'جنگنامو' به سيد ثابت علي شاهه ڪربلائيءَ لکيو هو. ڪلهوڙا درٻار ۾ ميان سرفراز ڪلهوڙو سان گڏ حافظ شيرازيءَ جي فارسي غزلن جا تتبع پڙهندو هو ۽ پاڻ به شاعري ڪندو هو. مولوي غلام علي 'مداح' ابن محسن ٺٽوي سيد ثابت علي شاهه ڪربلائي ۽ ميان سرفراز ڪلهوڙي جي شاعريءَ جي اصلاح ڪندو هو. سچل سرمست ۽ سامي سيد ثابت علي شاهه جا همعصر شاعر هئا. جڏهن ته مرزا سلامت علي دبير ۽ مير ببر علي انيس جهڙا اردو مرثيي جا بادشاهه شاعر ته اڃا ڄاوا ئي ڪونه هئا. ڪجهه اهل قلم حضرات اهو به لکيو آهي ته، سيد ثابت علي شاهه ڪربلائي انيس ۽ دبير جا مرثيه پڙهندو هو. جڏهن ته تاريخي حقيقت اها آهي ته مير ببر علي انيس جي ولادت ١٨٠١ع ۾ ۽ مرزا سلامت علي دبير جي ولادت ١٨٠٣ع ۾ ٿي ۽ سيد ثابت علي شاهه ڪربلائي ١٨١٠ع ۾ رحلت ڪئي. ان حساب سان سيد ثابت علي شاهه ڪربلائي جي رحلت وقت مير انيس ۽ مرزا دبير جون ڄمارون ٧ ۽ ٩ سال هيون." (درس، ٢٠١٥: ١٤-١٦)

### ٤.١.٢ سيد ثابت علي شاهه جي سنڌي مرثيه گوئيءَ ۾ ابتدا

١١٨٦هه بمطابق ١٧٧٢ع ۾ سيوهڻ شريف ۾ درگاهه حضرت لعل شهباز قلندر جي سجاده نشين سيد اسدالله شاهه جي گهر ۾ فرزند جي ولادت ٿي. ان خوشيءَ جي موقعي تي سيد ثابت علي شاهه هڪ دعائيه قصيدو لکيو، جنهن ڪي ٻڌي سيد اسدالله شاهه تمام گهڻو خوش ٿيو ۽ هن سيد ثابت علي شاهه کي پنهنجو مصاحب مقرر ڪري ڪيس پاڻ وٽ برپا ٿيندڙ ساليانه مجلس ۾ روضة الشهداء مان مصاحب ۽ مسڪين توڙي محزون جامه پڙهڻ جي هدايت ڪئي. ان بعد سيد اسدالله شاهه، سيد ثابت علي شاهه کي سنڌي ٻوليءَ ۾ مرثيا لکڻ تي اصرار ڪيو، جنهن جي جواب ۾ سيد ثابت علي شاهه چيو:

”مرثيا اهڙا چئي، روئي روئاڙيندس جهان،
تون پڏي تهه دل ڪندين، تحسين مون کي سيد.“

ان کان پوءِ سيد ثابت علي شاهه، ميان سرفراز ڪلهوڙي جي حڪمرانيءَ واري دؤر ۾ هيءُ پهريون مرثيو لکيو:

اي خدا جا لاڏلا سردار سرور ياحسينؑ،
مصطفيٰ جا ساهه، نيڻن ٺار دلبر، ياحسينؑ،
مرتضيٰ سنهنجو نپايئي جيءَ برابر ياحسينؑ،
ظالمن ناحق رنجايئي، واءِ ٻَرٻَر ياحسينؑ.

ان کان پوءِ سيد ثابت علي شاهه هڪ ٻئي پٺيان ڪيترائي مرثيا لکيا، جيڪي سنڌ جي مختلف علائقن ۾ برپا ٿيندڙ عزادارين ۾ پڙهجڻ لڳا ۽ ڪيس سنڌ ۾ مرثيه گو شاعر جي حيثيت ۾ وڏي پذيرائي حاصل ٿيڻ لڳي.

١١٩٧هه بمطابق ٨٣-١٧٨٢ع ۾ جڏهن مير فتح علي خان ٽالپر سنڌ ۾ ٽالپرن جي حڪومت قائم ڪئي تہ ان بہ ڪلهوڙا حڪمرانن وانگر عالمن، اديبن ۽ شاعرن جي سرپرستي ڪرڻ شروع ڪئي، جنهن سبب ڪيترائي عالم، اديب ۽ شاعر ٽالپرن جي درٻار سان اچي منسلڪ ٿيا، جن ۾ سيد ثابت علي شاهه بہ شامل هو. ٽالپر شهزادو مير ڪرم علي خان ٽالپر تہ سيد ثابت علي شاهه تي تمام گهڻو مهربان هو. ٽالپرن جي ابتدائي دؤر حڪمرانءَ کان ئي حيدرآباد ۽ خيرپور جي مير صاحبن وچ ۾ خط و ڪتابت جي سلسلي ۾ وڪيلن جي اچ وڃ جو سلسلو جاري رهندو هو.

خيرپور واري مير سهراب خان ٽالپر جي درٻار ۾ مرزا مراد علي بيگ 'سائل' فارسي ۽ اردوءَ ۾ مرثيا توڙي مناقب پڙهندو هو. سيد ثابت علي شاهه ڪربلائيءَ جي مرثين جي گونج ٻڌي، مرزا مراد علي بيگ 'سائل' بہ سرڪاري وڪيلن سان گڏجي اڪثر حيدرآباد ايندو هو ۽ حيدرآباد ۾ موجود نہ هئڻ جي صورت ۾ هو مير صاحبن کان اجازت وٺي سيد ثابت علي شاهه ڪربلائي سان ملاقات ڪرڻ لاءِ سيوهڻ شريف بہ ويندو هو. مرزا امداد علي بيگ 'سائل' کي سيد ثابت علي شاهه ڪربلائيءَ سان تمام گهڻي عقيدت ۽ محبت هئي، انڪري هو نہ صرف سنڌي مرثيه نگاريءَ ۾ سيد ثابت علي شاهه ڪربلائيءَ جو شاگرد ٿيو، پر خيرپور ۾ سيد ثابت علي شاهه ڪربلائيءَ جا مرثيا ٻڌائي، پنهنجي فرزند مرزا فتح علي بيگ 'فتح' ۽ آخوند محمد عالم 'عالم' کي وري پنهنجو شاگرد بنايائين.

مير فتح علي خان ٽالپر ١٠ محرم الحرام ١٢١٧هه بمطابق ١٨٠٢-٠٣ع ۾ وفات ڪئي. ان وقت ٽالپر درٻار ۾ ڪيترائي نالياوارا شاعر موجود هئا، جن سڀني مير فتح علي خان ٽالپر جي وفات تي ’قطع تاريخ‘ لکيا، پر مير ڪرم علي خان ٽالپر، سيد ثابت علي شاهه ڪربلائيءَ جي لکيل ’قطع تاريخ‘ کي پسند ڪيو ۽ اهو ئي ’قطع تاريخ‘ مير فتح علي خان ٽالپر جي مقبري تي نصيب ڪيو ويو.

سيد ثابت علي شاهه ڪربلائيءَ کي ڪربلا معليٰ وڃڻ جي زيارتن ڪاڻ ڏاڍي اُڪير هئي. سندس ان خواهش جي تڪميل لاءِ ١٢٠٨هه بمطابق ١٧٩٣-٩٤ع ۾ شهزادي مير ڪرم علي خان ٽالپر کيس بحري جهاز ذريعي ڪربلا معليٰ جي زيارتن لاءِ روانو ڪيو. آغا اسماعيل شاهه جي والد آغا ابراهيم شاهه ۽ خود مير ڪرم علي خان ٽالپر کيس مسقط جي حاڪم ڏانهن خط لکي ڏنا، جن جو ذڪر سيد ثابت علي شاهه ڪربلائي پنهنجي شعري تصنيف ’زيارت‘ نامو ۾ ڪيو آهي. ١٤ شعبان ١٢٠٨هه بمطابق ١٧٩٣-٩٤ع تي شاهبندر ٺٽي کان بحري جهاز ۾ ان سفر تي روانو ٿيو. قافلي جي روانگي وقت شاهه صاحب جملي قافلي جي افراد ۽ سمنڊ جي لهرن، مؤجن جو ذڪر هن ڪيفيت ۾ ڪيو آهي:

”ماهه چوڏهن شهر شعبان سال ٻارنهن سؤ ۽ اٺ،
ٿياسون بندر ڪئون روانه راهه دريا سک پريا،
موڪلائي مڙني ڪئون ٿياسين روانا راهه بحر،
شاهه بندر ڪئون به مسقط همراهه حفظ خدا،
رات ڏينهن ٿي راهه بحر شور ڪشتي قطع ڪئي،
بحر بحر رحمت و ڪشتي سفينهء قدنجا.

سمند جي ان خوف واري سفر ۾ سمنڊ جي خوفناڪ لهرن ۽ دهشت ڀرين لوڏن کي شاهه صراط مستقيم جو رستو سڏيو آهي.“ (سيوهاڻي، ٢٠١٧: ٢٠)

زواري ڪري اچڻ کان پوءِ سيد ثابت علي شاهه شاعريءَ ۾ پنهنجو تخلص ’زوار‘ ته ڪٿي ’ڪربلائي‘ لکڻ شروع ڪيو، پر شناخت آخري دم تائين ’ڪربلائي‘ جي لقب سان مشهوريءَ ۾ آئي.

مير غلام علي خان ٽالپر جي ئي حڪمرانيءَ واري دؤر ۾ شهزادي مير ڪرم علي خان ٽالپر جي اصرار تي ١٢١٩هه بمابق ١٨٠٣-٠٤ع ۾ سيد ثابت علي شاهه ڪربلائيءَ کي سفير مقرر ڪري ايران جي بادشاهه فتح علي شاهه قاچار ڏانهن روانو ڪيو ويو. ان سلسلي ۾ سيد ثابت علي شاهه ڪربلائي جي فارسي نظم جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته هو ڪابل ۽ قنڌار کان ٿيندو ايران پهتو، جتي هن پهرين

مشهد مقدس ۾ امام علي رضاؑ جي روضہ اطهرجي زيارت جو شرف حاصل ڪيو ۽ پوءِ تهران پهچي ان وقت جي ايران جي بادشاهہ فتح علي شاهہ قاچار جي درٻار ۾ پهتو. سيد ثابت علي شاهہ ڪربلائيءَ ايران جي بادشاهہ فتح علي شاهہ قاچار کي ٽالپر حڪمران پاران اماڻيل پيغام ۽ تحفا پهچايا، جن ۾ قرآن پاڪ جا قلمي نسخا، بيش بها جواهرات، اعليٰ نسل جا گهوڙا، جڙائو هٿيار، شڪيلا، تلوار جي مياڻ ۾ ننڍا خنجر ۽ ٻيا تحفا شامل هئا. اهي سوغاتون پيش ڪرڻ کان پوءِ، سيد ثابت علي شاهہ ڪربلائيءَ فتح علي شاهہ قاچار جي شان ۾ لکيل قصيدا بہ پڙهيا، جن کي ٻڌي هو بيحد خوش ٿيو ۽ سيد ثابت علي شاهہ ڪربلائيءَ کي انعامن ۽ اڪرامن سان نوازيائين.

”ڪربلا جي سفرنامي ’زيارت نامو‘ ۾ ثابت علي شاهہ لاءِ لکيل آهي تہ: ايران پهچڻ شرط شاهہ صاحب پهرين آستانہ قدس ’مشهد مقدس‘ جي زيارت کان شرف ياب ٿيو، پوءِ دارالحڪومت ايران ڏي روانو ٿيو، جتي فتح علي شاهہ قاچار جي درٻار ۾ شاهہ صاحب ميرن جون سوغاتون ڏيئي ۽ سفارتي فرائض پورا ڪري بادشاهہ جي مدح ۾ قصيدو پڙهيو، جنهن جو مطلع هيءُ آهي:

فلڪ بہ دعوت دين خواند خطبہء ايمان،
بہ فتح فتح علي شاهہ برجميع جهان.

ڪليات ثابت علي شاهہ ۾ مرزا صاحب اهو لکيو آهي تہ ايران جي سلطنت طرفان واپس ورڻ وقت شاهہ کي ايراني بادشاهہ مير صاحبان لاءِ ناياب تحفا ڏنا. سفارتي فرائض پورا ڪري جڏهن شاهہ سنڌ ۾ آيو تہ هن اهي تحفا ميرن کي ڏنا. مير صاحبان تمام گهڻو خوش ٿيا. سنڌ ۾ موٽي اچڻ تي سيد غلام علي شاهہ ’مائل‘ هيٺ ڏنل قطع تاريخ چيئي:


آمده ثابت علي چونڪہ بمجد وعلا،
باز نہ ايران بہ سندهِ طرفہ بڪام جلي،
سال قدوش بہ سنده هاتف نسيم سحر،
گفت بمجد و علا آمده ثابت علي.

سنڌ جي هڪ ناظر جو ذڪر آهي، جيڪو شايان شان طريقي سان ڪربلا ۾ روضہ اطهر جي آسپاس رهندو هو. هن سندس رهائش ۽ طرز صبوح شام نت روضي تي حاضريءَ جو بہ ذڪر خوب ڪيو آهي. گمان آهي تہ اهو عراق ۾ سنڌ جي معاملن کي اُڪلائيندو هو ۽ حاجي هو.“ (سيوهاڻي: ٢٠١٧: ٤١-٤٢)

”سيد ثابت علي شاهه ڪربلائي چند ڏينهن اتي قيام ڪرڻ کان پوءِ وطن واپس موٽڻ لڳو تہ فتح علي شاهه قاچار کيس وڏي اعزاز سان رخصت ڪيو. ايران جي بادشاهه سنڌ جي حڪمران مير غلام علي خان ٽالپر جي لاءِ ڪاشان جا (ريشمي دوشالا)، جڙائو هٿيار، مختلف ناياب ڪتاب، حضرت عليؑ جي قدمن وارو پٿر (مُصّلو) ۽ حضرت عليؑ جي مبارڪ هٿن سان ڪوفي خط ۾ لکيل قرآن پاڪ جا ١٥ سيپارا تحفي طور روانا ڪيا، جن کي کڻائي سيد ثابت علي شاهه ڪربلائي وطن واپس پهتو. سيد ثابت علي شاهه ڪربلائيءَ جي لکيل فارسي نظم مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهو سال ١٢١٩هه بمطابق ٠۴-١٨٠٣ع هو. سيد غلام علي شاهه ’مائل‘ سيد ثابت علي شاهه ڪربلائيءَ جي ايران مان واپسيءَ جي سلسلي ۾ فارسي ٻوليءَ ۾ جيڪو قطع تاريخ لکيو آهي، ان مان اهو ئي سال نڪري ٿو، جڏهن تہ محمد هاشم ميوه خان ڪيريو پنهنجي تصنيف ’جبلن تي قدمن جا نشان‘ ۾ ان کي سال ١٢٢٠هه بمطابق ١٨٠٥ع جو واقعو لکيو آهي.“ (درس، ٢٠١٥: ۴٣-۴۵)

”سيد ثابت علي شاهه ڪربلائي زندگيءَ جا پڇاڙڪا سال سيوهڻ شريف ۾ گذاريا، جتي روزانو حسب عادت حضرت لعل شهباز قلندر جي روضي ۾ ڪلام پاڪ جي تلاوت ڪندو هو. پِيريءَ سبب ضعف وڌي ويو هئس ۽ علالت ۾ وقت گذرندو هئس. ٽالپر شهزادي مير ڪرم علي خان ٽالپر جي حڪم تي بوبڪن جا خانداني حڪيم سندس علاج ڪندا هئا، پر عمر ڪو پيمانو لبريز ٿي چڪو هئس. بقول خود سيد ثابت علي شاهه ڪربلائيءَ جي تہ ”توڙي عمر نوح، تہ بہ آخر فنا آخرت“. سنڌ جي هن عظيم مرثيہ گو شاعر سيد ثابت علي شاهه ڪربلائي ٢٧ جمادي الثاني ١٢٢۵هه بمطابق ٣٠ جولاءِ ١٨١٠ع سومر جي ڏينهن سيوهڻ ۾ ٧٢ سالن جي ڄمار ۾ رحلت ڪئي. سندس تدفين سيوهڻ جي قديم ميدان واري قبرستان ۾ ڪئي ويئي، جنهن کي سندس تدفين کان پوءِ ڪربلا سڏيو ويندو آهي.“ (صائب، ٢٠٠٣ع: ٣٦٨)

## شجرو سيد ثابت علي شاهہ ’ڪربلائي‘




(مرزا عباس، ١٩٧٠ع: ٤٥)

## ٣.٢ سيد ثابت علي شاهہ جي مرثيہ نگاريءَ جون فني ۽ فڪري خوبيون

مرثيي جو تعلق نفسياتي طرح سان انسان جي جذبات ۽ حسيات سان آهي. هن ۾ انفراديت بہ آهي تہ عموميت بہ آهي. شاعر جو ڪلام همہ گير حيثيت وارو هوندو آهي، جيڪو بنا ڪنهن مت ڀيد جي هڪ جهڙائيءَ وارو درجو رکندو آهي.

هاڻي اچو ڳالهہ ڪريون سنڌي مرثيي جي. سنڌي مرثيي جي ابتدا بہ بيتن ۽ ڏوهيڙن سان ٿي، جنهن جو مثال حضرت شاهہ عبداللطيف جي رسالي ۾ سُر ڪيڏارو آهي، جنهن جي پڙهڻ سان درد ۽ غم جي ڪيفيت طاري ٿئي ٿي، ليڪن علم عروض جي حدن اندر عربي بحرن تي، جنهن سنڌي مرثيي جي ابتدا ڪئي سو سيد ثابت علي شاهہ آهي ۽ اهو سهرو ثابت علي شاهہ جي ئي سر تي سونهين ٿو.

پنهنجي زيارت نامي ۾ سيد ثابت علي شاهہ منظوم شاعري ڪئي آهي، جيڪو سنڌي زبان جو پهريون منظوم ’سفرنامو ڪربلا معليٰ‘ آهي.

سنڌي ادب ۾ ’مرثيي‘ ۽ ان جي فني تحقيقي ۽ تنقيدي ڇنڊڇاڻ ۽ ڄاڻ سڃاڻ متعلق تمام گهٽ ڪتاب لکيا ويا آهن، حالانڪ تاريخي نقطہ نظر سان، اسان جي سنڌي زبان ۾ قديم الايام کان مرثيو موجود آهي. برصغير هند و پاڪ ۾ مرثيي نگاريءَ ڪي حضرت انيس ۽ حضرت دبير فلڪ الافلاڪ تي پهچايو آهي. انيس سنہ ١٨٠٢ع ۾ ڄائو ۽ ١٨٧٢ع ۾ وفات ڪيائين. انهن جي مقابلي ۾ سيد ثابت علي شاهہ سنہ ١٧٤٠ع ۾ ڄائو ۽ سنہ ١٨١٠ع ۾ وفات ڪيائين. شاهہ جي وفات وقت انيس اٺن سالن جو هو ۽ دبير ستن سالن جو هو. اهڙن محققن تي حيرت ٿي ٿئي، جن لکيو آهي تہ سيد ثابت علي شاهہ مير انيس کان متاثر ٿيو هو، حالانڪ سندن زماني ۾ تمام وڏو فرق آهي. مولانا غلام محمد گرامي پنهنجي تحرير ۾ اڳتي لکي ٿو تہ، ”ثابت علي شاهہ جي فن متعلق ايترو چوڻو آهي تہ پاڻ جنهن فني پختگيءَ سان مرثيا لکيائون، ان کان ٿورو اڳ اردو زبان ۾ مرثيہ گوئيءَ جو بنياد پيو هو.“ (درس، ٢٠١٧: ٤٩)

جيئن مولانا گرامي ثابت علي شاهہ جي ڪلام تي نظرثاني ڪندي فرمايو تہ ڪم گهٽ ٿيو آهي، اهو بلاشڪ صحيح ٿا چون، تمام گهٽ محققن ڪم ڪيو آهي. جن اديبن، ليکڪن ۽ محققن ذڪر ڪيو آهي، انهن بس مختصر تعارف ۽ هڪ بہ بيت ڏيئي ڪم ڇڏايو آهي، باقي ثابت علي شاهہ جي خاندان ۽ پوئينرن پنهنجي سر حق نڀايو آهي. سندن بزرگ جي محنت ۽ ڪاوش ڪي زماني اڳيان روشناس ڪرائڻ ۾ ڪافي محنت ڪئي آهي ۽ انهن لائبرري قائم ڪئي، اديبن ۽ اسڪالرن کان ڪم ورتا آهن، جن ۾ عبدالقيوم ’صائب‘، عبدالستار درس ۽ ٽنڊي نوڙهي جا مرزا خاندان شامل آهن. محقق ڪي جيئن تہ شوق هو ثابت علي شاهہ جي سنڌي مرثين تي ڪم ڪرڻ جو، ان لاءِ محقق ڪي ثابت علي شاهہ جي مرثين

جي فني ڪم ۾ سندس فڪر ڪي جاچڻ لاءِ رهنمائي به انهن جي لائبرريءَ ۾ موجود ڪتابن مان ملي. غور ڪيو وڃي ته اگر سيد ثابت علي شاهه جو صرف هڪ ڪتاب ’زيارت نامو ڪربلا جو‘ جيڪو سنڌيءَ ۾ پهريون منظوم سفرنامو آهي، فني اعتبار سان تحقيق ڪاڻ اهو هڪڙو ڪتاب ئي ڪافي آهي.

مولانا گرامي پنهنجي مضمون ۾ اردو ادب جي مرثيه خوانن جن ثابت علي شاهه کان اڳ مرثيه نويسي ڪئي آهي، جي ڪلام تي فني نگاهه وڌي آهي ۽ ثابت علي شاهه جي مرثيي سان به ڀيٽ ڪئي آهي، ذڪر ڪري ٿو ته: ”مير تقي جنهن جو زمانو سنه ١٧٢٤ع کان سنه ١٨١٠ع تائين آهي، اهو بزرگ شاعر ثابت علي شاهه جو همعصر آهي ۽ مير حسن ١٧٣٦ع-١٧٨٦ع ۽ مصحفي ١٧٥٠-١٨٢٤ع آهي سڀ معاصر آهن. ثابت علي شاهه جو دؤر سنه ١٧٤٠ع-١٨١٠ع تائين آهي، پر انهن ۾ به خاص مرثيه گو شاعر سودا آهي، جنهن جو زمانو سنه ١٧١٣ع-١٧٨٠ع تائين آهي. اهو ثابت علي شاهه کان ٢٧ سال اڳ ڄائو هو. سودا بيشڪ خلاق معاني شاعر هو، جنهن مرثيي کي قصيدي جي رنگ ۾ به استعمال ڪيو ۽ مثلث، مربع، مخمس، مسدس ۽ مستزاد به لکيا. ان کان علاوه ترجيع بند ۽ ترڪيب بند به جوڙيا. ان دؤر ۾ اردو زبان پختي، شسته، شائسته، لطيف، فصيح ۽ بليغ ٻڻجي چڪي هئي. منجهس فارسي شاعريءَ جا سڀ لوازمات پيدا ٿي چڪا هئا. رواڻيءَ ۾ اجا ابهام ۽ اغلاق موجود هو، جو اڳتي هلي غالب جي دؤر ۾ دُور ٿيو. سودا جي زبان شيرين ۽ انداز دلنشين آهي. سندس لکيل ڪلام جو هڪ شعر:

درة التاج پل رتي به سلام معني حرف انما به سلام

هڪ مربع مرثيه:

غبار راہ سے چہرا سام گرد آلود،
شعاع مہر سے سنولا کے ہو گیا ہے کبود،
ہوا ہے سوچ میں دونوں جہاں کا وہ مسجود،
نراس جائے ہے چھوٹے بڑے کے جینے سے،
کجاوے اہل حرم کے لگے ہوئے دنبال،
مخدرات سراسیمہ، پریشاں حال،
نڈھال شدت گرما سے ان میں وہ اطفال،
کہ دل جنہوں کے ہیں نازک تر آبگینے سے۔

(درس، ٢٠١٧: ٥٣)

### ٣.٢.١ سيد ثابت علي شاهہ لکنؤ جي ابتدائي دؤر جو شاعر

ان طرح لکنوي دؤر جو ابتدائي دؤر بہ سائين ثابت علي شاهہ جو آهي، جيڪو سندس معاصر آهي، ’سودا‘ ۽ ’مير‘ کان پوءِ درخشان، ’صابر‘، مير ضاحڪ ۽ مير حسن جو فرزند خليق سنہ ١٧٧۴ع کان ١٨٠۴ع تائين آهي، اهو بہ ثابت علي شاهہ جو معاصر آهي. ان دؤر تائين اردو شاعري سلاست ۽ لطافت، واقعہ نگاري ۽ محاڪات جي معراج تائين پهتي آهي. خليق جو انداز هيءُ آهي:

ماتھے کو چومتے تھے کبھی اور دہن کبھی،
تکتے تھے سوئے زلف شکن پر شکن کبھی،
روتے تھے لپکے، بوسہ سیب ذقن کبھی،
یوسف کا اپنے سونگھتے تھے پیرہن کبھی،
ملتے تھے خشک ہونٹ لب گلعزار سے،
سینے پہ رکھتے تھے، کبھی منہ اپنا پیار سے۔
(درس، ٢٠١٧: ۵۴)

هاڻي ثابت علي شاهہ جي فن تي اچون – سنڌي شاعريءَ ۾ کهڙي درجي تي سيد ثابت علي شاهہ جو ڪمال پهتل آهي.

ليڪڪ مولانا گرامي فرمائي ٿو تہ سنڌي شاعريءَ ۾ سيد ثابت علي شاهہ جي فني شاعري اسان کي فن جي ڪمال تي نظر اچي ٿي، جنهن ۾ مضمون آفريني، زبان جي صحت رواني ۽ سلاست موجود آهي. سندس ڪلام وجد انگيز ۽ حشر خيز آهي، رقعت انگيز ۽ جذبات انگيز آهي. شاهہ صاحب کان اڳ سنڌ ۾ هن فن کي اها منزلت نہ ملي، جا کيس شاهہ صاحب ڏني، انڪري ئي کيس سنڌ ۾ ان جو باني سمجهڻ گهرجي. اگرچ سيد ثابت علي شاهہ کان اڳ مخدوم عبدالله نتوي، سيد خير شاهہ، مولوي احمد ۽ چنڻ فقير جا ڪجهہ مرثيا ملن ٿا، تاهم شاهہ صاحب جو فن مڙني کان گهڻو بلند اهي. هڪ سلام ۾ فرمائي ٿو:

شاهہ شهيدان حسينؑ توتي صلواة و سلام،
دين ۽ ايمان حسينؑ، توتي صلواة و سلام.

وارثِ دين نبيؐ مالڪِ ملڪِ عليؑ،
تارڪِ دنيا دين، توتي صلواة و سلام.

دين ۽ دنيا ڏٺي، ڪوثر و طوبيٰ ڏٺي،
جنتِ اعليٰ ڏٺي، توتي صلواة و سلام.

رحمت رب جليل، صاحب حُسنِ جميل،
دايو سندءِ جبرئيلؑ، توتي صلواة و سلام.

نور نبيؐ بينظير، شيرِ خدا جا شبيرؑ،
صدر ڏٺي بي سريرَ، توتي صلواة و سلام.

توتي مديني قيام، مڪي ٿيو ماتم مدام،
ڪربلا تنهنجو مقام، توتي صلواة و سلام.

ثابت ’زوار‘ چئي، تنهنجو دل افگار چئي،
رت رُوئي هر بار چئي، توتي صلواة و سلام.

هتي مرثيي سواريءَ جا ڪي شعر هن طرح آهن:

سواري ٿي حبيب مصطفيٰؐ جي، سواري ٿي انيس مرتضيٰؑ جي،
سواري ٿي ذبيح بارضا جي، سواري ٿي قتيل سر جدا جي،
سواري ٿي حسينؑ مبتلا جي، سواري ٿي شهيد ڪربلا جي.

(درس، ٢٠١٧: ۵۵)

مولانا غلام محمد گرامي پنهنجي مضمون ۾ ثابت علي شاھ جي مرثين تي شاھ صاحب کان اڳ شاعرن مرثيہ نويسن جي ڪلام تي فني تحقيقي ڳالھ ڪئي آهي. مثال ”سواري ٿي حسين مبتلا جي، سواري ٿي شهيد ڪربلا جي“ مٿي مرثيي جي آخري ٽن لائينن ۾ جيڪو اسلوب فن آهي، اها زبان ١٧۴٠ع کان ١٨١٠ع تائين واري دؤر جي آهي. اگر تصور ڪجي تہ اها زبان سيد ثابت علي شاھ ٢٧ ورهين جي عمر ۾ يعني ١٧٦٧ع ۾ استعمال ڪئي هوندي، تہ پوءِ بہ ان حساب سان ان کي پورا ڪي سؤ سال گذري چڪا آهن. اُهي تہ عربي ۽ فارسي آميز رنگ ۾ چيل شعر پيش ڪيا ويا. ان ئي سلام ۾ ٺيٺ سنڌي انداز هن طرح آهي:

”ناز نپايئي رسول لاڏ سين پاليئي بتول،
اُڃ مري مارئين ملول، توتي صلواة و سلام.

سر وڍيا نيزه سوار، شام سفر ٿيا تيار،
رت ڀريا گيسوئن جا وار، توتي صلواة و سلام.

آه سڪينہ ابا زينبؑ بيڪس ادا،
بانو ئي بي پر آجها، توتي صلواة و سلام.

سڀ بنان توکي سري، توڙي ويا سڀ مري،
تون وئين نہ آئين وري، توتي صلواة و سلام،
تون وڃي نہ آئين وري، توتي صلواة و سلام،“

(ڪليات سيد ثابت علي شاهہ، مرزا نجم الحسن)

هاڻي هِت هڪ ٻي رقت آميز ۽ خون وفشان ’مرثيي‘ ۾ وداعي سلام ۾ سيد ثابت علي شاهہ جو فن معراج ڪمال تي نظر اچي ٿو. جديد عربي ۽ فارسي انداز ۾ چند شعر هي آهن:

”سڪينہؑ سر پِٽي چئي السلام اي بابا،
شهيد و صابر و شاڪر امام، اي بابا.
هي تنهنجو لاش مبارڪ، بخاڪ خون آلود،
۽ بيدفن رهيو، رڻ بي نظام، اي بابا.
سندءِ هِي حال هر نت بوسہ گاهہ پيغمبرؐ،
جدا ڪيو ڪافر ڪاذب ضلام، اي بابا.“

(ڪليات سيد ثابت علي شاهہ، مرزا نجم الحسن)

### ٣.٢.٢ ثابت علي شاهہ جي ڪلام ۾ فارسي ۽ عربيءَ جو امتزاج

جيئن ثابت علي شاهہ ڀرين فارسي ۽ عربي زبان ۾ طبع آزمائي ڪري، پوءِ سنڌي زبان ۾ مرثيہ نويسيءَ جي ابتدا ڪئي، انڪري سندس ڪلام ٺيٺ سنڌي تہ ضرور آهي، پر فارسي ۽ عربيءَ جي اعليٰ امتزاج شاعريءَ کي وڏيڪ اعليٰ بنائي ڇڏيو آهي. ثابت علي شاهہ فني اعتبار سان ٻولين جو صحيح ۽ سهڻن لفظن ۾ استعمال ڪرڻ بہ سيکاري ٿو ۽ فڪري اعتبار سان شاعريءَ ۾ ائين نقشو چِٽي ٿو جهڙوڪ ميدان ڪربلا جو سپاهي هجي. درد آل رسول جو آهي، پر لفظ سيد ثابت علي شاهہ جي فني فڪر جا

هانوَ چيرين ٿا. بي بي سڪينہ ؑ جو درد مصيبت پريو پنهنجي بابا جي لاش جي غربت بيان ڪرڻ، اهي ويڻ روڄ راڙو سيد ثابت علي شاهہ ائين ٿو بيان ڪري، جو اهي حقيقي منظر اکين اڳيان ڦري ٿا اچن، جڏهن پڙهڻ وارو اهي مرثيہ سلام پڙهي ٿو.

هتي هن مرثيي ۾ نيٺ سنڌي اندازِ بيان هن طرح آهي:

اي شمر ڪي تہ بانوئي بيڪس جو حال ڏس،
ڪي زينب ضعيف جو حال زوال ڏس.

ڪبرا وَنو بہ رڻ ڪنو اُن جو حوال ڏس،
اُڃَ هُئي سڪينہ ٿي ڪري پاڻي سوال ڏس.

منهنجي اُجن ڪي آه ڪي پاڻي پئارجو،
پوءِ مون ڪي پڻ جي ماريو اوهين ڄاڻو مارجو.

(ڪليات سيد ثابت علي شاهہ مرزا نجم الحسن)

الله اڪبر! قاتل لاءِ امام عليہ السلام جا بيڪسيءَ جا لفظ ۽ تن ۾ وصيت ۽ هدايت بہ آهي، تہ منهنجي حرم ۽ همشيره پاڪ جي مٿان رحم ڪر اي شمر ملعون! منهنجي هڪ نياڻي بي بي ڪبرا جو وَنو شهزادو قاسم گهوٽ بہ شهيد ڪري پائمال ڪري توهان ظالمن ڇڏيو، ڇا حال ان جو هوندو! جنهن جو گهوٽ هڪ رات جو رڻ پَٽ بيابان ۾ ڪُسجي وڃي.

اي شمر ڏس نماز جو وقت آهي بي نياز،
ڏي رخصت نماز پڙهان آخري نماز.

بعد از نماز جي تون وڍين سِرُ تہ ڪهڙو ناز،
تون پنهنجي ڪارُ ڪَر ۽ خدا منهنجو ڪارساز.

حڪم خدا ۾ ڪنهن جي مجال آهي دم زني،
هُت سرفرازي آبدي هي فروتني.

(ڪليات سيد ثابت علي شاهہ مرزا نجم الحسن)

شوق شهادت، شوق عبادت ۽ رب ڪان سواءِ ڪنهن جو خوف نہ ڪرڻ اها هستي صرف امام جي هوندي آهي، پر ان حقيقت کي لفظن ۾ آشڪار ڪرڻ، سمجهائڻ ڏيڻ شاعر جو فني ڪمال هوندو

آهي. ثابت علي شاهه جي شاعريءَ مان ائين ٿو لڳي شاعر موجود هو ڪربلا ۾ پنهنجي اکين سان ڏسي رهيو هو تہ ڪهڙي نموني شريعت جو ڌڻي امام، شريعت لٽاڙڻ وارن کي وقت آخر شهادت رخصتي مهل بہ مهلت ٿو ڏئي نماز لاءِ! امام جو شمر کان مهلت وٺڻ هتي مقصد اهو درس آهي، جيڪو امام مسلمانن کي ڏيئي رهيو آهي تہ ڏسو منهنجو مقصد نماز جو دفاع، دين جو دفاع ڪرڻ آهي ۽ يزيد ۽ سندس اهلڪار نہ مون کي نماز پڙهڻ ٿا ڏين ۽ نہ ادب نماز جو اٿن. ايستائين جو نماز جي حالت ۾ سجدي ۾ امام حسينؑ جي سيني تي شمر چڙهي ويهي ٿو. الله اڪبر! ۽ امام کي ڪنڌ کان مُڏي (ڪُند) خنجرسان وار ٿو ڪري. زلف پاڪ امام جا ظالم جي هٿن ۾ آهن ۽ ضربن مٿان ضربون ٿو هلائي سِر ڌڙ کان ڌار ڪرڻ لاءِ. سيد ثابت علي شاهه خون قلم سان بيان ڪندو ٿو وڃي ۽ اسان تائين اهو خوني منظر پيش ٿيندو ٿو وڃي. نہ ان کان پهرين ڪو اهڙو منظر ڪائنات ۾ پيش ٿيو ۽ نہ ان کان پهرين اهڙو ڪو شاعر ڄائو، جنهن جي قلم ايترن جاندار لفظن ۾ واقعي ڪربلا کي پيش ڪيو هجي.

وري سيد ثابت علي شاهه لکي ٿو:

”ساجد امام هيئن چئي سَجدي ۾ سر رکيو،
نيت ڪري نماز جي ويئي ئي سجدو ڪيو.

سجدو اچا هو پهريون ڪ قاتل بہ قصد ڪيو،
سلطانِ ساجدين جو ستمگار سرُ وَڍيو.

اُندم پيو آه عرش ۽ ڪرسيءَ ۾ شور شين،
هَيءِ هَيءِ شهيد ٿيو شه دنيا و دين حسين.“

(مرزا، ٢٠٠٥: ٢٢٢)

انساني زندگيءَ تي ٿيندڙ ناانصافين، ڏاڍ ۽ ظلم جهڙي سچ کي ظاهر ڪرڻ ادب ۾ هڪ معيار جو درجو رکي ٿو. انهن کي بيان ڪرڻ، جيئن جو تيئن پيش ڪرڻ يا انهن جي بلڪل ائين تصوير چٽڻ جيئن اُهي آهن، حقيقت نگاريءَ جو بنياد آهن. اديب، شاعر دنيا کي ڪئميرا جي اک سان ڏسي ٿو ۽ بڻڻ ڏيائيندي ئي هو انهن حقيقتن کي ان ئي حالت ۾ پيش ڪري ٿو، جنهن ۾ هو آهن. هتي ڳالهہ شاعر جي شاعريءَ جي آهي ۽ شاعر وٽ هڪ خدائي مقصد آهي ۽ هن مقصد ۾ هن جي روح جو رشتو جڙيل آهي ۽ تاريخ سموري کان واقف آهي. تمام واقعن تي هو سچائي ۽ ايمان سان هوش ۽ حواس ۾ نظر رکي ويٺو آهي. ڪا هٿ گهڙيل ڳالهہ نہ آهي ۽ نہ ڪا گهٽتائيءَ واري ڳالهہ ڪندا آهن تہ ان ۾ تصوراتي پنهنجي گهڙيل حسناڪين کي شامل ڪندا آهن، پر هتي شاعر وٽ هڪ پاڪ مقصد ۽ الله جي پيارن

جي وصف کي بيان ڪرڻ وارو جذبو آهي، تنهن ۾ هٿ ٺوڪي ۽ اضافي تعريف جي ڪا بہ گنجائش نہ هوندي آهي، تنهن جي ڪري اهڙي شاعريءَ ۾ حقيقت نگاري هوندي آهي. حقيقت نگاريءَ جي تحريڪ رومانوي تحريڪ جي ضد ۾ اُڀري، تنهن پنهنجي لاءِ نوان بنياد قائم ڪيا. رومانويت پسند خوبصورت دنيا جي عڪاسي ڪندا آهن ۽ تخيل ۾ مبالغہ آرائيءَ کان ڪم وٺندا آهن، جڏهن تہ حقيقت نگار سچ ۽ صداقت کي ادب جو بنياد بڻائيندو آهي ۽ زندگيءَ جي خوبصورتي ۽ بدصورتي، ان جون برايون ۽ ڀلايون پوري تخليقي سگهہ سان جيئن جو تيئن بيان ڪندو آهي. سيد ثابت علي شاهہ جو فن ۽ حقيقت نگاري سنڌي زبان ۾ هڪ وڏيڪ اثرائتو ۽ رقت انگيز آهي.

مولانا گرامي چوي ٿو:

”سيد ثابت علي شاهہ جي فن ۾ مون کي هڪ نهايت جديد، لذيذ، انوکو ۽ نرالو پهلو بہ نظر اچي ٿو، جنهن جي تعبير مان هوند ’مڪالماتي‘ ۽ ڊرامائي لفظن جي چونڊ ڪري سگهان ٿو. ان جو تفصيل اهو آهي تہ سيد ثابت علي شاهہ هڪ اسٽيج ڊرامي وانگر هڪ موضوع تي مختلف ڪردارن کان گفتگو ڪرائي ٿو ۽ ان ۾ شاعراڻي صنف، هڪ ئي بحر ۽ وزن ۾ قابو رکي ٿو. ان قسم جي مختلف ڪردارن کان هڪ ئي هنڌ تي گفتگو ڪرائڻ اگرچ هن جديد دؤر جي پيداوار آهي، پر حيرت آهي تہ سيد ثابت علي شاهہ وٽ صديون اڳ اهو فن موجود آهي. ظاهر آهي تہ اثر پذيريءَ جي لحاظ سان هي اسلوب ۽ انداز نهايت ڪامياب رهيو آهي ۽ ان جي نفسياتي زخم کان سنگدل بہ بچي نٿو سگهي. ان سلسلي ۾ فقط هڪ مثال تي اڪتفا ڪري ٿو. سڀ کان اول ادبي اسٽيج تي گويا شاعر اچي ٿو ۽ تمهيد طور ابتدا ڪري ٿو ۽ تعارف ڪرائيندي چوي ٿو:

آهہ نبي ﷺ جو نورالعين، جنهن جو نانءُ امام حسين ؑ

اهو تعارف ٿيو مکيہ ڪردار جو، ان ۾ وڏيڪ زياده جدت ۽ اثر پيدا ڪندي شاعر اضافو ٿو ڪري ۽ محل وقوع ٿو ٻڌائي:

آهہ نبي ﷺ جو نورالعين، جنهن جو نانءُ امام حسين ؑ،
رڻ ۾ پيو هو ساري رين، هَئي هَئي حسرت واويلا.

”هَئي هَئي حسرت واويلا“ پس منظر ۾ ڪورس ۾ چوڻ جهڙو ٽڪرو آهي. ان کان پوءِ حضرت فاطمة الزهريٰ سلام الله عليها جي ترجماني ڪندي چوي ٿو:

فاطمہؑ ويٺي ڪئي فرياد، هَئي هَئي هڙا ٿيا بيداد،
ڪيڏانهن آيا هي جلاد، هَئي هَئي حسرت واويلا.

حضرت فاطمة الزهريٰؑ جي زباني هن منظر کي وڌيڪ رقت انگيز بڻائيندي شاعر ٻڌائي ٿو:

منهنجو لال ڪُٺائون ڪوهہ، مون کي مفت ڪُٺائون ڪوهہ،
سارو ساٿ لُٽيائون ڪوهہ، هَئي هَئي حسرت واويلا.

هَئي هَئي قاسمؑ تنهنجو ڪاڄ، مينديءَ سهرن سانڻ سان،
گهوٽ ڪُٺائون رَڻ ۾ راڄ، هَئي هَئي حسرت واويلا.

هَئي هَئي قاسم ڪاڄ ڪلور، سهرن ساٿ سراسر سور،
سيج چڙهي رَڻ هلڻ ضرور، هَئي هَئي حسرت واويلا.

تعظيم ڪان شاعر حضرت فاطمة الزهريٰؑ جو نالو نٿو وٺي، پر جذبات جي ترجماني ڪندي چوي ٿو:

هَئي هَئي قاسم هَئي هَئي گهوٽ، هَئي هَئي گهوٽ جوانيءَ چوٽ،
ميرل موت اٿل اٽموٽ، هَئي هَئي حسرت واويلا.

هَئي هَئي قاسم نو گُل هار، سر سهرا ۽ نيزا سوار،
سهرن گڏ زلفن جا وار، هَئي هَئي حسرت واويلا.

ان ڪان پوءِ پڪين جي رقت انگيز بيان ڪان پوءِ، خود شاعر اچي ٿو ۽ چوي ٿو:

هَئي هَئي قاسم اڪبرؑ، هَئي اصغرؑ، هَئي هَئي اصغر، هَئي اڪبرؑ،
اڪبرؑ اصغرؑ ٿيا بي سِر، هَئي هَئي حسرت واويلا.

هاءِ مدينو ٿيو ماتم، رُوئڻ مڪي جا اهلِ حرم،
اهل حرم تي ٿيا هي ستم، هَئي هَئي حسرت واويلا.

هَئي هَئي بانوءَ جي بيراڳ، اڪبرؑ اصغرؑ دل جو داغ،
رِڻ ڏي، سينبو پياڳ سهاڳ، هَئي هَئي حسرت واويلا.

(درس، ٢٠١٧: ٥٧-٥٩)

هاڻي مرثيي سلام جي ختم ٿيڻ آهي. خاتمي تي وري بہ شاعر ويچارڳيءَ جي عالم ۾ رسول ڪريمﷺ کي پڪاري ٿو، جو تہ شاعر ان ڪان سواءِ ٻيو ڇا ٿي ڪري سگھيو؟

"هَئي هَئي عابد جو آزاد، ان کي شام هلڻ دشوار،
مُرسلﷺ واڳ وطن تي وار، هَئي هَئي حسرت واويلا.

چوي ٿو:

'ثابت' مرثيہ مدام، چئي سرور تي صلواة و سلام،
شاهہ جو ماتم ٿئي نہ تمام، هَئي هَئي حسرت واويلا.

اهو خيال ۾ رهي تہ 'هَئي هَئي حسرت واويلا' پس منظر ۾ ورائي چوڻ جهڙو ٽڪرو آهي. اختتام تي پنهنجي عجز جو اعتراف ڪندي، پڙهندڙن کي ٻڌايو ويو آهي تہ شاهہ جي ماتم جو اختتام تہ ناممڪن آهي. ڇا هن قسم جو فن ٻئي هنڌ بہ موجود آهي؟ ڪاش! اسان جا نقاد ان نظر سان بہ سيد ثابت علي شاهہ جي فن جو مطالعو ڪن." (درس، ٢٠١٧: ٥٩)

حقيقت ۾ ڪٿي ثابت علي شاهہ جو فن ۽ فڪر ۽ ڊراما جو فن ڪٿي؟ "ثابت علي شاهہ جي ذخيره ڪلام ۾ اهڙيون بہ چيزون ڳولي سگھجن ٿيون، جن کي اگر ڪا علمي ترتيب ڏجي تہ هوند هڪ مڪمل ۽ مربوط ايپڪ پيدا ڪري سگھون ٿا، پر ان لاءِ محنت ۽ عرق ريزي ڪير ڪري؟ هيءَ دؤر سهل نگاري ۽ زود نويسيءَ جو دؤر آهي، ان ۾ ڪير ويهي نور نچوڙيندو؟ پر جي اهڙي فني چيز پيدا ڪري سگھجي تہ پوءِ اها پنهنجي فني نوعيت موجب هڪ شاهڪار چيز بنجي ويندي ۽ ان طويل رزميہ ۽ ان جي آيل سوز ۽ غم جي واردات جي تلخيص ۽ ترتيب تي مشتمل سيد ثابت علي شاهہ جي فن جو هڪ جديد ۽ لذيذ نسخو نهي پوندو. رب جنهن کي توفيق ڏئي، سو هن سنگلاخ زمين ۾ قدم رکي."

"شاهہ صاحب ڪان اڳ اردو توڙي سنڌي مرثيي ۾ فقط ممدوح جي اوصاف جميل کي بيان ڪيو ويندو هو. آخر ۾ واردات غم جي ترجماني ڪندي ٻہ-چار شعر اضافو ڪيا ويندا هئا. اڳتي هلي سڀ ڪان اول ان فن جي تڪميل ٻن-ٽيئن اردو شاعريءَ ۾ پيدا ٿي. سيد ثابت علي شاهہ وري بہ سڀني ڪان گوءِ کٽي ويو. سيد ثابت علي شاهہ ممدوح جي اوصاف جميل ۽ صفات حسنہ سان گڏ فضائل ۽ مناقب جو بہ اضافو ڪيو. ان ڪان سواءِ دشمنن جي تعارف لکندي، انهن جا سازشي ڪردار پڻ پيش ڪيائين. ميدان جنگ جي منظر ڪشي ڪندي اشارن ۾ مناظر قدرت کي بہ بيان ڪيائين. ان طرح رجز گوئيءَ کي بہ اهميت ڏيندي، رجزيہ خيالات کي مرثيي ۾ بيان ڪرڻ جي شروعات ڪئي، ڪٿي

وري سامانِ جنگ ۾ اسلحي کي بہ هر هڪ جو نالو وٺي پيش ڪيائين. ان ايتري فني اضافي ۾ اصليت ۽ پختگيءَ کي اهڙو تہ قائم ڪيائين جو ان دؤر جي اردو تہ ڇا، ان دؤر جي فارسي مرثيي گو شاعرن وٽ بہ ان جو مثال نٿو ملي سگهي. خاندان صفويہ جي درٻاري شاعرن جي اوائلي مرثيي کان سيد ثابت علي شاهہ جو فن گهڻو بلند نظر اچي ٿو. سيد ثابت علي جي معاصرين، درٻار صفويہ سان وابستہ ويندي محتشم ڪاشانيءَ تائين مڙني مرثيہ گو شاعرن جي فن ۾ فقط فني تڪلف، تصنع، آورد ۽ لفظي مداحي آهي، باقي زبان ۽ انداز بيان جي وسعت ڪانہ آهي. ان طرح عربي مرثيہ گو تہ فطرتاً جذباتي آهن، بلڪ ائين چئجي تہ عربي شاعريءَ جي ابتدا ئي ’مرثيي‘ سان ٿي تہ ان ڪي غلط نہ چئبو. لهاذا عربي جي وسعت ۽ ڪامليت سان ڪو بہ مقابلو ٿي نٿو سگهي.“ (درس، ٢٠١٧: ٦٧)

هاڻي سيد ثابت علي شاهہ پنهنجي لفظن سان اعتراف ٿو ڪري سندس ڪامل لفظن جو.

مرثيو سنڌي اڳهين هو ڪونہ اصلي سنڌ ۾،
جي ڪو هو تان پڙ نہ هو مشهور هن پر هر ڪجا.

ان کان علاوه ”سيد ثابت علي شاهہ جي فن جو اعتراف سندس دؤر کان پوءِ آيل شاعرن بہ ڪيو آهي. آخوند محمد عالم جو پاڻ کي ’ثابت ثاني‘ سمجهندو هو، تنهن چيو آهي:

’عالما‘ مثل فصيح آهين تون افصح بڪلام،
بعد ثابت علي منجهہ سنڌ تون ثابت انجام.

### ٣.٢.٣ ٿالپر مرثيہ گو جو اعتراف

مير حسن علي ’حسن‘ بہ اعتراف ڪندي چيو آهي:

چئي جيڪي ثابت علي شاهہ ويو،
ٻئي سنڌ ۾ شعر اهڙو نہ چيو.

ايتريقدر جو سنڌ جي بعض محققن اهو بہ بحث ڪيو آهي تہ سيد ثابت علي شاهہ کان پوءِ ڪيئي مرثيہ گو شاعر پيدا ٿيا آهن، پر اهي فني عظمت جي ان مقام تي نہ پهتا آهن، جنهن مقام تي سيد ثابت علي شاهہ سرفراز آهي. ان سلسلي ۾ سچل سرمستؒ، بيدل، شاهہ نصير، مير حسن، مرزا ٻڍل بيگ، هزهائينس مير عبدالحسين ’سانگي‘، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ ۽ خواجہ ناصر علي جا خاص طرح سان نالا ورتا وڃن ٿا. سچل سرمست ۽ سيد ثابت علي شاهہ پاڻ ۾ همعصر هئا. يقين آهي تہ ميل

ملاقات بہ ٿي هجين. اهوئي سبب آهي جو سندن مرثيي جو رنگ فني لحاظ کان هڪ ٻئي سان هم آهنگ آهي، باقي ٻيا مرثيي گو گهڻو پوءِ جا آهن. سچل سرمست ۽ سيد ثابت علي شاهہ جي باهمي فني اشتراڪ ۽ اثر متعلق فقط هڪ مثال ڏيئي سگهجي ٿو:

سيد ثابت علي شاهہ چيو آهي:

يا نبيؐ تنهنجي نواسي نامور کي ظالمن،
سر وڍي ڌڙ خاڪ ۽ رت ۾ ڇڏي ويا بي دفن.

تنهن تن بي سر کي اڄ پاراءِ ڪوئي تون ڪفن،
چار تڪبيرون جنازه ڇئي، دفن ڪر با جتن.

سچل سرمستؒ هن طرح فرمايو آهي:

يا نبي تنهنجي نواسي جا سپيئي خورد و ڪلان،
پٽ تي پيا، پُرزن تي پُرزا، ڪفيان، شاميان.

ڌڙ ڇڏي ڌرتيءَ تي، سر چاڙهيائون، بر نوڪِ سنان،
وا ستم، وا حسرتا! ڏس يا محمدصہ الغياث.

مرڪزي خيال هڪ آهي، پر ادائگي جدا جدا آهي. لهاذا ائين چوڻ تہ سچل تي سيد ثابت علي شاهہ جو يا سيد ثابت علي شاهہ تي سچل سرمست جو رنگ غالب آهي، سو فني لحاظ سان درست نہ سمجهڻ گهرجي. خيالات جي باهمي مطابقت جا اهڙا سوين مثال موجود آهن، جن کي اتفاق چئجي ٿو.“ (درس، ٢٠١٧: ٦٨-٦٩)

سچل سرمست پنهنجي جاءِ تي مستقل طور هڪ واضح مڪتب فڪر رکي ٿو. سچل سرمست هڪ صوفي ۽ وحدت الوجودي بزرگ ۽ شاعر آهي. سندس تمام زبانن جي شاعري جيڪا آهي، تنهن جو نصب العين فقط وحدت الوجود آهي ۽ جمالياتي فن پڻ اٿس، باقي چند مرثيا آهن، تنهنڪري سچل سرمست کي بنيادي طور مرثيہ گو شاعرن ۾ شمار نٿو ڪري سگهجي. هزارين شاعرن عشقيہ شاعريءَ سان گڏ پنهنجن ديوانن ۾ بہ چار مرثيا چيا آهن. مرثيہ گو اهو چئي سگهجي ٿو، جنهن گهڻي کان گهڻو ڪلام مرثيي ۾ چيو هجي. ان حيثيت سان فقط سيد ثابت علي شاهہ کي ئي ان فن جو بادشاهہ چئبو. سندس سوانح حيات ۾ واضح ثبوت آهي تہ ثابت علي شاهہ شروع ۾ ڪجهہ غزل طرف ڌيان ڏنو، ليڪن

خانداني حسب نسب سادات اهل تشيع هئڻ ڪري مڪمل طور دلي ۽ ارادتاً مرثيي جي طرف اچي ويا. پهرين فارسيءَ ۾ عربيءَ ۾ چوندا هئا، پوءِ هدايت موجب سنڌي مرثيي جي طرف آيا ۽ مسلسل لڳاتار مرثيا چوڻ لڳا. محقق جي نگاهه ۾ سيد ثابت علي شاهه هڪ زنده ڪردار جي صورت ۾ پنهنجي فن جي نقطه نگاهه سان مرثيي نويس مرثيه گو تي پرکڻو آهي، جيئن ثابت ٿي وڃي تحقيق ۾ ته واقعي سنڌي ادب ۾ مرثيي جي صنف جيڪا ابتدائي عرب جي صنف هئي، تنهن کي سيد ثابت علي شاهه جهڙي قادر الڪلام مرثيي شاعر ڪيتري حد ائين بلنديءَ ائين پهچايو آهي.

مولانا غلام محمد گراميءَ پنهنجي تقرير ۾ هنن لفظن تي زور ڏنو ته: ”مرثيي جو بنيادي مقصد ۽ فني منصب اهوئي آهي ته هي خاص گروهه مان نڪري مذهب جي ترجماني بنجي وڃي ۽ بلڪ تبليغ چئي سگهجي ٿو، جيڪو جائز آهي. شاعرن ۽ فنڪارن لاءِ لازم آهي ته هن صنف تي طبع آزمائي ڪن ۽ جدت پيدا ڪن. ان صنف کي جديد عالمانه تنقيد جي روشنيءَ ۾ متعارف ڪرائين. ان سلسلي ۾ اسان وٽ ڪيئي مثال موجود آهن. مثلاً انيس و دبير تي جو ڪجهه به علامه شبلي ۽ حاليءَ لکيو آهي، اهو ڪنهن خاص مڪتب فڪر جي تائيد ۽ تصديق لاءِ نه لکيل آهي. انهن بزرگن جي علمي ڪاوش ۽ تنقيدي ڪوشش ادب، فن، زبان ۽ انداز بيان جي خدمت جي سلسلي ۾ آهي. اهي ٻئي بزرگ اگرچ اهلسنت جماعت سان وابسته آهن، پر علمي ۽ تحقيقي خيال کان هنن اهڙي موضوع ۽ مواد کي پيش نظر رکيو ويو آهي. جيڪو هڪ خاص مڪتب فڪر تائين محدود آهي. اهو به تسليم ٿيل آهي ته انهن ٻنهي عالمن ۽ اهڙن ٻين ڪيترن ئي عالمن عقيدي جي اختلاف هوندي به ان موضوع تي شاهڪار ڪتاب لکيا آهن. منهنجو عرض آهي ته سنڌي اديبن ۽ محققن کي سيد ثابت علي شاهه جي فن، انداز بيان، زبان ۽ ان جي لغوي ذخيري تي علمي ۽ تحقيقي ڪم، نظرياتي اختلافن جي قطع نظر ڪرڻ گهرجي ۽ ان تي ڪم ڪندي، ديانتدارانه ۽ غير جانبدارانه اصولن کي پيش نظر رکڻ گهرجي، ورنه سيد ثابت علي شاهه جو فن هڪ محدود دائري ۾ ئي رهجي ويندو.“ (درس، ٢٠١٧: ٦٦)

اگر غور سان سيد ثابت علي شاهه جي ڪلام کي پرکيو ويندو ۽ ان جي فني ۽ فڪري تنقيدي ڇنڊڇاڻ ڪئي ويندي ته پوءِ معلوم ٿيندو ته سيد ثابت علي شاهه جي فن ۾ 'جوش'، 'سادگي' ۽ اصليت جا ڪافي عناصر موجود آهن.

هن مرثيي ۾ ڪربلا جي خوني قهر تي سيد ثابت علي شاهه جو فڪر تمام انسانيت کي پنهنجي مرثيي جي ذريعي پيغام ڏئي ٿو. اها سندس فن جي انتها آهي جو هر انسان درد محسوس ڪري ڳوڙها ڳاڙي ٿو.

**فڪر جي دعوت**

اي مومنو مڙي ٻڌو خون ماجرا،
سيڻئون پلو خدا جو هو محبوب مصطفيٰ.
ان جو وصي شيرِ خدا مير مرتضيٰ،
ان جا جگر حُسينؑ و حَسنؑ سلموهُما.
اهڙا ٻئي شهپر ڪرامت جا آفتاب،
اهڙا ئي آسمان ولايت جا ماهتاب.
پيغمبريءَ جي باغ جا ريحان ۽ گلاب،
هڪ اِنما سريري ۽ پيو هَل آتنيٰ ثنا.
حضرت حسن امام رمن نور پنجتنؑ،
هن ظالمن جي ظلم ڪئون ٿيو سبز پيرهن.
حضرت حسين سيد مظلوم ڪفن،
ڪُوفين ڪُنو دَغا ڏئي دَر دَشت ڪربلا.

(درس، ٢٠١٧: ٦٧)

هر احساس رکندڙ دل جي وائي هن مرثيي ذريعي جو پيغام آهي.

**ڪربلا جو وائي ڏاڍو واقعو**

هَيءَ ڪڏهن ٿيو ڪونہ ههڙو حادثو،
ڇا چوي ڪو شرح احوال جو،
ڪنهن کي طاقت تا ڪري هيءَ گفتگو،
جنهن ڪنهين هن درد ۾ ڪو ماريو دم،
روئي ڪاغذ ڦاريو ۽ ساڙيو قلم،
ٿو ڪري راوي روايت معتبر.

(درس، ٢٠١٧: ٦٨)

مسلسل مرثيو ٤١ بند ڪُل، جن مان ١٦ بند ڏجن ٿا:

ٿيا ڪربلا ۾ محشر فرياد يا رسولؐ،
لَهہ سار تن جي سرور فرياد يا رسولؐ.

ور وير واھر، فرياد يا رسولﷺ،
ڏي اھلبيت آڌار، فرياد يا رسولﷺ.
اڄ ڪربلا ۾ ڪوفين گھيريو سندوءِ گوھر،
ويرين حسينؑ ويڙھيو وارث تون وھلو وَر.
ھت ڏوھٽا پوٽا تنھنجا تہ سڀ ويا وڍائي سر،
سر ڪنئون سڃا ٿيا سرور، فرياد يا رسولﷺ.
ميرن چڙھيو مدينو پر ڏھن وير ويرين،
مڪي ٿيا مڪين ڏئي ديس دشمنن.
سي ڪوٺي ڪربلا ۾ ڪُٺا ھاءِ ڪُوفين،
ماريا سندءِ مسافر، فرياد يا رسولﷺ.
اڄ ساٿ تنھنجو سيد منھن آفتن جي آھ
لُٽجن ٿا لعل تنھنجا تون ان قافلي تي ڪاھہ.
بيڪس بچاءِ بند مئون يتيمن تئون ھَٿ مَ لاھہ،
اي نور ننگ پرور، فرياد يا رسولﷺ.
سرور تي سر وڍائي، سڀئي رڻ ٿا رت رُلن،
بيڪس ٻچا جي تن جا سي تن لئي ٿا رت روئن.
ھو پرزہ پرزہ پٽ ۾ ھي سر پٽي ھڻن.
ھي بي سرن جا بي گھر، فرياد يا رسولﷺ.
سر تن جا نيزي نوڪ ۾ ھن سڀ اگھاڙا سر،
منھن ھن جا رت ڀريا ڏسي ھن مليا ڦلھير.
ھن داغ ھن جي دل تي ھِنَ ھُنَ لئي ڪيا حشر،
ھُن ڪفن ھِن نہ چادر، فرياد يا رسولﷺ.
وارث وڍائي سر ويا سر ھن جي ڪيائون سُڄ.
پاٽيءَ جو ڏس پڇن ٿا ڏسيو رڻ جي روءِ رُڃ،
آءُ ٻُڌ ٻچن جي ڀاڪر، فرياد يا رسولﷺ.
مُرسل جوان ماريا جاني جگر سندا،
ميرل نہ سيج ماٽي نہ ڪنھن سھرا سر ٻڌا.

’ثابت علي‘ جي سيد ڪر ماڻ مصطفيٰ،
ڏي صحت تنهن کي سرور، فرياد يا رسولﷺ.

(درس، ۲۰۱۷: ۹۴)

ثابت علي شاهه جي فڪر ۽ فن لاءِ اهو ئي چئي سگهجي ٿو تہ هو هنگامہ جنگ جا ڪرتب ۽ هُنر ان تفصيل سان بيان ڪري ٿو، جنهن جو نظير ڪنهن ٻئي سنڌي مرثيہ گو جي شاعريءَ ۾ نظر نٿو اچي. روايتن جي حساب سان سن ماه سال سچا صحيح واقعات جيڪي عربي، فارسي ۽ مختلف ٻولين ۾ تاريخ جو حصو آهن، هاڻي ان ۾ فڪر، سوچ، طرز بيان ۽ فن ثابت علي شاهه جو پنهنجو انداز آهي. منڍ کان توڙ تائين قصي کي بيان ڪرڻ ۽ مسلسل مرثيي ۾ ان قصي جي ڪردار جو ذڪر شامل آهي. اهي ڪردار جيڪي بنو هاشم جا آهن ۽ اصحابن ساٿين جا آهن ۽ ٻيا اهي ڪردار جيڪي امام عالي مقام کان نصرت مدد ڪرڻ خاطر رستي پنڌ سفر دؤران اچن ٿا.

مطلب تہ جن جن ڪردارن جتي جتي جنهن محل و وقوع سان پنهنجو ساٿ نڀايو آهي، ان کي من و عن صحيح ۽ موزون بيان ڪرڻ ثابت علي شاهه جو ڪمال فن آهي. ياد رکجي تہ ڪنهن بہ شاعر جي شاعريءَ جي جڏهن تحقيق تي قلمبند ڪبو آهي تہ ان ۾ پهرين تہ ان ڳالهہ تي غور ڪبو تہ هن اگر ڪنهن تاريخي واقعي کي بيان ڪيو آهي تہ پوءِ هن جي شاعري تاريخ سان تڪيل هئڻ گهرجي. ان ۾ ذرو بہ ڪنهن اضافي هِتان هُتا جا قصا شامل نہ هئڻ گهرجن. سنڌ جي ڌرتي هميشہ صوفين، ولين ۽ پيرن جي آماجگاهہ رهي آهي. واحد هيءَ ڌرتي آهي، جتي عرب جا سمورا واقعات بيان ٿيندا رهيا آهن، تنهن ۾ ڪربلا جو قضيو اول فهرست ۾ آهي. لاڪيڻي لعل لطيف سُر ڪيڏاري ۾ بيت ۽ وائين ۾ ان قصي کي بيان ڪيو آهي ۽ عوام الناس کي فڪر جي دعوت اڳ ۾ ڏيئي چڪو آهي.

بقول لطف الله بدوي:

”ثابت علي سچل جو همعصر پڻ آهي. سيد ثابت علي شاهه جو سمورو ڪلام علم عروض جي حدن اندر آهي ۽ يقين سان چئي سگهبو تہ سنڌي شاعريءَ ۾ انقلاب پيدا ڪندڙ ۽ موزون سنڌي شاعريءَ جو مؤجد سيد ثابت علي شاهه آهي. خدا جي قدرت ڪيس شاعريءَ ۾ اُهو ڀاڱو نصيب ٿيو، جنهن کي شاعريءَ جي فن ۾ اعليٰ درجو حاصل آهي يعني ’مرثيہ‘.“ (مرزا: ۱۹۷۰: ۳۴)

مشهور زمانہ ’مرثيہ مير انيس مراثي انيس‘ جلد اول مان مرثيو، جنهن جا ڪُل بند ۱۸۲ آهن.

مرثيي جا ابتدائي بند ’دعائيه‘ جيڪو سنڌ بورڊ طرفان ٻارهين ڪلاس جي درسي ڪتاب ۾ به موجود آهن، چند بند هتي ڏجن ٿا:

یا رب چمن نظم کو گلزار ارم کر - اے ابر کرم خشک زراعت پہ کرم کر
تو فیض کا مبدا ہے توجہ کو دم کر - گمنام کو اعجاز بیانوں میں رقم کر

جب تک یہ چمک مہر کے پرتو سے نہ جائے - اقلیم سخن میرے قلم رو سے نہ جائے
اس باغ میں چشمے ہیں تیرے فیض کے جاری - بلبل کی زبان پر ہے تری شکر گزاری

ہر نخل برومند ہے یا حضرت باری - پھل ہم کو مل جائے ریاضت کا ہماری
وہ گل ہوں عنائت چمن طبع نکو کو - بلبل نے بھی سونگھا نہ ہو جن پھولوں کی بو کو

غواص طبیعت کو عطا کر وہ لالی - ہو جن کی جگہ تاج سر عرش پہ خالی
ایک ایک لڑی نظم ثریا سے ہو عالی - عالم کی نگاہوں سے گرے قطب شمالی

سب ہوں در یکتا نہ علاقہ ہو کسی سے خالی - نذران کی یہ ہوں گے جنہیں رشتہ ہے نبیؐ سے
بھر دے دُر مقصود سے اُس دُرج دہاں کو - دریائے معافی سے بڑھا طبع رواں کو

آگاہ کر انداز تکلّم سے زباں کو - عاشق ہو فصاحب بھی وہ دے حسن بیان کو
تحسین کا سموات ہے غل تا بہ سبک ہو - ہر گوش بنے کان ملامت وہ نمک ہو

تعریف میں چشمے کو سمندر سے ملا دوں - قطرے کو جو دوں آب تو گوہر سے ملا دوں
ذرّے کی چمک مہر منوّر سے ملا دوں - خاروں کو نزاکت میں گل تر سے ملادوں

ذرّے کی چمک مہر منوّر سے ملا دوں - خاروں کو نزاکت میں گل تر سے ملادوں
گلدستہ معنٰی کو نئے ڈھنگ سے باندھوں - اک پھول کا مضمون ہو تو سو رنگ سے باندھوں

### ٣.٣ ’مير انيس‘ سيد ببر علي: هڪ تعارف

دنيا ۾ ادب جي تاريخ جهڙيءَ طرح سماج مان پنهنجي لاءِ غذا حاصل ڪري ٿي، ان ۾ شاعر ۽ اديب همدرد ۽ مناسب ماحول جي تلاش ۾ هوندا آهن. مير انيس جو تعلق هڪ اهڙي ماحول ۽ زمان

سان آهي، جنهن ۾ مرثيي کي هڪ خاص فرقي سان منسوب ڪيو ويندو هو. مراثي انيس جلد اول جي مهاڳ پروفيسر سيد احتشام حسين لکيو آهي تہ: ”اگر محض شیعہ حکومتوں کی سرپرستی کسی صنف ادب کو ترقی دینے میں مکمل طور پر معین ہوتی تو فن مرثیہ گوئی کی تکمیل ایران اور گولکنڈہ میں ہو جانی چاہیئے تھی۔“ (احتشام، ١٩٥٩ع: ١٠)

جيئن تہ هندستان ۾ اوڌ جي نوابن ۽ بادشاهن جي زماني ۾ لکنؤ ۾ عزاداريءَ جو عروج هو ۽ محرم الحرام جي هڪ خاص حيثيت هئي. هڪ طرف شاعر سرپرستي بہ رهي، اگر اسان تاريخ جي مطالعي سان ڄاڻ حاصل ڪنداسين تہ مير انيس ۽ ان جي شاعري ڪنهن خاص فرقي يا مخصوص نقطہ نظر جي ترجماني سان ترقيءَ جون منزلون نٿي طئہ ڪري. مير انيس جي تعارف ۾ ڏسنداسين تہ هو ادب جي هڪ اعليٰ ترين ورثي جو حامل ٿو نظر اچي، بلڪ ادبي سرمايي ۾ اضافو ڪندي نظر ايندو.

دائره معارف اسلاميہ جي شماري... جلد ٣ ’انيس نمبر‘ ۾ مير انيس جي موروثي جو ذڪر هن ريت اچي ٿو:

### ٣.٣.١ انيس جو حسب و نسب


”انیس: میر ببر علی نام، اردو کے نامور شاعر اور ممتاز مرثیہ گو، نسبتاً سید تھے۔ مورث اعلیٰ امامی موسوی عہد شاہ جہانی (١٦٢٨تا١٦٥٨ء) میں ہرات سے آئے اور پرانی دلّی میں آباد ہوئے۔“ (دائره معارف اسلاميہ، ١٩٦٨ع: ٥٠٠)

مير انيس جي ولادت ۾ مقرر هڪ خاص تاريخ نٿي ملي. دائره معارف اسلاميہ ۾ آهي تہ:

”مشہور مثنوی نگار میر حسن نقل مکانی کر کے فیض آباد چلے آئے، جہاں ان کے منجھلے بیٹے میر خلیق کے ہاں ١٢١٦ھ ١٨٠٣-١٨٠١ء میں میر انیس کی ولادت ہوئی۔“ (دائره معارف اسلاميہ، ١٩٦٨: ٥٠٠)

مير انيس جو خاندان هميشہ کان مؤقر ۽ محترم سمجهيو ويندو هو. هن گهراڻي جي زبان کي سَنَدَ جو درجو حاصل هو. سخن فهمي ۽ سخن گوئيءَ ۾ هن جو مثال نہ هو. هن خاندان جي هر فرد کي شاعري ڄڻ تہ ورثي ۾ مليل هئي. ان جو اندازو هن خاندان جي شجري مان ملي ويندو.

## مير انيس جو خانداني شجرو




(دائره معارف اسلاميہ: ١٩٦٨: ٥٠١)

*”میر ببر علی انیس فیض آباد میں پیدا ہوئے۔ پیدائش کا تو صحیح سن معلوم نہیں، البتہ بعض قرینوں سے پتہ چلتا ہے کہ ١٢١٦ھ اور ١٢٢٠ھ کے درمیان واقع ہوئی۔“* (رضوي، ١٩٥٦: ٢٩)

مير انيس جي خاندان ۾ شاعري ڪئين پشتن کان هلندي آئي. سندن پڙ ڏاڏو مير غلام حسين صاحب فارسي ۽ اردو ٻنهي زبانن ۾ شعر چوندو هو. ان جي طبعيت ۾ فطرتاً مشڪري ۽ مذاق هوندو هو. ڪيترن ڪتابن مان اهو ذڪر ملي ٿو. هر وقت کِلڻ کِلائڻ جي طرف ڪم هوندو هئس. ان مناسبت سان ضاحڪ تخلص اختيار ڪيو.

”ہر وقت ہنسنے ہنسانے سے کام تھا۔ اسی مناسبت سے ’ضاحک‘ تخلص اختیار کیا۔“ (رضوي، ١٩٥٦: ٢٩)

مير انيس جو ڏاڏو مير غلام حسن وڏي پائي جو شاعر هو. ان جون مثنويون سحر البيان هڪ اهڙو بہ ڪارنامو هو، جنهن تي اردو شاعريءَ کي هميشہ فخر رهندو.

هي غزل جا استاد هئا ۽ مرثيو بہ چوندا هئا. دهلي ۾ پيدا ٿيا ۽ جوانيءَ ۾ پنهنجي والد سان گڏ فيض آباد هليا ويا. مير انيس جو والد مير مستحسن خليق بہ باڪمال شاعر هو. فيض آباد ۾ پيدا ٿيو ۽ اتي ئي رهيو، مگر آخر عمر ۾ لکنؤ هليو ويو. شعر جو ذوق ۽ شاعريءَ جو هُنر ورثي ۾ مليو هئس. سورنهن ورهين جي عمر ۾ شعر چوڻ لڳو. اصلاح لاءِ شاگردي شيخ مصحفي کان ورتي، جيڪو غزل جو استاد هو. ان لاءِ ان شاگرد کي بہ ان راهہ تي لڳايو. خليق غزل گوئي جي ميدان ۾ گهڻي ڪاميابي نہ ماڻي، ان لاءِ مرثيہ گوئيءَ جي طرف آيو ۽ ڪامياب ٿيو. هاڻي ڏسجي تہ مير خليق جا همعصر تي مشهور مرثيہ گو پيا بہ هئا: مير ضمير، ميان دلگير ۽ مرزا فصيح مگر خليق جو مرثيہ گوئيءَ ۾ نالو چمڪي ويو.

هي بيان خليق لاءِ:

”وہ جب مرثیہ پڑھتے تھے تو چشم وابرو کے اشاروں سے، اعضاء کی مناسب حرکتوں سے اور آواز کے اُتار چڑھاؤ سے مضامین کی تصویر کھینچ دیتے تھے۔“ (رضوي، ١٩٥٦: ٣٠)

مير مهر، علي اُنس ۽ مير نواب مونس هي ٽيئي شاعر هئا ۽ مرثيہ گوئي ۽ مرثيہ خواني جو خوب ذوق هيو انهن ۾، جيڪو هنن کي پنهنجي اباڻي خاندان مان ورثي ۾ مليو هو. مير انيس جهڙي طرح سن ۾ سيني کان وڏو هو، اهڙيءَ طرح پنهي فنن ۾ بہ پنهنجي ڀائرن کان گهڻو اڳيرو هو. مير انيس مرثيہ گوئي ۽ مرثيہ خوانيءَ کي ترقيءَ جي منزل تي پهچايو، جتي ڪير بہ نہ پهچي سگهيو.

چون ٿا تہ مير انيس جو تعليم ۽ تربيت ۾ بہ صرف ايترو معلوم آهي تہ هن مير نجف علي فيض آبادي ۽ مولوي حيدر علي لکنويءَ کان تعليم ورتي هئي، جيڪي ٻئي زبردست عالم ۽ فاضل هئا. مير انيس جي والده هڪ تعليم يافتہ خاتون هئي. فارسي زبان ۽ مذهب کان خوب واقفيت هيس ۽ يقينن مير انيس ابتدائي تعليم ان معظمہ کان ورتي هوندي.

”یقینا میر انیس نے ابتدائی تعلیم انہی معظمہ سے حاصل کی ہو گی۔ شاعری میں ان کے کسی استاد کا پتہ نہیں چلتا مگر ظاہر ہے کہ اس فن کے وہ شعبے جو اکتساب سے تعلق رکھتے تھے، انہوں نے اپنے والد میر خلیق سے سیکھے ہونگے۔ انہوں نے کلام میں جابجا میر خلیق کے فیض تعلیم اور ان کے اتباع کا ذکر کیا ہے۔“ (رضوي، ١٩٥٦: ٣٠)

**مير انيس کي پنهنجي فن تي ناز هو:**

"میر انیس اکثر موقعوں پر ناز کے لمحوں میں کہتے تھے صاحبو 'ارباب لکھنو' اس طرح ہمیں بولیئے، یہ میرے گھر کی زباں ہے۔" (شبلي نعماني، ١٩٦٨: ٢٨)

### ٣.٣.٢ مير انيس موروثي شاعر

مير انيس کي موروثي شاعر هئڻ ڪري اُهي خاص جوهر به اباڻن کان مليل هئا، پر مير انيس جي مرثين ۾ واقعات ۽ ڪيفيتن جي هڪ تصوير چٽيل هوندي هئي. اها به کين پنهنجي پيءُ ڏاڏي کان ورثي ۾ ملي. سندس ڏاڏو مير حسن واقعه نگاريءَ ۾ وسعت رکندو هو. عام ڳالهه ٻولهه جي پرواهه نه ڪندو هو، پر مير انيس واقعه نگاري ۽ مصوريءَ ۾ بندش ۽ گفتگوءَ کي مدنظر رکندو هو ۽ اها قادرالڪلامي جي انتها آهي.

"اول تو فطرتاً انتہائی غیور اور سنجیدہ تھے اور پھر لکھنو کی اعلیٰ ترین صحبتوں نے مذاق کو بھی بلند کر دیا۔ماں کی تربیت نے شائستگی، خوش خوئی، خودداری اور سنجیدگی کوٹ کوٹ کی بھر دی تھی۔ لکھنو کی پرورش میں نازک مزاجی بھی حد سے زیادہ بڑھ گئی تھی۔ بہترین سوسائٹی ملی اور یہی سب باتیں ایک وقت میں سیرت بن گئیں۔ باپ شاعر، دادا شاعر، پردادا شاعر اس لیے خود بھی کہہ دیا -ع پانچویں پشت ہے شبیر کی مداحی میں۔" (احتشام، ١٩٥٨: ٤٠)

### ٣.٣.٣ مير انيس اصل نواب خاندان مان

مير انيس جي طبيعت ۾ خوش پسندي هرگز نه هئي ۽ اهو کيس خانداني هئڻ جو وديعت ڪيل آهي.

آصف الدولا جي دور ۾ فيض آباد بجاءِ لکنؤ دارالسلطنت قرار ڏيو هو. مير انيس جو ڏاڏو ۽ بابو جيئن ته بهو بيگم (شجاع الدولا جي بيواهه) ان جي منظور خاص شريڪ خاندان مان هئا. بهو بيگم هڪ ديندار ۽ وضع قطع واري محبت اهلبيت رکندڙ خاتون هئي. علامه ڊاڪٽر ضمير اختر نقوي پنهنجي اڪثر مجلس عزا ۾ جڏهن به هندستان جي عزاداري ۽ محبان اهلبيت جو ذڪر ڪندو هو ته ان ۾ بهو بيگم جو ذڪر سرفهرست هوندو هو، سو هتي مير انيس جي تعارفي ڳالهه ۾ سندس خاندان جو جنهن هستيءَ سان خاص تعلق هجي، ان ۾ بهو بيگم آصف الدولا جو ذڪر ضروري آهي. بهو بيگم امة الزهرا صاحبه اوڌ جي ٽئين نواب شجاع الدولا جي گهر واري هئي.

“Bahu Begm (H.H. Nawab umatuz-Zohra Begam Sahiba) was the widow of the third Nawab of Avadh or Oudh, Shua-ud-Daila (H.H. Shuja-ud-Daula, Nawab Mirza Jalal-ud-din Haider Khan Bahadur, Nawab Wazir or Oudh, r. 1754-75) (r.wikipedia)

”آصف الدولہ کے عہد (۱۱۸۸ھ/ ۱۷۷۴ءتا۱۲۱۲ھ/ ۱۷۹۷ء) میں فیض آباد کی بجائے لکھنو دارالسلطنت قرار پایا تھا، لیکن میر حسن اور میر خلیق دونوں بہو بیگم (بیوہ شجاع الدولہ) کے متوصلین میں سے تھے، اس لیے ان کا مستقل قیام فیض آباد ہی میں رہا۔ گو میر خلیق، میر انیس اور خاندان کے دیگر افرادا کثر لکھنو آتے جاتے رہتے تھے، چنانچہ میر انیس نے تعلیم کی تکمیل لکھنو ہی میں کی۔ امجد علی شاہ کے عہد (۱۸۴۴ءتا۱۸۴۷ء) فیض آباد کی رہی سہی رونق بھی ختم ہو گئی تو میر صاحب مستقل طور پر لکھنو چلے آئے۔ اس وقت آپ کی عمر بیالیس سال سے متجاوز تھی۔ پھر انتزاع سلطنت تک وہ لکھنو سے باہر نہ نکلے۔ یادگار انیس کے مصنف کا بیان ہے کہ زوال سلطنت کے بعد کچھ دنوں کے لیے کاکوری میں بھی مقیم رہے۔ ۱۸۵۹ء میں عظیم آباد کا سفر کیا اور ۱۸۶۰ء میں نواب قاسم علی خان کی دعوت پر ایک بار پھر وہاں گئے۔ ۱۸۷۱ء میں سید شریف حسین (بن ارسطو) کی تحریک سے نواب تھور جنگ نے بااصرار حیدر آباد (دکن) بلا لیا۔ اہل حیدر آباد نے ان کے کمال کی بہت قدر کی۔“ (**دائرہ معارف اسلامیہ، ١٩٦٨: ٥٠١-٥٠٢**)

### ٣.٣.۴ مسڪن انيس فيض آباد ۾

**روح انيس ۾ آهي تہ مير انيس جي ولادت فيض آباد ۾ ٿي. جيئن تہ سڀ متفق آهن پالپڻ جو سفر والد سان گڏ فيض آباد کان لکنؤ ڪيو. ان کان پوءِ لکنؤ ڪيئي دفعا آيو ويو، وري جڏهن مستقل لکنؤ اچي سڪونت اختيار ڪيائين تہ پوءِ ڪيڏانهن نہ ويو.**

”سلطنت اودھ کے انتزاع اور لکھنو کی تباہی کے بعد ضروریاتِ زندگی نے مجبور کر دیا کہ وہ قدردانوں کی طلب پر لکھنو سے باہر نکلیں۔ پروفیسر آزاد کی تحقیق کے موافق میر صاحب نے پہلے پہل ۱۸۵۹ء میں پٹنہ کا سفر کیا اور ان کے سفر الہ آباد، بنارس،، پٹنہ اور حیدر آباد دکن تک محدود رہے۔ سب سے آخری اور ناگزیر سفر جس سے کسی ذی حیات کو مفر نہیں، ۱۲۹۱ھ میں پیش آیا اور اس باکمال شاعر نے کوئی ایک مہینہ بیمار رہ کر تقریباً بہتّر برس کی عمر میں ملک بقا کی راہ لی۔“ (رضوي، ١٩٥٦: ٣٦)

**انيس جي شهرت ۾ سندس مرثيہ نقل در نقل ٿي پري پري تائين ڦهلجي چڪا هئا.**

"مرثیوں کی اشاعت

میر صاحب کی زندگی میں ان کے مرثیے دور دور تک پھیل چکے تھے۔ پہلی مرتبہ باقاعدہ جمع و ترتیب کلام کا خیال منشی نول کشور کے ذریعے وجود پذیر ہوا۔ چنانچہ نومبر ۱۸۷۴ء (ذی قعد ۱۲۹۳ھ) میں اٹھائیس مرثیوں، انیتس رباعیوں اور تین سلاموں پر مشتمل ایک جلد چھپ کر تیار ہوئی۔

مقبرہ

میر صاحب نے اپنے آخری مکان مسکونہ واقع سبزی منڈی چوک میں ایک باغ خریدا اور اس میں ایک کمرہ تعمیر کرایا تھا۔ اسی کمرے میں انہیں سپرد خاک کیا گیا۔" (فاضل، ۱۹۷۴: ۱۰)

## ۳.۴ مير انيس جي مرثيہ نگاريءَ جون فني ۽ فڪري خوبيون

هڪ خاص ڳالهہ جيڪا مرثيي جي فن، بناوت ۽ مقصد سان گهرو تعلق رکي ٿي ۽ اها مرثيي جي ارتقا تي بہ اثرانداز ٿي آهي، اها آهي ان جي پڙهڻ جو طريقو! اڪثر نقاد محقق ان ڳالهہ کي نظرانداز ڪري ويندا آهن تہ مرثيي کي تحت اللفظ پڙهڻ جي ڪري جيڪو مرثيہ نويسيءَ تي اثر پيو آهي، اهو ان لاءِ مفيد بہ ثابت ٿيو آهي تہ نقصانده بہ ثابت ٿيو آهي. لکنؤ ۾ مرثيو منبر تي ويهي پڙهڻ جو فن پنهنجي جڳهہ تي اظهار ڪمال جو ذريعو بنجي ويو ۽ اهو چوڻ غلط نہ ٿيندو تہ مير انيس مرثيہ گوئيءَ سان گڏوگڏ مرثيہ نويسيءَ کي بہ هڪ اهڙي بلنديءَ تائين پهچائي ڇڏيو، جنهن جو اڄ تصور بہ نٿو ڪري سگهجي. هڪ وڏي ميڙ جي سامهون هڪ مرثيہ خوان پنهنجي پوري قوت سان ڏيڍ سؤ جي مجمعي ڪان مٿي جي هجوم جي سامهون پڙهي ان وقت آواز کي پهچائڻ لاءِ پري تائين ڪو سائنسي آلو ذريعو بہ نہ هو. مرثيہ خوانيءَ جي فن تي نير مسعود مير انيس جي خاندان ۽ همعصر شاعرن مرثيہ نگارن جي فن تي بحث ڪيو آهي. ان ۾ لکي ٿو: "(محرم کی) پہلی تاریخ قریب پانچ ہزار کا مجمع ہو گیا تھا۔ ہور جنگ نے میرے پاس آکر کہا کہ آپ میں طاقت ہو تو مجلس میں شریک ہوں، شاید مجلس کی برکت سے (مرض میں) تخفیف ہو جائے۔ میں عجیب حال زار سے مجلس میں پہنچا۔ میر محمد (سلیس) سے پڑھنے کو کہا۔ انہوں نے چند بند پڑھ کر ختم کر دیا۔ میں اسی حال میں اٹھ کر منبر پر گیا اور چند بند آہستہ آہستہ پڑھے۔ فقط سید الشہداء کی تائید تھی کی مجلس کا حال دُگرگوں ہو گیا۔ معلوم ہوتا تھا لکھنو میں پڑھ رہا ہوں۔ پڑھنے کے بعد ساری مجلس، جو امراء اور اہل خلاف سے مملو تھی، میرے قدموں پر گر پڑی۔" (نير، ۲۰۰۵: ۱۱-۱۲)

نير مسعود حوالو ڏئي ٿو:

”تذکرہ مرغوب دل، سید محمد علی خاں معروف بہ نواب دولہا صاحب شمس آبادی مسودہ بہ خط مصنّف (بہ حوالہ دبیر اور شمس آباد، از سید محمد صادق صفوی، مسودہ بمصنف) اس سلسلے میں نظم طباطبائی کا یہ بیان دلچسپی سے خالی نہیں: میں نے سنا کسی زمانے میں حکیم میر اصغر علی کی داستان سے حکیم میر اصغر علی داستان گو (حکیم میر ضامن علی جلال کے والد تھے) کو دو ایک دفعہ میر انیس بھی چلے آئے تھے اور میر صاحب کی مجلس میں حکیم صاحب تو جایا کرتے ہی تھے۔ انہوں نے دیکھا کہ داستان سننے کے بعد رزم کا بیان پڑھنے میں میر صاحب کا لہجہ کچھ بدل گیا ہے۔ سمجھے کہ ہمارا تتبع کیا ہے۔ مجھ سے مرحوم میر ذاکر حسین یاس نے بیان کیا کہ حکیم صاحب کہا کرتے تھے کہ رزم کا میدان باندھنے میں اور پڑھنے میں انیس نے ہمارے طرز کو اڑالیا۔

اسی ضمن میں نظم طباطبائی بیان کرتے ہیں کہ ایک مرتبہ وہ میر مونس کا مرثیہ سننے کے بعد حکیم میر اصغر علی کی داستان سننے کو چلے گئے۔ حکیم صاحب نے رمز کے بیان میں رجز تو اس طرح ڈانٹ کر پڑھا کہ مونس کے دو دو مصرعے جو ابھی ہم سن کر آئے تھے، یاد آگئے:

تیغوں کے دم بڑھیں فرسوں کے قدم بڑھیں،
کیا دیر ہے اُدھر سے بڑھو تم تو ہم بڑھیں۔

یہ بیان کر کے نظم لکھتے ہیں:

اب اس کا فیصلہ کون کرے کہ رجز پڑھنے کا یہ طرز حکیم صاحب وہاں سے اڑالائے تھے یا وہ لوگ ان کی داستان سن کر اڑا لے گئے تھے۔ سچ یہی معلوم ہوتا ہے کہ اس طرز کے موجد داستان گو ہی ہوئے ہیں۔“ (نیر، ۲۰۰۵: ۱۳-۱۵)

**مير انيس جي خاندان ۾ داستان گوئي جي روايت موجود هئي، يعني سندن ننڍو چاچو مير احسان مخلوق داستان گو هو. ليڪ نير چوي ٿو ته:**

”جناب میر انیس (اپنے پوتے دولہا صاحب) کو ہر وقت اپنے زانو پر بٹھائے رکھتے تھے اور پیار سے فرماتے تھے کہ اب تُو مرثیہ پڑھے گا؟ یہ جواب دیتے کہ جی ہاں پڑھوں گا۔۔۔ (میر انیس) فرماتے تھے کہ عورتوں کی بولیاں اور جانوروں کی بولیاں سیکھو۔“ (نیر، ۲۰۰۵: ۱)

”<u>فن مرثیہ میں ایک مرثیہ خواں اور نثر خواں کی ہدایت:</u> یہ طریقہ نثر خوانی مثل طرز خوانگی مرثیہ میر انیس صاحب ہے کہ بے سیکھے نہیں آتا، جب تک صحبت میں نہ آکر بیٹھے اور نہ اور نہ پڑھے۔ اُس وقت تک فقرے کی بھی شرط و جزا کا امتیاز نہ ہوگا۔

جب نشست منبر درست کرے اور چاروں طرف دیکھے، اچھی طرح سے نگاہ کرے کہ سب طرف کے دیکھنے سے دل کا دھڑکا ہوتا ہے، طبیعت کو اطمینان حاصل ہوتا ہے، رعب مجلس معلوم نہیں ہوتا۔ سیدھا بیٹھے، پاؤں کو فرق سے رکھے، ملے نہ رہیں، دونوں زانوں کشادہ نہ ہوں، دونوں بازو پہلو میں رہیں، کمر خمیدہ نہ بیٹھے، مرثیہ کا ہاتھ ذرا سا تر چھا رہے، اپنے تیئں تولے رہے، بدن کو کسے رہے، کمر قوی رہے، دل قابو میں رہے۔" (نير، ٢٠٠٥: ١١)

### ٣.۴.١ انيس خوش الحان

ڪتاب ’روح انيس‘ جو ليکڪ لکي ٿو تہ مير انيس نهايت خوش آواز هو. جيترو خوش آواز ان کان وڌيڪ خوش بيان بہ هو. ان جو دفتر ڪلام سندن خوش بياني جي شهادت ٿو ڏئي. موافق يا مخالف چو نہ هجي، ڪو بہ اهڙو شخص نہ آهي، جيڪو مير صاحب جي خوش بيان جو قائل نہ هو. خوش آوازي ۽ خوش بيانيءَ کان علاوه تقرير جو سڀ کان وڏو گڻ اهو آهي جو مقرر جي آواز جي هيٺ مٿاهين، چهري جا تاثرات، عضون جي حرڪت اهي سڀ ڳالهہ موقعي محل جي مناسبت سان هجن. ان مقرر جي تقرير جو لفظ بہ لفظ پڙهڻ وارن جي دلين تي نقش چٽيندو آهي. چوي ٿو:

"میر انیس کو خدا نے وہ تمام ذرائع حد کمال تک عطا فرما دیئے تھے، جن سے کوئی شخص اپنے دل کے حالات اور خیالات دوسرے کے دل تک پہنچا سکتا ہے اور ان میں تقریر کا وہ سب سے بڑا وصف جس کا ابھی ذکر کیا گیا ہے، انتہائی درجہ تک موجود تھا۔ وہ مرثیہ اسی طرح بڑھتے تھے کہ کلام کا اثر بدرجہ بڑھ جاتا تھا۔ ایک ایک اشارے سے واقعات کی تصویر کھینچ دیتے تھے۔ بڑے بڑے لوگ ان کا پڑھنا سن کی مبہوت و متحیّر ہو جاتے تھے۔ عام طور پر مسلم ہے کہ میر انیس کا سا مرثیہ پڑھنے والا آج تک پیدا نہیں ہوا۔" (رضوي، ١٩٥٦: ٣٦)

نائب حسين نقوي مراثي انيس ۾ بيان ڪري ٿو تہ: مير انيس عام رواج مطابق شاعريءَ جي ابتدا غزل سان ڪئي، پر انيس جي فطري قوت شاعري ڪيس مرثيي جي ڪمال تائين پهچائي ڇڏيو. مير انيس جا غزل تہ دستياب ناهن، مير انيس جي شاعريءَ جو اصل ميدان مرثيو آهي.

سيد مسعود حسين رضوي چوي ٿو:

"میر انیس بڑے قادر الکلام ہیں، ان کو یہ قدرت حاصل ہے کہ جو نازک سے نازک خیال دل میں پیدا ہو اور لطیف سے لطیف کیفیت طبیعت پر طاری ہو، اُسے لفظوں میں بیان کر دیں۔ وہ جیسا خیال ظاہر کرنا چاہتے ہیں، ان کے پاس لفظوں کا اتنا بڑا خزانہ موجود ہے، جس سے زائد شاید ہی کسی اور شاعر کو نصیب ہوا ہو۔ مترادفات کے نازک فرقوں کا بھی بہت لحاظ کرتے تھے۔ وہ ایک ہی واقعے کو جزئیات و تفصیلات کے اختلاف کے ساتھ بیسیوں طرح پر بیاں کرتے اور ہر طرح وہ واقعہ مطابق فطرے رہتا ہے

نہ اس کی دلچسپی کم ہونی پاتی ہے نہ نظم کا زور گھٹنے پاتا ہے۔ یہ ایسی خصوصیات ہیں جو شاید دنیا کے کسی اور شاعر کے حصے میں نہیں آئیں۔" رضوي، ١٩٥٦: ٣٨)

**ذڪر خدا ۽ نعت رسول مقبول ﷺ:** ڪئين شاعرن جي حصي ۾ سعادتون آيون. مير انيس ذڪر (محمد.....) منبر تي ائين بيان ڪندا هئا، جو لڳندو هو تہ هينئر هينئر محمد مصطفيٰ جي حاضري مجلس مان اٿي آيو هجي.

تصویر رسول عربی دیکھ رہے ہیں،
آنکھوں کی ہے گردش کہ نبی دیکھ رہے ہیں۔
مژدہ یہ سنا احمد مختار نے جس دم،
پس شکر کے سجدے کو گری قبلہءعالم۔
آئے طرف خانہ زہراعہ خوش و خرم،
فرمایا مبارک پسر اے ثانیء مریم۔
چہرا مجھے دکھلا دو مرے نورِ نظر کا،
ٹکڑا ہے یہ فرزند محمد کے جگر کا۔
کی عرض یہ اسمانے کہ اص خاصہ داور،
نہلا لوں تو لے آؤں اسے حجرے سے باہر۔
ارشاد کیا احمد مختار نے ہنس کر،
لے آ کہ نواسہ ہے مرا طاہر و اطہر۔

شاعر جي فني صلاحيتن جو پتو تڏهن پوندو آهي، جڏهن اسان کي خبر نہ هوندي آهي تہ اهي مرثيا مجلسن ۾ پڙهڻ لاءِ لکيا ويا آهن ۽ ٻڌڻ واري جي قوت سماعت سؤ يا ڏيڍ سؤ بندن کان مٿي نٿي ٿي سگهي.

مراثي انيس مان حوالو آهي تہ:

"اس پابندی نے مرثیہ نگاروں کو کبھی اس طرف متوجہ نہیں کیا کہ وہ واقعہ کربلا کو شروع سے اخیر تک حسن ترتیب و تعبیر کا خیال رکھتے ہوئے ایک ہی طویل نظم میں بیاں کردیں۔ اس طرح ایک طویل ایپک کی صلاحیت جو ان مرثیہ نگاروں اور خاص کر میر انیس میں پائی جاتی تھی، وہ کبھی بروئے کار نہ آسکی۔ لیکن ہر مجلس میں ایک نیا مرثیہ پڑھنے کے التزام نے انہیں اس

بات پر مجبور کیا کہ واقعہ کربلا کے مختلف گوشوں کو کبھی سمیٹ کر کبھی پھیلا کر بیان کریں۔ جو بات ایک مرثیہ میں صرف ایک مصرع میں کہہ دی گئی ہے، وہ کسی دوسرے مرثیہ میں پچاس یا ساٹھ بندوں میں کہی گئی ہے۔ اس طرح گو کبھی کبھی یکسانیت کا احساس ہونے لگتا ہے، لیکن نظر غائر سے دیکھنے پر پتہ چلتا ہے کہ میر انیس نے ایک ہی واقعہ کو مختلف مرثیوں میں اپنی قوت بیاں سے کتنے مختلف طریقوں سے پیش کیا ہے۔“(نقوي، ١٩٥٩: ١٩)

اگر مير انيس جي فن شاعريءَ تي مختلف ليکڪن ۽ اديبن جي لکڻين کي ڏسبو تہ سڀئي ان ڳالهہ تي متفق آهن تہ مير انيس پابندي مذهب جو متوالو ضرور هو، پر ڪڏهن بہ ڪنهن ٻئي فرقي واري جي دل آزاري نہ ڪئي اٿس. جهڙيءَ طرح مرثين ۾ ڪربلا جي منظر جي حقيقت نگاري هڪ حقيقي فني فڪر سان ڪئي اٿس، حقيقت جي دنيا ۾ بہ مير انيس پنهنجي ڪردار ۾ ساڳيو پنهنجن لفظن وانگر سچو ٿو نظر اچي.

”میر انیس نے واقعات اور مناظر، کردار اور جذبات کو اس طرح پیش کیا ہے کہ وہ اکثر و بیشتر حقائق سے قریب ہی رہتے ہیں۔ وہ جہاں ایک طرف ایک ایک پھول کے مضمون؛ ہی سو رنگ سے باندھنے کو کمال فن سمجھتے تھے، وہاں اس کا احساس بھی رکھتے تھے کہ: ”ہر سخن موقع و ہر نقطہ مقامے دارو“ اور جس شخص کو اس بات کا احساس ہو کہ جو بات جیسے کہے جانے کی ہے اور جس جگہ کہے جانے کی ہے، اسی طرح اور وہیں کہی جائے، اس کے حقیقت پسند ہونے کسی قسم کا شک نہیں ہو سکتا۔“ (نقوي، ١٩٥٩: ١٩)

### ٣.۴.٢ انيس فطرتاً شاعر

انيس فطرتاً شاعر غزل جو هو. ٻارنهن سالن جي عمر کان شعر چيو ۽ ويهن سالن تائين پختگي اچي ويئي. تخلص ’حزين‘ رکندو هو. هڪ دفعو لکنؤ ۾ امام بخش ناسخ سان مليو:

ان بعد ڪٿي تخلص ’حزين‘ نٿو ملي. انيس غزل ۾ جڏهن روان ٿي چڪو تہ بس ائين ڪٿي چئجي پيءُ ڏاڏي وانگر مرثيي جي دنيا ۾ مستقل طبع آزمائي ڪرڻ لڳو ۽ پيءُ وانگر مرثيا سادي رنگ ۾ مختصر رقت آميز ثواب لاءِ هوندا هئس.

”ایک روایت میں ہے کہ انیس نے فیض آباد میں یہ پہلا مرثیہ لکھا: ”عجب شہزادہ تھا شبیر سبط مصطفٰی یارو“۔“ (فاضل، ١٩٧۴: ٩)

اڳتي هلي مرثيي جي فن ۾ مير انيس رزميہ، بزميہ، خطابيہ، بيانيہ ۽ بينيہ هر فن ۾ مهارت حاصل ڪري مرثيي جي دنيا ۾ فن جو بنياد وجهي ڇڏيو.

هن مرثيي ۾ حضرت عباسؑ جي شخصيت ۾ دليريءَ ۽ پاڻيءَ جي خاطر نهر فرات تي وڃڻ مگر ياد رهي تہ حضرت عباس کي امام حسينؑ جنگ جي اجازت نہ ڏني هئي، صرف پاڻيءَ جي اجازت ڏني هئي. ان لاءِ جو بنت حسينؑ بي بي سڪينہ تمام ٻارڙن طرفان سفارش ڪئي هئي مولا عباس جي. نيٺ امام حسينؑ راضي ٿيا، پر جيئن تہ دشمنن کي جنگ جو ويڙهہ جو انتظار هو، انهن تي شيطاني جنون سوار هو. فرزند رسول هنن کي ڪئين دفعا باز رکيو تہ آءٌ وڙهڻ ڪونہ آيو آهيان، اگر وڙهڻ اچان ها تہ حضرت عباس هڪ اڪيلو ئي ڪافي هو، مگر آخر تائين جنگ جي اجازت نہ ملي. جڏهن مشڪ خالي کڻي نهر فرات جي طرف گهوڙي تي حضرت عباسؑ سوار ٿي هليو، دشمن فوج ۾ ٿاڪوڙو پئجي ويو. هڪ طرف خوف هئن، ٻئي طرف شيطاني جنون سوار هئن.

**۳.۴.۳ رزميہ بيانيہ**

مير انيس تمام منظر کي فني اعتبار سان واقعي منظر بيان خطاب، درد کي مرثيي ۾ بيان ڪيو آهي. عباس علمدار پاڻيءَ خاطر ميدان ڪارزار ڏانهن هليو.

رزمیہ بیانیہ

ہیں عاشق عباس علی حضرت شبیرؑ،
سو بار ہوئے رو روکے بھائی سے بغلگیر،

کہتے تھے تشفی ابھی میری نہیں ہوتی،
پھر چھاتی سے لگ جاؤ کہ سیری نہیں ہوتی۔

جب آخری تسلیم کو جھکتا ہے علمدار،
گرتے ہیں وہ کلیجے کو پکڑ کر شہ ابرار۔

جس وقت سنبھلتے ہیں تو کرتے ہیں یہ گفتار،
ناچار ہوں قابو نہیں دل پر مرا زنہار۔

رقت کا ہے یہ جوش کہ تھراتے ہیں عباس،
ہر مرتبہ قدموں سے لپٹ جاتے ہیں عباس۔

چلاتی ڈیوڑھی پر اک دختر ناتواں،
عباس چچا پھر کے چلے آؤ میں قربان۔۔۔

غش ہو گئی ہیں صحن میں خیمے کے چچی جان،
پانی کے لیے اب نہ سدھارو سوئے میدان۔

جو ہے میری قسمت میں مصیبت وہ سہوں گی،
بابا کو رُلاؤ نہ، میں پیاسی ہی رہوں گی۔

۽ هن طرف يزيد فوج جو سپهہ سالار عمر سعد نو لک فوج کي حڪم ڏنو تہ پاڻيءَ جو قطرو بہ عباس کي نہ ڪٽڻ ڏنو وڃي.

یہ حال سنا جب پسر سعد نے سارا،
گھبرا کے کہا جلد ہو سب فوج صف آرا۔

آتا ہے سوئے نہر یداللہ کا پیارا،
ہاں غازیو روکے رہو دریا کا کنارا۔

گر قتل کیا بازوئے فرزند نبیؐ کو،
جیتا ہی پکڑ لیں گے حسین ابن علی کو۔

مير انيس هن مرثيي ۾ عباس علمدار جي پاڻيءَ، تلوار، گهوڙي تي گرفت مضبوط هئڻ جو ذڪر ڪيو آهي ۽ هڪ دلير جوان جي بهادريءَ جو اهڙيءَ طرح ذڪر ڪيو آهي، جنهن تي جنگ مڙهي ويئي آهي. حقيقت ۾ عباس صرف پاڻيءَ لاءِ ويو هو، ليڪن هاڻي عباس ابن عليءَ جي غيرت ڪيئن گوارا ڪندي تہ خالي مشڪ کڻي خيمن طرف جيئرو وڃي؟

نعرہ تھا کہ ہاں اے سپہ شام خبردار،
عباسؑ دلاور ہے مرا نام خبردار۔

ہے قہر الٰہی مری صمصام خبردار،
نیزہ ہے مرا موت کا پیغام خبردار۔

لخت جگر صاحب شمشیر دو سر ہوں،
ہشیار کہ میں سیر الٰہی کا پسر ہوں۔

فرما کے یہ لی تیغ بہادر نے میاں سے،
گھوڑے کو جو چھیڑا نہ روکا لاکھ جواں سے۔

(نقوي، ١٩٥٩: ١٣٠-١٣١)

هن مرثيي ۾ بينيہ فن تي زور آهي. جڏهن ٻہ معصوم فرزند همشيره امام حسينؑ بي بي زينب سلام عليها جا ميدان جنگ ڏانهن رخصت تي وڃن ٿا ۽ ڪيئن ظلم سان جنگ ۾ شهيد ٿين ٿا. ان ڪان اڳ ۾ پنهنجي ڏاڏي حضرت جعفر طيار جي بهادريءَ جي مثال کي ڪيئن قائم ڪن ٿا جو رهندڙ دنيا تائين اڄ بہ حسيني سپاهہ ۾ سپ ڪان وڌيڪ درد انهن ٻنهي معصومن جو آهي.

جب حضرت زینب ع کے پسر مر گئے دونوں،
تھا شور کہ پیاسے لب کوثر گئے دونوں۔

چھوٹے تھے مگر نام بڑے کر گئے دونوں،
دربار محمدؐ میں برابر گئے دونوں۔

دو بیٹوں کے مرنے کی یکایک خبر آئی،
کے روئی نہ ماتم کیا نے خاک اڑائی۔

معصوم ٻچن جو درد بي بي زينبؑ کي ضرور آهي، ليڪن هن طرف ڀاءُ جي زندگيءَ جي بہ پرواهہ آهي. بي بي زينب جو هر ويڻ (بين) هر فڪر ڀاءُ حسينؑ لاءِ آهي.

کچھ قاسم و اکبر سے سوا ان کا نہ تھا پیار،
کیوں روؤں سلامت ہیں دونوں میرے دلدار۔

سوا ہے پسر ہوں تو نثار شہ ابرار،
میں شاد ہوں رحم اُن پہ کرو ایزد غفار۔

جب تک نہ وہ مارے گئے تھے مجھ کو قلق تھا،
حق بھائی کا مجھ پر تھا تو ان پر مرا حق تھا۔

تھی مجھ کو بڑی فکر کہ کیا ہوگا الٰہی،
پر دونوں نے جو بات کہی تھی وہ نباہی۔

مرتے نہ پسر آج تو تھی ماں پر تباہی،
میں کہتی تھی جو ہوتا تھا میدان کو راہی۔

سر دینے کو رن میں نہ شہ جن و بشر جائیں،
میں تو دعا کی تھی کہ پہلے یہی مرجائیں۔

(نقوي، ١٩٥٩: ١٠٨)

جذبات جي اظهار ۾ به شاعر کي قدرت هئڻ گهرجي. انتها درجي جي مصيبت جو مقام آهي ۽ اڳيان ڪردار جي شخصيت پهلوءَ کي به سامهون رکڻو آهي، يعني اهو ڪهڙي شخصيت جو حامل آهي ۽ هتي مرثيي ۾ جيڪو ذڪر ڪربلا جي معرڪي ۾ ڪردار ادا ڪرڻ وارين هستين جو آهي، تن مان هڪ اهم خاندان محمد مصطفيٰ جو اهي ۽ ٻيا تابعين ۽ اصحابن جو آهي ۽ ظاهر آهي هيڏي وڏي منزل تي منصب تي فائز ٿيڻ وارن جو حسب نسب اعليٰ هوندو آهي، تڏهن تہ اهي ان منزل تي گامزن ٿيندا آهن ۽ ثابت قدميءَ جو ڀرپور مظاهرو ڪري ڏيکاريندا آهن. شاعر لاءِ وڏو امتحان ان ڪم تي قلم کڻڻ:

”جذبات کے اظہار میں بھی انیس کو بڑی قدرت حاصل ہے۔ جذبات کے مختلف مدارج ہوتے ہیں۔ کوئی محل انتہا کی خوشی، غم، حیرت، غصے وغیرہ کا ہوتا ہے، کسی محل پر یہی جذبات بالکل خفیف سے پیدا ہوتے ہیں۔ انتہائی شدت اور انتہائی خفت کے درمیان بے شمار درجے ہوتے ہیں۔ جذبات کے ان مدارج کو ملحوظ رکھنا اور ان کا اظہار کرلینا انیس کا وہ امتیاز ہے جس میں شاید ہی اردو کا کوئی دوسرا شاعر ان کا شریک ہو سکے۔ جن حالات میں جو جذبات پیدا ہونے چاہئیں، انیس انہیں جذبات کو اسی حد کے اندر دکھاتے ہیں۔ انیس نے مختلف

مرثیوں میں ایک ہی موقع پر ایک ہی شخص کے جذبات مختلف بلکہ متضاد دکھائے ہیں، مگر ہر جگہ حالات میں کچھ ایسا ضمنی تغیر کردیا ہے کہ جذبات فطرت کے مطابق ہی رہے۔" (رضوي، ١٩٥٦: ٣٩)

هن مرثيي ۾ جڏهن امام حسينؑ سفر ڪربلا رٿيو ۽ تياري ڪرڻ لڳا، تاريخ ۾ ان واقعي جو ذڪر ۽ مديني ۾ وڇوڙي وقت ڪهڙو ڪُهرام جو منظر برپا هوندو، اتي شاعر پنهنجي قابليت ۽ فنڪارانه ڪارڪردگيءَ سان بيان ڪندو ته پڙهڻ وارن تي اهو واقعو اثر ڪندو ۽ ائين محسوس ٿيندو جهڙو اکين اڳيان گذري چڪو هجي ۽ مير انيس ائين بيان ڪيو آهي، جهڙو ميدان ڪربلا جو سپاهي هجي.

کعبے سے کیا جب سفر قبلۂ دین نے،
چھوڑا وہ مکان دوش محمدؐ کے مکیں نے۔

پائی نہ اماں راز الٰہی کے امین نے،
عزم سفر مرگ کیا گوشہ نشین نے۔

در پے تھے عدو سبط رسولؐ عربی کے،
مہلت نہ ملی حج کی نواسے کو نبیؐ کے۔

یاران وطن سے بھی چھُٹے گھر سے بھی چھوٹے،
اور فاطمہؑ کے مرقد انور سے بھی چھوٹے۔

مضطر کیا بے دینوں نے کعبے میں بھی آکے،
راحت نہ ملی شہر میں نے گھر میں خدا کے۔

کعبے میں مدینے سے یہ تھے سوچ کے آئے،
تھے اہل حرم کو بھی اسی واسطے لائے۔

اللہ کے گھر میں کوئی شاید نہ ستائے،
سو واں بھی یہ تھا خوف کہ حج کرنے نہ پائے۔

اعمال میں حج کے تو ہے یہ حکم خدا کا،
پشے کو نہ دو عالمِ احرام میں ایذا۔

اللہ کا وہ گھر یہ محمدؐ کا نواسہ،
سید کے ستانے کو وہاں آئے تھے اعدا۔

گر کھولتا احرام نہ پیارا وہ نبیؐ کا،
کعبے میں گلا کاٹتے فرزند علی کا۔

کرتے تھے کبھی یاس سے رو رو کے یہ تقریر،
اب یہاں سے کہاں دیکھئے لے جاتی ہے تقدیر۔

پھر کر جو وطن جائیں تو جانا نہ ملے گا،
اب ہم کو بجز قبر ٹھکانا نہ ملے گا۔

اهانوي بند هن مرثيي جا آهن، جنهن ۾ ڪربلا جي مڪمل تصوير ڪشي ڪئي ويئي آهي. درد، وڇوڙو، تنهائي، مصيبت، الله جي دين جو پاس، خوف، راهه هدايت ڏانهن قدم.

تمام پيارو اصحابي اچي امام حسينؑ سان سوال ڪري ٿو، جيڪو بعد ۾ ڪربلا امام زين العابدينؑ سان اڪثر گڏ هوندو هو زراره بن صالح:

انیس اعلیٰ فکر

رو رو کے زرارہ نے یہ کی عرض کہ سرور،
تھوڑے سے جواں لاکھوں سے ہوتے نہیں سربر۔

اس سے کہا دو انگلیاں سرور نے اٹھا کر،
لے دیکھ تو رتبہ مرا اور قدرت داور۔

کہا دیکھا کہ در کھل کھل گئے ہیں ساتوں فلک کے،
اُترے چلے آتے ہیں پرے فوج ملک کے۔

نورانی عبائیں ہیں سفید ان کی ہے پوشاک،
اور حسن میں مہتاب سے روشن ہیں رخ پاک۔

ہاتھوں میں تو نیزے ۔۔۔۔ تو سن چالاک،
تلواریں حمائل ہیں تو چہرے ہیں فرح ناک۔

غل ہے کہ بہت فوج ہے کم سبط نبی کی،
ہاں جلد کرو چل کے کمک ابن علیؑ کی۔

لکھی ہے زرارہ بن صالح نے روایت،
ایک دم میں ہوئی فوج ملائکہ کی یہ کثرت۔

جز حق نہ شمار ان کا تھا ممکن کسی صورت،
اس وقت زرارہ سے یہ کہنے لگے حضرت۔

یاور میرے دیکھے مرے غم خواروں کو دکھا،
کیوں سید بے کس کے مددگاروں کو دکھا۔

پھر کہنے لگے ہنس کے زرارہ سے یہ سرور،
خالق کی عنایت سے یہ سامان میّسر۔

چاہوں تو کروں جنگ میں اس فوج سے جاکر،
کس زیست پہ ہوں طالب جمعیت لشکر۔

خود ہے مجھے منظور کے سر تن سے جدا ہو،
تا مغفرت اُمّت محبوب خدا ہو۔

جب تک مرا سر کٹ کے جدا ہوگا نہ تن سے،
جب تک میں نہیں رہنے کا محروم کفن سے۔

جب تک مرے بچے نہیں بندھنے کے رسن سے،
جب تک یہ بھائی نہیں چھٹنے کا بہن سے۔

جب تک شہ مظلوم مرا نام نہ ہوگا،
اُمّت کی شفاعت کا سرانجام نہ ہوگا۔

(نقوي، ١٩٥٩: ١٥)

جيئن تہ اعجازِ امامت سان زراره کي امام حسين عالي مقام اسرار شهادت ڪامل يقين سمجهائي رهيو آهي. اتي حيران آهي مير انيس اهي منظر جهڙوڪ ڏسي پيٺي ڏٺا! گهڻو ڪري اعتقاد محبت ۽ يقين ڪامل الهام عطا ڪندو آهي. مير انيس تي الله سائينءَ ڪرم ڪيو هو. تاريخ جي سچائي بنا ڏٺي پنهنجن لفظن ۾ قلم سان بيان ڪرڻ اها بہ حقيقي شاعر جي علم جو ڪمال آهي. جڏهن تہ شاعريءَ جي حوالي سان شاعر جي ڪلام تي بحث ڪرڻو هجي تہ ان ڳالهہ جو ضرورت ڌيان رکجي تہ هو حقيقت ڪيئن ٿو بيان ڪري، اُن ۾ دقيانوسي خيال يا اضافي مافوق الفطرت ڳالهيون تہ نہ آهن؟ مير انيس پنهنجن مرثين ۾ هر اکر حقيقي تاريخ سان وابستہ لکيو آهي نہ وڌ نہ گهٽتائي آهي جنهن ۾. . . هاڻي هتي ساڳئي مرثيي جا چند بند ڏجن ٿا، جنهن ۾ زراره صحابيءَ ڪان پوءِ امام حسين ؑ وٽ جنات جو سردار زعفر ابن راحيل نصرت ۾ مدد ڪاڻ اچي ٿو ۽ عرض ٿو ڪري تہ يا ابن رسول الله اسان پنهنجيون خوشيون ترڪ ڪري ڇڏيون، جڏهن ڪان توهان وطن ڇڏيو آهي. ٻڌايو ڀلا اسان اهڙي وقت ۾ توهان کي دشمنن جي درميان ڪيئن اڪيلو ڪري ڇڏيون؟ قيامت ۾ توهان جي ناني کي ڪهڙو منهن ڏيکاريندا اسين؟ اتي مير انيس مرثيي جي شاعريءَ کي اهڙي زندهہ حقيقي لفظن سان پنهنجي فن جي طريقي سان بيان ڪيو آهي جو لڳي ٿو شاعر ان گفتگوءَ دؤران اتي موجود هو:

یہ کہہ کر زرارہ سے چلے سرور ذیشان،
جو آئی پر باندھے ہوئے فوج بنی جان۔

## زعفر بن راحيل جِنّ جي آمد

سردار نے عرض کی کہ اے دیں کے سلطان،
ہم شیعہ ہیں بخشا ہے علیؑ نے ہمیں ایمان۔

ہم آپ کو لڑنے کے لئے جانے نہ دیں گے،
فرزند یداللہ پر آنچ آنے نہ دیں گے۔

کس قوم سے درپیش ہے حضرت کو لڑائی،
مولا نے غلاموں کی نہ کیوں جان بچائی۔

کون ایسے ہیں سرکش انہیں کچھ شرم نہیں آئی،
کرتے ہیں محمد کے نواسے سے لڑائی۔

جنگ اُن سے کریں، دیجئے ہمیں حکم وفا کا،
جو آپ کا دشمن ہے وہ دشمن ہے خدا کا۔

شہ نہ کہا شرم آتی ہے کیا نام بتاؤں،
وہ اُمّت احمدؐ ہیں، میں کیا ان کو ستاؤں۔

غیر ان کو سمجھوں تو بلانے پہ نہ جاؤں،
سب مجھ کو گوارا ہے جو تکلیف اٹھاؤں۔

حق تم کو جزا دے دے کرو جاکے اب آرام،
جاتا سوئے ماریہ میں بیکس و ناکام۔

عاشور محرّم کو ہو جب عصر ہنگام،
واں آئیو کھل جائے گا اس کوچ کا انجام۔

جاتا ہے یہاں سے وہیں اس کشتۂ غم کو،
اس وقت نہ آئے تو نہ پھر پاؤ گے ہم کو۔

جنّات یہ سن کر گئے کرتے ہوئے زاری،
اور آگے بڑھی سبط پیغمبر ﷺ کی سواری۔

(نقوي، ١٩٥٩: ١٦)

جيئن تہ فرزند رسول زعفر ابن راحيل جنّ کي چيو هو تہ هاڻي توهان هليا وڃو ۽ مون کي سواءِ رب جي ڪنهن جي مدد درڪار نہ آهي، روز عاشور اچجو. روايتن ۾ آهي تہ جڏهن ڪربلا جي خوني منظر وٽان جنن جنات جو گذر ٿيو تہ اهي روئندا زعفر جن وٽ آيا، جنهن جي ان وقت تاج پوشيءَ جي خوشي هئي، پوءِ ان کي خبر ٻڌايائونس تہ تون هتي خوشيون پيو ملهائين، هوڏانهن فرزند رسول جا سڀ ساٿي مارجي ويا ۽ ڏاڍي گهمسان جي جنگ لڳي پيئي آهي ڪربلا جي رڻ پٽ تي. اتي زعفر جن کي ياد اچي ويو تہ امام حسينؑ مون کي چيو هو تہ ڪربلا ۾ روز عاشور اچجان! تاج اڇلائي ساٿي ساڻ ڪري ڪربلا ڏانهن زعفر پڳو:

اس میں جب عصر کا وقت آگیا یک بار،
اک گرد ہوئی دامن صحرا سے نمودار۔

منہ پھیر کے کہا دیکھتے ہیں سید ابرار،
چھینکے ہوئے گھوڑوں کو چلے آتے ہیں اسوار۔

سرخ آنکھیں ہیں کف منہ میں ہے غصے میں بھرے ہیں،
سب ہاتھوں کو تلواروں کے قبضوں پر دھرے ہیں۔

سردار یہ کہتا ہے غضب ہوگیا یارو،
آقا مرا مارا گیا تم بھی انہیں مارو۔

چھوڑو نہ اب ایک ایک کا سر تن سے اُتارو،
یہ لاشیں ہیں شہزادوں کی ان پر مجھے وارو۔

حیدر سے بھی شرمندہ مجھے کر گئے شبیرؑ،
انے میں مرے دیر ہوئی مرگئے شبرؑ۔

حضرتؑ نے سنی زُعفر جن کی جو یہ تقریر،
گھبرا گئے اُمّت کے لیے حضرت شبیرؑ۔

زعفر کو پکارے کہ نہ کھینچے کوئی شمشیر،
میں تو ابھی جیتا ہوں کچھ ان کی نہیں تقصیر۔

غصے میں نہ آ تجھ کو قسم روح علی کی،
رحم ان پہ ہے لازم کہ یہ اُمّت ہے نبی کی۔

ان کے لیے عباسؑ سے بھائی کو گنوایا،
ان کے لیے ہاتھ اکبرؑ و اصغرؑ سے اٹھایا۔

صدر شکر کہ ان پر مجھے غصہ نہیں آیا،
میں نے تجھے لڑنے کے لیے تھا نہ بلایا۔

اس وقت بھی تجھ سے مری طاقت ہے زیادہ،
پر بیٹوں سے اُمّت کی محبت ہے زیادہ۔

یہ سنتے ہی رو رو کے گرا قدموں پر زعفر،
کہتا تھا میں اس صبر کے صدقے مرے سرور۔

کچھ کام لیا مجھ سے نہ یا سبط پیغمبرؐ،
حضرت نے کہا اب تیرا پھر جانا ہے بہتر۔

کام آئے گا مجھ بیکس و بے آس پہ رونا،
جب پیجیو پانی تو مری پیاس پہ رونا۔

جب حکم امام دو جہاں سے ہوا لاچار،
سر پیٹتا گھر اپنے چلا زعفر دیں دار۔

گھر پہنچا تو زعفر نے کہا تخت اٹھاؤ،
اب فرش کہاں کا صف ماتم کو بچھاؤ۔

پوشاک سیاہ سید لا کے مجھے جلد جلد پہناؤ،
سب ہائے حُسینا کہو اور خاک اُڑاؤ۔

یاں ہو چکا تھا قتل یداللہ کا جایا،
اُس وقت وہ پہونچا کہ تڑپتا ہوا پایا۔

سر کاٹ کے نیزے پہ چڑھاتے تھے ستم گار،
سیدانیوں کو لوٹتے جاتے تھے ستم گار۔

خاموش انیس اب کے ہے دل سینے میں بیتاب،
جاری عوض اشک ہوا جشم سے خوں اب۔

خالق سے دعا مانگ یہ بادیدہ پُر آب،
سر سبز رہیں فاطمہؑ کے لال کے احباب۔

کچھ غم نہ انہیں جز غم شاہ شہدا ہو،
محتاجوں کو راحت ہو مریضوں کو شفا ہو۔

(نقوي، ١٩٥٩: ٢١)

## حوالا


١. درس، عبدالستار، زوار (٢٠١٧ع): "تذڪرهء ثابت"، حيدرآباد، سيد ثابت علي شاهه يادگار اڪيڊمي، ميرن جا قبا، هير آباد.

٢. درس، عبدالستار، زوار (٢٠١٥ع): "سفير ڪربلا"، حيدرآباد، سيد ثابت علي شاهه يادگار اڪيڊمي، ميرن جا قبا، هير آباد، ص ١٠- ١١.

٣. ايضاً، ص ٣٢.

٤. بيگ، عباس علي مرزا (١٩٨٤ع): "ڪليات ثابت علي شاهه ڪربلائي"، اسلامڪ ڪلچر اينڊ ريسرچ سينٽر، ڪراچي، ص ٥٠-٥٢.

٥. درس، عبدالستار، زوار (٢٠١٥ع): "سفير ڪربلا"، حيدرآباد، سيد ثابت علي شاهه يادگار اڪيڊمي، ميرن جا قبا، هير آباد، ص ١٦-١٨.

٦. سيوهاڻي، نظير حيات (٢٠١٧ع): "سنڌي زبان جو پهريون سفرنامو (المعروف زيارت نامو)، حيدرآباد، سيد ثابت علي شاهه يادگار اڪيڊمي، ميرن جا قبا، هير آباد، ص ٢٠.

٧. بيگ، عباس علي، مرزا (١٩٧٠ع): "حصرت ثابت علي شاهه اعليٰ الله مقام جي مختصر سوانح حيات"، حيدرآباد، ٽنڊو آغا، ميرن جا قبا.

٨. سيوهاڻي، نظير حيات (٢٠١٧ع): "سنڌي زبان جو پهريون سفرنامو (المعروف زيارت نامو)، حيدرآباد، سيد ثابت علي شاهه يادگار اڪيڊمي، ميرن جا قبا، هير آباد، ص ٤١-٤٢.

٩. درس، عبدالستار، زوار (٢٠١٥ع): "سفير ڪربلا"، حيدرآباد، سيد ثابت علي شاهه يادگار اڪيڊمي، ميرن جا قبا، هير آباد، ص ٤٣-٤٥.

١٠. ايضاً، ص ٤٩

١١. صائب، عبدالقيوم (٢٠٠٣ع): "سيد ثابت علي شاهه شخصيت ۽ شاعري"، ص؟، حيدرآباد: اين.ڪي پرنٽنگ پريس، محمدي پلازه ويسٽ ڪچا، ص ٢١٦.

١٢. درس، عبدالستار، زوار (٢٠١٥ع): "سفير ڪربلا"، حيدرآباد، سيد ثابت علي شاهه يادگار اڪيڊمي، ميرن جا قبا، هير آباد، ص ٤٩.

١٣. ايضاً، ص ٥٣

١٤. ايضاً، ص ٥٤

١٥. ايضاً، ص ٥٥

١٦. مرزا، نجم (٢٠٠٥ ع): "رڻ گجيو راڙو ٽيو"،

١٧. ايضاً، ص ٢٢٢

١٨. درس، عبدالستار، زوار (٢٠١٧ ع): "تذڪرهء ثابت"، حيدرآباد، سيد ثابت علي شاهه يادگار اڪيڊمي، ميرن جا قبا، هير آباد، ص ٥٩.

١٩. ايضاً.

٢٠. ايضاً، ص ٦٨-٦٩

٢١. ايضاً، ص ٦٦

٢٢. ايضاً، ص ٦٧

٢٣. ايضاً، ص ٩٤

٢٤. بيگ، عباس علي، مرزا (١٩٧٠ع): "حصرت ثابت علي شاهه اعليٰ الله مقام جي مختصر سوانح حيات"، حيدرآباد، ٽنڊو آغا، ميرن جا قبا.

٢٥. نقوی، نائب حسین (۱۹۵۹ء) ''مراثی انیس''، (جلداول)، ص۹

٢٦. ایضاً، ص۱۰

٢٧. دائرہ معارف اسلامیہ، (۱۹۶۸ء)، جلد سوم، طبع اول، دانش گاہ پنجاب، لاہور، ص۵۰۰

٢٨. ایضاً، ص۵۰۰-۵۰۱

٢٩. ایضاً، ص۵۰۱

٣٠. رضوی، مسعود حسن ادیب، پروفیسر (۱۹۵۶ء): ''روح انیس''، (طبع اول)، لکھنو: اسرار کریمی پریس، جانین گنج، الہ آباد، ص۲۹

٣١. ایضاً۔

٣٢. ایضاً، ص۳۰

٣٣. ایضاً، ص۳۱

٣٤. شبلی، نعمانی (۱۹۶۸ء): ''موازنہ انیس ودبیر''، کراچی: مطبوعہ اردو اکیڈمی، ص۲۸

٣٥. نقوی، نائب حسین (۱۹۵۹ء) ''مراثی انیس''، (جلداول)، ص۴۰

٣٦. r.wikipedia.

٣٧. دائرہ معارف اسلامیہ، (۱۹۶۸ء)، جلد سوم، طبع اول، دانش گاہ پنجاب، لاہور، ص۵۰۱-۵۰۲

٣٨. رضوی، مسعود حسن ادیب، پروفیسر (۱۹۵۶ء): ''روح انیس''، (طبع اول)، لکھنو: اسرار کریمی پریس، جانین گنج، الہ آباد، ص۳۶

.٣٩ فاضل، مرتضیٰ حسین، سید (١٩٧٤ء): ''منتخب مراثیءانیس''، لاہور: ظفر سنز پرنٹرز ٩، کوپر روڈ، ص ١٠

.٤٠ نیّر مسعود (٢٠٠٥ء): ''مرثیہ خوانی کا فن''، ص ١٧-١٩، کراچی، ذکی سنز پرنٹرز، ص ١١-١٢

.٤١ ایضاً، ص ١٤

.٤٢ ایضاً، ص ١٣-١٥

.٤٣ ایضاً، ص ١

.٤٤ ایضاً، ص ١١

.٤٥ رضوی، مسعود حسن ادیب، پروفیسر (١٩٥٦ء): ''روح انیس''، (طبع اول)، لکھنو: اسرار کریمی پریس، جانین گنج، الہ آباد، ص ٣٦

.٤٦ ایضاً، ص ١٩

.٤٧ ایضاً۔

.٤٨ فاضل، مرتضیٰ حسین، سید (١٩٧٤ء): ''منتخب مراثیءانیس''، لاہور: ظفر سنز پرنٹرز ٩، کوپر روڈ، ص ٤

.٤٩ ایضاً، ص ٩

.٥٠ ایضاً۔

.٥١ نقوی، نائب حسین (١٩٥٩ء) ''مراثی انیس''، (جلد اول)، ص ١٣١-١٣٠

.٥٢ ایضاً، ص ١٠٨

.٥٣ رضوی، مسعود حسن ادیب، پروفیسر (١٩٥٦ء): ''روح انیس''، (طبع اول)، لکھنو: اسرار کریمی پریس، جانین گنج، الہ آباد، ص ٣٩

.٥٤ نقوی، نائب حسین (١٩٥٩ء) ''مراثی انیس''، (جلد اول)، ص ١٥

.٥٥ ایضاً، ص ١٦

.٥٦ ایضاً، ٢١

باب چوٿون

# سيد ثابت علي شاهہ ۽ مير انيس جي مرثيہ نگاريءَ جي فن جو تقابلي اڀياس


۴.۱ سيد ثابت علي شاهہ جي مرثيہ نگاريءَ جي فن جو اڀياس

۴.۱.۱ گهاڙيٽا

۴.۱.۱.۱ مسدس

۴.۱.۱.۲ علم عروض مطابق شاعري

۴.۱.۱.۳ علم عروض ۾ لفظن جا ٽي اصول

۴.۱.۲ ترڪيبي نظام

۴.۱.۲.۱ مرثيي جا ترڪيبي جزا

۴.۱.۲.۲ مرثيي جا ڪردار

۴.۱.۲.۳ سيد ثابت علي شاهہ جي مرثين ۾ صنعتن جو استعمال

۴.۱.۳ پيشڪش ۽ اسلوب

۴.۱.۳.۱ صنعت تشبيهہ جو استعمال

۴.۱.۳.۲ صنعت استعارا جو استعمال

۴.۱.۴ واقعہ نگاري

۴.۱.۵ ڪردار نگاري

۴.۱.۵.۱ ڪردار نگاريءَ سان منظر نگاري

۴.۱.٦ جنگ جي منظر نگاري

۴.۱.٦.۱ جنگ جو هنگامہ خيز منظر

۴.۲ میر انیس سید ببر علي جي مرثيہ نگاريءَ جي فن جو اڀياس

۴.۲.۱ گهاڙيٽا

۴.۲.۲ ترڪيبي نظام

۴.۲.۲.۱ میر انیس جي شاعريءَ ۾ مرثيي جا جزا

۴.۲.۲.۲ ترڪيبي جز آمد

۴.۲.۳ میر انیس جي شاعريءَ ۾ صنعتن جو استعمال

۴.۲.۴ میرانیس جي مرثين ۾ شاعريءَ جي پيشڪش ۽ اسلوب

۴.۲.۴.۱ ٻولي

۴.۲.۴.۲ صنعت تشبيہ جو استعمال

۴.۲.۴.۳ صنعت استعارا جو استعمال

۴.۲.۵ واقعہ نگاري

۴.۲.۶ ڪردار نگاري

۴.۲.۷ جنگ جي منظر نگاري

۴.۲.۸ مڪالمہ آرائي

باب چوٿون

# سيد ثابت علي شاھ ۽ مير انيس جي مرثيہ نگاريءَ جي فن جو تقابلي اڀياس

## ۴.۱ سيد ثابت علي شاھ جي مرثيہ نگاريءَ جي فن جو اڀياس

رزميہ شاعريءَ جو ڪمال چئجي يا درد جي انتها، شهادت جو شوق چئجي يا شهادت جي موت، جيڪا هميشہ لاءِ امر ٿي وڃي. هن دنيا جي بقا انهن جي ئي نصيب ۾ آئي آهي، جن قانون قدرت جي پاسداري ڪئي آهي. اول درد گونج جيڪا سرياني زبان ۾ گونجي اها حضرت آدم عليہ السلام جي هئي، جيڪا قابيل جي شهادت تي اڀري، ان بعد ڪائنات ۾ جڏهن بہ ظلم جو فرياد اڀريو، اهو ان وقت جي شاعريءَ ۾ بيان ٿيندو رهيو، جنهن کي مرثيي جو نالو ڏنو ويو. وقت جي رفتار ويئي وڌندي، پهرئين پيغمبر انسانيت جي آبي جي آواز غم ۽ مصيبت تي واويلا جي ابتدا بعد انتها آخر تاجدار انبياءَ تي ٿي. پهرين سيد الشهداءَ امير حمزه جي شهادت تي محمد مصطفىٰ جو چاچي جي غم ۾ مرثيو، پوءِ مرثيي کي عروج ڪربلا جي خوني قهر تي نظر ٿو اچي. مرثيو اسان کي ڪربلا جي قضيي تي جيڪو مليو، تقريبن ٻُني صديءَ بعد ان لاءِ جو ظالم دؤر حڪومت پابنديون مڙهيون هيون، انهن ۾ لڙائيءَ جي تياري، معرڪي جو زور شور، هنگامي جو اُڀرڻ، هلچل، شور ۽ غوغان، نغارن جي گونج، گهوڙن جي ٽاپن جو آواز، هٿيارن جا کڙڪاٽ، تلوارن جي چمڪ ڏمڪ، تيرن جي لچڪ، ڪمانن جا کڙڪا – اهڙيءَ طرح بيان ڪيو وڃي ٿو تہ جو اکين اڳيان جنگ جي معرڪي جو حقيقي منظر ڇانئجي وڃي ٿو ۽ اهو سڀ شاعرن جو پنهنجي شاعريءَ جي ذريعي ڪمال آهي، جيڪو جنگ جي منظر ۽ ڪردارن جي مڪمل شموليت جي تصوير ڇڪي پڙهڻ ۽ ٻڌڻ وارن جي اڳيان پيش ڪري رکن ٿا. مرثيو صنف شاعريءَ جو اهو انداز آهي، جنهن جي ٽيڪنيڪي خوبين تي جيترو باريڪ بينيءَ سان اڀياس ڪبو، اوترو شاعر جي عظمت سامهون ايندي. هن باب ۾ مرثيي جي اهم ترڪيبي جزن يعني ترڪيبي نظام کي واضح ڪيو ويندو ۽ تحقيق ذريعي ٻنهي شاعرن سيد ثابت علي شاھ ۽ مير انيس جي مرثيہ گوئي ۽ ڪلام جي خوبين کي ظاهر ڪيو ويندو. جيڪي لوازمات مرثيي جا اهم جز آهن، شاعر انهن کي ڪيستائين نڀايو آهي ۽ شاعريءَ جي ڪهڙي قسم جي فني حيثيت سان جدت ڏني اٿس.

سڀ کان پهرين ان شاعر مرثيي گو تي بحث ڪبو، جيڪو مرثيي جي ميدان جو پهريون سپاهي ۽ وارد ٿيل آهي. اسان کي جيڪي بہ حوالا مليا، انهن کي تعارفي باب ۾ بيان بہ ڪري چڪا آهيون تہ:

''سندھی، اردو، فارسی اور عربی زبانوں پر دسترس رکھنے والے شاعر، ادیب، عالم اور سندھی مرثیہ نویسی کے بانی لافانی شخصیت سید ثابت علی شاہ کربلائی کی ولادت آج سے پونے تین صدیاں قبل سندھ کے بابرکت شہر سیہون شریف میں ۱۱۵۳ھ بمطابق ۱۷۴۰ء میں سید مدار علی شاہ کے گھر میں ہوئی۔ سندھ کے سرتاج شاعر شاہ عبداللطیف بھٹائی رح کی رحلت ۱۱۶۵ھ بمطابق ۱۷۵۲ء میں ہوئی۔ اس حساب سے سید ثابت علی شاہ کربلائی رح شاہ عبداللطیف بھٹائی رح کی رحلت سے ۱۲ سال قبل سہون شریف میں پیدا ہوئے۔ وہ میاں نور محمد کلہوڑو کا دور حکومت تھا۔ میاں نور محمد کلہوڑو ۱۱۶۷ھ بمطابق ۹ دسمبر ۱۷۵۳ء میں وفات کر گئے۔'' (درس زوار، ۲۰۱۵: ۱۱)

مرثيي جي تاريخ، تعارف، فڪري ۽ فني بحث ڪي تحقيقي ثبوتن جي موجودگيءَ ۾ ڇنڊڇاڻ بعد اهي گواهيون ۽ ثابتيون سامهون آيون تہ مرثيو ۽ ان جي آمد سنڌ ۾ قديم عرب دؤر سان گڏ ئي وارد ٿي چڪي هئي، جنهن ڪي وقت بوقت پنهنجي پنهنجي دؤر جي شاعرن پنهنجي شاعريءَ جي زينت پئي بڻايو آهي، جنهن جو لافاني مثال لاکيڻو لعل لطيف پٽ ڌڻي آهي، جنهن جي ڇند وديا جي اصولن کي مدنظر رکندي الهامي طاقت سان پِنُن ڏَڙن تان سُر ڪيڏاري ۾ بيتن وائين جي صورت ۾ ادراڪي فهم سان ڏيئي چڪو آهي. هاڻي انهيءَ ئي سنڌ سڀاڳي ڌرتيءَ تان پيو گوهر ناياب سامهون اچي ٿو، جنهن سان گڏ سچل سرمست اناالحق جو نعرو هڻندڙ يگانا مولائي ۽ ميان سرفراز ڪلهوڙو، مير حسن علي خان ٽالپر جهڙا عظيم شاعر همعصر آهن. ڪجهہ سالن جي فرق سان جنهن مان ميان سرفراز ڪلهوڙو تہ هم مڪتب آهي سيد ثابت علي شاهہ جو. تاريخ مان واضح ۽ بيان ۾ آهي تہ انهن شاعرن مان ڪنهن بہ سيد ثابت علي شاهہ سان ڪڏهن سينو ناهي ساهيو ۽ اهو وڏو تاريخي ثبوت آهي. سيد ثابت علي شاهہ ڪلهوڙو جي دربار ۾ ميان سرفراز ڪلهوڙي سان جيڪو سندن هم مڪتب (ڪلاس فيلو) بہ هو، حافظ شيرازي جي فارسي غزلن جي تتبع تي پڙهندا هئا ۽ پنهنجي شاعري بہ ڪندا هئا. مولوي غلام علي مداح، ابن محسن ٺٽوي، انهن جي شاعريءَ جي اصلاح ڪندا هئا.

سفير ڪربلا ۾ ليکڪ تاريخ جي مستند حوالن سان ثابت ڪيو آهي تہ:

سچل سرمست رح اور سامی، سید ثابت علی شاہ کربلائی رح کے ہمعصر شاعر تھے، جبکہ اردو مرثیہ کے بادشاہ شاعر میر ببر علی 'انیس' و مرزا سلامت 'دبیر' تو ابھی پیدا بھی نہ ہوئے تھے۔ یہ وضاحت کرنا اسلئے ضروری ہے کہ کچھ اہل قلم حضرات نے یہ بھی لکھا ہے کہ سید ثابت علی شاہ کربلائی انیس و دبیر کے مرثیوں کا ترجمہ کرکے پڑھتے تھے۔ میر انیس کی ولادت ۱۸۰۱ء میں اور مرزا دبیر کی ولات ۱۸۰۳ء میں ہوئی، سید ثابت علی شاہ کربلائی رح نے ۱۸۱۰ء میں رحلت فرمائی، اس حساب سے ان کی رحلت کے وقت میر انیس ومرزا دبیر کی عمریں ۷ اور ۹ سال بنتی ہے۔''(زوار درس، ۲۰۱۵: ۱۸)

هر دؤر ۾ حضرت انسان ساڙ حسد وچان گهٽايو ڪونهي. اجا تہ ضعيف روايتون گڏ ڪري سيد ثابت علي شاهہ کي عروضي مسدس مرثيي جي مؤجد واري ڳالہ تان انڪاري آهن ۽ ڪوشش ۾ رڌل آهن. اها شمع ۽ ڏيئو ڪڏهن بہ وسامي ناهي سگهندو، جنهن کي روشن رب ڪري.

تحقيق مان اها ڳالهہ بہ واضح ٿيندي پيئي اچي تہ سيد ثابت علي شاهہ هر زاويي هر لحاظ کان سنڌ جو پهريون جديد (مرثيي) عروضي حدن اندر مرثيي جو باني آهي ۽ رهندو.

سيد ثابت علي شاهہ جو ڪمال ۽ همت چئجي جيڪا قوت ۽ همت ان دؤر جي تڪفيرم اڳيان ڪم آئي ڪيس، ان کي انهن مالڪن محمد و آلِ محمد جي عطا چئبي نہ تہ ڪير اهڙي خطرناڪ ميدان ۾ پير ڪوڙي نہ سگهي ها. ١١٨٦هہ مطابق ١٧٧٢ع ۾ سيوهڻ شريف ۾ درگاهہ لعل شباز قلندر جي سجاده نشين جي گهر سيد اسدالله شاهہ جي فرزند جي ولادت جي خوشيءَ جي موقعي تي دعائيہ قصيدو پڙهندي سيد اسدالله شاهہ کي قصيدو بيحد پسند آيو، جنهن سيد ثابت علي شاهہ کي پنهنجو مصاحب مقرر ڪيو ۽ رمائي ڪئي تہ مرثيي جي طرف اچن ۽ اهڙيءَ طرح سيد ثابت علي شاهہ پهريون مربع مرثيو چيو، تڏهن ميان سرفراز ڪلهوڙو جو دؤر حڪومت هو. سيد ثابت علي شاهہ سنڌي ٻوليءَ جو پهريون مرثيو چيو. جڏهن تہ روايتون پڪيون ملن ٿيون تہ سنڌ ۾ وقت بوقت ڪنهن نہ ڪنهن حد تائين عزاداريءَ تي پابنديءَ جو فرمان جاري ٿيندو رهندو هو ۽ ان پُرآشوب دؤر ۾ بہ سيد ثابت علي شاهہ حسيني پرچم ولولي ايمان جي عزم سان بلند ڪيو.

برصغير هندستان جي مرثيي گوئن سان ڀيٽ ڪبي تہ مير تقي جنهن جو زمانو سن ١٧٢٤ع کان سنہ ١٨١٠ع تائين آهي، اهو بزرگ شاعر ثابت علي شاهہ جو همعصر آهي ۽ مير حسن ١٧٣٦ع-١٧٨٦ع ۾ مصحفي ١٧٥٠-١٨٢٤ع آهي، سڀ معاصر آهن. سيد ثابت علي شاهہ جو دؤر سنہ ١٧٤٠ع-١٨١٠ع تائين آهي، پر انهن ۾ خاص مرثيہ گو شاعر سودا آهي، جنهن جو زمانو ١٧١٣ع-١٧٨٠ع تائين آهي. اهو ثابت علي شاهہ کان ٢٧ سال اڳ ڄائو. سودا بيشڪ خلاف معاني شاعر هو، جنهن مرثيي کي قصيدي جي رنگ ۾ بہ استعمال ڪيو ۽ مثلث، مربع،مخمس،مسدس ۽ مستزاد بہ لکيا. ان دؤر ۾ اردو زبان پختہ، شستہ، شائستہ، لطيف، فصيح ۽ بليغ بڻجي چڪي هئي. منجهس فارسي شاعريءَ جا سارا لوازمات پيدا ٿي چڪا هئا. البت زبان جي صحت ۽ روانيءَ ۾ اجا ابهام ۽ اغلاق موجود هو،جو اڳتي هلي غالب جي دؤر ۾ دُور ٿيو. (رضوي اعجاز، ٢٠١٧: ٥٢)

ان طرح لکنو رنگ جو ابتدائي دؤر بہ سيد ثابت علي شاهہ جو معاصر آهي. 'سودا' ۽ 'مير' کان پوءِ 'درخشان'،'صابر'، 'مير ضاحڪ' ۽ مير حسن سنہ ١٧٣٦ع کان١٧٨٦ع تائين آهن. ان طرح مير حسن

جو فرزند خليق بہ سنہ ١٧٧۴ع کان١٨٠۴ع تائين آهي. اهو بہ سيد ثابت علي شاهہ جو معاصر آهي. مولانا غلام محمد گراميءَ جي مضمون تان ورتل. (رضوي اعجاز، ٢٠١٧: ۵٣)

هاڻي ڪليات ۾ سيد ثابت علي شاهہ جو مرثيو ڏسبو تہ تنهن ۾ رنگ ئي نرالو آهي. سنڌي لاڙي خطي جي ٻولي استعمال ٿيل آهي، جڏهن تہ سيد ثابت علي ساهہ جو واسطو سيوهڻ اتر خطي سان آهي.

### ۴.١.١ گهاڙيٽا

گهاڙيٽي جي معنيٰ ٿيندي ساخت، شڪل، هيئت، بناوت، فني سٽاءُ.

سيد ثابت علي شاهہ جي شعرن جو گهاڙيٽو معلوم ڪنداسين تہ سندس شاعريءَ جون خوبيون سامهون اينديون. جيئن تہ علم عروض جي حدن اندر ۽ نج مقامي سنڌي ٻوليءَ ۾ جديد مرثيو سندس ڪمال آهي. ثابت علي شاهہ مرثيي جي ابتدا مربع شعر سان ڪئي. اهو مرثيو هيءُ هو:

مشهور زمانہ: اي خدا جا لاڏلا سردار سرور يا حسين،
مصطفيٰ جا ساهہ نيڻن ٺار دلبر يا حسين.

ان مرثيي جي هر بند جا چار چار شعر آهن.

ان بعد مسدس ۾ طويل ۽ مسلسل بندن وارا مرثيا چيا اٿس. ان ۾ مرثيي جي جزن جو خاص خيال رکيو اٿس.

مرثيي جا اٺ جزا جيڪي مرثيي جي ترقي ڪرڻ بعد اُسريا ان جديد لوازمات سان صنعت جو خيال رکندي، انتهائي باريڪ بينيءَ سان لفظن جي جوڙجڪ سان ارڪانن جو خيال رکندي بحر جوڙيا اٿس.

علم عروض جي قاعدي ڪي ۽ تعريف ڪي بيان ڪيو ويندو، جنهن نظام تحت سيد ثابت علي شاهہ پنهنجي ڪلام ڪي زينت بخشي آهي.

گهاڙيٽي مان بيت جي سن جي ترتيب، اندازو ۽ بناوت جي خبر پوندي آهي.

بيت جي معنيٰ آهي گهر، جهڙيءَ طرح گهر جي لاءِ زمين، ڇت، ٿنڀ، ميخ، نوڙي، ڪٿو، ٽاٽ، ڪپرو ۽ ڇتسالي جي ضرورت پوي ٿي، تهڙيءَ طرح شعر لاءِ بہ انهن شين جي گهرج ٿئي ٿي. ان حوالي سان شعر جي زمين آهي مضمون، شعر جي ڇت قافيو، نوڙي، ميخ ۽ ٿنڀ بيت جا ارڪان آهن. هن سان

گهر مضبوط ٿئي ٿو. بحر جي ارڪانن سان مضبوط لغت ۾ سبب نوڙيءَ کي چون ٿا. وتر ميخ، فاصلہ ٿنڀ کي.

جهڙيءَ طرح گهر ڪپڙي، ڪَتي ۽ تاٽ سان تيار ٿئي ٿو، صحرائي عربن جو گهر ڪتن ۽ تاٽ ٿنڀن وانگر نهندو آهي. اهڙي طرح بيت بہ لفظن سان گهر ۾ آسائش ۽ سينگار لاءِ چِت يا گل ڪيڏيا آهن. بيت جا چٽ يا گل لفظي ۽ معنوي صنائع بدائع آهن. گهر جي دروازي جي ٻن تاڪن جيان بيت جا ٻہ تاڪ مصرع آهن، پهرين مصرع اوليٰ ۽ ٻي مصرع ثاني سڏبي آ. پهرين مصرع جي پهرئين جز کي صدر ۽ پوئين جز کي عروض، ٻي مصرع جي پهرئين جز کي ابتدا يا مطلع ۽ پوئين جز کي ضرب يا عجز چيو وڃي ٿو. ٻنهي مصرعن جي وچ ۾ جيڪي رهيو، ان کي حشو سڏين ٿا. صد جي لفظي معنيٰ آهي پهريون يا بلندي. ابتدا يا مطلع معنيٰ شروعات يا شروعات جي جاءِ، عروض جي معنيٰ آهي طرف ۽ ضرب جي معنيٰ قسم يا حصو، عجز جي معنيٰ سقر، حشو جي معنيٰ ڀرتي ڪرڻ، جيئن نظم جي معنيٰ آهي موتي پوئڻ، آراستہ ڪرڻ، جمع ڪرڻ، اصطلاح ۾ شعر ناهڻ کي چئبو آهي.

فني ستاءَ جي لحاظ کان سنڌي بيت شروع ۾ ٻن سٽن جو ملي ٿو، پر جلد ئي پوءِ ٽن سٽن جو بہ ملڻ لڳو. (عباسي، ٢٠٠٧: ١١٤)

سيد ثابت علي شاهہ پهرين مربع صورت ۾ مرثيي جي ابتدا ڪئي. ان مرثيي تہ بہ ڳالهہ ڪبي. ان بعد مسدس ستاءَ ۾ مرثيي گوئي ڪئي اٿس.

### ۴.١.١.١ مسدس

عربي لفظ 'ستهہ' مان ورتل آهي، جنهن جي لغوي معني آهي ڇهہ ۽ اصطلاحي معني موجب مسدس، مسمط جي لڳاتار نظمن جو اهو قسم آهي، جنهن جي هر بند ۾ ڇهہ سٽون/ مصرعون ٿين ٿيون. اصول موجب مسدس جي پهرئين بند جون ڇهہ ئي سٽون پاڻ ۾ هم قافيہ ۽ هم وزن هونديون آهن، جنهن بعد هر بند جي آخري سٽ ۽ پهرئين بند سان هم قافيہ هوندي آهي ۽ هن جو ٻيو ۽ عام گهاڙيٽو اهو ملي ٿو، جنهن ۾ هر ڇن سٽن جي بند ۾ پهريون چار سٽون پاڻ ۾ هم قافيہ ۽ پويون ٻہ سٽون پاڻ ۾ هم قافيہ هونديون آهن، پر وزن ۾ اهي سڀ سٽون هم وزن هونديون آهن ان گهاڙيٽي تي ئي مولوي الله بخش ابوجهي سيد ثابت علي شاهہ ۽ ٻين مسدس لکيا آهن. (عباسي، ٢٠٠٧: ٢٧٠)

هر انسان کي درد ملي ٿو، دنيا جي وجود جو قائم ٿيڻ سان. جڏهن انسان هڪ ٻئي کي تڪلفيف ڏني ۽ جنهن کي بيوجہ تڪليف ملي، ان جيڪو دانهيو آهي، اهو مرثيي جي روپ ۾ اُسريو

آهي. تڏهن نہ تہ ڪو فرقو هو ۽ نہ ڪا گروپ بازي هئي. اهو چوڻ غلط نہ ٿيندو تہ شاعريءَ جي سڀ کان پهرين صنف 'حمد' سان گڏ مرثيي جي روپ ۾ نروار ٿي.

"سچي ڳالهہ اها آهي تہ سيد ثابت علي شاهہ پنهنجي هن جديد فن سان، ادب جي فرسوده روايات ۽ سنڌي شاعريءَ جي مخصوص فن ۾ هڪ تموج پيدا ڪندڙ شاعر آهي. سيد ثابت علي شاهہ جي ڪلام ۾ پين شاعرن کان وڌيڪ ۽ ڪافي انداز ۾ نوان نوان لفظ موجو آهن. ان طرح ڪيترين بند شون اهڙيون بہ ملن ٿيون، جي عربي ۽ فارسي انداز تڪلم ۾ خلاف ٺيٺ ۽ خالص سنڌي ماحول جي ترجماني ڪن ٿيون. اهو ساڳيو حال محاورات ۽ تشبيهات ۾ پڻ موجود آهي." (رضوي، ۲۰۱۷: ۷۲)

هڪ اهم ڳالهہ هن ريسرچ جي ذريعي ثابت ٿيندي تہ سيد ثابت علي شاهہ مرثيي جي ترڪيبي جزن جو بہ خالق آهي. اڄ جديد دنيا مرثيي کي ان جي ترڪيبي جزن ۽ ڪردارن ذريعي سڃاڻي ٿي. مرثيي جا اٺ ترڪيبي جزا ۽ ڪردار مرثيي جا بنيادي حصا آهن، جن تي مرثيي جو وجود قائم آهي.

مرثيي جي ساخت قدرت ۽ اهمت کي اجاگر ڪرڻو آهي. هيءَ ڳالهہ ذهنن مان ڪڍي ڇڏڻ گهرجي تہ مرثيو ڪو صرف اهل تشيع جي ميراث آهي. حضرت آدم عليہ السلام کان محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم تائين ڪائنات جي تخليق اول سان گڏ مرثيي جي وجود جنم ورتو، پوءِ جڏهن ظالم کي سندس ڪيل ظلم جي سزا ڏيڻ لاءِ مرثيو چيو ويو تہ ان پابنديون مڙهيون. ظالم جي ظلم جي شاهدي مرثيي ذريعي عوام الناس تائين ساموهن اچڻ لڳي تہ ان تي پابندين سان گڏوگڏ غلط بيانين سان ڪنهن هڪ گروهہ ڏانهن منسوب ڪيو ويو، جنهن گروهہ کي وقتاً فوقتاً اسلام جي حدن مان خارج بہ ڪيو ويو آهي.

**۴.۱.۱.۲ علم عروض مطابق شاعري**

سيد ثابت علي شاهہ جي شاعريءَ جي گهاڙيٽي ۾ مسلسل بند ملن ٿا، جن جو فني سٽاءُ مسدس تي آهي.

ان لاءِ پهرين علم عروض جي تعريف ڪجي تہ علم عروض ڇا آهي؟

علم عروض جي لغوي معنيٰ آهي ماپڻ، جنهن سان موزون يا غير موزون ڪلام (نظم ۽ نثر) ۾ فرق ڪيو وڃي ٿو. "يعني لفظن تورڻ لاءِ ڪو ميزان يعني ساهمي گهرجي، اُها ساهمي آهي علم عروض، جنهن ۾ ڏنل قاعدن جي پرک تي معلوم ڪري سگهجي تہ ڪهڙو ڪلام موزون آهي ۽ ڪهڙو ناموزون. عروض جو نالو انهيءَ علم تي ان ڪري پيو جو عروض عربيءَ ۾ چوندا آهن تنبوءَ جي سرخ کي. جهنگلي عرب نٺيڙن تنبن ۾ رهندا آهن. هڪڙي ڪاني سرخ وانگي ڪوڙي انهيءَ تي کلن جو ڍڪ ڏيئي گهر

جوڙيندا آهن، جنهن کي بيت چوندا آهن. جڏهن بيت تنبوءَ کي سر، رسا ۽ ڪلا درڪار آهن، تڏهن هن علم جا اصطلاحي لفظ بہ عروض (سرخ)، سبب (رسو) وتد (ڪلو) ۽ فاصلہ (وچوٽي) بنايا ويا آهن. ڪن جو چوڻ آهي تہ 'عروض' مڪہ معظمہ جي نالن سان هڪڙو آهي ۽ هن علم جو باني خليل بن احمد بصري يا ساماني آهي، جنهن مڪي ۾ انهيءَ علم جا قاعدا وڏا ۽ تبرڪ جي ڪري اهو نالو هن علم کي ڏنائين. شعر لفظ جي عربيءَ ۾ اصل معنيٰ آهي ڄاڻڻ يا سمجهڻ. اصطلاح موجب شعر انهيءَ ڪلام کي چئجي جو وزن ۽ قافيو رکندو هجي ۽ جنهن جا لفظ برابر ۽ مناسب هجن ۽ جي شعر چوندڙ ڪنهن خاص ارادي ۽ قصد سان چوي. چون ٿا تہ پهريون شعر جو چوڻ ۾ آيو، سو حضرت آدم سرياني ٻوليءَ ۾ چيو ۽ پنهنجي پٽ هابيل جي مارجڻ جي ماتم ۾ مرثيي وانگي چيائين." (مرزا قليچ، ٢٠١٦: ٥٢)

علم عروض واري بيان ۾ مرزا قليچ بيگ چوي ٿو تہ، "ٽالپرن جي راڄ ۾ ثابت علي شاهہ پهرين فارسي وزنن، بحرن ۽ قافين تي شعر چيو ۽ انهيءَ ڪان پوءِ فارسي شاعرن جي نموني تي ثابت علي شاهہ جي پيروي ڪري، ٻيا بہ شعر چوڻ لڳا." (مرزا قليچ، ٢٠١٦: ٥٣)

### ٤.١.١.٣ علم عروض ۾ لفظن جا ٽي اصول

(١) سبب، (٢) وتد (٣) فاصلہ

١. **سبب:** ٻہ اکر لفظ کي سبب چئبو آهي، جنهن جا ٻہ قسم آهن:

(١) سبب خفيف

(٢) سبب ثقيل

**(١) سبب خفيف:**

هن ۾ ٻہ اکر هوندا آهن، جن ۾ پهريون متحرڪ ۽ ٻيو ساڪن هوندو آهي. مثغال: آ، اچ، اي، ٻہ، ڇا، ڇو.

فارسيءَ ۾ مثال: اي

عربيءَ ۾ مثال: ڪُن

(٢) سبب ثقيل

جنهن جا ٻئي اکر متحرڪ هجن، مثال: تون، مون، جون، همہ فارسيءَ جو.

هن ۾ شروع جا ٻئي حرف شمار ٿيندا ۽ ٻئي حرڪت ۾ هوندا، پر نون غنو شمار نہ ٿيندو

(٢) **وتد:**

وتد ٽي اکري لفظ آهن. ان جا بہ ٻہ قسم ٿيندا آهن: (١) وتد مجموع، (٢) وتفد مفروق

(١) **وتد مجموع:** ٽن اکرن واري لفظ کي وتد مجموع چئبو آهي. ان جو پهريون ۽ ٻيو اکر متحرڪ هوندو آهي ۽ ٽيون اکر ساڪن هوندو آهي.

**مثال:** نبي، علي، هلڻ، چلڻ

نبي ۽ علي، ٻنهي ۾ 'ي' ساڪن آهي.

(٢) **وتد مفروق:** اهو ٽي اکري لفظ آهي، جنهن جو پهريون ۽ ٽيون اکر متحرڪ هوندو آهي ۽ وچون ساڪن هوندو آهي.

**مثال:** جيئن باب – تاب (ساڪن)، گل لالہ ۾ هن ۾ لالہ آهي، جنهن ۾ الف ساڪن آهي (مرڪب).

فرضِ عين، فرض هن ۾ 'ر' ساڪن آهي ۽ ض تي زير اضافت آهي. (چراغ سخن، ١٩١٤: ٩٧، ٩٨)

(٣) **فاصلہ**

چار اکري لفظ کي فاصلہ چئبو آهي، ان جو ٻيو نالو فاصلہ صغرا بہ آهي. هن جا شروع جا ٽي اکر متحرڪ ٿيندا آهن ۽ چوٿون ساڪن هوندو آهي.

**مثال:** جيئن، عَلوي، صَفوي (مرڪب)، خود غرض مان غرضي، جيئن سحري، ادبي.

**فاصلہ ڪبريٰ:**

اهڙو پنج اکري لفظ جنهن ۾ شروع جا چار اکر متحرڪ ۽ پنجون ساڪن هوندو آهي. مثال: متحرڪ – منگهرو. (مرزا قليچ، ٢٠١٦: ٦٩)

شڪنمش معنيٰ ٽوڙڻ ٿو. (چراغ سخن، ۱۹۱۴: ۹۸)

سيد ثابت علي شاهہ جا مرثيا مسدس ۾ پوءِ طويل آهن مسلسل. (مرزا عباس، ۲۰۰۵: ۱٦)

علم عروض جي قاعدي مطابق اوڻيهہ بحر آهن، جيڪي قديم دؤر کان عرب پنهنجي شاعريءَ ۾ استعمال ڪندا آيا آهن، پر برصغير هندستان ۽ پاڪستان ۾ ۽ سنڌ ۾ شاعر آٺ بحر استعمال ڪندا آهن. (چراغ سخن، ۱۹۱۴: ۹۸)

علم عروض جا قاعدا شاعريءَ سان تعلق رکن ٿا. ابتدا علم عروض جي عرب کان ٿي آهي.

## علم عروض جي آغاز ۾

وڌيڪ معلومات مان ڳالهہ سامهون آئي آهي. خليل بن احمد هن علم جي بانيءَ جو خالق مشهور آهي. هن ڏهن رڪنن مان ترڪيب ۽ تڪرار سان پندرهن بحر ايجاد ڪيا.

| | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| طويل | مديد | سيط | وافر | ڪامل | رجز | هزج | رمل | مقتضب | منسرج |
| ۱ | ۲ | ۳ | ۴ | ۵ | ٦ | ۷ | ۸ | ۹ | ۱۰ |
| سريع | خفيف | مجتث | مضارع | متقارب | | | | | |
| ۱۱ | ۱۲ | ۱۳ | ۱۴ | ۱۵ | | | | | |

علم عروض جا سورهن بحر وري ابوالحسن اخفش ايجاد ڪيا. ابو الحسن اخفش جو نالو انڪري جو اخفش معنيٰ هيءُ شخص شب خور هو. خفاش عربيءَ ۽ فارسيءَ ۾ شب خور ۽ سنڌيءَ ۾ چمڙو ۽ اردوءَ ۾ چمگادڙ چئبو آهي. هن جو نالو متدارڪ هو. علاج يا تدارڪ ڪرڻ وارو.

ان بعد ايران وارن ٿي بحر ايجاد ڪيا.

سترهين بحر قريب نالي سان ان جو مؤجد يوسف نيشاپوري آهي.

ارڙهين بحر جديد ۽ ان جو مؤجد بزرج مهر هو ۽ اوڻهين بحر مشاڪل ان جو مؤجد نامعلوم آهي.

انهن اوڻيهين بحرن مان پنج مخصوص بحر خالص عربي شاعريءَ جا اهن.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| طويل | مديد | سيط | وافر | ڪامل |
| ۱ | ۲ | ۳ | ۴ | ۵ |

قريب، جديد، مشاڪل فارسيءَ لاءِ مخصوص آهن، جيڪي سنڌي ۽ اردوءَ لاءِ بہ استعمال ٿين ٿيون.

اسان وٽ سنڌ توڙي برصغير هندستان ۾ هنن مان اٺ بحر استعمال ٿيندا يا ڪيا ويندا آهن.

سيد ثابت علي شاهہ پنهنجي ڪلام ۾ بيشمار لفظي ۽ معنوي صنعتون ڪم آڻي، پنهنجي زبادانيءَ جو اعليٰ ثبوت ڏنو، جتي نيون تشبيهون، نوان استعارا، تجنيسون ۽ ٻيون صنعتون ڪم آنديون، اتي هن صنعت ۾ مرصع جا جابجا مثال ڪم آڻي، سنڌي مرثين ۾ ڪمال جو داد حاصل ڪيو. مثال طور هڪ مرثيي جي فقط هڪ بند ۾ صنعت مرصع جي استعمال ۾ سندس اهڙي ڪمال وارو استعمال:

هي ٻئي گوهر گرامي، نور نامي بينظير.

ٻئي مرثيي ۾ هڪ بند ۾ ساڳي صنعت جو استعمال:

نورالهُديٰ رسولِ خدا، منهنجو مقتدا،
موليٰ علي ولي بہ، سندم پير پيشوا،
قنبر جو قنبر آهيان، بہ درگاهہ پارسا.
(صائب، ٢٠٠٣: ٣٤)

سيد ثابت علي شاهہ پهريون شاعر جنهن نوان مرڪب لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ زير اضافت ڪم آندا. مثال طور:

(١) مصحف ناطق جي لوح قبر تي مصحف بجا،
(٢) هي علمدار حسيني، صاحب سيف ولوا،
(٣) اي سبز قبا سرور گلستان سيادت،
تو سرو جو قاسم گل گلزار شهادت،
ريحان نبوت تون ئي بستانِ امامت،
اي روح نبي و علي جانِ امامت،
اي سبط نبي جانِ علي، روح جي راحت
اي منهنجا حسن مير، تون ئي منهنجي حمايت.
(صائب، ٢٠٠٣: ٣٤)

گھاڙيٽو مسلسل ٻہ هوندو آهي، يعني ساخت، بناوت، هڪجهڙائي.

مثلث، مربع، مخمس، مسدس، مسبع، مثمن، سمع، ا شعر – اگر ڏهن کان مٿي شعر آهن، تڏهن ان کي مسلسل چئبو. سيد ثابت علي شاهہ ۽ مير انيس جي مرثين ۾ اها هڪجهڙائي ملي ٿي.

ڊاڪٽر غلام قادر سومري بهترين انداز ۾ سيد ثابت علي ساهہ جي مراثي (مرثين) جو وچور ڏنو آهي.

هن ريت: مراثي مربع ٢٨، مرثيہ مخمس عدد هڪ ۽ مراثي مسدس ٣۴، مربع يعني چئن مصرعن وارن بندن جي صورت ۾ پيش ڪيل ٢٨ مرثين ۾ گهٽ گهٽ ١٢ ۽ وڌ ۾ وڌ ١۵١ بند آهن، جن مان ١٢ بندن وارو هڪ مرثيو، ١۵ بندن وارو هڪ مرثيو، ١٧ بندن وارا ۴ مرثيا، ١٨ بندن وارو هڪ مرثيو، ٢٠ بندن وارو هڪ مرثيو، ٢١ بندن وارا ٢ مرثيا، ٢۴ بندن وارو هڪ مرثيو، ٢٦ بندن وارا ٣ مرثيا، ٢٨ بندن وارا ٢ مرثيا، ٢٩ بندن وارو هڪ مرثيو، ٣٢ بندن وارو هڪ مرثيو، ٣٨ بندن وارا ٢ مرثيا، ۴٠ بندن وارو هڪ مرثيو، ۵١ بندن وارو هڪ مرثيو شامل آهن. مخمس (پنجن مصرعن) ۾ لکيل صرف هڪ مرثيو آهي، جيڪو ٢٣ بندن تي مشتمل آهي. مسندس (ڇهن مصرعن وارا) ۾ ڇپيل ڪل ٣۴ مرثيا آهن، جيڪي مختلف بندن تي هن طرح مشتمل آهن: گهٽ ۾ ١۴ ۽ وڌ ۾ وڌ ۵۵ بندن ۾ جوڙيل آهن، جن مان ٢ مرثيا ١۴ بندن وارا، هڪ مرثيو ١۵ بندن وارو، هڪ مرثيو ١٦ بندن وارو، هڪ ١٧ بندن وارو، هڪ مرثيو ١٩ بندن ۾ ڇپيل، ٧ مرثيا ٢١ بندن ۾ لکيل٢ مرثيا ٢٣ بندن وارا، هڪ ٢۴ بندن وارو، ٣ مرثيا ٢۵ بندن وارا، هڪ مرثيو ٢٧ بندن وارو، هڪ ٣٣ بندن وارو، هڪ ٣۵ بندن وارو، هڪ ٣٦ بندن وارو، هڪ ٣٧ بندن وارو، هڪ ٣٨ بندن وارو، هڪ ٣٩ بندن وارو، هڪ ۴٠ بندن وارو، هڪ ۴٢ بندن وارو، ٻہ ۵٠ بندن وارا ۽ هڪ ۵۵ بندن تي مشتمل آهن ۽ هڪ مرثيو پڻ مصرعن وارن ٢٧ بندن تي آڌاريل آهن.

### ۴.١.٢ ترڪيبي نظام

مرثيي جي خاص شڪل جزن تي ڳالهہ ڪريون تہ سنڌي زبان ۾ ٻہ ان جو مؤجد سيد ثابت علي شاهہ آهي. ان کان پهرين اهي جزا مرثيي جا ڀئي ڪنهن شاعر وٽ نٿا ملن. ابتدا ۾ مرثيو چئن چئن مصرعن جو ۽ بيتن، ڏوهيڙن ۾ هوندو هو، پوءِ ان مسدس جي صورت اختيار ڪئي تہ ان جا ترڪيبي جزا ٻہ معين ٿيا، اهو سڄو ترڪيبي نظام سيد ثابت علي شاهہ تخليق ڪرڻ وارو آهي سنڌي مرثيي جي تاريخ ۾.

### ۴.۱.۲.۱ مرثيي جا ترڪيبي جزا

(۱) **چهرو مکڙو:** مرثيي جي تمهيد کي چئبو، جنهن ۾ قدرت جو نظارو، حمد ۽ نعت، منقبت ۽ مناجات يا پنهنجي شاعريءَ جي ساراهہ بيان ڪئي وڃي. ان ۾ ڪافي شاعرن سفر جون صعوبتون، دنيا جي بي ثباتي يا ٻين اهڙين ڳالهين کي تمهيد طور آندو آهي، جنهن جو موضوع مضمون جي مطلب سان واسطو هوندو آهي.

(۲) **ماجرا:** مکڙي کان پوءِ ڪجهہ اهڙا شاعر جيڪي ٻڌندڙن ۽ پڙهندڙن جي ذهن ۾ مرثيي جي مضمون ڏانهن ڌيان ڇڪرائين.

(۳) **سراپا:** هن ۾ مرثيي جي هيرو جا اوصاف، قد ڪاٺ ۽ ٻيا لوازمات بيان ڪيا ويندا آهن.

(۴) **رخصت يا موڪلائڻ جو وقت:** هن ۾ اهو مرد مجاهد هيرو ميدان جنگ ۾ وڃڻ لاءِ پنهنجن بزرگن، عزيزن پيارن کان موڪلائڻ مهل اجازت وٺي يا وديع ڪري.

(۵) **آمد:** هن ۾ ان هيرو جا ميدان جنگ ۾ اچڻ جو سج ڌج، رعب تاب بيان ٿيندو آهي.

(٦) **رجز:** هن ۾ عرب دستور مطابق ميدان جنگ جو هيرو پنهنجي بزرگن جي بهادري ۽ شان جو حوالو تعارف ڪرائيندي پنهنجو بہ حسب نسب سان تعارف ڪرائيندو آهي.

(۷) **جنگ يا ويڙهہ:** هن ۾ مرد مجاهد هيرو جي جنگ ڪرڻ جو انداز دشمن سان بيان ٿيندو آهي. سندس تلوار زور دليري دشمن تي قابو پائڻ جو ذڪر ٿيندو آهي.

(۸) **شهادت:** هن ۾ ان هيرو، جنگي جوڌي پهلوان جي شهادت ۽ ان جو تفصيل ايندو آهي.

(۹) **بين، پار ڪيڻ:** هيرو، جنگي جوڌي جي مٿن مائٽن جو ان جي شهادت تي پار ڪيڻ روئڻ، ڏک جو اظهار بيان ٿيندو آهي، جنهن ۾ ماتم ۽ ٻيا لاڳاپي وارا جيڪي غم ۾ پار ڪيڻ روئڻ ۾ شريڪ ٿين، ان جو بيان ٿيندو آهي.

مختلف ليکڪن جي ڪتابن مان مرثيي جا اها مقرر جزا مليا، جيڪي بيان ٿيا.

سنڌي مرثيي ۾ سيد ثابت علي شاهہ جي بہ مرثيي ۾ پڇاڙيءَ جو آخر ۾ شاعر پنهنجي مغفرت لاءِ دعا گهرندو آهي، اهو جز بہ مرثيي جي جزو جو خاص حصو بڻجي ويو آهي.

### ۴.۱.۲.۲ مرثيي جا ڪردار

مرثيي جون مخصوص شخصيتون جيڪي مرثيي جي ترڪيبي جزن بعد اهم ۽ خاص مرثيي

جو حصو آهن، جن شخصيتن کان سواءِ مرثيو مرثيو نہ چئبو.

(١) **حضرت عباسؑ:** هيءَ هستي امام حسينؑ جو ڀاءُ آهي. جيتوڻيڪ هو سڳو ڀاءُ ڪونهي، تنهن هوندي بہ سڳن ڀائرن کان وڌيڪ مخلص ۽ جان قربان ڪرڻ وارو آهي. انهيءَ خاصيت کي هر هنڌ اجاگر ڪيو ويو آهي. سان گڏ هن جي شخصيت شجاعت سان ڀرپور، بهادري ۽ جوانيءَ واري جوش ۾ نماڻائي، معرفت، امامت، هر موقعي تي نظر اچي ٿي.

(٢) **بي بي زينبؑ:** حضرت حضرت امام حسينؑ جي ڀيڻ، جنهن جو سيني کان ڀاءُ سان پيار هو. هن پاڪ بي بيءَ کي بہ فرزند هئا عون ۽ محمد ٻنهي کي بي بي پاڪ پنهنجي جاني ڀاءُ تان قربان ڪري ڇڏيو.

(٣) **بي بي صغريٰ:** حضرت امام حسينؑ جي ننڍي نياڻي، جنهن کي امام حسينؑ، پوين مديني ۾ ڇڏي آيو هو. هن جي جدائيءَ ۾ ۽ سندس فرقت غم کي مرثيہ چوندڙن ڏاڍي حزن ملال واري انداز ۾ بيان ڪيو آهي. هن بي بيءَ کي فاطمہ صغريٰ بہ چوندا آهن، ان جو بي بي فاطمہ جي اولاد پوٽاڻ مان جيڪي بہ نياڻيون هيون، انهن کي نالن اڳيان فاطمہ ضرور هوندو هو.

(٤) **بي بي سڪينا:** حضرت امام حسينؑ جي سڀني کان ننڍي نياڻي جيڪا شام جي قيد خاني ۾ نهايت اذيت ناڪ حالات ۾ گذاري ويئي. هن معصوم بي بيءَ جي عمر چار سال مس هئي.

(٥) **حضرت علي اڪبر:** حضرت امام حسينؑ جو نوجوان پٽ، جنهن کي بي بي زينب پاليو هو ۽ کيس پنهنجن پٽن کان بہ وڌيڪ عزيز رکندي هئا. انڪري هيءَ نوجوان شهزادو سيده زينب کي پنهنجي مالڪہ ۽ مختيار ڪري ڄاڻندو هو ۽ ماءُ کان وڌيڪ هن جو ادب ڪندو هو. سندس ماءُ جو نالو اُم ليليٰ هو. نبي سڳوري حضرت محمد مصطفي صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي صفا پاڪ شبيہ مُهانڊي هو، تنهنڪري هن کي ”هم شڪل پيغمبر“ بہ چيو ويجي ٿو.

(٦) **حضرت علي اصغر:** حضرت امام حسينؑ جو ڇهن مهينن جو معصوم شهزادو پٽ جنهن کي دشمنن امام صاحب جي هن ۾ تير جو نشانو هڻي شهيد ڪيو.

(٧) **حضرت سجادؑ:** امام زين العابدين (امام حسينؑ جو وڏو فرزند) جيڪو بيماريءَ سبب جنگ ۾ شريڪ نہ ٿي سگهيو ۽ دشمن هن کي زنجيرون ٻيڙيون خاردار طور ڳچيءَ ۾ الڳ پارائي، ملڪ شام تائين پيرين پنڌ وٺي ويا هئا.

(٨) **بي بي شهربانو:** امام حسينؑ جي گهر واري، جيڪا نوشيروان عادل جي پوٽي ۽ يزد جرد (ٿئين) جي نياڻي هئي.

(٩) **حضرت حُر:** هي يزيد جي فوجي رسالي جو سپهہ سالار هو، پر رب تعاليٰ هن کي هدايت ڏني، جو امام حسين جي حامين ۾ اچي شامل ٿيو ۽ يزيد جي لشڪر سان مهاڏو اٽڪائيندي شهيد ٿي ويو.

مختلف مراثي ڪتابن جي مطالعي سان مرثيي جي ترڪيبي نظام ۾ جزا ۽ مرثيي جا ڪردار ۽ ان جي فهرست جيڪا بہ ملي ٿي، ان ۾ ڪردارن جون ٻہ جماعتون (١) حسيني جماعت (٢) يزيدي گروهہ جي نالي سان ملي ٿو.

هتي اسان جو مقصد مرثيہ گو شاعرن جي مرثين جون فني خوبيون مثال سان بيان ڪرڻ آهي.

### ٤.١.٢.٣ سيد ثابت علي شاهہ جي مرثين ۾ صنعتن جو استعمال

مرثيي جي ترڪيبي جزن جو استعمال ۽ صنعتن جي خوبيءَ سان گڏوگڏ ارڪان ۽ بحر جي ۽ وزن جي برابري.

ڪلام جي فصاحت ۽ بلاغت لاءِ عبارت يا لفظ ۽ معنيٰ جي خوبي ۽ موافقت جي قانونن ڪي چاڻڻ ضروري آهي، جن جو علم 'بدايع' سان واسطو آهي. اهي صناع يا صنعتون ٻن قسمن جون آهن، هڪڙيون لفظي ۽ ٻيون معنويٰ. صنايع لفظي ۾ رڳو لفظن جي ظاهري صورت ۽ خوبيءَ جي نظر ٿي رهي ۽ صنايع معنوي ۾ باطني خوبي يا معني ڪي نظر ٿي رهي. (مرزا قليچ، ٢٠١٦: ٨٦)

صنايع معنوي مشابهت ڏيڻ يا مقابلو ڪرڻ يا ڪن ٻين صنعتن ۾ مقابلو ڪرڻ ۾ استعمال ٿيندي آهي، جيڪا اڳتي تشبيهہ ۽ استعاري جي حصي ۾ شعرن جي ذريعي بيان ٿيندي.

صنعت ملمع: صنعت تلميع چئبو: ملمع معنيٰ خوبصورتي شعر جي (تلميع ۾ پويان 'ع'). هن صنعت مطابق اهي شعر جي مصرع جيڪي هينيان ۽ مٿيان هڪ وزن ۾ هجن ۽ تعداد بہ هڪ جيتري لفظن جو هجي، باقي زير ۽ زبر پيلي بدلبا رهن.

"تلميع ۾ ٻي معنيٰ مبالغہ آرائي بہ آهي. تنسيق الصنات معنيٰ هڪ شخصيت جون خوبيون هڪ ڪان وڌيڪ بيان ٿيل هجن، تلميع ۾ اصل شئي جي ٻي وجہ بہ پڌائڻ يعني هڪ خوبيءَ سان گڏ ٻي خوبي بہ نکري اچي. مثال جيئن چانديءَ جي زيور تي سون جو پاٽي چاڙهڻ.

تلميع ۾ منظر ڪشي وارا شعر اڪثر هوندا آهن."

صنعت تلميح: يعني ڏيکارڻ، اصطلاحي معنيٰ موجب شعر ۾ ڪنهن قصي يا مسئلي يا اصطلاح

ڏي اشارو ڪرڻ (مرزا قليچ: ١٥۴)

صنعت تلميح ۾ اهي شعر ايندا آهن، يا اهي لفظ شعر ۾ جيڪي ڪنهن واقعي تاريخي ڏانهن يا عظيم شخصيت ڏانهن اشارو ڪن ۽ عظيم شخصيت جي قول جي بہ نشاندهي ڪن.

(تليمح جنهن ۾ ح حبشي پويان هجي)

مثال ١ شعر: مرثيي جو پهرون جز 'چهرو':

هاءِ جڏ ٿيو قتل مسجد ۾ شہ دنيا و دين،
جانشين مصطفيٰ مولا اميرالمؤمنين،
ساقي ڪوثر وصي رحمت اللعالمين،
خواجہ هر دوسرا برحق شفيع المذنبين،
تاجدار هل اتيٰ ڪشف الدّجيٰ عالم امام،
لحمڪ لحمي نبي جو جنهن تي صلوات سلام.
(مرزا عباس، ١٩٨۴: ١٦٧)

تلميح هل اتيٰ 'سوره دهر' قرآن پاڪ جي سوره ڏانهن اشارو ڪرڻ آهي، جنهن ۾ حضرت عليءِ جي سخاوت ۽ سندس گهراڻي جي ايثار ۽ قربانيءَ ڏانهن اشارو آهي.

لحمڪ لحمي: اها تلميحي حديث، جڏهن مُحمّد مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم پنهنجي جانشين ۽ وصيءَ کي صلوات و سلام موڪليا ۽ مسلمانن کي چيو هي منهنجي جسم جو حصو آهي. هن جو گوشت منهنجو گوشت، هن جو خون منهنجو خون آهي.

تلميح جي مثال ٢ ۾: ۽ مرثيي جو جز 'چهرو':

صاحب ياسين و طٰہ قل ڪفا و لافتا،
مصطفيٰ مرسل جو نائب نامدار اِتما،
مالڪ من ڪنت مولٰي خلق جو خيرالورا،
مرشد جبرئيل ۽ مخفي معين انبيا،
سو يدالله جنهن جي حق نازل ٿي از پروردگار،
لافتيٰ الا علي لاسيف اِلا ذوالفقار.

**تلميح صنعت:** نامدار اِنّما

لافتيٰ اِلاّعلِي لا سيف

مرشد جبرئيل

تلميح صنعت خوبن مثان خوبين بيان ٿيڻ.

’ڇهرو‘ جز جي شعرن جا بحر ۽ وزن ارڪان جا هي آهن:

**ارڪان وزن:** فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن فاعلات

بحر رمل مثمن مقصور / محذوف

**ماجرا:**

”شاهہ جي تابوت سين اڄ مصطفيٰ رئندو هليو،
مير جي مظلوم مڙهہ سين مرتضيٰ رئندو هليو.
حضرت زهرا سين حسن المجتبيٰ رئندو هليو،
هيءَ خدا جو سنهن ڪہ اُن گڏ خود خدا رئندو هليو.
شاهہ جو تابوت آيو انبيا ۾ روڄ پيو،
مرتضيٰ جي روڄ ڪئون سڀ اوليا ۾ روڄ پيو.
عرش و ڪرسي زلزلا ارض و سما ۾ روڄ پيو،
جن و انسان و مَلڪَ هر يڪ جدا رئندو هليو.“

(مرزا عباس، ۱۹۸۴: ۳۲٦)

آقا حسينؑ جو غم و ماتم انسانيت جي بقا آهي. اهي چند بند ذهن کي ان فڪر ڏانهن وٺي ٿا وڃن، جيڪي جُز ماجرا جو حسن آهن. انسان ملي جلي دغا ڪري تہ مسلمان هئڻ باوجود فرزند رسول کي ڪُنو مگر پوري ڪائنات رب جي جنهن ۾ ملڪ، فرشتا، انبياءَ، جنات، انسان سڀ ڪربلا جي ماجرا جو حصو بڻجي ويا، جڏهن رب پاڪ محمد و آل محمد تي افضل بشريت تي صلوات و سلام موڪلي ٿو تہ هو پنهنجي حبيب جي پچڙن جي مصيبت تي حزن و ملال ۾ نہ ايندو. بيشڪ رب هر انساني صفت کان مبرا منزا آگهي، پر درود و سلام انسانن فرشتن کي ڪيئن ۽ چو ٿو حڪم ڪري تہ مون سان گڏ درود و سلام ملي پڙهو.

سراپا: جنهن ۾ مرثيي جي هيرو ڪردارن جو خط و خال اوصاف بيان هجن.

هائي اڪبر نوجواني اها ئي اڪبر نوجوان،
هَئي جواني تو نہ ماڻي تو تئون صدقي سر ۽ جان.
هائي اڪبر نوجواني هائي اصغر بي زبان،
اڪبر و اصغر جي غم زين العبا رئندو هليو.
قافلو آل عبا جو شام پرڏيهي ٿيو،
قافلہ سالار عابد با رضا رئندو هليو.
(مرزا عباس، ١٩٨۴: ٣٢٦)

ڪربلا جي شهيدن ۾ دردناڪ شهادت امام حسينؑ جي نوجوان هم شڪل پيغمبر ۽ ڇهن مهينن جي معصوم علي اصغر جي – ٻئي فرزند لقب ۽ نالي ۾ اڪبر ۽ اصغر آهن، يعني وڏي شهادت ڪان صغير سن تائين ۽ امام حسين جي ڀائٽيي قاسم جي تہ عمر ايتري هئي جو پير بہ معصوم چوڏهن ورهين جي نينگر جا گهوڙي جي رڪابن تائين پهتا نٿي. عباس علمدار جي شان جو ڇا ذڪر ڪجي، جنهن جي هڪ حملي سان پورو لشڪر ڪتجي ڪِرندو وڃي ها، پر افسوس فرزندِ رسول عباس کي جنگ جي اجازت نہ ڏني. روايتون آهن تہ عباس علمدار جو قد ڪاٺ ايترو بلند پر وجاهت هو جو جڏهن نهر فرات تي پهتا تہ پاڻيءَ جي گهرائي سندس قدم چمڻ لڳي ۽ نهر فرات جي سيني تي حضرت عباس عَلمُ پنهنجي هٿن سان کوڙيو! ڪٿي وهندڙ رواني‌ءَ سان درياهہ ۽ ڪٿي هڪ انسان! ليڪن حضرت عباس عملدار جو وجود، قد ڪاٺ ڏسي دشمن حيرت ۾ اچي ويندا هئا تہ هن اگر حملو ڪيو تہ اسان جو نالو نشان مٽجي ويندو.

رخصت: مرثِيي جو جز جنهن ۾ جڏهن جنگ ۾ ويندڙ هيرو شهزادو سپهہ سالار وڃڻ لڳي تہ ان جي وڃڻ رخصتيءَ جو منظر بيان هجي:

”نور نيڻن نار ناني ٿي نپايئي ناز سين،
رات ڏينهن تنهنجون رضائون ٿي رکيئہ سڀ راز سين.
ظالمن جي ظلم ڪئون سنپرين سفر جي ساز سين،
الوداع هَئي هَئي نبي جا پُٽَ مسافر يا حسين.
موڪلائي مڙني ڪَئون مَانجهي مسافر ٿي هليو،
مير مڪي مئون مديني ڪئون مهاجر ٿي هليو.
ٿي رضا تي راضي ۽ سيد سفر جو ساز ڪيو،

هُن دغا بازن جي دعوت جو مڃڻ لاچار ٿيو.
قافلہ سالار اُمت قافلو ڪاهي هليو،
هُن طرف ڪوفن ۽ شامن جي ڪٽڪ ۾ ميڙ ٿيو.“
(مرزا عباس، ۱۹۸۴: ۳۰۴، ۳۰۵)

فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

بحر هزج مثمن مقصور / محذوف

امام حسينؑ جي مديني وطن ڪان نڪرڻ بي سر و ساماني هيڪلائي، نہ ڪنهن جو ساٿ نہ سايو، نہ آسرو، بس رب جي رضا ۽ گڏ ناني محمد مصطفيٰ جي فريادي دعا! امڙ تہ قبر بہ ڇڏي ڏني. مديني بني هاشم پاڙي مان موڪلائي، مديني جي جنتي ٿنيون، ناني جو روضو پاڪ، امڙ جي جنت البقيع ۾ قبر ڪان ڀاءُ حسن المجتبيٰ جون وصيتون دعائون اهي سڀ ثمر ساٿ هئا امام حسينؑ سان، نہ مڪي خدا جي گهر ۾ پناهہ ملي ۽ نہ ڪوفي ۾ دغاباز رهائي.

**آمد:** هن مرثيي جي جز ۾ بيان وقت شاعر جو ڪمال هوندو آهي. سيد ثابت علي شاهہ ڪمال عروض سان بحر ۽ وزن ۽ حسن بيان سان بندن ۾ بيان ڪيو آهي. ميدان جنگ ۾ شهزادن جو اچڻ ۽ دشمن فوج تي خوف جو طاري ٿي وڃڻ، اهو شان بيان آهي سيد ثابت علي شاهہ جي مرثين ۾ اهو شان بيان آهي.

**شعر:**

اچ ڏسج فطرس جو ٿيندو هاءِ هن دم ۾ عيان،
ٿو ڪري اچ غرق رت ۾ ماريہ بحرِ ڪران.
گاو ماهي ٿو چاٽان هر دو اچ ٿيندا قلم،
عرض تي اندوهہ ٿيو لرزڻ لڳو لوح و قلم.
جو ٻُڌي روح الامين ڪي روئي فطرس زار زار
ٿي رهي ڪونہ و مڪان ۾ حشر جهڙي رويڪار.“
(مرزا عباس، ۱۹۸۴: ۲۸۸)

ارڪان (فاعلاتن فاعلاتن فاعلات / مقصور محذوف) بحر

تلميح = بند ان زماني ڏانهن اشارو ڪن ٿا، جڏهن فطرس جا پر ۽ وار تڪبر جي سزا ۾ سڙي

ويا هئا، تڏهن امام حسينؑ جي ولادت مهل ان جي جهولي سان فطرس جا ساٿي کيس کڻي آيا (۽ مَس کيئونس ان کي) رب تعاليٰ صدقي امام حسينؑ جي فطرس کي شفا بخشي.

اِتي شاعر ان احسان ڏانهن اشارو ٿو ڪري تہ فطرس بہ اچي حاضر ٿيندو ميدان جنگ ۾، ۽ پوءِ ڪربلا جي ميدان ۾ خون رت جا درياهہ وهي ويندا (’ماريا‘ ڪربلا جو پراڻو نالو آهي). گاو ماهي (هندو عقيدي) موجب چوندا آهن تہ دنيا ڍڳيءَ جي سڱن تي بيٺل آهي، ان تي شاعر هي مثال ڏيئي چوي ٿو تہ ان ڍڳيءَ جا سڱ بہ قلم ٿيندا، جڏهن تہ عرش تي لوح و قلم بہ عرش جي لرزڻ سان لرزي ويندا، جبرائيلؑ کي فطرس ٿو چوي تہ اچ ڪائنات ان حشر بعد باقي نہ رهندي.

### مرثيي جو جز رجز

هن ۾ رزميہ ڪارناما ۽ فن جنگ ۾ بهادر جي مهارت جو ذڪر ايندو.

مثال ’رجز‘ شعر جا بند:

اڄ وري ٿو لا ابالي ٿي شهِ ڪشورستان،
بو ترابي ٿي تراب ڪربلا ۾ جانفشان.
تيغ شامِ آلِ عمران ٿي دُرخشان در زمان،
تيغ جي تابش سندس سڀ انس و جن ڪيا بي آسمان.
اُمتي ختم الرُسل جا هي ٿا ڪن قهر و غضب،
شافع روزِ جزا پنهنجو ڪُهن ٿا تشنہ لب،
(مرزا عباس، ۱۹۸۴: ۲۸۸)

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات) بحر رمل مثمن مقصور / محذوف

ابو تراب عليءَ مشڪل ڪشا جي فرزند شافع روز جزا کي جو تشنہ لب آهي ۽ اجايل ڪئين ڏينهن جو، جنهن جي ناني جي اُمّت قهر ۽ غضب جا پهاڙ اچي ڊاٺا، ان دلبر سوار ذوالجناح تي، جنهن شفا بخشي ڪربلا بي حيا کي هر ان انسان کي جنهن ۾ پراوا بہ هئا تہ پنهنجا بہ.

### مرثيي جو جز جنگ

هن جُز ۾ حق جي جنگجوءَ کي دليري بهادريءَ سان جنگ ڪندي بيان ڪيو ويندو آهي. ان جي تلوار ۽ گهوڙي جي تعريف ڪئي ويندي آهي.

مثال، شعر جو بند:

”ٿي وڙهيو سرور بہ ميدان گه يمين وگه يَسار،
اسپِ جولان باز جو عرشِ عُلا تي ٿيو غبار.
رت جي دريا ۾ شناور ٿيو شه يٰسين شعار،
سر تي دستار محمد جي ئي رت ۾ گل آنار.
هڪڙي سر حيدر جو پُٽ اڄ مثلِ حيدر تيغ زن،
ٿو هزارن سين وڙهي تنهائي سرور تيغ زن.“
(مرزا عباس: ۱۹۸۴: ۲۸۸)

فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات بحر رمل مثمن مقصور / محذوف

حسين ابن عليءَ جي جنگ جو منظر شاعري فرمائي ٿو عرش علا تي گهمسان جي جنگ غبار آهي. اها گهمسان جي تلوار حسين ابن عليءَ جي آهي. ان امام جو باوفا گهوڙو بہ آل يٰسين جي معرفت رکندڙ ڪردگار آهي. اڄ اهو گهوڙو بہ باز وانگر بهادريءَ واري ويڙهہ ۾ رت جي درياهہ ۾ گهڙيل آهي. اڄ تلوارن، نيزن، خنجرن هيٺ هڪ اڪيلو حيدر جو فرزند آهي، جنهن جي جنگ جي منظر ۾ حيدر جي تلوار جي چمڪ بہ سمايل آهي.

**مرثيي جو جز ’شهادت‘**

هن حصي جو تعلق جنگ ۾ شهادت ان شهيد جي سان آهي، جنهن جي سر تي ڪل انبيائن جي سر جو تاج آهي.

مرثيي جا بند:

هن جي سر دستار مرسل هي شہ عالي تبار،
شان و شوڪت انجي آيو منجهہ ڪلام ڪردگار.
زينت عرشِ عُلا ارض و سما جو گوشہ وار،
انجي دم ڪئون هو جهان ۾ دين احمدِ قرار.
پنهنجي حق تي رهندي ثابت راهہ حق ۾ ٿيو ذبيح،
قتل اُنجو آهي هِن اُمّت کي طُغيانِ صريح.
(مرزا عباس: ۱۹۸۴: ۲۸۹)

فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات    بحر رمل مثمن مقصور / محذوف

صنعت جو استعمال هنن بندن ۾ ۽ مرثيي جي جز شهادت جو بيان:

شهادت لاءِ خاص صوتياتي لفظ: سر، داستان، مرسل، شان و شوڪت، ڪلام ڪردگار.

رعايت لفظي: هر لفظ جو ٻئي لفظ سان تعلق: رت، جل، دشت، ويران، خاڪ خون.

مرڪب عطفي: سنڌيءَ ۾ مثال طور: گاو ماهي.

اردوءَ ۾ 'اور' استعمال ٿيندو.

فارسي ۽ عربيءَ ۾ 'و' جو استعمال.

سيد ثابت علي شاهہ جي شاعريءَ ۾ حقيقت ۾ فارسي ۽ عربي رنگ آهي. علم عروض جي قاعدن مطابق آهي، مگر هن ۾ سنڌي آسان ۽ مقامي آهي.

**مرثيي جو جز 'بين'**

هن ۾ شهيد ٿيڻ واري هيرو جي موت تي اظهار رنج و غم ۽ نعش تي ان جي عزيزن جو خاص طور عورتن ۽ ٻارن جي روڻ ۽ فرياد جا ويڻ بيان ٿيندا آهن.

"ڪعبہ رو ٿي پيو رهي لاشو ڏکي گلگون ڪفن،
پيو سمهين مقتل جي گل تر تي سوئي نازڪ بدن.
ان کي نہ پروا ڪفن جي ۽ نہ ڪو فڪرِ دفن،
سر هليو سوئي سما ڀرِ سلام ذوالمنن.
ساري خلقت ۾ خدا جي ناهہ ڪو اهڙو شهيد،
جنهن جي سر نيزي چڙهي ڪئي طاعتِ رب الوحيد.
ٿي خبر فردوس ۾ خيرالنسا کي هئي غضب،
شِير پَرور تنهنجو ماريو ڪربلا ۾ تشنہ لب،
اَلعَطَش جي آگ ڪئي آچ تنهنجي آڪهہ جان بَلب،
ٿيا گرفتار بلا اُمت جي منجهہ تاب و تعب.
هي ٻڏي ظلم و غضب هَئي ذيءَ رسول الله جي،
حشرمحشر ۾ ڪري رئندي هلي سا دلجلي.

خاڪ سر ختم الرسل تي ڪربلا ڏي ڪاه ڪئي،
شير حق باهر ولي و اوليا تي آه ڪئي.
شير حق حيدر جي پُٽ رب جي رضا سر ساهہ ڪئي،
خواهش حق جي همہ اُن شاه خاطر خواه ڪئي.
انبيا و اوليا ڪيو ڪربلا ۾ ازدهام،
لاشہ گل تر ڏسي ڪيئون منهن پٽي واحشر عام.“

(مرزا عباس، ۱۹۸۴: ۲۸۹)

فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات        بحر رمل مثمن مقصور / محذوف

- **صنعتن جو استعمال بندن ۾:**

**رعايت لفظي:** لاشو، ڪفن، قتل، گل تر، موت، دفن، هر لفظ جو ٻئي سان تعلق آهي.

**ڪردار نظر:** نيزي چڙهي، طاعت، رب جليل

**مرڪب عطفي:** تاب و توب/ ظلم و غضب.

**اشتقاق:** حشر محشر

هن ۾ اهڙا لفظ ڪم ايندا جي هڪڙي اصل مان متشق هوندا يا هڪڙيءَ جنس جا هوندا.

**مراعات نظير:** ختم الرسل – شهيد حق – ولي اولياءَ – انبيا اولياءَ – اها صنعت آهي.

هن کي متناسب بہ چوندا آهن. هن ۾ اهڙا لفظ ايندا آهن، جن جي وچ ۾ مناسبت هوندي آهي.

**سمجهاڻي:** هنن ستن ۾ آهي تہ ڪعبي جي طرف ڪعبي جي مڪين جو رت ۾ ٻڏل لاش مقتل گاهہ ۾ آهي، جيڪو بکيو پياسو شهيد ٿيو. اچ رت ۾ تر پيو آهي. امت محمديءَ درد مصيبت جا پهاڙ ٽوڙيا هن گهر تي، هي محشر جو عالم ڏسي جنت مان حورون انبياء پيغمبر رسول سڀ محمد مصطفيٰ کي سهارو ڏين پيا فروس مان سائڻ فاطمہ هن غضب تي روئي روئي بي حال آهي ۽ شهيدن جي لاشن تي مسڪين بي ڪس بي واهہ، يتيم ٻارڙا ۽ عورتون آهن، جن کي ويڻ ڪرڻ جي بہ اجازت نہ هئي. مرثيي جي جز (ويڻ) جي وڏي نشاني اها آهي تہ اهي ويڻ جيڪي دل ڏاريندڙ هجن، اهي زمين تي برپا هئا، پر عرش تي ان ڪان وڌيڪ ويڻن جو شور برپا هو.

### ۴.۱.۳ پيشڪش ۽ اسلوب

هن جي وضاحت هيئن آهي تہ انداز بيان ۾ اهڙين ڳالهين جو اچڻ يعني پيش ٿيڻ، لفظن ۾ معنيٰ جي سونهن جي گڏيل ادائگيءَ کي جي اوهان گهرو تہ اسلوب چئي سگهو ٿا. اسلوب ۾ نہ رڳو بيان جو حسن ۽ ادائگيءَ جو ڏانو اچي ٿو، بلڪ ان ۾ فنڪار جي شخصيت، انداز فڪر، طرز احساس، ندرت تخيل ۽ لفظن جي فني ورتاءَ جو اهو سمورو عمل اسلوب شامل آهي، ”جنهن کي انگريزيءَ ۾ Style چئجي ٿو. ان خيال ۾ سهڻو انداز بيان يا اسلوب اهو آهي، جنهن ۾ جامعيت ۽ انفراديت ٻئي سمايل هجن. جامعيت مان مراد، شاعراڻي اسلوب جي اها خاص صفت آهي. ڪلام ۾ سونهن يا حُسن جي عظمت کي ڳولڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ٻن پهلوئن کي نظر ۾ رکڻو پوي ٿو، (۱) زبان ۽ بيان جون خوبيون ۽ (۲) موضوع جي لحاظ کان معنوي خصوصيتون.“ (صائب، ۲۰۰۳: ۲۷۸)

سيد ثابت علي شاهه جي ڪلام ۾ انداز بيان جون بيمثال خوبيون موجود آهن، جيڪي فارسي طرز تي هيون، ان سنڌي ٻوليءَ کي گهڻي قدر وسيع ڪيو. روزمرهہ جا لغوي محاورا جيڪي ڳالهائڻ جو نمونو، معيار، انداز اهل زبان جن کي معياري ٻولي چيو ويو آهي. ثابت علي شاهه شاعريءَ ۾ اهي لفظ ڪتب آندا آهن.

پيشڪش اسلوب ۾ انداز بيان، محاورا، اصطلاح، تشبيهہ، استعارا، مجاز، ڪنايا اهي سڀ اچن ٿيون، جن کي سنڌي ٻوليءَ جي برجستگيءَ سان نڀايو اٿس، جيڪي صنعتون لفظي معنوي ڪم آنديون اٿس. جيتوڻيڪ انهن تي پارسيءَ جو رنگ سر سيرو چڙهيل آهي. ميدان ڪربلا ۾ حضرت شهزادي قاسمؑ جي جرئت ۽ بهادريءَ جو بيان ڪندي ثابت علي شاهه چوي ٿو تہ:

”هن کي چا افراسياب ۽ هن کي چا اسفنديار،
چاهي بيزن؟ چا هي برمڙو چا فراموز الفرار.
گيو گيت گوشو ڪري، نرمي نريمان جو شعار،
طوسي جو چا تاب هت؟ گودرز دگر گين گيرو دار.
هي مجي رب جي رضا سر ڏئي تہ ڏئي ورنہ محال،
ناهي ملڪ الموت کي، هن جي تقابل جي مجال.“

(صائب، ۲۰۰۳: ۲۸۳)

مٿئين مثال ۾ طبعيت جي رواني، چوٽ زباني ۽ برجستگيءَ سان گڏ صنعت تلميح ۽ صنعت جمع، صنعت تحريد ۽ مبالغہ جي نهايت عمده نزاڪت ڪم آيل آهي.

اسلوب جو انداز محاورو ادبي محاورو جيئن اُپ ڦاڙڻ، رومال ۾ ويڙهي ڳالهائڻ، وڻ وڄائڻ، انهن سونهن سان ڀريل لغوي لفظن کي سنڌي ٻوليءَ سان سينگاري سنواري پيش ڪرڻ.

شعر مرثيي جا بند ڪليات سيد ثابت علي شاهہ مان (مرزا عباس علي بيگ، ڇاپو پهريون، ۱۹۸۴ع)

**مثال ۱:**

هاءِ جنهن مظلوم جو سڀ ڪڙم ٿيو هو قتل عام،
ڏيهہ ڏاڏاڻو ڏسي ڪوئي چڙهي وهندو مدام.
پنهنجي مائٽن جون ڏسي ماڙيون سڃيون ويران مقام،
ڪيئن نہ دل ڪسندي روئي رت سو نماڻو صبح و شام.

**مثال ۲:**

حسن امام جي فرزند قاسم نوشاهہ،
جڏهن چيو ڪ اسان ناهي، تو ٻنا ڪا واهہ،
حسين جو ڪہ ابا تنهنجو هئي خدا همراهہ،
قضا قضا نہ ٿئي، توڙي ڪو سدا ٿو روئي.

**مثال ۳:**

سڀ سڳڻ منهنجي ڪاڄ جا اڄ برخلاف ٿيا،
موڙن جي بدرؤن موت جا مينهن وڄ ٿي سر وسيا،
مٽ مائٽ ڇاچي ماچي تہ سڀ سر وڍائي ويا،
هاڻ منهنجو هٿ وهڻ بہ نہ سونهي ٿو سيدا.

هتي اهي لفظ: دل ڪسڻ، قضا قضا نہ ٿيڻ، وڄ ٿي وسڻ، وهڻ نہ سونهڻ سڀ لفظ ڪلام جي سونهن محاورا آهن.

اصطلاح: انهن جي معنيٰ لغوي اها آهي تہ متبادل معنيٰ ڏيڻ. اصطلاح ۽ محاوري ۾ وڏو فرق آهي، جيڪو نٿو ڪيو وڃي. ادبي اصطلاح ۾ خاص لفظن جي خاص معنيٰ کي چئبو آهي.

**مثال ١:**

”سر سر صندوق نورانيءَ سپ قرآن رقيم،
مصحف ناطق جي لوح قبر تي مصحف بجا.
جعفر طيار جيئن ٿيو، پاءُ تئون پنهنجي نثار،
هي علمدار حسيني صاحب سيف، ولو آ.
قافلا سالار اُمت، قافلو ڪاهي هليو،
هن طرف ڪوفن ۽ شام جي ڪٽڪ ۾ ميڙ ٿيو،
موت ۽ تقدير هيءَ حالت ڏسي هڪ ٻي ڪي چو،
هئي ڪُهن ٿا ڪوني ڪعبي جو ڪبوتر يا حسين.
ڪربلا ڏي هيئن چئي منهن ڪيوسين مشهد طرف،
صاحب مشهد جي هن پرچيئون صلوات و ثنا.“

مصحف ناطق، علمدار حسيني، ڪعبي جو ڪبوتر، صاحب مشهد اصطلاح طور ڪم آيل آهن. هاڻي هنن جي معنيٰ اهي ئي سمجهي سگهن ٿا، جيڪي متعلقہ ڄاڻو آهي تاريخ ڪربلا مان.

مصحف ناطق = حضرت عليؑ

ڪعبي جو ڪبوتر = امام حسينؑ

علمدار حسيني = حضرت عباسؑ

صاحب مشهد = حضرت امام علي رضاؑ

- **ٻولي:** معياري عالمن جي ٻولي ۽ فني خوبين سان ڀرپور مقامي سنڌي ٻولي، پارسي، عربيءَ جا لفظ ڪم آڻي ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن سان انهن بند اندر هي سمجهاڻي طور لفظ فصاحت ۽ بلاغت جو شاهڪار موتيءَ جي جڙاءَ وانگر استعمال ڪري ٿو. سيد ثابت علي شاهہ جي مرثين کي خوبصورتي سنڌي ٻوليءَ جي ڪري ملي آهي. ياد رکڻ گهرجي تہ سيد ثابت علي شاهہ ڄائو نپنو ۽ ننڍپو ٿي وڏو ٿيو سيوهڻ شريف ۾، جيڪو خطو سنڌ جي وچولي واري ڀاڱي ۾ اچي ٿو ۽ وچولي جي ٻولي سنڌيءَ جي معياري ٻولي ليکي ويئي آهي.
- **فصاحت:** سهڻي ۽ معياري نموني ۾ ڳالهائڻ يا لکڻ کي فصاحت جو درجو عطا ٿيل آهي. ادبي لحاظ کان روانيءَ، برجستگيءَ، شگفتگيءَ توڙي سينگار ۽ سنوار سپ ڳالهيون فصاحت جي

زمري ۾ اچن ٿيون. (صائب، ٢٠٠٣: ٢٧٢)

ٻوليءَ جي خوبصورتي سيد ثابت علي شاهہ جي مرثين مان:

**مثال ١: مربع جو مثال**

آهي ڏاڍو ڏينهن قيامت جو ڪتابن ڪئي خبر،
خلق سڀ عرفات تي اٿندي ڪري هُل ۾ حشر،
نہ ڪفن ڪنهن کي، نہ ڪنهن کي ستر جامو سر بسر،
پنهنجي پنهنجي حال هئي هئي هوندو حيران هر ڪدام.

**مثال ٢: مسدس جو مثال، ٻوليءَ جي خوبي، فني سٽاءُ**

آخر ان ناني بہ سيني لائي پنهنجو دلربا،
منهن چمي چيو ٿي، اي منهنجا روزه دار ڪبريا،
عمر ننڍپڻ ۾ ابا روزا معافي ڪيا خدا،
جڏهن خدا توکي وڏو ڪيو تڏهن رکج روزا ابا،
توکئون الحق ٿي ادا سڀ حق تعاليٰ جو هي دين،
هاڻي هي تڪليف تو تي ناهي بابا فرض عين.
(مرزا قليچ، ٢٠١٦: ٤٨)

### ٤.١.٣.١ صنعت تشبيهہ جو استعمال

صنعت تشبيهہ ۾ ڪنهن ڪردار کي ان جي صفت مطابق هڪ جهڙائي ڏبي آهي ۽ ان جي لفظي معنيٰ مشابهت ڏيڻ يا مقابلو ڪرڻ ۽ اصطلاحي معنيٰ آهي هڪڙي شئي جو ڪنهن ٻي شئيءَ سان ڪن صفتن ۾ مقابلو ڪرڻ، جنهن شئي سان مقابلو ڪجي يا مشابهت ڏجي، انهيءَ کي ’مشبہ‘ بہ ٿو چئجي ۽ جنهن کي مشابہ ڪجي انهيءَ کي بہ مشبہ ٿو چئجي، ”جنهن صفت ۾ مشابہ ڪجي انهيءَ کي وجہ تشبيهہ چئجي ٿو ۽ لفظ ’وانگي‘ يا ’جان‘ يا ’جيئن‘ وغيره جي مشابهت ڏيڻ ۾ ڪم ايندا آهن، انهن کي حرف تشبيهہ سڏبو آهي.“ (مرزا قليچ، ٢٠١٦: ١٢٨)

بلاغت واري ڪلام ۾ جيئن تہ ان جي لغوي معنيٰ آهي. موقعي مطابق ڳالهائڻ، ٻلي ڪلام ۾ فصاحت جا ڳڻ نہ هجن، پر منجهس وڏيڪ ڳڻ اهڙا هجن جو جاءِ، وقت ۽ حالت مطابق هن جي غم جي وقت، مجلس ۾، ان حالت ۾ ڪو بہ خوشيءَ جو اظهار نہ هجي. شاديءَ جي وقت، مجلس ۽ حالت ۾ غم جو

ڪلمو زبان تي نہ اچي. معزز ۽ بزرگ ماڻھوءَ بابت ڳالھائجي تہ بازاري نمونو اختيار نہ ڪجي. ان جو ادبي طور معلوم ٿيو موقعي ۽ حالت جي تناسب سان معياري ٻوليءَ ۾ ڳالھائڻ جنھن ۾ تشبيھہ استعارا صنعتون اچي وڃن ٿيون.

مثال ١: تشبيھہ

تيئن حسين ابن علي ٿي پُر غضب گھمسان ۾،
ٿي سوار ذوالجناح يڪسر وريو ميدان ۾.

تشبيھہ بھادري حيدر — حسين ابن علي

ھتي حسين ابن عليءَ کي حيدر علي المرتضيٰ سندس والد سڳوري سان آھي، جيئن حيدر جي بھادري جنگين ۾ مشھور آھي، ساڳيو پنھنجي پيءُ وانگر امام حسين جنگ گھمسان ۾ (ذوالجناح) گھوڙي تي چڙھي سوار ٿي ميدان ۾ داخل ٿيو.

مثال ٢:

جيئن ڪہ منجھہ بير العلم ٿيو پر غضب ھو مرتضيٰ،
ٿي تَنِ تنھا وڙھيو يا قوم جتي بي حيا.

ھن ۾ تشبيھہ امام حسينؑ کي امام علي جي ان جنگ واري واقعي سان آھي، جڏھن جنن جي قوم کوھہ تي قابض ھئي ۽ خلقت خدا لشڪر پياسي ھئي پاڻيءَ خاطر. ان وقت پورو لشڪر پاڻيءَ سان سيراب مولا مشڪل ڪشا جي جنگ ۾ فتح سان ٿيو ۽ جنگ ۾ جنات مغلوب ٿيا شڪست کائي ويا، ميدان ڪربلا ۾ بہ حسين ابن علي پنھنجي والد وانگر بي حيا قوم سان جنگ ڪئي، ڪلمئہ توحيد جي حفاظت خاطر ظاھري طور تي لشڪر يزيد فتح حاصل ڪئي، پر حقيقت ۾ فتح امام حسين جي ٿي ۽ بي حيا قوم جو نالو نشان متجي ويو صفحہ ھستيءَ تان.

مثال ٣:

”چنڊ چڙھيو ماتم جو موٽي ٿي قيامت تي قيام،
ھئہ وري جھوليا جھنڊا نڪريا نشان آيا امام،
ڪربلا ڪاھيو ڪلي ڪوڙين ڪرڻ لئہ قتل عام،
ھاشمي ھاتڪ ھليا ھئي ھئي ڪري حملا حشام.“

(ڏھين سالانہ رپورٽ ١٩٦٥ع يادگار مرحوم سيد ثابت علي شاھہ ڪربلائي مان)

سيد ثابت علي شاهہ محرم جي چنڊ جو ذڪر ڪندي جھنڊن ۽ عزاداريءَ جي نشانن ۽ گريہ ۽ زاريءَ نسبت لکيو اٿس تہ عاشوري جو مهينو اصل کان ماتم لاءِ مشهور آهي ۽ ڏهہ ڏينهن محرم جا بني آدم جي حصي ۾ ڏک جا ڏينهن مقرر ٿيل آهن. تون بہ حضرت آدم وانگر روتہ الله راضي ٿئي، جيئن حضرت آدم جي روئڻ تي الله تعاليٰ راضي ٿيو، جو حضرت آدم پنهنجي وڇڙيل رفيقہ حيات جناب حوا سان مليو.

### ۴.۱.۳.۲ صنعت استعارا جو استعمال

لفظي معنيٰ اڌارو گھرڻ، اصطلاحي معنيٰ هيءَ آهي ڪنهن لفظ جي حقيقي معنيٰ ڪڍي، اڌاري طرح ڪم آڻجي. تشبيهہ ۽ استعاري ۾ هي فرق آهي تہ تشبيهہ ۾ هڪڙي شيءِ ٻي شيءِ جھڙي يا مشابهہ چوڻ ۾ ٿي اچي. جيئن تہ شينهن جھڙو مڙس ۽ استعاري ۾ مڙس کي خود شينهن چوڻ ۾ ٿو اچي ۽ حرف تشبيهہ جو ڪم ۾ ڪونہ ٿو اچي.

مثال ۱:

لطف جو پاڇو، يتيمن جي مٿي تي تون پکيڙ،
ستر جي دامن بہ عيبن تي ٻين جي تون وڇاءِ.
(مرزا قليچ، ۲۰۱٦: ۱۳۲)

مثال ۲:

۰۱ ڪعبہ رو ٿي پيو رهي لاشو ڏکي گلگون ڪفن
۰۲ پر غضب ٿي شير حق جو شير ٿيو دڪار زار
۰۳ پر غضب ٿيو هٿ وٺي لا سيف الا ذوالفقار (تلوار)

(مرزا عباس، ۱۹۸۴: ۲۸۷)

**تلميع: شرح**

۰۱ ڪعبہ جي طرف رت ۾ گلگون لاشو (امام حسين جو ٻي ڪفن مگر پنهنجي رت ۾ ڏکيل هو) ۽ فرياد هئي بابي علي المرتضيٰ کي جنهن جي ولادت ڪعبي جي اندر ٿي، مگر وارث ڪعبہ خون جي غلاف سان ڏکيل رهيو.

۰۲ اهو ئي قهر غضب شينهن وارو يعني شير خدا علي المرتضيٰ وارو جلال امام حسين جي چهري تي ڏسي دشمن وٺي ڀڳا تہ اڄ حسين جي چهري تي خيبر ۽ خندق جي جنگ واري عليءَ جو

جلال آهي.

٣. اها ذوالفقار تلوار جيڪا عليءَ کي جنگ احد ۾ جبرئيل روح الامين رب طرفان عطا ڪئي هئي، اها ڪربلا ۾ تلوار امام حسين جي حصي ۾ هئي.

مثال ٣:

مشرق ميدان ۾ جڏان ماه تابان ڪيو طلوع،
آفتاب حشر جيئن خورشيد درخشان ڪيو طلوع،
تاب ڇا تارن جو، مهہ با تيغ بران ڪيو طلوع،
مات مريخ زحل، انوار يزدان ڪيو طلوع،
ان شهہ شمشير جو ڇا شرح شعاع،
ڇا چوي هي سج قيامت شمس محشر جو شعاع.

مٿئين بند ۾ ماه تابان، خورشيد درخشان، تيغ بران، انوار يزدان، شہ شمشير ۽ شمس محشر، هي سڀيئي استعارا ۽ تشبيهون شهزادي قاسم لاءِ آڻي سيد ثابت علي شاهہ ثابت ڪيو تہ هو نظام بلاغت جو شهنشاهہ آهي. ازان سواءِ هن بند ۾ صنعت مراعات النظير بہ پاڻمرادو اچي ويئي آهي، جو ان ۾ آسمان سان لاڳاپيل شيون ماهہ خورشيد، تارا، مريخ ۽ زحل سڀ اچي مڙيا آهن. هن بند ۾ استعارا مجرد ڪتب آيل آهي. شهزادي قاسم سان ڪيترين ئي صفتون هڪ ئي وقت لاڳاپيون ويون آهن. هن بند ۾ چونڊ ۽ بامعنيٰ عمدا لفظ ڪتب آڻي صفت ابداع آندي ويئي آهي، جيڪو سيد ثابت علي شاهہ جو فني شاعريءَ جي بلند مقام جو ثبوت آهي. (صائب، ٢٠٠٣: ٢٨٧)

استعاري سان گڏ تلميح ۾ ايران جي بادشاهن ۽ پهلوانن ڏانهن اشارا ۽ ڪنايا موجود آهن. جيئن تہ امام سائينءَ لاءِ ايراني اهم شخصيتون بہ ڪاشيءِ ڪين هيون، اهڙيءَ طرح صنعت اعراق اچي ويئي آهي. بهادريءَ جي صفتن کي بادشاهن جي صفت سان ملائڻ صرف تشبيهہ طور ۽ استعاري طور آهي، نہ تہ امام عالي مقام جي اصل عظمت بلندي ۽ ان کي بيان ڪرڻ جو ڏانءُ سيد ثابت علي شاهہ وٽ آهي.

اي سبز قبا سرو گلستان سيادت،
تو سرو جو قاسم گل گلزار شهادت،
ريحان نبوت تون ئي بستان امامت،
اي روح نبي و علي جان امامت،

اي سبط نبي جان و علي، روح جي راحت،
اي منهنجا حسن مير، تون ئي منهنجي حمايت ۾.
(مرزا عباس، ۱۹۸۴: ٦۴)

گلستان سيادت، سبز قبا سرو کي خطاب ٿو ڪري تہ اي قاسم منهنجي پيءُ جي نشاني تون گل گلزار آهين. منهنجي پيءُ جي چمن جو سڄو وهنوار آهين. اهو خيال صاف ظاهر آهي تہ امام حسينؑ جو اشارو پڪو پنهنجي پيءُ ڏانهن آهي سبز قبا سرو. خودبخود امام حسنؑ جو استعارو بڻجي ٿو وڃي. روح نبي و علي، جانِ امامت، ريحانِ نبوت، بستان امامت سڀ صفتون امام حسنؑ جي صفتن ۾ اچي مليون آهن. تشبيهہ ۽ استعاري سميت امام حسنؑ جي لاءِ صفتون بيان ٿيل آهن.

### ۴.۱.۴ واقعہ نگاري

واقعہ نگاريءَ جا ٻہ قسم آهن، جيڪي مختلف محقق ٻڌائين ٿا.

۱. ڪنهن تاريخي واقعي کي هوبهو يا ان حالت ۾ پيش ڪرڻ جنهن حالت ۾ ٿي گذريو هجي. شبلي نعماني چوي ٿو تہ واقعہ نگار کي شاعريءَ کان وڌيڪ ٻوليءَ جي مهارت هئڻ گهرجي.

۲. واقعہ نگار کي اصل ۾ مناسب واقعي جي خبر هئڻ گهرجي. اڳتي هو ان کي مڪمل ڪرڻ ۾ حقيقت جي قريب تر ڪرڻ لاءِ واقعي متعلق اهي خاص جُزءِ ان جي ڪيفيت کي تصور ۾ آڻي محسوس ڪري نظم بند ڪندو آهي. ان قسم جي واقعہ نگاريءَ ۾ شاعر جو ڪمال اهو هوندو آهي تہ هو جيڪي ڪيفيت بيان ڪري سا حقيقت معلوم ٿئي. ان ۾ اصل سان لڳ لاڳاپو هجي ۽ طرز بيان ۾ ڪنهن بہ طرح جي شڪ جي گنجائش نہ لڳي. ان ۾ رڳو ٻوليءَ تي دسترس ڪافي نہ آهي، بلڪ فطرتي ماحول کان آگاهي ضروري آهي، مثال طور: شاعر جيڪڏهن چند دوستن جي جدائيءَ جو حال ٿو بيان ڪري تہ جتي هو موجود آهي تہ ان واقعي کي پين تائين پهچائڻ ۾ هن کي انهن سڀني ڳالهين کي پيش نظر رکڻو پوندو، جيڪي ڪيفيتون جدائي وقت محسوس ٿينديون آهن. جيئن جدائيءَ وقت هڪ ٻئي کي حسرت جي نگاهہ سان ڏسڻ ان وقت کهڙي گفتگو ٿيندي آهي جو دل کي سڪون آئت ملي سگهي ۽ موڪلاڻيءَ جي شروعات کان وٺي آخر تائين درجي بدرجي آخري منزل تائين اهي سڀ حالات حاضرين جي دلين تي کهڙو اثر وجهندا. هر ڪنهن سان موڪلاڻيءَ جو پنهنجو انداز، فرق ۽ خصوصيت هوندي آهي. مثال طور: پيءُ پٽ، پياءُ، زال ۽ مڙس وغيره جي موڪلاڻي جون پنهنجيون پنهنجيون ڪيفيتون ۽ خصوصيتون هونديون آهن، جن کي مڪمل گرفت ۾ آڻي حقيقت جي ويجهو ٿي ادا ڪرڻ

ڪپي. هاڻي اهي سڀ ڪيفيتون واقعه نگاريءَ جون جن ۾ واقعي سان گڏوگڏ شخصي ڪردارن کي پيش ڪرڻ ۾ سيد ثابت علي شاهه سنڌي ادب جو پهريون واقعه نگار چئبو، جنهن مرثيي ۾ واقعه نگاريءَ جو حسن سچائيءَ سان بيان ڪيو آهي. مثلاً: جنگ ڪرڻ، حملو ڪرڻ، ڪاميابي ناڪامي، سفر و خضر، رڻ، رولڙو اهي سڀيئي اجزا سمايل نظر اچن ٿا ۽ واقعي حقيقت نظر اچن ٿا ۽ اصل اهو ئي واقعه نگاريءَ جو حسن چئبو.

**مثال نمبر ١: بند ڀاءُ جو ڀاءُ کان موڪلائڻ جو:**

**حضرت عباس جو پنهنجي ڀاءُ امام حسين کان موڪلائڻ**

آئون ادا سر تو اڳيئون ڏيندس ۽ ٿيندس سرخرو،
جيئن ڏنو سر منهنجي ڀائن، صدقئون تنهنجي روبرو،
مون کي پڻ آهي ادا، اڄ سر ڏيڻ جي آرزو،
سر ڏيئي سرهو ٿيان، سردار تنهنجي روبرو،
منهنجو سر صدقو ادا، پر تو سلامت سر سدا.

**مثال ٢ بند: پٽ جي پيءُ کان موڪلاڻي**

**شهزادي اعلي اڪبر جو پنهنجي پيءُ امام حسين کان موڪلائڻ**

جد علي اڪبر ﺑﻪ ڪيو قصد قتال ڪربلا،
شر جنگيءَ جزم ڪيو عزم جدال ڪربلا،
شاهه سمجهو ان جي خاطر جو خيال ڪربلا،
هٿ کڻي ڪيئين عرض رب کي شرح حال ڪربلا،
چائين جا رب جي رضا ، اسين راضي آهيون با رضا،
آئون ﺑﻪ حاضر، پٽ ﺑﻪ حاضر، قدر رضينا بالقضا.

الوداع اڪبر جي ڪيو، اهل حرم ۾ حشر عام،
سر هڻي پَٽ تي چوڻ ٿيا، هئي قهر هئي قيام،
چئي امان دامن وٺي، هئي هئي م وئون ابن امام،
چئي پڦي سر منهن پٽي، اڪبر اسان جي توتي سام،

اي اسان جا سام سائين، جڏ تون سامائين ابا،
اسين هلياسين شام پرڏيهي ۽ تون ٿين سر جدا.

**مثال ٣: ڀائٽيي جو چاچي کان موڪلائڻ جو بند:** حضرت قاسم جي پنهنجي چاچي امام حسينؑ کان موڪلاڻي

مون کي اڄ تو گڏ مرڻ، منهنجي سعادت سيدا،
مر هي سر تن کئون جدا، پر آئون نہ ٿيا تو هئون جدا،
منهنجو توسين ميڙو ۽ مومن چَوَن صدقئون سدا،
قاسم ابن حسن آهي حسيني جان فدا،
واسطي الله جي مون کي مَ ڪج پاڻئون پري،
آئون پري توکئون نہ ٿيندي، منهنجي توري ڪيئن سري.

شاهہ فرمايو ابا! جيڪا رضا الله جي،
تنهنجي شادي تا ڪريان، پوءِ جا رضا الله جي،
تون بہ جي ويندين تہ وئون بابا، رضا الله جي،
آئون اڪبر پڻ اجهي آيا رضا الله جي،
اسين رضا تي راضي، اي منهنجا رضا راضي ابا،
قاتل و مقتول جو آخري خدا قاضي ابا.

**مثال ۴: سيد الشهداء امام حسين عليہ السلام جي اهل حرم کان موڪلاڻي (رخصتي)**

امام حسين اهل و عيال کان موڪلائي رڻ ڏي لهي، تنهن جو نقشو سيد ثابت علي شاهہ پاران نهايت اندوهہ ناڪ پيرايي ۾ هيئن چِٽيل آهي:

جي ڏسن سر منهنجو نيزي، پنهنجي سر تي بار چاڻ،
پاڻ کي والد جو عابد، صاحب دستار چاڻ،
اي سندم لچپال لائق ستم هموار چاڻ،
آه منهنجي بيڪسن جو پاڻ کي غمخوار چاڻ،
سر وڃيان، گهر تڙ لُٽيا، ناموس پرڏيهي اسير،
نعم اجر الصابرين چو، جيڪا تقدير قدير.

هيئن چئي سجاد کي فرمايو سردار الوداع،
اي يتيم ناتوان، بيمار و بي پر الوداع،
اي اسير ڪربلا، ڏس شام لشڪر الوداع،
الوداع اي شام پرڏيهي مسافر الوداع،
الوداع پرتين خدا کي، منهنجا زين العابدين،
شال ملندين مصطفيٰ کي منهنجا زين العابدين.

هئي سڪينہ الوداع، تنهنجي يتيمي الوداع،
هئي سُڪين پالي امان، تنهنجي غريبي الوداع،
هَئي مَ هئين چورا ڇڄن، امر الاهي الوداع،
هَئي مَ بيڪس رڻ رُلن واهر نہ جن جي الوداع،
الوداع اي منهنجا عابد، شام پرڏيهي اسير،
مير اڄ تو لئي مديني، رت رئن خورد و ڪبير.
(ڪليات ۱۹۸۴ مرزا عباس مان بند)

**شرح سمجهاڻي:**

**مثال نمبر۱ بند:** واقعات نگاريءَ جو هڪ انمول مثال آهي، جڏهن حضرت عباس علمدار امام حسين کان وڃڻ جي ميدان طرف اجازت گهري تہ حقيقت ۾ جنگ جي اجازت آخر تائين امام حسينؑ پاڻ کي نہ ڏني، مگر ٻارن جڏهن اُڃ ۾ تڙپي خالي ڪُوزا کڻي حضرت عباس کي منٿون ايلاز ڪيا تہ مولا عباس مجبور امام حسين جي قدمن تي اچي ڪِريو تہ مولا آقا وڙهڻ جنگ جي ڪڻي نہ تہ پاڻي آڻڻ جي اجازت ڏيوم. مولا حسين پنهنجي ننڍي چار سالن جي معصوم سڪينہ جي سفارش ۽ ڇهن مهينن جي علي اصغر جي پياس اڃ هٿان مجبور ٿي حضرت عباس کي چيو پاڻ وڃ تون تہ منهنجي اهل حرم جي پردن جو محافظ هئين، هاڻي تون بہ د شمنن هٿان وڃي شهيد ٿي.

**مثال ۲:** هم شڪل مصطفيٰ علي اڪبر نوجوان فرزند امام حسينؑ جو جڏهن گهوڙي تي چڙهي سوار ٿي ميدان طرف ٿو وڃي تہ اها ڪيفيت هڪ پيءُ جي دل جي سواءِ پيو ڪير نہ سمجهندو، پر اتي شاعر ميدان ڪارزار ۾ امام حسينؑ جي مٿان آيل مصيبت درد کي ايترو تہ دل سان هنڊايو اٿس جو ان واقعي کي مرثيي کي ٻڌڻ وارا سر سينو پٽي روئن ٿا. هر هڪ کي پنهنجو اولاد جوان سامهون علي اڪبر جي جڳهہ تي نظر اچڻ ٿو لڳي ۽ ٻڌڻ وارو امام حسينؑ جي ڪيفيت کي پنهنجي سيني اندر

محسوس ڪري پاڻ کي ان واقعي ۾ بيٺل محسوس ڪندو ۽ اهو ئي تہ اصل واقعہ نگاريءَ جو هنر ۽ ڏانءُ آهي، جيڪو ثابت علي شاهہ جي مرثين مان ملي ٿو.

مثال ۳: هن مثال ۾ يتيم ڀائٽيو فرزند امام حسنؑ جو جنهن جي عمر مس ۱۴ ورهيہ هئي ۽ وڏي چاهت ۽ دليريءَ سان چاچي کان جنگ جي اجازت ٿو گھر. امام عالي مقام لاءِ وڏي آزمائش آهي يتيم ڀائٽيي کان جدائي ۽ سو ان ڀاءُ جو پٽ جنهن کي سڄي زندگي معاويہ ابن ابو سفيان سک سان ويهڻ بہ نہ ڏنو صلح جي شرطن جي باوجود ۽ آخرڪار زهر دغا سان شهيد بہ ڪرايو. اهي سڀ ڏک اذيتون امام حسينؑ لاءِ وڏو بار آهن ۽ نسل امام حسن جي خاطر بہ امام حسين فڪر مند آهي. جڏهن شهزادو قاسم بنهہ راضي نہ ٿيو واپس موٽڻ تي، نيٺ امام حسين اجازت ڏني ۽ معصوم کي آٿت بہ ڏني تہ ابا تنهنجي قاتل کي خدا نہ بخشندو ۽ اجهو تنهنجي شهادت بعد تنهنجو سؤٽ ڀاءُ علي اڪبر بہ ايندو ۽ ساڻس گڏ آءٌ تنهنجو چاچو بہ.

مثال ۴: تمام عظمت ۽ انتهائي قابل فهم لفظ آهن. هن مرثيي ۾ امام حسينؑ جي لفظن کي شاعر پنهنجي سوچ مطابق ڪمال جي واقعہ نگاري ڪئي آهي. شاعر چوي ٿو:

امام حسينؑ جڏهن سڀني جي شهادت واقع ٿيڻ بعد آخر ۾ پاڻ ميدان جنگ ڏانهن هليا تہ وصيت رخصتي ۽ امانت امامت جو عهدو پنهنجي فرزند امام زين العابدينؑ کي سونپڻ خاطر آيا. ان وقت امام زين العابدين لقب 'عابد' کي چوڻ لڳا، پٽ جڏهن آءٌ شهيد ٿيندس تہ دشمن خوشيءَ ۾ منهنجو سر نوڪ نيزه تي بلند ڪندا. ان وقت کان توتي امامت ۽ پوري ڪٽنب جو بار ٿيندو. منهنجو دستار جو وارث هاڻي تون آهين، منهنجي عزت جو محافظ ۽ گڏوگڏ ستم و ظلم بہ توکي سهڻا پوندا. اڄ کان منهنجي يتيمن بيڪسن جو غمخوار تون آهين. تنهنجي ڪل ناموس جي رکوالن جا سر وڍجي ويندا ۽ آخر ۾ تون بچندين ۽ توکي قيدي اسير ڪيو ويندو ۽ صبر همت سان توکي راضي برضا تقدير تي ٿيڻو پوندو. ان تمام روداد، نصيحت، هدايت بعد امامؑ فرمايو، اي منهنجا جاني جاگر الوداع، اي شام جي سخت انتها قيد جا مسافر اسير الوداع، توکي ۽ تنهنجي قافلي کي رب جي امان ۾ ڏنم ۽ ان شاءَ الله ناني مصطفیٰ کي ضرور تون ملندين ۽ منهنجا بہ سلام چئج ناني جي روضي تي، اها سڀ وصيت ۽ دعا هئي امام حسينؑ جي پنهنجي پٽ سالار قافلي جي کي، جنهن کي اهي مصيبتون سهڻ بعد مديني بہ وڃڻو هو، ليڪن اها هڪ امام پيشن گوئي ڪري اڳوات امامت جي اعجاز سان ٻڌائي ڇڏيو، نہ تہ يزيد ابن معاويہ ڪو ڪو ارادو آزاد ڪرڻ جو نہ هو، ان جو منصوبو اهوئي هو تہ تمام اهلبيت اتي قيد خاني شام ۾ معاذ الله مري کپي وڃن..

سيد ثابت علي شاهہ جي مرثين جي واقعہ نگاري ايڏي تہ جاندار هوندي آهي جو پڙهندڙ ۽

پڙھندڙ پڻ تاريخ جي حقيقت کان واقف ٿي ويندا آهن.

### ۴.۱.۵ ڪردار نگاري

سيد ثابت علي شاهہ پنهنجي شاعراڻي عظمت سان ڪردارن جو جيڪو تعارف ڪرايو آهي، اهو هوبهو تاريخ ۾ ڪردار پنهنجو ڪرت نڀايو هوندو. ايڏو جاندار تجزيہ نگاري، ڪرداري نگاريءَ جي ڪئس اٿس جو شاعريءَ جي لفظن مرثيي جي بيان سان گڏ اکين ۾ ان ڪردار جي صورت ۽ شبيهہ ڦِري ٿي وڃي.

هتي هڪ ڳالهہ واضح آهي تہ ڊاڪٽر فرمان فتح پوري واقعہ ڪربلا بابت لکي ٿو تہ:

(الف) واقعہ ڪربلا جي پيش گوئي ٿي چڪي هئي ۽ پوري بہ ٿي.

(ب) حضرت امام حسين ۽ سندن رفيق ان پيشن گوئيءَ جي نتيجي جو سچو علم رکندا هئا.

(ج) انهن تمام الله جي رضا تي ڪربلا جو سفر طئہ ڪيو.

(د) حضرت امام حسينؑ ۽ ان جي پوري جماعت صرف اهوئي نہ تہ حق تي هئا، بلڪ هر طرح سان معصوم هئا.

(س) مخالف گروه طبعاً شقي ۽ خطاڪار هو.“ (فتح پوري، ۲۰۰۲: ۱۳۲)

ڪردار نگاريءَ تي شاعر جي ڪاميابيءَ جو راز هوندو آهي تہ هو ڪيترو سچائيءَ سان ڪردارن کي پيش ڪري ٿو. جذبات نگاري مصوري ۽ واقعہ نگاريءَ جي ڪاميابيءَ جو دارومدار ڪردار نگاريءَ تي هوندو آهي. اهي ٽيئي جز لازم ملزوم آهن. جذبي جي حقيقي تصوير ۽ ترجماني ۽ واقعات جو فطري اظهار سچي ڪردار نگاريءَ جي بغير ناممڪن آهي.

”ڪردار نگاريءَ جي خوبين ۾ هڪ خوبي اها بہ آهي تہ جنهن شخص جي سيرت بيان ڪئي وڃي، ان جون تمام ظاهر خصوصيتون برقرار رکڻجي ڪوشش ڪجي. جڏهن ڪنهن ٻار جي ڪردار تي ذڪر هجي تہ ان جي منهن مان اها ئي ڳالهہ چورائجي ۽ اهي معصومانہ محرڪات پيش ڪجن، جيڪي ٻار مان متوقع هونديون آهن. اگر نوڪر جو ذڪر ڪجي تہ ان جو تعارف نالي سان نہ هجي تہ نوڪر آهي، بلڪ ان جي اخلاق، طور اطوار، ڳالهائڻ جي طريقن مان خود اظهار هجي، جنهن مان ان جي محڪوميءَ جو پتو پوي ۽ اگر ڪنهن عظيم شخصيت جو تذڪرو هجي تہ زندگيءَ جي سخت کان

سخت مرحلن ۽ نازڪ موقعن تي ان جي اوصاف ۾ اهو بيان هجي، جنهن مان ان جي عظمت جا ثبوت ملن. ان کان علاوه هڪ ڪردار کي جهڙو ابتدا ۾ پيش ڪجي، ائين ئي آخر تائين ان رنگ ۾ ڏيکاريو وڃي. ان جي اعمال ۽ اقوال ۾ ڪو تضاد يا نقص نہ هجي. ان ڳالهہ جو لحاظ رکيو وڃي تہ ڪردار نگاريءَ جا سڀ لوازمات طبيعاتي ۽ نفسياتي تقاضائن مطابق هجن ۽ ائين نہ ظاهر ٿئي تہ ڪو ڪردار ڄاڻي واڻي ڪنهن خاص انداز سان زبردستي سامهون آندو ويو آهي." (فتح پوري، ٢٠٠٢: ١٥٢)

مرثيي جي موضوع ڪردارن جو تعلق جڏهن تہ عرب جي سرزمين سان آهي، ان ڪي مقامي رنگ ۾ پيش ڪرڻ جو فائدو اهو مليو تہ مرثين ۾ روايتي سماجي زندگيءَ جي ڪيترن پهلوئن کي شامل ڪرڻ جو موقعو ملي ويو ۽ ان رنگ سان ئي سنڌي مرثيي جي دنيا ۾ سيد ثابت علي شاهہ هڪ اهم مقام حاصل ڪري ورتو. ڪا مجلس عزا سنڌ جي اهڙي نہ هئي، جنهن ۾ سترهن سؤ صديءَ کان پوءِ سيد ثابت علي شاهہ جي لکيل مرثين جي بغير برپا ٿي هجي. مرثين ۾ اهي سڀ ديسي روايتي سماجي ڳالهيون آهن، جيئن ماءُ پار جا وار سنواري، سرمو پارائي، ڪاوڙ ۾ دڙڪا ڏئي، وري پيار سان ڇاتيءَ سان لڳائي، بک اُڃ ۾ ٻارن جو تڙپڻ ۽ وڏن جو آٿت ڏيڻ، سماجي زندگيءَ ۾ سنڌي سماج مطابق شاديءَ جون رسمون ۽ وفات تي فاتحہ، ڪفن دفن، اهي سڀ لوازمات مرثين ۾ ملن ٿا.

### ٤.١.٥.١ ڪردار نگاريءَ سان منظر نگاري

مثال بند ١:

سِر وڍي نيزي ڌري ويو شمر لاشہ کي سَٽي،
لاشئہ مظلوم کي مقتل جي گل تر تي لَٽي.
ساري خلقت ۾ خدا جي ناه ڪو اهڙو شهيد،
جنهن جي سر نيزي چڙهي ڪئي طاعتِ رب الوحيد.

(مرزا عباس، ١٩٨٤: ٢٨٩)

هڪ طرف فرزند رسول جي هستي، ٻئي پاسي شمر ملعون جو ڪردار. هڪ پاسي حق ۽ ٻئي پاسي باطل. ڪردارن جي منظر نگاريءَ ۾ ادائگي ۽ مرثيي ۾ شاعر جو بيان ۽ لفظن جي چونڊ ڪمال جي آهي. گل تر – لَٽي – سَٽي – نيزي ڌري – هيءُ سڀ منظر نگاريءَ ۾ امام حسينؑ جي ڪردار سان بي ادبي شمر ملعون جي ڪردار طرفان ٿيل آهي.

مثال بند ٢:

تشنہ لب دريا ڪناري ڪعبہ رو ٿي پيو ڪُسي،
تير ۽ تلوار جو مينهن ان جي سرتي ويو وسَهي،
صبر ڪر ’ثابت علي‘ هي درد شاهِ ڪربلا،
برق جانسوز بلا آهي، نہ ڪا انجي دوا،
پيو اتي دريائي ظلمت منجهہ زمين نينوا،
غرق ڪئي طوفان بلا جي ڪشتئي آلِ عبا.
(مرزا عباس، ١٩٨۴: ٢٩٠)

هن بند ۾ ڪردار نگاريءَ جو تمام اعليٰ انداز آهي، جنهن ۾ غم شهيدِ ڪربلا ۾ ڪل ڪائنات جو مثال ۽ پيشڪش اسلوب ڏسڻ سمجهڻ وٽان آهي.

مثال بند ٣:

شاهہ جي تابوت سين اڄ مصطفيٰ رئندو هليو،
مير جي مظلوم مڙهہ سين مرتضيٰ رئندو هليو.
حضرت زهرا سين حسن المجتبيٰ رئندو هليو،
هيءِ خدا جو سنهن ڪہ اُن گڏ خود خدا رئندو هليو.
شاهہ جو تابوت آيو، انبيا ۾ روڄ پيو،

بند ۴ :

”جڏ شہِ مظلوم جا سڀ ماريا، خويش و اقربا،
قاسم و عباس سوڌا اڪبر و اصغر ڪُٺا،
چيائين هاڻ وارو اسانجو آ جيڏي يار ويا،
در تي خيمي جي اچي چيئين آءُ اي زين البيا.

اهل عصمت عرض ڪيو ڪَاي، قبلہ دنيا و دين، هيءَ غضب ڏسو غش ۾ آهي تنهنجو زين العابدين شاهہ گهوڙي تئون لهي خيمي ۾ آيو، اشڪبار طرف سيراندي جي ويهي چيئين ابي جا من قرار آئون هليس عابد مرڻ تون پَٽُ اکيون اي منهنجا يار هي نبي ناموس پرتئي توتي مڙني جو مدار.“ (مرزا عباس، ١٩٨۴: ٢۴١)

تمام ڪردار بني هاشم جا جن کي اهل عصمت سان لقب ڏئي ٿو ۽ ڪٿي آل ياسين ۽ ڪٿي آل عَبا. شهيدن انسان جي ڪردار سان گڏ "ذوالجناح" نالي گهوڙي جي ڪردار جي بہ تعريف آهي.

"جنهن وقت ذوالجناح تئون سلطان دين حسين
زخمن ڪئون ضعف ٿي نيو سوئي زمين حسين
(مرزا عباس، ڪليات ١٩٨۴)

سيد الشهداءَ تي گريو ڪيترو نفعو ڏئي ٿو ان جو دنياوي ۽ ديني پئي فائدا ثابت علي شاهہ ٻڌايا آهن ۽ ان ۾ ڪردار نگاري انهن باوفا قوم جي ڪئي اٿس جيڪي روزِ محشر تائين ان گريي جا فرض نڀائيندا رهندا.

**بند ۵:**

هن روئڻ جو رتبہ عالي اگر ٿي جلوا گر
ڪا عبادت وري رئڻ بهتر نہ ڄاڻي ڪو بشر
باهہ دوزخ جي اُجهائي آه جا سوز جگر
باغ جنت جو ڪري گلزار آبِ چشمَ تر
جين ڪي يارو آبرِ رحمت چون سي آنجون اکيون
آئين ٻهشتي جي اوهان هي لهرون نيت جاري رکيون
(ڪليات مان مرزا عباس علي، ١٩٨۴)

**بند ٦:**

جنهن وقت عبيدالله عمر نحس سڏايو
سرور جي وڙهڻ ڪاڻ ستمگر ڪيو سعيو،
تڏ سپہ جو سَالار اُن ڪوفي مئون ڪاهيو،
دنيا تي ڏئي دين ڪٺي ڪين ڪمايو،
پُٽَ سعد جي پروانو وٺي رَي، جي رياست
تنهن ڪاڻ تڙيل سِرَ تي سَٺي، لوڪ جي لعنت
ڇَو ابنِ زياد اُنکي ڪہ اڄ هل ڪري همت
تا ڪوفي ۾ ٿي قدر صبح تنهنجو سوايو.
(مرزا نجم، ٢٠٠۵: ١٠٦)

**سمجهاڻي شرح:**

بند ۵: سيد ثابت علي شاهہ بند نمبر ۵ ۾ ان قوم جي ڪردار ۽ عقيدي کي دعا ٿو ڏئي جن جون اکيون غمِ حسين ۾ اشڪ بار آهن ۽ انهن لاءِ دعا ۾ چوي ٿو تہ محبت حسين ۾ ان قوم جا ڪردار جنت جي مخلوق سان گڏ جنت جي باغن ۾ آبياري ڪندا ۽ هميشہ رهندا.

بند ٦ ۾ ان ڪردار تي بحث ڪندي چوي ٿو افسوس اصحاب سعد جو پٽ ملڪ "ري" جي لالچ ۾ انڌو ٿي ويو ۽ ان دين ايمان وڃايو نَوَ لک لشڪر ڪاهي يزيد جي حڪم سان ڪوفي مان سنبري آيو هائيڙي دنيا جي لالچ تي دين کي ڪُهي ويٺو. هن ملعون کي بہ يزيد سَندَ موڪلي هئي تہ بس سَرِ حسين جي بدلي ملڪ "رَي" جا باغ تنهنجي ملڪيت ٿي ويندا. بس هن سر حسين نوڪ نيزه تي ڪٽي پوري لوڪ جي لعنت پنهنجي سر تي کنئي. ابنِ زياد ملعون ڪوفي جي گورنر هن کي همت ڀڏرائڻ خاطر چيو تہ دل جاءِ ڪر هاڻي سڄي ڪوفي ۾ تنهنجي عزت جي ناماچاري ٿيندي.

انساني ڪردارن جا پنهنجا پنهنجا رويا آهن مگر هڪ شاعر انهن جي ظاهري طبعي نفس بالنفيس تمام نفسيات کان اگر واقف آهي تہ بلڪل ائين لڳندو جيئن تمثيلي ڊرامو، ناٽڪ ۽ اسٽيج تي ڪارڪردگي هجي. سيد ثابت علي شاهہ جي عڪاسي، مصوري، ڊرامائي انداز جي لکڻين، مرثين کي پڙهي نہ ڪنهن اسٽيج، ڊرامي ۽ نہ تمثيلي ناٽڪ جي ضرورت پوندي. سندس لکيل مرثين جي پڙهڻي ۾ انداز بہ هڪ الهامي هوندو هو، جنهن ۾ هو ڪردار جي مرثيي ۾ ڪارڪردگيءَ کي ان سوز، وجاهت، دليري، بهادري ۽ غم سان لبريز ويڻ ڪيڏي پڙهندو هو، پڙهندو بہ ويندو هو، زارو قطار روئيندو بہ ويندو هو.

هڪ مشهور زمانہ قصو آهي: هڪ عورت جي ڪڇ ۾ ٻار روئيندو ڏسي ٿو ۽ جڏهن ان جي ماءُ ٻار کي پاسي تي ويهي ٿڃ ڏني، اهو منظر ڏسي شاهہ صاحب منهن مٿو پٽي زمين تي ويهي رهيو. هن جي ذهن ۾ ڪردار ۽ منظر ڦري آيا، ان تي پاڻ مرثيو لکيائون:

کير پيئڻ وارو پٽ جنهنجو مري ڪير رَي،
اُن جي امان اُنجي غم سَر پٽي روئي مري،
تير ڳلي مئون گذر جنهنجي ٻچي کي ڪري،
لعل ڪئون لوهو وَهي چولو ۽ چوسو ڀري،
اُن جي امان جو جگر ڏسجي تہ ڪيئن ٿو جلي،
ڪهڙي ٿي ڪاتي وهي ڪهڙو ٿو ڀالو لڳي،
هي جو چيم هاءِ هاءِ سو علي اصغر جو حال،

تير سين گهايو ڳلو ڪُڙتو ٿيو لوهوءَ سين لال،
بابي جي هنج مَئون لهي آيو آمان جو نهال،
منهن ڏسي جيجل چَوي قدرت قادر ڪَمال
سَاقيءِ ڪوثر جو پُٽُ پاڻي گهري پُٽَ جي ڪاڻ،
پاڻي نہ ڏين هو پليد رڻ ۾ ڪُهن سڀ رهاڻ.

(مرزا نجم، ۲۰۰۵: ۱۷۱)

ثابت علي شاهہ هڪ محمد و آل محمد سان مودت رکندڙ سادات هو ۽ شاعر هو، جنهن جي دل و دماغ تي هر وقت غم آل محمد سوار رهندو هو، ڪنهن معصوم نياڻي کي جڏهن روئيندو، بي تاب حزين پنهنجي پيءُ لاءِ شل نہ ڏسندو هو، هڪدم سانئڻ سڪينہ بنت الحسين جو درد اکين اڳيان اچي ويندو هئس ۽ مرثيي جا بند لکي سوز و سُر بہ ذهن ۾ تيار ڪري وٺندو هو. هي بند مٿيان شهزادي علي اصغر جي پياس ۽ شهادت ۽ سندس ماءُ جي درد کي ياد ڪري لکيا اٿس. جڏهن سندس نگاهہ هڪ ٿڃ پياڪ ٻار ۽ ان جي ماءُ جي پريشانيءَ تي پيس. ائين ڪٺي چئجي بلاشڪ سُنت امام زين العابدين تي پابند محبت هو، ساڳيو امام سيد سجاد جي پيرويءَ ۾ غمگين رهڻ ۽ هر وقت ڪربلا جي غم ۽ بحر ۾ ٻڏل ۽ هر وقت هر شهيد جي ڪردار جو ذڪر ڪرڻ، ان جي ساراهہ ڪرڻ ۽ ان لاءِ لکڻ پڙهڻ ۽ روئڻ ۾ مصروف رهندو هو. ان ۾ ڪو واڌارو يا مبالغو نہ ٿيندو تہ سيد ثابت علي شاهہ ڪردار نگاريءَ جو هڪ بهترين عڪاس، مُصور ۽ شعلہ بيان شاعر هو. سندس بيان ۾ رڳو جدت نواڻ نہ پر سموري ڪائنات جو سوز سمايل هو ۽ قيامت تائين اهو درد جو آواز گونجندو رهندو. هر دردمند دل رکندڙ اهي بيان پڙهندو روئندو رهندو. (آمين)

### ۴.۱.۶ جنگ جي منظر نگاري

واقع نگاري جڏهن ڪمال جي درجي تي پهچي ٿي تہ ان کي مرقع نگاري ڪوٺيو وڃي ٿو، جنهن کي آڄڪلهہ جي ٻوليءَ ۾ ڪنهن چيز جو سمو ٻڌڻ يا منظر ڏيکارڻ چئجي ٿو.

#### ۴.۱.۶.۱ جنگ جو هنگامہ خيز منظر

رزم نگاري جنهن جي لغوي معنيٰ جنگ و جدل، هنگامو، ويڙهہ آهي: سيد ثابت علي شاهہ ڪربلا جي معرڪي دوران جيڪو روز عاشور محرم الحرام جي ڏهين تاريخ تي برپا ٿيل جنگ آهي جيڪا جنگ يزيد ابن معاويہ طرفان بيعت جي انڪار تي رٿيل هئي. ان جنگ جي رزميہ بيان ۾ ثابت علي شاهہ هيئن چوي ٿو تہ:

"رات وئي ٿيو صبح بل صبح قيام،
روز ٿيو بل روز قتل ذوالڪرام،
هر طرف ڪيو فوج اعدا ازدهام،
مُلحدان ڪُوفہ و اشرار شام،
ٿيا مُسلح صف بہ صف پياده سوار،
شام ڪُوفي جا ڪُتا ٻاويھہ هزار.

* * *

جنگ جا نوبت نقارا ٿيا شروع،
حشر ٿيو مقتل ۾ مارؤ سو بہ سو،
ات منادي موت جي ٿي ڪُو بہ ڪُو
رُڪ جي بادل مينهن ٿي برسايو لهو،
ها ڳڙن جيئن تير ۽ وڄ جيئن ترار،
شام ٿي تت شڪر ڪيا۔ بر ڪردگار.

(صائب، ۲۰۰۳: ۲۹۴)

سيد ثابت علي شاهہ ڪربلا جي ميدان ۾ ڪوفين ۽ شامين جي لشڪر جي گڏ ٿيڻ واري منظر کي پنهنجي مرثيي ۾ مڪمل روئيداد سان بيان ڪيو آهي.

هاءِ يزيدي ڪاهي آيا شاهہ سين ڪيائون جنگ جا سنيها،
شاهہ ٿي چيو اسين اصل ستايا آن بہ اسان جا روحَ رنجايا،
آل پيغمبر ﷺ چيو ٿي سراسر بار خدايا بار خدايا،
هَئہ هَئہ حسرت واءِ قيادت داد ڏي داور داد ڏي داور،
ڇَو ٿا ڪُهايو ڇو ٿا رنجايو جان و جگر ۽ روح اسان جا،
ان جو اسان تان ڪين وِڇايو نخل جنا جا باغ نبي ﷺ جا،
هَئہ هَئہ حسرت واءِ قيادت داد ڏي داور داد ڏي داور،
ڪاٿي پيغمبر ڪاٿي حيدرعہ اوهين پڌو ٿا آهَہ اِسان جي،
آءُ ڪر مُرسَل مدد محمد ﷺ ناهي ڪا تورئي واهَہ اسان جي،
هَئہ هَئہ حسرت واءِ قيادت داد ڏي داور داد ڏي داور،

امام حسينؑ جي قافلي جو ڪربلا جي رڻ پَٽ ۾ پهچڻ سان ئي ڪُوفين ۽ شامين جا وڏا وڏا لشڪر ڪربلا پهچڻ شروع ٿي ويا. امام حسين ع رب جي رضا تي راضي ٿي خلق خدا کي قتل و غارت کان بچائڻ خاطر هڪ الڳ راهہ ورتي، جيڪا نسوري شهادت جي راهہ هئي. پڇا ساڻ ڪرڻ ضروري هئا. تاريخون اوائلي، جنهن ۾ ابن ڪثير ابن خلدون اهل سنت جا راوي بہ ان ڳالهہ جي تائيد ۾ آهن تہ، اهل حرم گڏ ڪٽڻ امام حسين جي حڪمت عملي هئي، ڇو جو ڪنهن بہ صورت ۾ يزيد ابن معاويہ جي بيعت ۽ حڪومت کي مڃڻو نہ هو ۽ اگر پاڻ عليہ السلام اڪيلا نڪري پون ها تہ، يزيد کي ان جا ڪارندا پڙڪائي اهل حرم کي يرغمال بنائن ها ۽ امام حسينؑ جي عزم رخنو پئجي وڃي ها. هونئن بہ امام ع جي ولادت مهل ئي ڪربلا جون تياريون ٿي ويون هيون، جڏهن جبرائيل ع رسولِ خدا ص کي اچي سڄو اسرار شهادت امام حسين ع سندن ڏوهٽي جي باري ۾ ٻڌايو ۽ سندن امت جون جفاڪاريون بہ ٻڌايو تہ يا رسول الله! توهان بعد توهان جي امت توهان جي نياڻيءَ ۽ ان جي فرزندن سان بدترين سلوڪ ڪندي، جنهن ۾ امام حسين ع ۽ سندن پڇن ساٿين کي بيدرديءَ سان ڪربلا جي زمين تي ڪُنو ويندو. امام حسينؑ ان ڳالهہ کان باخَبر هئا تہ سَندن شهادت بعد ڀرپور ڪوشش ڪئي ويندي يزيد پاران تہ قتل امام حسينؑ جو شرعي ۽ قانوني طور صحيح هو.

ان لاءِ امام حسين مديني مان نڪرڻ مهل وصيت پنهنجي وڏي ڀاءُ حضرت محمد حنفيہ کي لکي ڏئي آيا سَندَ مُهر سان تہ منهنجو قدم الله ۽ ان جي توحيد جي بچاءُ خاطر ناني رسولِ خدا ص جي مٽان آندل دين اسلام جي بچاءُ خاطر آهي. آءُ هڪ بہ لمحي نہ پنهنجي ناني محمد مصطفيٰ ص جي دين جي نافرماني ڪندس ۽ آءُ ناني جي سيرت ۽ بابا عليءَ جي شجاعت جو عَلم ساڻ پيو کنيو وڃان، توحيد جي دشمن کي اگهاڙو ڪرڻ خاطر. ۽ آخرڪار منزل بہ منزل ڪاروانِ حسين پنهنجي آخري منزل ڪربلا تائين اچي پهتو. ڪربلا جي زمين تي پهچڻ شرط شريعت جي بانيءَ اهو سوچيو تہ اسان جون شهادتون هن زمين تي ٿيڻيون آهن، ۽ پرائي زمين تي غصبي طور ڪو حق نٿا رکون، ان لاءِ اتان جي زميندارن کي گهرايو تہ ڪائنئن زمين خريد ڪجي، اتي امام عالي مقام دنيا تي واضح ڪرڻ چاهيائون تہ جنهن زمين تي مٿن لشڪر ڪشي ڪري ظلم جبر جي انتها ڪئي ويندي اها سندن ملڪيت آهي. ۽ اهو ڪائنات جو شرعي ۽ اخلاقي قانون آهي تہ جيڪا زمين توهان جي زرخريد ملڪيت آهي اها توهان جو گهر آهي ان تي حملي آور ٿيندڙ ظالم، جابر، غاصب آهن ۽ انهن هٿان ظلم سان حملي جو شڪار ٿيندڙ بيڪس ۽ لاچار آهي، ان منشور تحت امام حسين ع اهڙو فيصلو ڪيو. ” جڏهن محرم الحرام جو سج اڀريو ۽ ٣ تاريخ جو ڏينهن آيو. امام حسين ع پنهنجي اصحاب انصار ڀائرن سان مشورو ڪرڻ بعد ڪربلا جي زمين خريد ڪرڻ لاءِ نينويٰ ۽ غاضريہ جي زميندارن کي پاڻ وٽ سڏايو، ڪتاب بحر المصائب، ذبح عظيم ۽ ذڪر العباس موجب، جڏهن انهن علائقن جا زميندار امام حسين ع جي خدمت ۾ حاضر ٿيا تہ پاڻ انهن سان اِها زمين خريد ڪرڻ جي خواهش ظاهر ڪيائون. ۽ ڪين ان زمين

تي پنهنجي ۽ پنهنجن ساٿين، ٻچن ۽ دوستن اصحابن جي ٿيندڙ شهادت واري حالتن ۽ واقعن کان بہ آگاهي ڏنائون، ۽ زميندار جڏهن وڪري تي راضي ٿيا تہ ۴ مربع ميل ايراضي ٦٠ هزار درهمن جي عيوض خريد ڪري اها زمين پوک نہ ڪرڻ، سندن زيارت لاءِ ايندڙ زائرين کي قبر جو نشان ڏيکارڻ ۽ زائرين کي ٽن ڏينهن تائين مهمان ڪري ترسائڻ وارن شرطن تي انهن کي هُبہ ڪيائون. زمين جي خريداريءَ کان پوءِ امام حسينؑ بني اسد قبيلي جي مَردن کي وصيت ڪئي تہ جڏهن اسين قتل ٿي وڃون تہ توهين اسان جي جسمن کي دفنائي ڇڏجو، اگر جدا جدا قبرن ۾ نہ دفنائي سگهو تہ هڪ ئي وڏي قبر کوٽي اسان سڀني جا لاش هڪ ئي هنڌ گڏ دفن ڪري ڇڏجو. مَردن کان پوءِ انهن قبيلي وارن جي عورتن کي مخاطب ٿي فرمايائون تہ اگر توهان جا مرد وقت جي حاڪم جي خوف سبب اسان جي لاشن کي دفن نہ ڪن تہ انهن کي غيرت ڏياري بہ اسان جي لاشن تي مِٽي ضرور وجهرائجو. عورتن کي وصيت ڪرڻ بعد انهن جي ٻارڙن کي مخاطب ٿي فرمايائون تہ اگر توهان جا مائٽ خوف سبب اسان جي لاشن کي نہ دفنائين تہ توهان راند کيڏڻ بهاني اچي ٿوري ٿوري مٽي وجهي اسان جي بي سر بي ڪفن لاشن کي ضرور ڍڪي ڇڏجو. الله اڪبر! امام حسينؑ اجان فارغ مس ٿيا انهن انتظامن کان تہ ڪوفي مان ابن زياد جو قاصد سندن لاءِ ابن زياد جو خط کڻي اچي پهتو. امامؑ ان کان خط ورتو، جنهن ۾ عبارت لکڻي اها هئي تہ: ”توهان جي ڪربلا پهچڻ جي خبر مليءَ ۽ ان ئي وقت مون کي يزيد بن معاويہ جو حڪم نامو بہ مليو جنهن جو متن هيءُ آهي تہ آئون ان وقت تائين سک سان نہ ويهندس ۽ نہ ئي پيٽ ڀري ماني کائيندس، جيستائين حُسين بن عليؑ کان منهنجي بيعت نٿي ورتي وڃي يا کيس قتل نٿو ڪيو وڃي.“ (زوار درس، ٢٠١٥: ٧٦-٧٥)

هتي سيد ثابت علي شاهہ جيڪو مرثيو لکيو آهي، جنهن ۾ امام حسينؑ جي ان توحيد تي شڪر ۽ ابن زياد جي خط کي پڙهڻ بعد زمين تي اڇلائڻ ۽ اهو چوڻ تہ اها قوم ڪنهن بہ صورت ۾ نجات نٿي ماڻي سگهي، جيڪا مخلوق جي رضا لاءِ ڪائنات جي خالق کي ناراض ڪندي آهي. قاصد کي چيو امام تہ مون وٽ هن خط جو ڪو جواب نہ آهي ان لاءِ جو هنن جي لاءِ خدا تعاليٰ جو عذاب مقرر ٿي چڪو آهي.

”شاهہ چيو شڪرِ خدا، هجت اسان جي ٿي تمام،
جو نصيحت جو هو حق، ڪيوسين ادا بَر خاص و عام،
ري رضينا بالقضا، هاڻي نہ بهتر ٻيو ڪلام،
رب عادل سڀ تي حاڪم ڪنهن جي بيعت ڇا سلام،
جن تي صلواه سلام، سي سلامي ڪيئن ٿين،
خواه رڻ ڏڙ بي دفن ۽ سِرَ وڍي نيزي نِين.“
(مرزا نجم، ٢٠٠٥: ٦٣)

امام حسينؑ امر بالمعروف و نهي عن المنكر وارو حق ادا ڪيو. وقت جو امام زماني ۾ خدا جي حجت هوندو آهي، ان تي آزمائش هوندي آهي انسانن جي روين ڏوهن تي هڪدم غصو نہ ڪرڻ ۽ ڏمرجڻ، ان لاءِ جو الله تعاليٰ انهن جي صفت ۾ ڪريمي عطا ڪئي آهي پنهنجي ڪريم صفت مان، محمد مصطفيٰ صہ جو ڏوهتو جنهن لاءِ تبيءَ ناني فرمايو تہ: ”حسين مون منجهان ۽ آءٌ حسين منجهان، صاف واضح پيغام آهي ۽ محمدؐ جو پيغام وحيءَ کان سواءِ نہ آيو آهي، يعني الله جو پيغام.

ابنِ زياد! شرير ترين ماڻهوءَ جو انتخاب ڪيو عبر ابن سعد جو ۽ ان کي لالچ، خوف ڏمڪائي لشڪر ساڻ ڪري موڪليائينس.

سيد ثابت علي شاهہ چوي ٿو عمر سعد جي نحس ارادي لاءِ تہ:

”ٻاويہ هزار ڪوفي ۽ شامي جمع ٿيا،
سردار عمر نحس ڪري جنگ تي هليا،
جنهن دم زمين ڪرب و بلا جي مَٿي رسيا،
هَئي هَئي نہ ٿو چئي سگهان جي ظلم هن ڪيا،
وا حسرتا بہ آل نبي ظلمها رسيد،
چندان چشم پير فلڪ پيش ارو نديدي.
(مرزا نجم، ٢٠٠٥: ٩٩)

لالچ هوس جي باهہ عمر سعد کي انڌو ڪيو. هن ڪوفي شام مان ڪيئن ڪَٽڪ جا ڪَٽڪ شرير ظالم ويڙهہ جنگ لاءِ ميڙيا. سائين ثابت علي شاهہ چوي ٿو: ”نہ ٿو چئي سگهان جي ظلم هن ڪيا“ يعني هر ليڪو عزت احترام وارو لتاڙي چڪو. الامان الحفيظ

ابن زياد جي هدايت ۽ شرط هو هن شرير ابن سعد کي تہ پاڻيءَ جو ڦڙو حسيني خيام ۾ نہ پهچي ۽ ڪوشش زور بيعت يزيد لاءِ جو هو، يعني تہ امام سان جنگ بہ ڪرڻي هئي، ڪين مغلوب بہ ڪرڻو هو ۽ بيعت بہ وٺڻي هئي. تاريخ گواهہ آهي مقاتل لکن ٿا، علامہ مجلسي، شيخ صدوق علامہ طوسي تحرير ڪن ٿا تہ قوم اشقيا جو ارادو نحس هو بيعت زماني اڳيان فرزندِ رسول کي معاذ الله جهڪائڻ وارو ڪُڌو عمل هو، نہ تہ قتل و غارت هو تخت تي چڙهي پهريون ڪم ڪندا هئا، بني اميہ وارا جنهن جي ابتدا معاويہ ابن ابو سفيان ڪري ڇڏي هئي.

ثابت علي شاهہ زماني کي پيغام ٿو ڏئي تہ جنگ جو مقصد ڪو علائقو فتح ڪرڻ يا ڪنهن مال کي هٿ ڪرڻ لاءِ ارادو هوندو آهي، يزيد طرفان جنگ جو نقشو بلڪل ابتڙ آهي، هڪ پاسي فرزندِ رسول ۽ لشڪر ۾اهتر صرف ۽ ٻئي پاسي پوري عرب مان لشڪر شريرن جا!

هَئہ عمر بن سعد آيو ۽ دشت ڪربلا ۾ ڪيائين ڏوم،
بادشاهہ سپاهہ تي ڪيائين لشڪر جا هجوم،
شاهہ ڪيو پيغام سرڪش ڏي ڪہ اي بي شرم شور،
ڪيئن اسان آئين ميڙي اج سپاهہ شام و روم،
اسين مديني جا مسافر جملي ٻاهتر ڄڻا،
تو اسان ٿورن جي مارڻ ڪاڻ چو آندا گهڻا.

(مرزا نجم، ٢٠٠٥: ١٠٢)

تاريخن موجب عمر بن سعد جي اڳواڻيءَ ۾ رواني ٿيل لشڪر ڪانپوءِ روانو ٿيل لشڪر شمر بن ذي الحوش جو هو جنهن سان چار هزار سوار هئا، ابن رڪاب جي اڳواڻيءَ ۾ بہ ٢ هزار، حصين بن نمير جي اڳواڻيءَ ۾ چار هزار، مظاهرين بن رهيبہ جي اڳواڻيءَ ۾ ٽي هزار ۽ نصر بن خرشہ جي اڳواڻيءَ ۾ ٻہ هزار سوارن جا لشڪر ڪربلا جلد روانہ ٿيا. ستين محرم الحرام تي پاڻي مڪمل بند ڪري، نهر درياءِ فَرات جي پهري کي سخت ڪيو ويو.

سيد ثابت علي شاهہ ٿو چوي:

”خارج لهي خيما هنيا، درياهہ جي ڪناري،
ٿيو سامهون سرور جي صفون ترت سنواري،
درياهہ تنئون ڏکيا آهہ اهل بيت اُباري،
پاڻي بہ پٽيل هاءِ بيداد ٻڌايو.“

حسيني خيام ۾ معصوم اڄ ۾ تڙپڻ لڳا هن طرف شريرن جون يلغارون، طعنہ ۽ هن پاسي عترت جي پليل پاڪيزه مائرن جي هنجن ۾ معصوم عرب جي گرمي مٿان بندش پاڻيءَ جي هاءِ ڪيئن ڪيو سامنو حسين ابن عليءَ. ڪربلا جي معرڪي ۾ جنگ جي منظر نگاري ڪري ٿو. هر شهيد پنهنجو اڪيلي سر ڪردار ملڪوتي ڪردار نڀايو آهي. حضرت عبّاس عملدار حسيني دستي جو اڳواڻ جنهن کي امام حسين طرفان جنگ جي اجازت نہ هئي، اها حڪمت عملي امام جي هئي، ان لاءِ جو عباس هڪ جوشيلو جوان هو، ۽ امام ڪريم امام آخر تائين ناني جي امت جا ڏوهہ نظرانداز ڪندو رهيو. جڏهن

معصومن ۾ پاڻيءَ تي واويلا العطش جون صدائون گونجڻ لڳيون ۽ تمام معصوم خاص چار سالہ معصوم نينگري سائڻ سڪينہ بنت الحسين ٻار ميڙي حضرت عباسؑ چاچي وٽ آئي تہ حضرت عباس ع جي صبر جو پيمانو لبريز ٿي ويو.

"جڏهن العطش آواز اطفال ڪنئون هو اُٿندو،
آل نبيءَ جو اڄ ڪنئون جو حشر عام مچندو،
ٻاڪار ڪنئون ٻچن جي هو عرش و ڪرسي ڪنبندو،
هَئہ هَئہ امام زاده معصوم پاڪ پيارا،
عاجز اڪيون ڦيرائي وسري ٿي وَين اشارا،
اولاد جي عذابن مائٽن جو من مُنجهايو."

(درس، ۲۰۱۵: ۹۲)

سيد ثابت علي شاهہ جي شاعريءَ ۾ جنگ جي منظري نگاريءَ ۾ اهي حالات قلم بند ٿيل ڪمال جا آهن جيڪي جنگ ڪربلا جو خاص حصو آهن. ڪنهن بہ واقعي جا خاص محرڪ هوندا آهن، ڪربلا جي جنگ جا خاص محرڪ، معصوم ٻچا عرب جي تتل واري پاڻي دشمنن پاران بند ۽ اولاد آل رسول جنهن جي قبضي ۾ جنت و ڪوثر آهن.

سيد ثابت علي شاهہ چوي ٿو تہ:

آل تي ايذاءَ عطرت هي قيام قهر آهہ
اُڄ مرن آلِ نبي پيو سارو جڳ سيراب آهہ.

آخرڪار مجبوراً ٻچن جي پياس ڪاڻ حضرت عباس ڪي امام حسين ع اجازت ڏني تہ پاڻي آڻ، ۽ لولاڪ جي مالڪ جو ٻچو هو خبرهيس تہ وري نہ موٽندو.

سيد ثابت علي شاهہ فرمائي ٿو:

اي منهنجا علي عباس شير،
قوت بازو بهادر مونس و دانهہ دلير،
ڏس دغابازن جي دعوت ويرين جو مونسين وير،
شام و ڪوفي جي شريرن منهنجا ماريا سپ شير،
منهنجي هن مارڻ تي موڏِن ازدهامِ عام ڪيا،

سڀ ستمگر شام جا بيدين باغي، بي حيا.
(مرزا عباس، ۱۹۸۴: ۲۹۲)

اجازت پاڻيءَ جي حضرت عباس کي ملي ۽ باوفا جانثار مشڪيزو ڪلهي ۾ ڪري هليو سر جُهڪائي، حڪم آقا جو اهڙو تہ هو ڪردگار جو پنهنجي اڄ کي بہ نہ نهاريائين، پياسو شهيد ٿيو آس هيس بس اها تہ پاڻي پهچائيندس آقا جي معصومن ڏانهن

”۽ ڏئي آئي سڪينہ مشڪ خالي مير کي،
نور چشم مرتضيٰ شيرِ خدا شبير کي.“

تاريخ گواهہ چاچي عباس ۽ ڀائيٽي سائڻ سڪينہ معصوم جي محبت ۽ آل اطهار جو رشتن جو احترام سبحان الله.

”اُڄ مرن آل نبي پيو سارو جڳ سيراب آهہ
هينئن چئي غازي ملي آيو بيدان وغا،
ڪنهن کي جرئت ڪا نہ هئي جو ٿئي مقابل شاهہ سان!
اُت بہ ماري فوج پيادن جي غضنفر ڪئي فنا،
پوءِ ورائي واڳ لشڪر ۾ وڌي شيرل شُجا،
ماري سڀ مردود ڪافر ڪيا بهادر برقرار،
ٿيا توائي تڙ چڙي بيدين باقي بيقرار.“
(مرزا عباس، ۱۹۸۴: ۲۹۲)

صنعت تجنيس تام جو هنن بندن ۾ خوبصورت ڪمال آهي. سيد ثابت علي شاهہ جا تمام لفظ ڪامل هڪجهڙا مگر معنيٰ ۾ جدا جدا ۽ نهڪندڙ محل وقوع مطابق آهن.

صنعت تجنيس تام جو مثال: لاکيڻي لعل لطيف جي بيان مان:

جتن ڪج جتن جو آيا ڪي ايندا،
وٽي پنهون پاڻ سين وٽان تو ويندا،
دم نہ دميندا، سڏا ويندا ساٿيهہ ڏي.

سيد ثابت علي شاهہ حضرت عباس ع جي جنگ جي منظر ڪشي ڪندي چوي ٿو:

هُو هزارين فوج لشڪر هڪڙي سر اُو نامدار،
پيو وري ڪاهي ڪَٽڪَ ۾ شير غازي شهسوار،
آهي ان جي شان ۾ لاسيف الذوالفقار،
جيئن مبازر جنگ ۾ ماريا گهڻا ڪافر هزار.

(مرزا عباس، ۱۹۸۴: ۲۹۳)

صنعت تجنيس تام، قافيي جو حسن، گڏوگڏ تلميح تہ عباس شير دل عليءَ جو فرزند آهي جنهن لاءِ آسمان مان تلوار آئي جنگ اُحد ۾ جنهن محمّد جي جان بچائي اُحد ۾، اهو عَلي جنهن لشڪر کي ماري کوهہ آزاد ڪيو هو، جنهن ڪيترائي ڪافر ماري اسلام جو سر بلند ڪيو، اڄ عباسؑ دلاور بہ ان جوش ۾ آ، اجان تہ عباس عہ کي جنگ جي اجازت نہ آهي، بس عباسؑ صرف پاڻي خيمي تائين پهچائڻ جي آس ۾ آهي، اڄ عباس جي اکين آڏو سڪينہ جي تڙپ ۽ پياس آ، بس هر رڪاوٽ ۽ بند کي ٽوڙڻ عباسؑ جي لاءِ آسان آهي.

سيد ثابت علي شاهہ جو جنگ جي منظرڪشيءَ ۾ صنعتن جو استعمال مرثيي ۾ تجنيس مڪرر جو بہ حسين مثال آهي انهن بندن ۾

نامدار۔ شهسوار۔ نام۔دار شهہ۔سوار وغيره

”سو بهادر دين داور ڪنهن جي مارڻ جو نہ هو،
پر مجي امر الٰلهي سر ڏئي صابر رهيو،
انجي همت ۽ شجاعت جو بہ نہ آهي انتها،
دار دنيا ويو ڇڏي ٿيو داوري دارالبقا،
سر ڏئي ٿيو سرخرو سقائي آل مصطفيٰ،
منصب اعليٰ ۽ عزت يافت از لطفِ خدا،
هاڻ اڳتي ڇا چوان هن حادثي جو حسبِ حال،
صبر ڪر ”ثابت علي“ هي مختصر ناهي مقال.“

(مرزا عباس: ۱۹۸۴، ۲۹۳)

پياس ڪاڻ پاڻي آڻڻ وارو عباس علمدار مشڪ سڪينہ جي ڇڄڻ کي تيرن سان برداشت نہ ڪري سگهيو، هائي افسوس ٻئي بازو شينهن جا ڪپجي ويا، اکين ۾ گرز لڳا، مغز پاره پاره ٿي ويو، پاڪ پيشانيءَ تي تير لڳا، مشڪ سڪينہ ڏندن سان مضبوط ڪري جهلي سڀ زور آزمايو، افسوس جو مشڪ

مان پاڻي وهي ويو ۽ عباس علمدار منهن ڀر زمين تي وڃيو، هوڏانهن امام حسين وڃيو ۽ پاءُ جي سر کي هنج ۾ کڻي رب جي طرف ٻاڏايس تہ اي منهنجا رب! منهنجي جوانن جي قرباني قبول ڪجان ۽ اتي عباس دلاور فرمائش ڪئي تہ آقا شرمسار آهيان، سڪينہ آقا زادي کان! منهنجو لاش نہ خيمي کڻي وڃجو، هيءَ فرات آ تہ هُن ڪناري ئي عباس جي يادگار آ.

- **شهزادي قاسم ابن حسن ع جي ميدان جنگ ڏانهن تياري**

**بند ١:**

شير غازي شاهزادي گهوٽ قاسم کي امام،
منهن چُمي سيني سين لائي چو بہ تعظيم تمام،
آي حسن جا هوت حيدر جا جگر مويي مَدام،
عابد و اڪبر ڪئون وڌ ڪيم پيار توسين صبح و شام،
تون ادي جي جاءِ هُئين منهنجي آدي جا نور عين،
منهن ڏسي تنهنجو مٺا ساڳيو حسن ٿي چو حسين،

شهزاده قاسم ابن حسن ٻاهتر حسيني لشڪرن ۾ ڪمسن نوجوان جو لقب گهوٽ رکيو هو، ايڏو تہ معصوم ۽ حسين هو جنهن جي ماءُ ڏسي پئي سرهي ٿيندي هئي.

شهزادي گهوٽ جو ميدان ۾ لهڻ

- **سيد ثابت علي شاهہ جي بندن ۾ منظر نگاري جنگ جي**

**بند ٢:**

مشرق ميدان ۾ جَڏِ ان ماه تابان ڪيو طُلوع
آفتاب حشر جيئن خور شيد رخشان ڪَيو طُلوع
تاب ڇا تارن جو مَہ باتيغ بران ڪيو طُلوع

**بند ٣:**

ماتِ مريخ و زحل انوار يزدان ڪيو طُلوع
ان شہِ شمشير نور آفشان جو ڇا شرح شعاع
سج چوي هي سج قيامت شمس محشر هي شعاع

چوڏهينءَ جي چنڊ حُسنِ مُجتبيٰ جي جڏهن ميدان جنگ ۾ قدم رکيو، ان وقت چنڊ کي بہ شرم آيو هوندو پنهنجي چانڊوڪيءَ جي روشنيءَ تي. محشر جي وقت سج سوا نيزي تي اچي ويندو، پر هن حسن جي لعل جي ميدان ڪربلا جي ڪارزار ۾ سج جي آب تاب کي بہ شرمائي ڇڏيو. ستارن، ڪهڪشائن جي جلوي کي بہ قاسم ابن حسن جي تلوار جي چمڪات جي تيزيءَ ڪَٽي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيو. ڪائنات جا تمام سارا برج حيران ٿي ويا فرش تي هن ماهِ رسل جي جنگ تي. تلوار جي تيزي چمڪات مان نڪرندڙ شعائن سج کي قيامت جو اپرڻ قيامت کان اڳ ياد ڏياري ڇڏيو.

بند ۴:

”ارزق شامي ڏٺو هي نور انور نوجوان،
آهي آسدالله جو پوٽو يَدالله جو نشان.“

عرب جي پهلوان ڏٺي قاسم ابن حسن جي جواني نور پيري هڪدم چوڻ لڳو: هيءَ تہ ان جو پوٽو آهي جيڪو شينهن شيرِ خدا هو، جنهن جو هٿ الله جو هٿ هو.

ڇو عُمر هي نوجوان ڪيو ناس ساري فوج کي،
ڪنهن جي جرئت تا جهلي ان مثل دريا موج کي.

عمر سعد کي ارزق چيو تہ اي عمر سعد! ڇو ڀلا تون ڇا ٿو چاهين؟ سڄي فوج هن نوجوان هٿان مارائي ناس ڪندين ڇا؟ هيءَ دريا جي اها لهر اٿئي جيڪا پاڻ سان گڏ سڄو لشڪر ميڙي وڃي ڪُن ۾ ڪيرائيندي. آءٌ توکي چوان ٿو هن اڳيان ڪنهن عرب جي دلير جي ڇا مجال ڪو دَيوُ، بلند قامت کي بہ جرئت ناهي تہ اچي.

بند ۵:

”جڏهن عمر هيئن ڏِؤ تہ ٿيو، ان وقت آرزق لاجواب،
ها پٽيل جا چار پُٽ جنگي بہ آيامِ شباب،
چَئين وڏي پُٽ کي تون وڻون هن شير جي رخ چڙه شُتاب،
ڪيهَر قاسم انتي ڪيو حملو بہ شانِ بوتراب،
توڙي ڪيئون هڪ ٻي تي حملا تا بہ آخر اُن امير،
آرزق شامي جي پٽ کي ڪيو روان سُوئي سعير.“

ارزق پهلوان جوش ۾ پنهنجا چارئي پٽ حسن جي فرزند قاسم جي تلوار سان ڪترائي ڇڏيا، جڏهن ارزق جي وڏي پٽ پهرين حملو ڪيو تہ قاسم ابن حسن جي چهري جي نور جو تاب نہ آڻي سگهيو، حملو تہ هن ملعون بہ ڪيو پر قاسم جي تلوار هن کي ٽُڪر ٽُڪر ڪري ڇڏيو.

بند٦:

جڏ ڏٺو ارزق تہ چارئي پڙم پُٽ ماريا جوان،
اُنتي اُن آنڌوه ڪئون اونداه ٿيو سارو جهان،
چئين اچي قاسم کي ڪَ آي عربي بهادر پهلوان،
تو هي چارئي شام جَا ڪوپا ڪُنا اي ڪامران.

ارزق عرب جو وڏو پهلوان هو، مگر آل اهلبيت جي چوڏهن ورهين جي قاسم هن جي زندگي اونداه ڪري ڇڏي، جنهن تي روئي اچي چوڻ لڳو: اڄ تو منهنجي پهلوانيءَ تي ڪارنهن ملي ڇڏي، تون منهنجي قلعي جا چارئي مضبوط پاوا ڀجي ڀور ڪري ڇڏيا.

بند ٧:

”شير چو آءُ تون بہ هن شمشير جو چڪ سمجهي ساءُ،
تنهنجا پٽ جيئن پڙ ۾ اڄ چوڙنگ ٿيا چاريئي پاءُ،
تون بہ تيئن اُن گڏ اچي آي گبر گيدي جهل هي گهاءُ،
هٿ جي همت پڻ تہ ڏس پوءِ تيغ جو ساراهہ تاءُ،
ڏس تہ هي هٿ حيدر صفدر شڪن پوٽي جو هٿ،
عمر، عنتر ڪَش شہ لَشڪر شڪن پوٽي جو هٿ.“

اتي قاسم للڪاري چيس: اڄ هاڻي تون بہ پڙ ۾، جيئن تنهنجا چارئي پاوا چٽ ڪيم، آءُ ان جو پوٽو آهيان جنهن خيبر خندق ۾ عمر ابدود مرحب عنتر کي لشڪر سميت چٽ ڪيو هو.

بند ٨:

اُن پڏي گهوڙي جي تاڻي واڳ ڪيو جولان جنگ،
نيزه باري جا هُنر ڪيئون پهرين در مَيدان جنگ،
ڪيئون بهم هڪ ٻي تي حملا زور در ايوان جنگ،
ناگهان قاسم جي گهوڙي کي انهي گهمسان جنگ،

نيزه آرزق جي نوڪَ آئي تنئون ڪيائين گذر،
شهسوار دين پيادو ٿيو ۽ گهوڙي ڪيو گذر.“

اهو ڀڏي ارزق گهوڙي جي واڳ جهلي حملو ڪيو، ۽ ٻنهي ڪيا هڪ ٻئي تي حملا، ارزق جي نيزي قاسم جي گهوڙي کي ڪيو زخمي.

بند ٩:

آرزق اُن گرمي ۾ نيزو ماري ويو گهوڙو ڪيڻي،
۽ امام حسين کي قاسم جي ڪل معلوم ٿي،
چئين مُحَمّد اُنس کي هي منهنجو ڪوئنتل وئون وٺي.

بند ١٠:

ڏي تہ قاسم ٿي سوار ۽ ماري هي ڪافر شقي،
اُن اچي گهوڙو ڏنو رڻ ڪوپو قاسم ٿيو سوار،
۽ فلڪ تي چؤ ملڪ لاسيف الا ذوالفقار.“

جڏهن قاسم، گهوڙي بنا پيادل ٿيو تہ، ان دم موليٰ حسين قاسم کي ناني مصطفيٰ صہ وارو گهوڙو ڏنو، قاسم ان گهوڙي تي سوار ٿيندي جولان ڏيکاريا ۽ زمين کان آسمان تائين پوري فضا ۾ اها للڪار نعرا گونجيا تہ. اچي ويو جنهن هٿ رب جي تلوار آهي ۽ فرشتا پڪاريندا رهيا: هي اهو آهي جنهن هٿان فتح آهي جنگ جي.

بند ١١:

”آرزق شامي ڪُهي شهزاد آيو طرف شاهہ
شاهہ سيني سين ملائي ڪئي نوازش جي نگاهہ
چائين نؤ ورنا وَنا هاڻ وئون پَسُو ئي خيمہ گاهہ
ڪَر وداع آخري با اهلبيت بي پناه.“

ارزق پهلوان کي ماري قاسم آيوچاچي حسين وٽ، امام پاڻتيي کي سيني سان لڳائي، اکيون رُوئٽهارڪيون ڪري چوڻ لڳس: اي منهنجا گهوٽ! وڃ خيمي مان آخري سلام، ماءُ، ڀيڻن، پڦين سان ڪري اچ.

بند ١٢:

”آيو قاسم خيمي ۾ خوشحال ٿيا آهل حَرم،
گرد سر صدقو ڪري چئون واهہ قادر جا ڪرم،
وارثن جا سَرَ سلامت جن تي شرمن جو شرم،
گهوريو قتل و قيد آئي پالين پلا رک تون ڀرم،
سَسُ ڏسي سَهرو چوي، هي سِرُ سلامت اي خدا،
منهن چمي چئي ماءُ اي پُٽ تنهنجي واهر مصطفيٰ.“

قاسم خيمي ويو جڏهن، مائون، ڀيڻيون، ڀڦيون ٿيون سرهيون، هر هڪ وات وائي هئي، هن ٻچي مَٿان سڀ گهوريو، هيءُ سلامت تہ اسان جو شرم پردو سلامت، ماءُ ناني جو محمد مصطفيٰ کي پارت ڪئي، چاچي چاچيءَ منهن چُمي وداع ڪيو.

بند ١٣:

نائي سرُ ان چو تي ڳل ڳوڙها وهائي سرخ رنگ،
اي نبي زاديون وَلي الله جو ناموس و ننگ،
آئين ٿا چئو آئون آيو گهر پر منهنجو گهر ميدان جنگ،
ڏيو رضا رخصت وڃا رڻ تيغ ماريان بيد رنگ،
منهنجو سِرُ چاچي تئون صدقو سَرَ جو ساٿي جانفدا،
ڏڙ بہ ڏڙ گڏ سُڄ ۾ سنگت هِتِ ۽ هُت سڀ گڏ سدا.

نوڙائي ڪنڌ چيو تہ هاڻي ڏيوم اجازت تہ ميدان ۾ وڃي جنگ ڪيان، مردن جا اصل گهر جنگ جا ميدان هوندا آهن، منهنجو سر تہ منهنجي چاچي مٿان صدقو ڪرڻ لاءِ آهي، هاڻي گڏجي سنگت اتي جتي سڀ جاني سنگتي گڏ هلندا ۽ رهندا.

بند ١٤:

”جينهين قاسم الوداع چئي ٿيو طرف رڻ جي تيار،
سڀ کي منهن ڏيکاري، ٿيو شوقِ شهادت تي سوار،
خاڪ سر خيمي جي در تي اهلِ عصمَت اشڪبار،
شير هٿ شمشير ساڙيئين شام لشڪر شعلہ وار.

قاسم گهوٽ آخر سلام ڪري، ڪربلا جي رڻ طرف رخ ڪيو سيني ڪي پنهنجو آخري منهن ڏيکاري، شهادت جو شوق سيني سان لڳائي ٿيو گهوڙي تي سوار، قاسم رخصت ٿيو تمام عصمت جي پليل بيبين سر تي واري وسائي، ڪربلا جي شيرِ خدا جي پوٽي شامي لشڪر ڏانهن ڪئي ڪاهہ.

بند ۱۵:

”صف پيادن جي بہ سُج ڪيئين صِفَ سوارن جي بہ سُجَ،
قلب گهہ تي ڪاهي ڪيئين ٽولي ڪفارن جي بہ سُجَ،
چيئين عمر کي تو ڪئي نگري بي ديارن جي سُج،
رب ڪندو ساري وسين تنهنجي پيارن جي بہ سُجَ،
آي سُجيا ڦِٽِ تون ۽ تنهنجو ري ۽ طبرستان ڦِٽِ،
تون نہ مومن ديندار ۽ ڪفر ۽ طغيان ڦِٽِ.“

قاسم لشڪرن مٿان لشڪر ڪُني پورا ڪيا، وچ لشڪر کي چيري پورو ڪيو، ڪافر عمر سعد کي چوڻ لڳا، اي عمر! ڏس تو اسان جي تباهي ڪئي، اڄ آءٌ هيڪلو تنهنجي نگريءَ کي برباد ڪندس. قاسم جي للڪار ٻڌي سڀ لشڪر جن ۾ ڪوفي ۽ شامي شامل هئا.

بند ١٦:

اي عُمر ماريئي آسان جا پنج و دوده نامدار،
جي ڪِي ڍِائو هُيئن تہ بس آخر خدا واحد قهار.

قاسم ابن حسن عمر سعد کي چيو تہ، تو اسانجا دودهہ جوان ڪٺا آهن جيڪي مديني ۾ بني هاشم جا چنڊ هئا، هاڻي عمر سعد تنهنجو تہ پيٽ ڀرجي ويو هوندو، اسان جو آخري سهارو اهو قهار آهي جيڪو بهترين عمل ڪرڻ وارو آهي.

بند ١٧:

”اي عمر آسين حق ڏٺي تون ڇو تون ناحق نامراد،
مَعويہ پُٽ لَئي، ٿو مارين پنجتن جا پاڪزاد.“

اي عمر سعد، توکي خبر ناهي اسين امين صادق جا ﭘچا اسين امانت جا امين، اسين حق جا طالب، تون ناحق ۽ نامراد آهين، اهي لفظ بي بي زينب س جا آهن جنهن عمر سعد کي چيو تہ چو ٿو پنجتن جا ﭘچا مارائين معاويہ جي پٽ يزيد لاءِ.

بند ١٨:

”چو کماندارن کي کافر هان کہ هن تي تيز بار،
آه تير انداز ٿيا چوگرد اُت نادک گذار،
تا ﭘريو تيرن سين سڀ گهوڙو ۽ سارو تن سوار،
سر بسر تيرن جي پر گيريءَ کئون ٿيو سيمرغ وار.“

بند ١٩:

اُن هيمائي آوج جنت عرش ڏي پرواز کيو،
اُنجو ٿيو آنجام ۽ اُن جي آلم آغاز کيو.

بند ٢٠:

اَڳ تي اُن جي مڙهہ تي ماتم اَهَل عصمت جو چوان،
سَرُ پٽڻ سينا کُٽڻ سادات عَترت جو چوان،
يا بيان اُن جي عزيزن جي بہ همت جو چوان،
ناهي طاقت شرح اُن ساري شهادت جو چوان.

(مرزا نجم، ٢٠٠٥: ١٤٨- ١٤٤)

هن مرثيي ۾ سيد ثابت علي شاهہ امام حسنؑ جي وصيت مطابق تہ قاسم ابن حسن وقت اچڻ تي پنهنجي چاچي امام حسينؑ جي مشکل ۾ سِر قربان ڪرڻ کان بہ ڪو نہ ڪيٻائيندو. اهي جذبات، احساسات لفظن ذريعي عڪاسي ڪرڻ کي منظر نگاري چئبو آهي. سنڌي سماجي ريتن رسمن مطابق شهزادي جي گهوٽ ٿيڻ جي آس ۾ ماءُ طرفان سهرا ۽ ٻي طرف چاچي مٿان قربان ٿيڻ لاءِ هدايت ڪرڻ آماده ڪرڻ تمام خوبصورت منظر نگاري شاعر پيش ڪئي آهي. قاسم ڪربلا ۾ پنهنجي ننڍڙن ڀائرن کان ڪجهہ عمر ۾ وڏو هو ۽ خاص امام حسن قاسم کي امام حسين لاءِ فديو بنائڻ لاءِ ٻانهن تي تعويذ ٻڌي وصيت ڪئي هئي تہ وقت اچڻ تي کوليو وجي ۽ نيٺ اهو وقت آيو ڪربلا جي جنگ ۾ قاسم چاچي

حسينؑ مٿان اهڙو قربان ٿيو جو سندس چاچي ڪربلا جي زمين تان ميدان جنگ مان لاشن جا ٽڪر ائين ميڙيا جيئن مالهي گل باغ ۾ چونڊيندو هجي.

”هي اهو سفڪ الدما هو جنهن جي مَلڪن دانهن ڪئي

توڪي پڻ ثابت علي هيءَ مرثيہ خواني ملي“

**فرزندِ شبيهہ مصطفيٰ شاهزادي علي اڪبر ابن الحسينؑ جي جنگ جو منظر ۽ شهادت**

بند ١:

”جڏ علي اڪبر بہ ڪيو قصد قتال ڪربلا،
شير جنگي جزم ڪيو عزم جدالِ ڪربلا،
شاهہ سمجهو اُن جي خاطر جو خيالِ ڪربلا،
هٿ کڻي ڪيئين عرض رَب کي شرح حَالِ ڪربلا،
چائين جا رب جي آسين راضي آهيون با رضا،
آئون بہ حاضر پٽ بہ حاضر قد رَضينا باالقضا.“

جنگ جو منظر ۽ شوق شهادت جو ذڪر هجي تہ فرزند حسين ع علي اڪبر شبيهہ پيغمبر جنهن جي عمر ڦوهہ جواني ارڙهن ورهيہ هڪ طرف قاسم تہ ٻئي طرف علي اڪبر امام حسين ع جا جيارا، جَن لاءِ امام حسين ع رب کي پارت ڪئي.

بند ٢:

”تڏ لهي گهوڙي تئون اڪبر اچي چميو شہ جو رڪاب،
عرض ڪيئن ڪ آي قبلہ دين سيد عالي جناب،
اي نبي الله جا جاني، نور چشم بو تراب،
سڀ فدا ٿيا فدا هاڻ آئون بہ ٿيا اُن گڏ حساب،
آي جو تو تئون فدا تون منهنجو ساڃيو مصطفيٰ.“

علي اڪبر بہ پنهنجي پيءُ سان اوتري محبت ۽ ادب ڪري ٿو جنهن جي قرآن هدايت ڪري ٿو. جنگ جي ميدان ۾ وڃڻ وقت علي اڪبر کي صرف پنهنجي ضعيف پيءُ جي پياس ۽ ڪمزوريءَ

جو احساس آهي. اڪيلو امام حسين عہ صبح کان لاشہ ڍوئي ڍوئي بي حال ٿي چڪو هو، هاڻي علي اڪبر اکين اڳيان هو جنهن جو وڇوڙو امام حسين عہ لاءِ هڪ وڏي مصيبت وارو لمحو هو.

بند ٣:

”شاهہ گهوڙي تئون لهي پاڪر وڏو فرزند کي،
ڳل ڳراٽي پائي دلبر دادلي دلبند کي،
رَت هنجون روئي چُمي منهنجي پُٽَ جگر پيوند کي،
چئين ابا ڇا ٿيندو جي آهڙي وَٽي خاوند کي،
آه اڪبر تنهنجو منهن ساڳيو مُحمّد جو جمال،
هَلُ مُحمّد کي هلي ڏيکار منهن لوهُو سين لال.“

سيد ثابت علي شاهہ چوي ٿو تہ جنگ ۾ شهادت لازم ملزوم آهن، پر امام حسين عہ پنهنجي دل کان مجبور آهي جوان پٽ کي ميدان طرف رخصت بہ ڪري ٿو ۽ پويان بہ محبت ۾ وڃي ٿو.

بند ٤:

”پنهنجي آيل کي بہ منهن ڏيکاري وَٽُ موڪل مٺا،
چؤڪ آئون بابي سين ويندس جانب دار البقا،
آئين رضا تي رهجو راضي جيڪي هئي حڪمِ خدا،
هي اولو العزمن جو صبر اي اهلبيت مصطفيٰ،
مُصطفيٰ جو آل قتل في سبيل الله ٿيو،
نعم اجر الصابرين جن هن بلا تي صبر ڪيو.“

ڪڏهن امام حسين عہ چويس ٿو اڪبر ماءُ کي منهن ڏيکاريندو وڃ ۽ ماءُ کي آسيس ڏي امڙ آءٌ هيڪلو ناهيان، بابو بہ مون ساڻ جنت رَاهي ٿيندو. سيد ثابت علي شاهہ چوي ٿو اولو العزم پيغمبر جي ٻچڙن جي شهادت مشيت ربي آهي، پر صبر جا ڪوڙا پيالا پيئڻ ڪنهن جي وس جي ڳالهہ نہ آهي، ڪربلا جو پيو نالو صبر آهي، جنهن جو انتقام رب هن دنيا ۾ ئي رکيو آهي.

بند ۵:

”تڏ اچي آڪبر امان کي چوڪ آمان الوداع،
آئون آمان پنهنجي آبي تئون ٿيندو قربان الوداع،
اڄ ابي کي ويڙهيو ويرن رڻ جي ميدان الوداع،
جي آبو ماريو تہ آسين سڀ خانہ ويران الوداع،
آئون ابي تئون ٿيان فدا جي بخت جي امداد هئي،
مر آبو جيئرو رهي هي خاندان آباد هئي.“

روايتن ۾ آهي تہ علي اڪبر جڏهن خيمي موڪلائڻ آيو تہ بار بار علي اڪبر کي مستورات واپس ورائي اندر ٿي وٺي ويون، هر هڪ وات وائي هئي تہ علي اڪبر تنهنجي چهري مان رسولِ خدا جي سڪ لاهيندا هياسين، اڄ دشمن ان زيارت کان محروم ڪرڻ پويان آهن، اعلي اڪبر چيو امڙ کي آءٌ قربان وڃان بابا حسين، تان، منهنجو بابو جيئرو رهي.

بند ٦:

”آي پڦي زينب آبي جي پيڻ پياري الوداع،
تنهنجا ٻئي پٽ ٿيا آبي تئون جان نثاري الوداع،
قاسم نوشہ امان شہ ڪاج واري الوداع،
ڪاج وارو رڻ ڪُنو وِجهہ سرَ تي واري الوداع،
آئون بہ قاسم گڏ ڪُسان مونکي رضا ڏيو صاحبو،
مر خدا راضي رهي آئين پڻ رضا ڏيو صاحبو.“

۽ ان بعد سيد ثابت علي شاهہ بي بي زينب لاءِ فرمائي ٿو تہ بي بي نہ صرف پڦي هئي، پر علي اڪبر کي پاليو هيس، هڪ طرف پائيٽيو تہ ٻئي طرف ناني جي صورت علي اڪبر ۾ نظر ايندي هئي. علي اڪبر چيو پڦي امان منهنجو دلير ڀاءُ سئوٽ قاسم بہ نہ رهيو، آءٌ ڇا جِي ڪندس، مونکي اجازت ڏيوم، خوشيءَ سان تہ آءٌ بہ وڃي قاسم سان گڏجان.

بند ۷:

”شير ڪئي شمشير هٿ ۽ چو قضا ان ڪارزار،
لا فتيٰ الاعلي لاسيف الا ذوالفقار،

صاحب دلدل جي پوٺي پڙ ۾ ٿي جولان ڪيا،
ها ملڪ مدهوش ڪروبَي بہ ٿي قربان ٿيا،
مصطفيٰ جهڙي مهانڊي مرتضيٰ جهڙي جوان،
شاهہ دين شبير جو فرزند اڪبر پهلوان،
ڪيئي ڪتا ڪوفي ڪتا اُن شير حق سوره جوان،
ڪيئي بہ شامي شوم ڪيا في النار اُن رضوان مڪان،
جيئن گجي بادل ۾ هئي گردون جو گنبد پر صدا،
تيئن علي اڪبر بہ ٿي الله اڪبر ڪئي ندا،
ڪَڏ ٿي ماري مِيمنہ جي ملحدن ۾ مرد تيغ،
ڪَڏِ ٿي ڪيئن مَيسره جي مشرڪن تي بيدريغ،
سرڪشن جا سر وڍِڻ رڻ ۾ وسايئين مثل ميغ،
ان زبردست جهان زيرو زبر ڪيا هم چو ضيغ،
جيئن ڪ ڏاڏس مُرتضيٰ بدر و احد ڪَافَر ڪُنا،
تيئن ٿي اڪبر ڪربلا ۾ شام جا لشڪر ڪنا.“

علي اڪبر جي جنگ عباس جي آس هئي، پر عباس کي جنگ جي اجازت نہ ملي، علي اڪبر عباس جي دليريءَ جو منظر پيش ڪيو. هڪ طرف فرزند علي اڪبر هو تہ ٻئي طرف ڏاڏو علي المرتضيٰ هو، ڪيترائي سرڪش ڪيترائي پهلوان دشمن طرفان سامهون آيا سڀ جو سڀ في النار ٿيا. بدر و احد جي جنگ ۾ جيئن علي المرتضيٰ ڪفار مشرڪ ڪُنا.

بند ۸:

اي منهنجا نِهر لبن جا سائين تنهنجي اُڄ ڪُنوم،
اُن سوا تنهنجي جواني موت جي هن سُڄ ڪُنوم،
هيئن چئي هٿ مٿون منڊي لاهي وڏئين آڪبر جي وات،
سا نبي جي مهر هئي سرچشمہ آب حيات.

جڏهن علي اڪبر جنگ ۾ وڙهندي شديد زخمي ٿيو، جگر ۾ وڏو ڀالو ملعون هنيو، جنهن کي ڇڪڻ سان ان جو ڳن حسين جي هٿ تہ اچي ويو پر ڀالي جگر کي چيري ڇڏيو، ڀالو مولا حسين جڏهن ڇڪيو تہ جگر بہ ٻاهر ٿي آيو، پياس شهزادي کي ايتري هئي جو مولا حسين ع چيس اڪبر

جلد نانا توکي ڪوثر سان سيراب ڪندو، هيءَ منهنجي مُنڊي وات ۾ وجهہ. اها منڊي ساقي ڪوثر جي هئي.

بند ٩:

”پهرين حملہ ڪئون بہ وڌ ڪيا حيدري حملہ هڻ ٻر،
قلب گہ ڏي ڪاهيو ان بانڪي بهادر شير ٻبر.“

شينهن جي پٽ وچ لشڪر جي سمنڊ ڪي ائين چيريو جيئن رب پاڪ دريائي نيل کي چيري وچ مان موسيٰ لاءِ رستو ڪوليو، حسين جي فرزند عليءَ جي شير ائين لشڪر تي حملا ڪيا.

بند ١٠:

اي عمر ڏِس شافع محشر جو هي اولاد و آل،
آي عُمر اسين ساقيءِ ڪوثر جو اُڃ ماريو عيال،
ڏي اسان کي پاڻي اسين ڏينداسون ڪوثر جو زلال،
ڇڏ اسان کي آسين ڇڏائيندڙ اُمت جا حشر حال،
دوزخي دَيوث ڪي ڏڄ آسين بهشتي بادشاهہ،
هي بهشتي بادشاهہ هن پر نہ ڪُهجن بيگناه.

جنگ ۾ پياس، اهلبيت کي ثابت قدميءَ تان هٽائي نہ سگهي ۽ چوندو ٿي آيو اڪبر تہ ڏس عمر سعد اسين توکي مجبور ٿا نظر اچون، حقيقت ان جي ابتڙ اٿئي، ڏس ڪائنات جي هر شيءِ هر مخلوق، چرند پرند، حيوان جن و انسان سڀ قطار در قطار اسان جي مدد لاءِ واجهائين پيا. پر ناني جي امت ڪاڻ اسان انهن کان ڪڏهن مدد نہ وٺنداسين ڇو جو اوهان ان مخلوق کي نہ ڏسي سگهندا ۽ نہ وڙهي سگهندا.

بند ١١:

هن نصيحت ڪئون بہ اُو گمراه نہ آيو راهہ تي،
چائين لشڪر کي آئين حملو ڪريو ان شاهہ تي،
ڪلمہ گو ڪنار ڪاهيو مصطفيٰ جي ماهہ تي،
مُرتضيٰ پوٽي مجاهد في سبيل الله تي،

آه اڪبر جي شهادت شرح جو مون ناهي تاب،
صبر "ثابت ڪربلائي" ڪربلا غم ڪيو ڪباب.
(مرزا نجم، ٢٠٠۵: ١٣٦-١٣٩)

افسوس عمر سعد اڪين سان معجزات ڏٺا حقيقت کان بہ واقف ٿيو، مگر لالچ، هوس ۽ ابن زياد جي مڪاريءَ جي خوف عمر سعد کي انڌو ڪري ڇڏيو هو، پوءِ بہ هن مصطفيٰ جي ٻچي لاءِ لشڪرن مٿان لشڪر موڪليا، هڪ فرزند حسين مظلوم ۽ چؤگرد گهيرو دشمنن جو، رب راضي رهي نانو فخر سان سربلند رکي، اسان جو سر ڪپيو تہ ڇا ٿيو.

**فرزندِ رسول امام حسين ابن عليءَ جي جنگ جي منظرنگاري**

**ڪربلا جو وائي ڏاڍو واقعو**

"هاءِ جڏ اصحاب ۽ انصار سڀ،
ماريا موذن خستہ جان و تشنہ لب،
آيو وارو اقربا جو هَئي غضب،
تڏ اُٿيا آلِ نبي عالي نسب،
تاڪ سڀ جانب ڪُهي ٿيا جان نثار."

سيد ثابت علي شاھ هن مرثيي ۾ حسين ابنِ عليءَ جي تنهائي ۽ جنگ حسين شهيد ڪربلا جي بيان ڪئي آهي. شب عاشور کان روز عاشور تائين هڪ هڪ اصحابيءَ موليٰ حسين ع تان سِر قربان ڪيو. ان بعد پيائر، پيائٽيا، پٽ اٿيا، هڪ هڪ جي ڪوشش هئي، جيستائين اسين زنده آهيون تيستائين حسين کي هڪ خراش بہ نہ ڏيڻ ڏينداسين.

بند ٢:

"هاءِ جڏ ٿيو هيڪلو حضرت حسين،
حيدر و زهرا جو هيءَ هيءَ نور عين،
تنهن بہ ساٿي ساري ڪيا ٿي شور شين،
پنهنجو سِرُ پڻ ڏڏ تي جاتئين مثل دَين،
تت ڪري هٿ ذوالفقار جانستان،
ٿيو چُون حيدر هر طرف حَملہ ڪَنان."
(مرزا نجم، ٢٠٠۵: ١٩٧)

سيد ثابت علي شاهه فرمايو: جڏهن تمام دوست، ساٿي، اولاد، يائر، ڀائيٽيا ڪير به باقي نه بچيو، تڏهن امام حسينؑ هڪ آخري صدا ”هل من ناصر ينصرنا“ جي صدا هنئي ته، آهي ڪير منهنجي مدد ڪرڻ وارو. اهو مقصد صدا جو زماني کي پڌائڻو هو ته، سڀائي ائين نه ڪير چوي ته حسين سڀني کي انڪار ڪيو هو مدد وٺڻ کان. اتي ڳالهه صاف ٿي ته امام حسين مخلوق غير کي امت نبويءَ سان ويڙهائڻ ظلم سمجهيو ته سڀاڻي ڪير چوي ته امام طاقتور غير مخلوق کا مدد ورتي، پر امام اُمت ۾ ئي صدا هنئي مدد جي.. واهه منهنجا مولئ حسين! اڪيلو ٿي ويو، ڪل مال متاع لُٽائي ڇڏيائين، پوءِ به ناني جي امت ڏانهن ڏيان.

بند ٣:

”ڪڏ ٿي ڊوڙيو بَر يَمين ڪَڏ بر يَسار،
ڪَڏ ٿي ڪاهيئين قلب ڪارزار،
پَٽ وڌائين ڪيئي پيادا ڪيئي سَوار،
ڏڙ ڏڙن تي ڍير ڪِيئين هر سُو هزار،
حيدرِ ڪرار جي فرزند آهه
هر طرف حملا ٿي ڪيا در قتلگاهه.“
(مرزا نجم، ٢٠٠٥: ١٩٧)

۽ پوءِ جڏهن هڪ پياسي ڪمزور بازو زخمي پاڪ وجود سان آقا حسين گهوڙي تي چڙهيو، پوءِ دشمنن جي لشڪر کي ساڄي کان کاٻي ۽ کاٻي کان ساڄي ڊوڙايئين ته ڪنهن مهل وچ لَشڪر ۾ ئي ڪاهي پيو، ۽ صدا ٿي لڳايئين هاڻي مون پياسي جي جنگ ڏسو، جنهن جا نوجوان پاءُ، پٽ، ساٿي اي ظالمو توهان ماري ڇڏيا، هاڻي ان حسين مظلوم جي جنگ ڏسو، عليءَ جو فرزند آهيان، ٻير العلم جو فرزند آهيان، پنهنجي بازوئن جي طاقت سان وڙهندس، ڪنهن ٻي طاقتور مخلوق کان مدد نه وٺندس.

بند ٤:

”تڏ متن هي مصلحت سان دل مُجي،
شاه کي چؤڦير ٿيا ٻي لچ لعين،
تير باران ڪيائون بر سلطان دين،
تا جُهڪي سَروَر نيو سوُئي زمين،
تڏ لَهي گهوڙي تئون گهائل ٻُنهن تي پيو،

ٿي دو زانو قبلہ رُو ويهي رهيو.“
(مرزا نجم، ٢٠٠٥: ١٩٨)

۽ جڏهن ملعونن ڏٺو تہ هاڻي امام حسينؑ اسان جا لشڪرن جا لشڪر ماري چٽ ڪندو تہ هنن ترڪيبون سوچيون ڪيئن حسين تي گرفت آڻيون، تڏهن سڀئي ملي چؤگرد ڦري آيا امام حسينؑ کي. روايت آهي تہ امام حسينؑ گهوڙو ڊوڙائيندو ميلن جا ميل لشڪرن کي پڇاڙيندو قتل ڪندو رهيو، پوءِ رب جي طرفان ندا اُٿي! تہ بَس حسين، تون جنگ ڪرڻ ڪو نہ آيو هئين، پنهنجو ناني سان ڪيل واعدو ياد ڪر، بس جيئن ئي سر مولا هيٺ نوايو، تلوار نيام ۾ وجهي ڇڏيئين، پوءِ تيرن تلوارن جي بارش شروع ٿي، ڪنهن کي ڪجهہ نہ ٿي مليو تہ متيءَ جا ڍُڪ ٿي پيري اڇلايئين.

بند ٥:

”پيو لهي گهوڙي تئون سرور الرّضا بقضا ڪَري،
مَوت جو مَهمان وينو خيمي کي برپا ڪري،
ڪور ڪوفي شوم شامي سڀ اُٿيا حملا ڪري،
هَي هَليا موذي ميڙي مارڻ مسافر يا حسين.

بند ٦:

”وير کي ويڙهيائون وچ ۾ جنگ تي ٿيا جانگير،
سامهان ٿيا شير جي ڪوفي ڪُتا شامي شرير،
موت جا مارو وڳا جنگي نقارا ۽ نغير،
ڪربلا ۾ ٿيو ڪسڻ جو ڪوسن اڪبر ياحسين.“
(مرزا عباس: ١٩٨٤، ٣٠٦)

بحر مرثيي جو، فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

بحر هزج مثمن مقصور/محذوف

**سمجهاڻي شعرن جي**

هنن بندن ۾ شامي ڪوفي لشڪرن جي بيوفائي بي حيائي سنگدلي تي شاعر چوي ٿو تہ امام حسين کي گهوڙي تان ڪيرايو ويو، ملي سڀني پنهنجيون پنهنجيون باهيون ڪيون، بَدلا ورتا رسول

جي فرزند کان، ڪربلا ۾ جيڪا مسلمانن ظلم جي قيامت برپا ڪئي هئي، اها موت جي بازار وري ڪنهن ٻي قوم ۾ نہ ڏٺي وئي، افسوس فرزندِ رسول کي ماري نقارا باجا دهل وڄائڻ شروع ڪيئون، ائين ٿي لڳي هنن جي درميان ڪو نبي نہ آيو هو ۽ نہ ڪا هدايت ئي ٿي هئي، ايڏي دين خدا ۾ محنت رسول سان ٻي وفائي ٻي قدري هڪ ننڍي خطي ڪربلا کي ڪوس گهر مسلمانن بنائي ڇڏيو، نہ صرف شهيد ڪيو پر زمين ڪربلا جي مٽيءَ ۾ شهيدن جي لاشن کي معاذالله مليا ميٽ ڪري ڇڏيو، روايتون مقاتل ۾ تحرير ڪن ٿيون تہ ڪيترن ئي ڪربلا جي شهيدن جا لاشا جن جن قبيلن سان ڪٿي نہ ڪٿي انهن جي رشتيداري ٿي لڳي، اهي يزيدي فوج ۾ شامل هئا، ظاهر آهي سڀ جا سڀ مسلمان عرب هئا، ڪن کي هدايت ملي ڪن کي نہ، روايتون آهن، ميدان ۾ صرف امام حسين عہ جو لاش ۽ سندن پٽن جو لاش وڃي بچيو، ڇو جو علي ۽ فاطمہ جو ڪير رشتيدار نہ رهيو، بغض هو ئي انهن هستين سان جيڪو حسين ابنِ علي مان دل ڀري ڪڍيو ويو.

بند ٧:

”شاهہ خواهش رب جي خاطر خواه ڪئي،
شمر مُلحد شہ تي قصدؤن ڪاهہ ڪئي،
آيو خنجر هٿ ڪري اؤ خارجي،
ڪئي جدا ڪافر سِري سَردار جي،
سِرُ رکي سَروَر جو نيزي نابڪار،
ڌڙ ڇڏي ڌرتيءَ تي خوني خاڪسار.“
(مرزا نجم، ٢٠٠٥: ١٩٩)

امام حسين عہ جي شهادت ڪائنات جي دردناڪ شهادت آهي، شمر ملعون امام حسين عہ جي سيني تي چڙهي خنجر سان ڌڙ کان سر ڌار ڪيو ۽ نوڪ نيزه تي سربلند ڪيو ۽ ملعون ڌڙ رڻ پٽ ۾ مليا ميٽ ڪرڻ لاءِ ڇڏيو.

بند ٨:

”رت جي درياه ۾ سو مڙه پيو هو فگار،
گرد سڀ پائر ۽ پٽ پائتيا ۽ يار،
دين گهر سَردار ويا گهمسان ۾،
نوح پيڙي سان ٻُڏو طوفان ۾،

ھاءِ ھي طوفان ڏس ڪنھن طور ٿيو،
نوح جو طوفان تا سڀ ڪنھَن پڌو.“
(مرزا نجم، ۲۰۰۵: ۱۹۹)

سيد ثابت علي شاھہ طوفان نوح ۽ حضرت نوح پيغمبر جي ڪشتي سان مثال ڏيندي چوي ٿو تہ نوح بہ پنھنجي ٻيڙيءَ ۾ الله جي مخلوق کي بچائي نڪتو، ڪربلا جي گھمسان جنگ ۾ فرزند رسول پنھنجو سر پنھنجو سمورو اولاد ساٿي مارائي امت محمديءَ کي لڙائيءَ جي طوفان مان ڪڍي پار ڪرايو، رت جي درياءَ ۾ پاڻ گھراڻي سميت ٻڏيل رھيا پر امت جي ڪشتيءَ ٻيڙيءَ کي ڪناري تائين پھچائي ويا.

بند ۹:

ھُت ڪئي پاڻي پَلَٽَ ھِت رت قھُر ڪيو،
ھو ٿي لوڏيا لَھِرَ ھي ٻيڙو ٻُڏو،
يا مُحَمّدُ داد ڪر بيداد ڏس،
ياعلي شيرِ خدا فرياد رس.

بند ۱۰:

آيو اُن دم ھڪ ڪبوتر دل ڪباب،
پيو ڪري سَروَر مٿي بي صبرو تاب،
ڦتڪي رت ۾ پر رکي ڪيئين منھن خضاب،
ڪاھي ٿيو قاصد وَٺي خط جو جواب،
در زمان دانھين مَديني ڪَيو نزول،
رَت ڀَريو رُئندو رَسيو روضي رسول،
رت ڀَريو رُئندو ڪَبوتر دل ڪُٺل،
خابرو خط جو رَسيو مُرسل محل.
(مرزا نجم: ۲۰۰۵، ص: ۱۹۹)

بي گور بي ڪفن لاشو فرزندِ رسول جو ڪربلا جي ڌرتيءَ تي پيو رھيو، ايتري ۾ پکي پکڻ اچي مڙيا آسمان خون وسايو، ڌرتي ڏُڏي وئي ھن قھر تي، ڪبوترن پنھنجا پر خونِ حسين ع ۾ ٻوڙيا ھليا شھر

مديني پرواز ڪري روضہ رسول صہ تي ويهي لڳا فريادبون ڪرڻ، ڪي بني هاشم پاڙي ڏانهن ويا سانئڻ جي گهر ۾ لڳا گهروارن کي خبر ڪرڻ، جتي هڪ معصوم نينگرموليٰ حسين جي بي بي صغرا اوسيئڙي ۾ بابي جي بستر ۾ بيمار هئي، پکيءَ جي رت وهڻ ۾ بولي ڏکياري ٻڌي، ناني امِ سلمہ کي سَڏ ڪيا، امان اچواچي ڏسو، هيءَ ڪبوتر ڪهڙو پيغام ٿو ڏئي؟ ۽ هن جا پَرَ خُون ۾ ٻڏل آهن.

بند ۱۱:

”پرچِنبڊي روضي کي رَت آفشان ڪري،
فرش آقدس رَت هنجون، روئي پَري،
دَرَ تي دانهين دانهن ڪئي سِرُ دَرَ ڌري،
ويو بَني هاشم جي مُحلي منهن ڪري،
فاطمہ صغرا جي گهر وينو اچي،
ان ڪبوتر ڦهر جي ڪُوڪار ڪئي،
ڪَنَ پئي صُغرئ جي ڪُوڪر ڦهرناڪ،
خنجر خوني جيئن دِل ڪَئي دانهن چاڪ،
آءُ ڪبوتر چئو آبي جو ڇا هو حال،
ڪِيئَن ڏنئي منهنجي مسافر جو حوال.

بي بي ڊوڙندي آئي امِ سلمہ ۽ هيڏانهن بي بي صغرا لڳي خبر ڪرڻ ڪبوتر سان تہ اي ڪبوتر ڪٿان پيو اچين، منهنجي بابي جي تہ خبر ڪر. بي بي سوال ڪندي ڪبوتر جي حالت ڏسي پَٽَ تي ڪِري پئي، امام زادي هئي غيب جا حال بي بيءَ کان ڪو نہ لڪندا هئا، پر تنهن هوندي بہ بي بي دعائن جي دم جيئري هئي ۽ آسرو مالڪ ۾ رکي ويني دعائون گهرندي هئي پنهنجي بابي، امڙ، ڀائرن، چاچن ڪاڻ. ان گهڙيءَ جڏهن بي بي اُمِّ سلمہ ڏٺو تہ هن کي وصيت رسول خدا جي ياد اچي وئي ۽ وڃي اها شيشي ڪڍي آئي.

بند ۱۲:

”ان گهڙيءَ ٿي ام سلمہ کي خبر،
چائين ڏهتيءَ کي کہ هڪدم صَبر ڪر،
آهي مون وٽ هڪڙو شيشو خاڪ پُر،
سو ڪڍي آءُ ٿا ڪريون اُن ۾ نظر،
جي انهيءَ جي خاڪ رَت هوندي تمام،
تا صحي سَرور ڪُنو منجهہ قتلعام،

جان ڏس شيشو تہ پُر خون آهي سڀ،
خاڪ سَڀ رتَ ٿي ڀَريو هو تا بَلب،
تڏ وجهي سِر خاڪ چائون هَئي غضب،
مَاريو آڄ مظلوم ٿي شاه عرب.“

چا ڏسي تہ مٽي شيشيءَ واري رت ۾ ڀڏل آهي، پاڻ رسول خدا ڪربلا جي خاڪ شيشيءَ ۾ وجهي اُمہ سلمہ کي ڏئي فرمايو هو تہ اي اُمہ سلمہ! جڏهن منهنجو فرزند حسين ڪربلا ۾ شهيد ٿيندو، ڪائنات جي هر شيءِ مان خون رسندو، ان وقت ان شيشيءَ جي مٽيءَ کي ڏسجان خون ۾ تر هوندي.

بس پوءِ تہ اجڙيل گهر ۾ اُمہ سلمہ ۽ بي بي صغرا ماتم ڪرڻ لڳيون، بي بي صغرا ويڻ ڪرڻ لڳي، هي مرثيو سائڻ صغرا جي ويڻ ۽ ڏوراپن جو آهي، چوي ٿي سائڻ صغرا تہ:

هي ڪبوتر آهي قاصد ڪنهن سندو،
جنهن ڏني ڏک منهنجي آڄ طوفان ڪيو.

سائڻ صغريٰ ان کان اڳ پنهنجي بابي حسين عہ کي خط قاصد هٿ موڪليو هو. اهو قاصد ان وقت هو پهتو، جڏهن امام حسين بي بي صغرا جي حصي جي پاءِ شهزادي علي اڪبر کي زخمي ٿيل پنهنجي هنج ۾ ليٽايل هو ۽ ربّ سان ڳالهيون ڪري شڪر ادا ڪري رهيو هو.

يا الاهي واسطي حسنين جي،
انجي ناني قبلئہ ڪُونين جي،
انجي بابي سَيدُ الثقلين جي،
انجي عترت داور دارين جي،
رحمت عظميٰ منجهئون پاڳو ڏيار،
واز ڪرم ڪِبريٰ شفاعت ڏي نهار.
(مرزا نجم: ٢٠٠٥: ١٩٧٠- ٢٠٠٠)

آخر ۾ جيئن هر مرثيي جي اختتام تي سيد ثابت علي شاهہ در اهلبيت تي واسطا ڏئي پَنهنجي بخشش گهري آهي، هن مرثيي ۾ بہ الله کي سندس حبيب محمّد مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم ۽ سندس آل جو واسطو ڏئي ٿو ۽ ربّ پاڪ کان صدقي ۾ شهيدِ ڪربلا جي پاڃهہ ۽ ڪرم گهري ٿو.

رب پاڪ سائين ثابت علي شاهہ جي دعا وسيلي اسان جي گناهگارن کي بہ پنهنجي رحمت سان نوازي ۽ موليٰ حسين جي خاص دوستن ۽ مريدن ۾ شامل ڪري. (آمين)

## ۴.۲ مير انيس سيد ببر علي جي مرثيہ نگاريءَ جي فن جو اڀياس

علامہ عقيل اللغروي فرمائين ٿا تہ قابل شاعر ڪڏهن بہ واهہ واهہ جو محتاج نہ هوندو آهي، ۽ ان جي فطرت ۾ داد تحسين حاصل ڪرڻ جي خواهش نہ هوندي آهي، مير انيس ڪڏهن بہ لکنئو کان ٻاهر نہ ويو ان لاءِ هن کي اها ڳالهہ پسند هئي تہ لکنئو جو مجمعو منهنجي زبان سمجهي ٿو، ٻاهر اگر ڪنهن ٻئي شهر ۾ وڃي پڙهيم تہ هو منهنجي زبان نہ سمجهندا، ۽ مير انيس کي فخر هوندو هو تہ آءٌ جن جي ثنا ۽ تعريف ۾ ڪلام چوان ٿو منهنجي عزت ۽ داد تحسين انهن جي ئي در سان وابستہ آهي، ان لاءِ ڪڏهن بہ مير انيس واهہ واهہ جي چاهت نہ ڪئي، ۽ پنهنجي ڪلام جي داد خيرات وانگر نہ گهرندا هئا. علامہ عقيل اللغري چوي ٿو: پنهنجي تهذيب جا سچا امين اگر ٿيڻ چاهيو ٿا تہ پنهنجي ثقافت جي حفاظت ڪريو. جن شاعرن علم و ادب ۾ ڪجهہ ڪمال ڪيو آهي تہ انهن جي سوانح عمري پڙهڻ گهرجي، انکانسواءِ علم و ادب جي دنيا ۾ ترقي ناممڪن آهي. مير انيس جي زندگيءَ جي مطالعي مان سندن شعري ذوق و ڪمال ۽ فطرت جي خبر پوي ٿي، ڪڏهن بہ مير انيس کي شهرت جي تمنا نہ ٿي ۽ نہ پيسي ميڙڻ جو شوق رکيس. اڄ اسان ان زماني ۾ اچي ويا آهيون جو شاعر کي پنهنجي شعر جي ئي خبر نہ آهي تہ پنهنجو شعر پڙهي پيو يا ڪنهن ٻئي جو شعر پڙهي پيو، هڪ بيت شعر چوڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ٻہ علم ڄاڻڻ گهرجن، هڪ علمِ عَروض ۽ علم قافيہ. علم عَروض هڪ الڳ مستقل علم آهي ۽ ٻيو علم قافيہ هڪ الڳ علم مستقل آهي، ٻہ علم گهرجن هڪ بيت خاطري شاعريءَ ۾. اڄ جي زماني ۾ ڪنهن مشائخ علم کي پنهنجو ڪم ڏيکارڻ يا تصحيح ڪرائڻ جي ڪير زحمت ئي نہ ٿو ڪري يا پنهنجي توهين سمجهي ٿو. اڄ جو ماڻهون اهو نہ ٿو ڄاڻي تہ مضمون صحيح آهي، وزن صحيح آهي؟ قافيو صحيح آهي؟ اهو بہ عام سمجهن ٿا تہ ان ڳالهہ لاءِ سکيا وٺجي تہ شعر ۾ استعمال ٿيل ٻولي صحيح آهي يا نہ؟ جيڪا ڳالهہ ڪرڻ چاهي ٿو شاعر ان ۾ اها تہ خبر هئڻ گهرجي تہ ان ۾ شاعراڻي صداقت آهي يا نہ ۽ اها ڳالهہ مذهبي اصولن تي آهي بہ يا نہ، هاڻي اها روش ختم ٿي چڪي آهي، ظاهر آهي جڏهن اهو معيار ختم ٿيندو ويندو تہ باڪمال شاعريءَ جو زوال ئي ايندو.

### ۴.۲.۱ گهاڙيٽا

گهاڙيٽا ساخت، شڪل، هيئت، بناوت، فني سٽاءَ کي چئبو آهي.

قديم مرثيي ۾ قافيہ هوندا هئا، مير انيس جديد مرثيي ۾ رديف ڏنا آهن، ۽ منظر نگاريءَ ۾ مير انيس پنج قسم بيان ڪيا آهن: صبح جو منظر، جنگ جو منظر، ماحول، رات جو ۽ ڏينهن جو سخت اُس عرب جي تتل ساڙيندڙ گرميءَ جو ماحول مير انيس جي شعري تاريخي خاص رثائي تاريخي ڪلام جو

اگر مطالعو ڪبو تہ معلوم ٿيندو تہ مير انيس کي جانورن پالڻ جو ڏاڍو شوق هو. هڪ دفعو سندس پاليل ٻڪري مري وئي، جنهن جو مير انيس کي ڏاڍو افسوس ٿيو ۽ ننڍپڻ عهد طفليءَ جو زمانو هو، تڏهن سندن قلم کي جنبش ٿي ۽ بي ساختہ پهريون شعر غم جي اظهار جو سندن زبان تي آيو:

”افسوس کہ دنیا سے سفر کر گئی بکری،
آنکھیں تو کھلی رہ گئیں اور مر گئی بکری۔“

یہ پہلا رثائیہ تھا جو میر انیس کے قلم سے نکلا تھا۔ اس میں کئی باتوں کا انکشاف ہوتا ہے۔ میر انیس کی تخلیقی و شعری صلاحیت کا دوسرے ان کا رثائی رجحان اور تیسرے جانوروں سے ان کا دلی لگاؤ جو غیر شعوری طور پر زمین سخن پر اپنا نقش بنا رہا تھا۔ (انیس و دبیر دو سو سالہ سیمینار سے ماخوذ (۲۰۰۶) مرتب: ڈاکٹر گوپی چند نارنگ)

انيس ۽ دبير کي مرثيي جي عروج وارو دؤر نصيب ٿيو، اتفاق ڀنهي جو سن ولادت ١٨٠٣ع ٿي ۽ ١٨٥٧ع ۾ ٻئي پنجاهہ سال جا پختہ عمر جا ٿيا. مير انيس جي مرثيي تي سودا، ضمير، خليق تمام شاعرن جو اثر آهي، پر هر انسان جو هنر ۽ ڪمال عليحده هوندو آهي. مرثيي کي قصيدي کانپوءِ مسدس جي فارم ۾ مخصوص ڪيو ويو هو. مير انيس پهرين مربع ۽ پوءِ مسدَس ۾ مرثيہ چيا، ان بعد طوالت وارا مرثيا چيا، جن ۾ ٻن سؤ کان بہ وڌيڪ بند هوندا هئا. پارنهن سؤ کان وڌيڪ مصرع يعني طويل مرثيو ٿي ويو. مير انيس ۽ سيد ثابت علي شاهہ کي اگر ڀيٽ ڪجي تہ سيّد ثابت علي شاهہ جي مرثيي جي تاريخ سنڌي مرثيي کي ان کان پهرين صرف بيت، ڏوهيڙن جي شڪل هئي، فقط ثابت علي شاهہ ئي آهي جنهن سنڌي مرثيي جي هيئت بدلائي پهرين مربع، پوءِ مسدس ۽ طويل بند وارا مرثيا چيا، اها محنت اڪيلي سيّد ثابت علي شاهہ ڪئي، جنهن ۾ هن جو پنهنجو ڪمال آهي، ۽ ان ڪمال کي عروج تي ۽ جدت ڏيڻ وارو سيّد ثابت علي شاهہ جو ٻيو ڪمال علم عروض ۽ قافيہ رديف ۾ آهي، جڏهن تہ مير انيس کي ميدان مرثيہ سجيل سجايل مليو. پوءِ ان ۾ مير انيس پنهنجو الڳ مرثيي جو باغ پوکيو ۽ گل ڦل جنهن ۾ ڦٽڻ لڳا، اڄ اردو ادب انهن گلن جي رکوالي ڪري رهيو آهي، بنسبت سنڌي مرثيي جي. سيّد ثابت علي شاهہ جي مرثيي گوئي سنڌي مرثيي ۾ جيڪا پذيرائي ٿيڻ گهرجي اها بس ٽالپر دؤر ۾ هئي، جنهن بعد ان صنف کي سنڌي ادب مان مورڳو ئي خارج ڪيو ويو آهي. ادبي تاريخن جا ليکڪ مرثيو سطحي ذڪر ۾ آڻن ٿا جنهن ۾ سيّد ثابت علي شاهہ جو ذڪر بس آڱرين تي ڳڻجندڙن ليکڪن ڪيو آهي.

حالانڪ مرثيو ڏسجي تہ ان جو سياسي، سماجي ۽ ثقافتي سرڪار سان گهرو واسطو رکي ٿو، جمهوريت پسند حق و باطل جي تميز کي سمجهڻ وارا مرثيي جا طرفدار نظر ايندا.

”مقدمہ شعر و شاعري“ ۾ حاليءَ لکيو آهي تہ:”شعر کے جرگے میں یہ مقولہ مشہور ہے کہ بگڑا شاعر مرثیہ گو اور بگڑا گویا مرثیہ خواں مگر میر انیس نے اس قول کو بالکل باطل کر دیا۔“ (گوپی چند، ٢٠٠٦: ٦٤)

مير انيس برصغير هند جي علمي ادبي خطي لکنؤ جي باذوق خاندان جو فرد هو، جنهن کي پنهنجي ٻولي، ثقافت، مذهب، تهذيب سان بي انتها محبت هئي. مير انيس ڀڻ تهذيبن جو مالڪ هو.

ڊاڪٽر گوپي چند نارنگ چوي ٿو جيڪو مير انيس کي پنهنجو محسن بہ چوي ٿو، مير انيس ”ڪبير“ کان پهرين ”مهاوير“ ۽ مهاتما گانڌيءَ واري عهد جي عدم تشدد جي درس واري سوچ رکندڙ شاعر آهي، جنهن ۾ ڪيوليءَ کي مارڻ بہ اهنسا (تشدد) مڃيو ويندو آهي.

انيس جو شعري معاملو بہ اهو آهي جيڪو ”ڪبير“ ٿو چوي:

برا جو دیکھن میں چلا، بُرا نہ دیکھا کوے،
جو دل کھوجا آپنا، مجھ سے برا نہ کوے۔

انيس ٿو چوي:

کبھی برا نہیں سمجھا کسی کو اپنے سوا،
ہر ایک ذرہ کو ہم آفتاب سمجھتے ہیں۔

عدم تشدد ۽ ڪيوليءَ جي مارڻ تي چوي ٿو:

کسی کا دل کبھی ہم نے نہ پائمال کیا،
چلے جو راہ تو چیونٹی کو بھی بچا کے چلے۔

روايت ۾ آهي تہ هندستان جي ثقافت سان محبت ۽ انسانيت تائين حق سچ جي پيغام کي پهچائڻ خاطر انيس هندو مذهبي صحيفن مان واقفيت حاصل ڪرڻ لاءِ پنڊتن کان هندو مذهب جي ڪتابن جو مطالعو ۽ سکيا بہ ورتي، ان لاءِ انيس اودهہ جي زبان ۾ بہ مرثيا چيا آهن. هڪ طرف رام ۽ لڪشمڻ تہ ٻئي طرف حسينؑ ۽ عباسؑ جي ڀائرن جي محبت ٿو سمجهائي تہ اتي ئي حسن و حسين جي ننڍپڻ ۽ ڪرشن ۽ بلرام جي ننڍپڻ جي تصوير ٿو ڏيکاري. شعري اقدار قدرن جو تعين سماجي ۽ ثقافتي قدرن سان ٿئي يا نہ پر ان کان انڪار بہ نہ ٿو ڪري سگهجي.

مير انيس جي مرثين ۾ ٻہ عهد تريتا (رام جو عهد) ۽ دَواپر (ڪرشن جو عهد) يعني ٻہ تهذيبون ملن ٿيون. هڪ مَرياده پُرشوتم (رام) جي آهي تہ ٻي ڪلا آوَتار (ڪرن) جي آهي.

"انيس وٽ حسينؑ جو ننڍپڻ ڪرشن سان ٿو مماثلت رکي ۽ باقي زندگي رام سان ٿي ملي. اهڙيءَ طرح انيس جا مرثيا گنگا ۽ جمنا اوڏي ۽ برج جي افڪار ۽ قدرن جو سنگم معلوم ٿئي ٿي. ڪردارن جي عربي نسل ۾ هندستاني قدرون ۽ دستاويزات ڏسڻ اچن ٿا. وري اڳتي ڏسجي تہ معاشي صورتحال ۾ تہ ڪجھہ لڪيل تفريق بہ آهي، ڪرشن ۽ بلرام سلطانن وانگر نہ سردارن جي ٻارن وانگر ٻچپن ننڍپڻ گذاري رهيا آهن. جڏهن تہ حسن و حسين فاقہ ڪش والدين جا چشم و چراغ آهن."
(گوپي چند جي مقالي مان)

## "مرثيو"

(انيس جي مرثيي جو گهاڙيٽو) "دشت وغا ۾ نور خدا جو ظهور" مراثي انيس:

"ہاتھوں کو جوڑتی ہوں میں شاہِ بحر و بر،
شفقت کی اس کے حال پر ہر دم رہے نظر،
رونے سے اس کے ہوتا ہے ٹکڑے مرا جگر،
مجھ فاقہ کش غریب کا پیارا ہے یہ پسر۔"

"حیدر سے پوچھئے مرے عسرت کے حال کو،
کس کس دکھوں سے پالا ہے اس نونہال کو۔"

ان مرثيي ۾ هڪ مقام تي بي بي فاطمہ چوي ٿي تہ: فاقہ ڪشيءَ سان جهان جي مصيبت ۾ گذاريو اٿم.

هاڻي اڳتي انساني ڪردار ۽ قدرن جو مثال مرثيي جي هن بند ۾ موجود آهي:

بیٹی سے رو کے کہنے لگے، شاہ کائنات،
روح الامین نے مجھ سے تو یہ بھی کہی ہے بات،
چاہو تو رد کرے یہ بلا ربّ پاک ذات،
لیکن نہ ہوئے گی مری اُمّت کی پھر نجات،

محبوب حق نثار ترے نور عین پر،
موقوف ہے یہ امر تو قتلِ حسین پر۔

اڳتي جواب ملاحظہ:

اللہ رے صبر دختر محبوب کردگار،
اُمّت کا نام سن کے جھکایا سر ایک بار،

والد حسن و حسين شوهر بتول جو جواب:

خوشنود ہو کے کہنے لگے شاہ ذُوالفقار،
صدقے حسن، حسین تصدق، علی نثار،
اس راہ میں نہ مال نہ دولت عزیز ہے،
پیار پسر نہیں ہمیں اُمّت عزیز ہے۔
(مراثی انیس: جلد چہارم)

جنهن معصوم جي روئڻ سان ماءُ جو جگر ٽڪرا ٽڪرا پيو ٿئي اها ماءُ اُمّت جي نجات جي واسطي ان ٻار کي نثار ڪري رهي آهي. الله اڪبر! واقعي قرباني قدرداني ٿي سيڪاري ۽ قدرن سان سماج ۾ ماڻهن ۾ تحريڪ جو درس ملي ٿو. ۽ انهيءَ قربانيءَ واري جذبي سان آدميءَ کي انسان ۽ انسان کي فرشتي جو لقب عطا ٿي ٿو وڃي.

مير انيس جي مرثين ۾ انساني نفسيات جو بہ ذڪر ملي ٿو ۽ انسانيت صرف هڪ مذهب ۽ قوم تائين محدود ناهي اها هر رنگ، نسل جي انسان ۾ مذهب جو حصو آهي. پروفيسر گوپي چند چوي ٿو: ماءُ جو سندس رُنل ڪاوڙيل ٻار کي منائڻ پرچائڻ لاءِ ڪهڙا ڪهڙا جتن هوندا آهن. جيئن يَشودا ماءُ شِري ڪِرشن کي پرچائي ٿي. اهي ”سورداس“ شاعر وٽ تہ مثال موجود آهن. پر مير انيس جي مرثين جي بند ۾ بہ آهن، جنهن ۾ ماءُ بي بي فاطمہ پنهنجي لخت جگر پٽ حسينؑ کي محبت لاڏ ڪوڏ سان ڀلائي ٿي پرچائي ٿي دلاسا ڏئي ٿي.

”بیت الشرف میں آئے جو شبّیر نام دار،
کُرتے کو منہ پہ رکھ کے لگے رونے زار زار،
دوڑیں یہ کہہ کے فاطمہ زہرا جگر فگار،

ہے ہے حسین کیا ہوا تو کیوں ہے اشک بار۔
تجھ کو رُلا کے غم میں مجھے مبتلا کیا،
قربان ہوگئی تجھے کس نے خفا کیا۔
تو منہ تو کھول اے مرے شبیر خُوش خِصال،
تر ہوگئے ہیں آنسوؤں سے گورے گورے گال،
مل مل کے پشت دست سے آنکھیں کرو نہ لال،
سلجھاؤں آؤ الجھے ہوئے گیسوؤں کے بال،
گھر سے گئے تھے ساتھ جدا ہو کے آئے ہو،
سمجھی میں کچھ حسن سے خفا ہو کے آئے ہو۔
تم چپ رہو وہ گھر میں تو مسجد سے پھر کے آئیں،
گزری میں کھیل سے مرے بچے کو کیوں رلائیں،
ان سے نہ بولیو وہ تمھیں لاکھ گر منائیں،
لو آؤ جانے دو تمھیں چھاتی سے ہم لگائیں۔
واری اگر حسن نے رلایا برا کیا،
پوچھوں گی کیا نہ میں مرے پیارے نے کیا کیا۔“

(گوپی چند،٢٠٠٦: ٢٨٠)

انيس مصرع اول ۾ آخري بند ۾ ماءُ جو مخفي اظهار ۽ توجهہ پيار ”حَسن“ سان بہ آهي ۽ ”میں“ سان گڏ چوٿين مصرع ۾ ”ہم“ جو استعمال فرطِ جذبات جو مظهر بہ آهي، جنهن معصوم کي ماءُ جان و دل کان عزيز ٿي رکي ۽ وري ان کي اُمت جي نجات جي لاءِ قربان ڪرڻ لاءِ بہ تيار آهي. مير انيس قدر ۽ قرباني جو منظر پنهنجن مرثين ۾ جيڪو بيان ڪيو آهي ان جو مثال اردو مرثين ۾ انيس کان پهرين ڪٿي هو؟ پروفيسر گوپي چند نارنگ انيس جي زبان ٻوليءَ تي پنهنجي گران قدر مقالا تحرير ڪيا آهن. مراثي انيس مان مرثين تي هندستاني تهذيب ۽ تخليقي عمل ۽ لساني اظهار جي نقطئہ نظر سان. پروفيسر گوپي چند نارنگ جن نقطن ڏانهن توجهہ ڪرائي آهي ان سان انيس فهميءَ ۾ اضافو ٿيو آهي. اڄ هندستان ۾ بلا مذهب بلا تفريق ڇا مسلمان، ڇا سِکَ، ڇا هِندو هر هڪ رسول جي گهراڻي جو مداح آهي، بنا ڪنهن تفريق جي محرم الحرام ۾ مڪمل عزادارين ۾ مرثيہ پڙهجن ٿا ۽ غمِ حسين ۾ شريڪ ٿين ٿا، اهو سڄو احسان برصغير ۾ هند ۾ مرثيہ گو شاعرن جو آهي مگر گوپي چند انيس جو مداح آهي،

چوٿين ٿو: مير انيس رسمن جو ميلاپ پنهنجن مرثين ۾ ۽ زمان مڪان جو تصور جيڪو پيش ڪيو آهي ان جو مثال عالمي ادب ۾ مشڪل ملندو. ٻولي ۽ ان جا قدر تهذيبن جو شاعري تائين پهچائڻ ۽ ان کي پوءِ رثائي شاعريءَ ۾ ڪيئن ممڪن ٿيو ان تي اڃان تحقيق ٿيڻ گهرجي.

مير انيس جي مراثي انيس مان مرثين تي اقتباس ۽ هندو تهذيب سان ڀيٽ ڪري ان مان هندو مذهب جي تاريخ جو ذڪر ڪري مير انيس جي مرثين کي عالمگيري قوت ڇيو ويو آهي، انساني قدرن لاءِ پيغام ڇيو ويو آهي. مير انيس جي مرثين ۾ ڏنو ويندو تہ تاريخ عرب مان ڪربلا جو واقعو آهي مگر انهن جسمن تي هندستاني لباس ۽ ثقافت ريتون رسمون ٻولي/ زبان هندستاني آهي. انيس جي مرثين جي ساخت، هيئت علم عَروض تي آهي، بيان نج هندستاني ماحول سان مطابقت رکي ٿو.

### ۴.۲.۲ ترڪيبي نظام

مير انيس وٽ جيڪو ترڪيبي نظام آهي اهو "سودا" کانپوءِ مقرر ٿي چڪو هو. مگر انهن واقعات تي مشتمل جيڪي بہ مرثيا هئا، مير انيس جو انداز بيان بلڪل الڳ آهي.

#### ۴.۲.۲.۱ مير انيس جي شاعريءَ ۾ مرثيي جا جزا

۰۱ چهره مکڙو: مرثيي جي تمهيد

ان ۾ حمد، نعت، منقبت، مناجات يا پنهنجي شاعريءَ جي ساراهہ بيان ڪئي وڃي ٿي. تمام جزن جي تفصيل و تعريف سّيد ثابت علي شاهہ واري حصي ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

**علم عروض مطابق** **بحر ارڪان جو حساب**

**ڇهري جا بند:** مفعول مفاعيل مفاعيل فعولن

بحر هزج اخرب ملفوف محذوف/ مقصور

يا رب! چمنِ نظم کو گلزار ارم کر،
اے ابرِ کرم! خشک زراعت پہ کرم کر،
تو فیض کا مبدا ہے، توجہ کوئی دم کر،
گم نام کو اعجاز بیانوں میں رقم کر۔

جب تک یہ چمک کے پرتو سے نہ جائے،
اقلیم سخن میرے قلم رو سے نہ جائے۔
(فاضل، ۱۹۷۴: ۲۳)

بحر: مفعول/ مفاعیل/ مفاعیل/ فعولن بحر ہزج اخرب مکفوف محذوف/ مقصور

**رعايت لفظي:** هر لفظ جو ٻئي لفظ سان تعلق هجي جنهن ۾ چمن، گلزار، ارم، ابر

**تلميح:** گلزار ارم، شداد جي جنت ڏانهن اشارو آهي

**معنيٰ:** پراڻي دؤر جي واقعي ڏانهن اشارو (پهريون بند ۾)

**لفظ تضاد:** گمنام، اعجاز بيان

**مراعاتہ النظير:** اقليم سخن (ٻيون بند ۾)

جيئن تہ سّيد ثابت علي شاهہ واري حصي ۾ اهي سڀ صنعتون واضح مثالن سان بيان ڪيون ويون آهن. پوءِ بہ مير انيس واري حصي ۾ مختصر اشارن مثالن سان بيان ٿينديون.

**مراعات نظير:** اهي لفظ جن جي وچ ۾ مناسبت هوندي آهي، تن کي متناسب بہ چوندا آهن.

”مير انيس جي ان لازوال مرثيي لاءِ هڪ واقعو آهي، جيڪو ٢٠١٣ع ۾ پنجويهہ اپريل تي لکنؤ مجلس دوران علامہ ڊاڪٽر ضمير اختر نقوي بيان ڪيو. علامہ صاحب مير انيس تي ڪيترئون ئي تصنيفون لکيون آهن.

مير انيس هميشہ نئين مرثيي سان محفل ۾ ابتدا ڪندو هو، اها سندس خاصيت هوندي هئي. واجد علي شاهہ جو برصغير هندستان ۾ حڪمرانيءَ جو دؤر هو. ديانت الدولہ خاص وزير ۽ سرڪاري امور داريءَ تي فائز هو. ان هڪ امام بارگاهہ تعمير ڪرائي ڪربلا جي طرز تي، ۽ ديانت الدولہ جي دل ۾ تڙپ جاڳي هو ڪربلا معليٰ ويو ان کي خيال آيو تہ اهڙو ساڳيو روضو پاڪ هتي لکنؤ ۾ بہ ٺهرائڻ گهرجي، ان لاءِ هن ايران مان انجنيئر گهرايا، نقشو تيار ڪرايو ۽ ساڳي شبيهہ روضي جي ٺهرائي ويئي. ان بعد ديانت الدولہ مير انيس وٽ آيو ۽ ان کي فرمائش ڪيائين تہ مجلس جو اهتمام ٿو ڪرايان امام بارگاهہ ۾ ۽ مون ۾ همت ناهي تہ بادشاهہ کي چئي سگهان ۽ اگر بادشاهہ نہ ايندو تہ سڀ شهزادا ۽ نواب بہ نہ ايندا ۽ مجلس ۾ ڏوم رونق نہ ٿيندي. مير انيس فقير صفت چيس فڪر نہ ڪر، هڪ هڪ شهزادو، نواب ۽ بادشاهہ سميت سڀ مجلسِ حسين ۾ رئيس امير پڻ ايندا، ڪير گهر نہ ويهندو ۽

آءٌ نئون مرثيو بہ پڙهندس. بادشاهہ جي سواريءَ جو نڪرڻ مذاق نہ هو سڀ انتظام منفرد ٿيندا هئا تمام جو تمام اهل ڪار ۽ گڏ هلڻ وارن کي سرڪاري لباس پهريل هوندو هو. ديانت الدولہ خاص ان ڏينهن اعلان ڪرائي بادشاهہ جي سواري (هاٿي) ۾ تمام دَستي کي تيار ڪرايو، بادشاهہ حيران ٿي ويو، سواري نڪتي آهي ۽ هلڻو وڃڻو ڪيڏانهن آهي؟ آخر عين وقت بادشاهہ تيار ٿيو سواريءَ تي ويٺو سواري امام بارگاهہ هلي ۽ تمام شهزادا، رئيس، امراؤ، عام و خاص ماڻهن جي مجلس ۾ شرڪت بہ ٿي.“

مير انيس مرثيو شروع ڪيو:

مثال: ”يارب چمن نظم کو گلزار ارم کر“

ان دعائيہ مرثيي ۾ مير انيس دعا گهري آهي دل و جان سان تہ ”يا الله! منهنجي زبان ۾ اهو تاثير پيدا ڪر جو آءٌ ان صنف جو باني سند يافتہ ٿي وڃان. اقليم سخن تي راڄ ڪريان ۽ پنهنجي تخلص تي چوي ٿو: اي انيس جيئن تو هيءَ عروسي بزم محفل سجائي آهي، ڪو پيو ڪو نہ سنواري سگهندو. ۽ منهنجي قدرداني ٿئي جو ان سخن ڪلام جو آسمان بڻجي وڃان. مير انيس کي پنهنجي ان عهدي شاعريءَ (صنف مرثيہ) تي فخر بہ هو.“ (ڊاڪٽر ضمير اختر نقوي، ٢٠١٣ع، ٢٥ اپريل)

ان واقعي مطابق ۽ سندن هن معرڪتہ الآرا مرثيي ايڏي تہ شهرت ماڻي جو ڪير مير انيس کي سڃاڻي نہ سڃاڻي پر ان نظم جي مرثيي جي شهرت برصغير هند ۽ سنڌ ۾ پکڙيل آهي.

- **مير انيس جو طويل مرثيو:** ”جب کربلا میں داخلہ شاہ دیں ہوا“

هن مرثيي ۾ ٢٤٥ بند لکيا اٿس ۽ سڀ ذوق آفرين لائق ستائش آهن. رزم بزم جو رنگا رنگ ۽ دلڪش جذبن سان ڀرپور آهي، منظر نگاري ۽ تصوير سازيءَ مرثيي کي هڪ عجيب نکار بخشي ڇڏيو آهي. مير انيس ان طويل نظم ۾ اول کان آخر تائين ربط جو هڪ اهڙو انوکو راز رکيو آهي جو بي ساختہ سندس قلم جي لوهي طاقت کي مڃڻو پوندو، ڇهري کان شهادت تائين تاثرات ۾ هڪ همواري ملندي يعني تسلسل قائم رهندو.

ڇهري جا بند:

اترا یہ کہہ کے کشتی امت کا ناخدا،
جتنے سوار تھے، وہ ہوئے سب پیادہ پا،
حضرت نے مسکرا کے یہ ہر ایک سے کہا،

دیکھو تو کیا ترائی ہے، کیا نہر کیا فضا،
اکبر شگفتہ ہو گئے صحرا کو دیکھ کر،
عبّاس جھومنے لگے دریا کو دیکھ کر،
(فاضل، ۱۹۷۴: ۱۱۲)

## مير انيس جي مرثيي ۾ ترڪيبي جزا

**سراپا:** جنهن ۾ بهادريءَ واري ڪردار جي اوصاف ڪي بيان ڪيل هجي.

”بڑھتا تھا جھومتا ہوا جس دم وہ شیر نر،
گرتا تھا کوئی ڈر کے اِدھر اور کوئی اُدھر،
تیغیں جو کھنچ گئیں تو ھوا اور شور و شر،
گھبرائے اہلِ بیتِ شہنشاہِ بحر و بر۔“
(فاضل، ۱۹۷۴: ۱۱۴)

هن شعر سان حضرت عبّاس جي پوري شخصيت سامهون اچي ٿي، ميدان اجان گرم ٿيڻ وارو هو، يعني هڪ دلير رستم پهلوان ميدان ۾ جيئن اچي ۽ هڪ دم هن جي نظر ان شخصيت تي پوي جنهن جي احترام ۾ ڪائنات بہ رڪجي وڃي. ساڳيءَ طرح حضرت عبّاس دلاور جي جڏهن امام حسينؑ تي نظر پئجي ويئي، هن جا قدم رڪجي ويا.

”کیا جانے کس نے ٹوک دیا ہے دلیر کو،
سب دشت گونجتا ہے یہ غصّہ ہے شیر کو۔“

ان کان اڳ عباس جي ڪيفيت اها هئي جو سڀ اهل حرم ڊڄي ويا، عباس جي بهادري اڄ عليؑ واري جنگ نهروان جو ڏيک ڏيکاري رهي هئي، جڏهن تہ عباس کي جنگ جي اجازت نہ هئي.

”محمل سے منہ نکال کے فضتہ نے یہ کہا،
بلوہ کنار نہر ہے اے بنتِ مرتضا،
نیزے بڑھا بڑھا کے ہٹاتے، یہی اشقیا،
قبضے پہ ہاتھ رکھتے ہیں عبّاس باوفا۔“
(فاضل، ۱۹۷۴: ۱۱۵)

**رخصت: مرثيي جو جز**

”یہ بات کہہ کے رونے لگی خو اہر امام،
عبّاس ادھر غضب میں بڑھے سوئے فوج شام،
کرسی سے جلد اُٹھ کے پکارے شہہ انام،
بھیا! ہمارے سر کی قسم! روک لو حسام۔
یکساں ہے بر و بحر ہماری نگاہ میں،
غیظ و غضب کی دخل نہ دو حق کی راہ میں۔

صدقے ترے جلال کے اے میرے آفتاب!
یاد آگیا مجھے اسداللہ کا عتاب،
تم سے مقابلے کی جہاں میں کسے ہے تاب،
جعفرؑ ہو دبدبے میں، شجاعت میں بوتراب۔
یہ کیا ہیں! تم تو سد سکندر کو توڑدو،
لو ہم کو چاہتے ہو تو دریا کو چھوڑدو۔“
(فاضل، ۱۹۷۴: ۱۱۵)

امام جي زباني عباس علمدار جي تعريف سان ٻاءُ ڀاءُ جي درجي ۽ ڪردار کي روشن کان روشن مرثيي ۾ مير انيس ڏيکاري ٿو. ڪرب و الم جي انتها آهي هن مرثيي جي بندن ۾.

**مرثيي جو ٽيون بند رخصت**

انتها درجي جي خوف حراس خوشي ۽ غم جا مليل جليل تاثرات قافلہ کي نهر ڪناري کان هٽايو ويو، خيمن تي حضرت عبّاس جو پهرو موجود رهيو، سيني ٻارن عورتن کي آٿت ۽ آسرو آهي تہ عباس موجود آهي.

”ریتی پہ آکے گاڑ دیا شیر نے علم،
برپا ہوئے خیام شہِ آسماں حشم،
سر جا ملا جو شمسہ کیوان جناب کا،
سونا اتر گیا ورق آفتاب کا۔“

ڏينهن گذريو شب عاشور به اچي ويئي، رات گذري صبح ٿيو.

”کیسا شمار، حصر نہ تھا، انتہا نہ تھی،
دیکھا جو صبح کو کہیں بستر کی جا نہ تھی۔“
(فاضل، ۱۹۷۴: ۱۱۶)

هيءُ مرثيو ان موڙ تي پهتو آهي، مديني کان هليل قافلو اڄ پنهنجي نهج تي پهچي چڪو آهي. مير انيس هن مرثيي کي دوسرا مطلع لکي ممتاز ڪري ڇڏيو. اگر ۱۱۳ بند ڇڏي ڏجن ته مرثيو از سرِ نو شروع ٿي سگهي ٿو. حيرت ته ان ڳالهه تي آهي جو مير انيس جي قوت اظهار ۾ ذرو به ضعف ڪو نه آيو آهي، مرثيو پنهنجي آب و تاب سان هلندو ٿو وڃي.

صبح ٿيو، حسيني گروهه ۾ آذان ٿي نماز جي ادائيگي ٿي، تمام خواتين پنهنجن ٻارن کي جهاد لاءِ اڀاري رهيون هُيون، امامؑ دوستن سان گفتگو ڪئي صفون سڌيون آراسته ڪيون ويون، امام رخصت لاءِ خيمي ۾ آيو، خيمي ۾ ڪهرام برپا ٿي ويو.

”روتے تھے یوں تو لپٹے ہوئے سب حسینؑ سے،
لیکن کلیجے پھٹتے تھے زینبؑ کے بین سے۔“
(فاضل، ۱۹۷۴: ۱۱۶)

**۴.۲.۲.۲ ترڪيبي جز آمد**

امام عہ الوداع چئي خيمي مان ٻاهر ٽا اچن، مير انيس هن هڪ بيت ۾ سمورو جهاد عشق پيري ڇڏيو آهي.

”جھک کر سلام غازیوں نے با ادب کیا،
گھوڑا سوار دوشِ نبیؐ نے طلب کیا۔“

- **گهوڙي جي تعريف امام جي آمد جلوه آرائي**

غازيانِ دين جو پهرو هو. اهل شر و شيطان تير هلائڻ شروع ڪيا حسيني گروهه پنهنجو سينو سُپر اڳيان ڪيو. عباس علمدار ۽ حبيب ابن مظاهر جهڙيون شخصيتون اڳيري سامهون آيون. رزم لاءِ ماحول جڙي چڪو، اتي مير انيس پيهر غم انگيز رخ پهلو کي اختيار ڪيو. معصوم ٻارن جي پياس

جنابِ سڪينہ جي حالت لکي مرثين کي سنپالي ورتو. حضرت عباس خيمي کان رخصت ٿي اچن ٿا ۽ سوار ٿي ميدان جو رخ ڪن ٿا، ۽ انيس گھوڙي جي تعريف ۾ قيامت برپا ڪري ڇڏي ٿو.

وہ تھو تھی، وہ اُبلی ہوئی انکھڑیاں، وہ بال،
گویا کھلے ہوں حور کے گیسو، پری کے بال،
وہ جلد، وہ دماغ، وہ سینہ، وہ سُم، وہ چال،
دم میں کبھی ھما، کبھی ضیغم، کبھی غزال،
وہ قصر آسماں پہ بھی جانے میں طاق تھا،
دو پر اگر خدا اسے دیتا، براق تھا۔
(فاضل، ۱۹۷۴: ۱۱۷)

**مرثيي جو جز رجز**

مير انيس جي اجزاءِ ترڪيبي ۾ هڪ لازمي جز رجز بہ آهي، ڇو جو سندن عهد ۾ مرثيي جي ظاهري هيئت جي تڪميل لاءِ چهرا، سراپا، رخصت، آمد، رجز، جنگ، شهادت ۽ بين جو هئڻ ضروري قرار ڏنو ويو هو. عرب جي شاعريءَ جي رجز کان مير انيس جي مرثيي جو رجز ڪافي مختلف آهي. جيئن تہ رجز عرب سرزمين جي شاعريءَ جو حصو آهي ۽ مير انيس کي پنهنجي هندستاني مٽيءَ سان لڳاءُ آهي ۽ هن جي روح ۾ اهو سحر سمايل آهي جنهن تي ڌرتيءَ تي صدين کان ڪيترين ئي ڏند ڪٿائون تهذيبون جنم وٺنديون رهيون آهن. مير انيس ڪربلا جي واقعات کي حقيقي تاريخ بيان ڪرڻ کان بجاءِ ان ۾ جذباتي تاثر کي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس، هڪ خاص عهد خطي جي جاگيردارانہ نظام، آداب، تڪلم مخاطب، انداز، ماحول، رسم رواج جو خاص خيال رکيو اٿس، ان لاءِ ان جي مرثين ۾ هندستاني شعريات جا رنگ آهنگ ان جا عڪس ۽ الڳ الڳ جزا شامل اٿس.

**صنعت تلميح:**

ہم نور ہیں، گھر طور تجلا ہے ہمارا،
تخت بن داؤد مُصلّا ہے ہمارا۔

(پيغمبر سليمان ابن داؤد جي عهد ڏانهن اشارو)

نانا وہ کہ ہیں جن کے قدم عرش کے سرتاج،
قوسین مکاں، ختم رُسل، صاحب معراج،
ماں ایسی کہ سب جس کی شفاعت کے ہیں محتاج،
باپ ایسا، صنم خانوں کو جس نے کیا تاراج۔

صنم خانہ: صنعت کنایہ
قاب و قوسین: صنعت تلمیح

کسی جنگ میں سینے کو سپر کر کے نہ آئے،
کسی مرحلہ صعب کو سر کر کے نہ آئے،
کسی فوج کی صف زیر و زبر کر کے نہ آئے۔

صنعت (تضاد)

تھی کون سی شب، جس کو سحر کر کے نہ آئے۔
تھا کون جو ایمان تہہ صمصام نہ لایا،
اس شخص کا سر لائے جو اسلام نہ لایا۔

اصنام بھی کچھ کم تھے، نہ کفار تھے تھوڑے،
طاقت تھی، کہ عزیٰ کو کوئی لات سے توڑے،
بد کیشوں نے سجدے بھی کیے، ہاتھ بھی جوڑے،
ہے توڑے وہ بت حیدر صفدر نے نہ چھوڑے۔
(فاضل، ۱۹۷۴: ۵۴)

## مرثيي جو جُز جنگ

مير انيس جي رزم جي بيان ۾ اڪثر مرثين ۾ جنگ جي منظرن کي وڏي تفصيل سان ڏيکاريو ويو آهي. انيس جنگ جو نقشو خوب حقيقي چِٽي ٿو. پهلوانن جي هيبت، انهن جي آمد جي ڌوم ڌام، رجز جو زور و شور مقابلي ۾ آيل دشمنن جو وار ۽ تلوار بازي، نيزه بازي، تير اندازي، شهسواري جي اصطلاحن مان خوب ڪم وٺي ٿو. حرب و ضرب جي هنگامن جي اهڙي تصوير چِٽي ٿو جو ميدان جنگ جو نقشو اکين ۾ ڦري وڃي ٿو. مير انيس جو ان ۾ نظير ملڻ مشڪل آهي. اردو شاعريءَ جي عام

جنگ ۾ هنگامو ۽ بہ حريف وڙهڻ وارا آمهون سامهون مقابلي تي هجن. انهن جا اوچتا حملا ۽ وارَ اهڙيءَ طرح بيان ڪري ٿو جو جنگ جو سمان ماحول اکين اڳيان ڦري وڃي.

پروفيسر سّيد مسعود رضوي اديب: لکي ٿو روح انيس ۾ تہ، ''میر انیس کے زمانے میں تلوار اور گھوڑے کی تعریف مرثیے کا ایک جز بن گئی تھی۔'' (پروفيسر اديب، ١٩٥٦: ٤٦)

مير انيس خوبصورتيءَ جو عاشق آهي تلوار سان گڏ گهوڙي جي تعريف بہ جنگ ۾ جام ڪري ٿو، گهوڙي جي خوبصورتي، خوش خرامي، سبڪ روي، تيز رفتاري، تيزگامي، تلوار ۽ گهوڙي جي تعريف مير انيس جهڙيءَ طرح ڪري ٿو، ان مان صاف ظاهر ٿئي ٿو هو شمشير زني ۽ شهسواريءَ جي اصطلاحن تي عبور رکڻ کان علاوه ان فن کان بہ واقف آهي.

''جلوہ کیا بدلی سے نکل کر مہہ نو نے،
دکھلائے ہوامیں دو سر اک شمع کی لو نے،
تڑپا دیا بجلی کو فرس کی تگ و دو نے،
تاکا سپر مہر کو شمشیر کی صو نے۔''

مفعول مفاعيل مفاعيل فعولن بحر هرج اخرب مڪفوف ممذوف/ مقصور

بجلی سے گری جو صف کفار سے نکلی،
آواز 'بزن'، تیغ کی جھنکار سے نکلی،
گم ڈھال میں ڈوبی، کبھی تلوار سے نکلی،
در آئی جو پیکاں میں تو سوفار سے نکلی۔

دم بھر میں وہ سو رنگ بدلتی ہوئی آئی،
پی پی کے لہو، لعل اگلیتی ہوئی آئی۔
(صنعت تعلیل)

"صنعت تعليل" ۾ ڪنهن ڳالهہ جي علت يا سبب جو عمدي طرح بيان ڪجي، جو حقيقت ڪري سبب نہ هجي، پر شاعر اٹو خيال هجي.

”مير انيس وٽ اڪثر هڪ هڪ مصرع ۾ ڪيئي ڪيئي صنعتون موجود آهن، هڪ هڪ صنعت ۾ ڪيترين ئي صفتون پيريل آهن، ڪجهہ تہ اهڙيون جيڪي مير انيس جي طبعيت ايجاد ڪيون آهن.“ (رضوي اديب، ١٩٥٦: ٤٣)

**مرثيي جو جز شهادت**

مير انيس جي مرثين ۾ امام حسينؑ ۽ سندن آل، دوستن ساٿين رشتيدارن جان نثارن جي شهادت تي ڪائنات جي هر شيءِ اثر قبول ڪيو آهي، سندس مرثين ۾ درياهہ تي حضرت عباس علمدار جو پاڻي پياسن ڪاڻ پاڻيءَ لاءِ وڃڻ، بازو ڪپائڻ، سر قربان ڪرڻ ايترو تہ يادگار آهي جو قيامت تائين درياهہ فرات جو نالو ايندو تہ موليٰ عباس جي شهادت بہ اکين اڳيان ڦري ويندي، اهي عنصر پيڻا حزن و ملال جا آهن، هڪ طرف شهيد پيو وري پياسا بہ هئا، درياهہ جون لهرون درياهہ جي سيني ڪي چاڪ ڪن پيون تہ تو ساقيءِ ڪوثر جي ٻچن ڪي سيراب ڪيو، اي فرات تو امام عہ جي خشڪ چپن ڪي پاڻي نہ پهچايو، امام پياسو ئي شهيد ٿي ويو، اهي سڀ جذبات، درياهہ جي ڇولين جو اڇلڻ ايستائين جو پاڻيءَ اندر مڇيون بہ ان پڇتاءَ ۾ بي تاب آهن تہ افسوس اسان پاڻيءَ اندر تڙپڳي رهيون آهيون ليڪن فرزندِ رسول جو معصوم علي اصغر پاڻيءَ ڪاڻ ائين ذبح ڪيو ويو جيئن مڇيون پاڻيءَ بغير ٻاهر تڙپي تڙپي مري وڃن.

”منہ يال پہ رکھ رکھ کے یہ فرماتے تھے ہر بار،
جا ڈیوڑھی پہ اے صاحب معراج کے رھوار!
اب ذبح کریں گے ہمیں اک دم میں ستم گار،
زینب سے یہ کہنا کہ سکینہ سے خبردار،
رہنا وہیں جب تک مرا سر تن سے جدا ہو،
لے جائیو بانو کو جدھر حکمِ خدا ہو۔“

یہ کہہ کے جو سر کا اسد اللہ کا جایا،
اک تیر جبیں پر بن اشعث نے لگایا۔

حضرت نے جبیں سے ابھی کھینچا نہ تھا وہ تیر،
جو سر پہ لگی تیغ بن مالک بے پیر،
ابرو تک اتر کر جو اٹھی ظلم کی شمشیر،

سر تھام کے بس بیٹھ گئے خاک پہ شبیر۔

چلائے ملک دیکھ کے خوں سبط نبی کا،
تھا حال یہی مسجد کوفہ میں علیؑ کا۔

بیٹھے جو سوے قبلہ دو زانو شہہ بے پر،
جھکتے تھے کبھی غش میں اٹھاتے تھے کبھی سر۔

تھرا کے جھکے سجدہ حق میں شہہ ابرار،
شور ذیل فتح ہوا فوج میں اک بار،
خوش ہو کے پکارا پسر سعد جفا کار،
اے خولی و شیث و بن ذی الجوشِ جرار۔

آخر ہے بس اب کام امام ازلی کا،
سر کاٹ لو سب مل کے حسین ابنِ علی کا۔
(فاضل، ۱۹۷۴: ۶۹-۶۸)

**بحر:** مفعول مفاعيل مفاعيل فعولن بحر حزج/ اخرب مكفوف محذوف/مقصور

**بين:**

**مرثيي جي ترڪيبي بند جو خاص جزُ**

مرثيو معنيٰ شهيد جي شهادت جو سوز روڄ، ويڻ ڪرڻ. مرثيي جو سڀ ڪان دردناڪ حصو ئي ويڻ ڪرڻ آهي. مير انيس جي مرثين ۾ ان فن کي ڪمال تي ڏنو ويو آهي، پٿر ڪان پٿر دل تي بہ سّيد الشهداءِ جي شهادت اثر ڪري ٿي. مير انيس ان حقيقت ڪان خوب واقف آهي.

**بحر:** مفعول مفاعيل مفاعيل فعولن، بحر حزج/ اخرب مكفوف محذوف/ مقصور

''لکھتا ہے یہ راوی کہ بپا ہوگیا محشر،
بارہ ستم ایجاد بڑھے کھینچ کے خنجر،
اک سیّدہ نکلی در خیمہ سے کھلے سر،
برقع تھا، نہ مقنع تھا، نہ موزے تھے، نہ چادر۔''

''چلائے لعین خوف سے ہاتھ آنکھوں پہ دھر کے،
لو فاطمہؑ آتی ہے بچانے کو پسر کے۔''

''ہلتا تھا فلک، ہاتھوں سے جب پیٹتی تھی سر،
بجلی کی طرح کوندتے تھے کانوں کے گوہر،
فرماتی تھیں، فضتہ جو اُڑھا دیتی تھی معجر،
فریادی ہوں، فریادی کو زیبا نہیں چادر۔''

''سر ننگے یونہی جاؤں گی روضے پہ نبی کے،
پردہ تو گیا ساتھ حسین ابنِ علی کے۔''

''اُس بھیڑ میں آ کر وہ ضعیفہ یہ پکاری،
اے سبط نبی، ابن علی، عاشق باری،
گھوڑا تو ہے کوتل، کدھر اتری ہے سواری،
بھیا! بہن آئی ہے زیارت کو تمہاری۔''

مر جاؤں گی حضرت کو جو پانے کی نہیں میں،
بے آپ کے دیکھے ہوئے جانے کی نہیں میں۔

اس وقت شہ دین نے سنی زاری خواہر،
جس وقت کہ تھا حلق مبارک تہہ خنجر،
زینب نکل آئی ہے، ٹھہر جا ابھی دم بھر،
آخر تو سفر ہوتا ہے اس دار محن سے،
دو باتیں تو کر لینے دو بھائی کو بہن سے۔

منه پھیر لیا شمر نے خنجر کو ہٹا کے،
دی شہ نے یہ زینب کو صدا اشک بہا کے،
تڑپاتی ہو بھائی کو بہن بلوے میں آ کے،
دیکھو گی کسے، ہم تو ہیں پنجے میں قضا کے۔

اٹھ سکتے نہیں، جسم پہ تلواریں پڑی ہیں،
گھبراؤ نہ، اماں مرے پہلو میں کھڑی ہے۔

سر دیکھ کے بھائی کا وہ بے کس یہ پکاری،
دکھ پائی بہن آپ کی مظلومی کے واری،
خنجر سے یہ گردن کی رگیں کٹ گئیں ساری،
تم مر گئے پوچھے گا خبر کون ہماری۔
(فاضل، ۱۹۷۴: ۷۱)

### ۴.۲.۳ مير انيس جي شاعري ۾ صنعتن جو استعمال

**بند ۱: نظم**

یا رب! چمن نظم کو گلزار ارم کر،
اے ابر کرم! خشک زراعت پہ کرم کر،
تو نبض کا مبدا ہے، توجہ کوئی دم کر،
گم نام کو اعجاز بیانوں میں رقم کر،
جب تک یہ چمک مہر کے پر تو سے نہ جائے،
اقلیم سخن میر قلم رو سے نہ جائے،
(فاضل، ۱۹۷۴: ۲۵)

رعایت لفظی: چمن۔ گلزار۔ ابر

**صنعت تلميح:** گلزار رم (شداد جي هٿ جي ٺاهيل جنت ڏانهن اشارو پر اٽو واقعو)

**صنعت تضاد:** گم نام۔ اعجاز بیاں

**صنعت کنايہ:** ابر کرم۔ خشک زراعت

**بند ۲:**

اس باغ میں چشمے ہیں تیرے فیض کے جاری،
بلبل کی زباں پر ہے تری شکر گذاری،
ہر نخل برو مند ہے یا حضرت باری!
پھل ہم کو بھی مل جائے ریاضت کا ہماری،
وہ گل ہوں عنایت چمنِ طبع نکو کو،
بلبل نے بھی سونگھانہ ہو جن پھولوں کی بو کو۔
(فاضل، ۱۹۷۴: ۲۵)

صنعت: رعایت لفظی ذو حفتین

صنعت مراعات النظیر: اقلیم سخن (شاعريءَ جي طرف اشارو)

**بند ۳:**

غواص طبیعت کو عطا کر وہ لالی،
ہو جن کی جگہ تاج سر عرش پہ خالی،
اک ایک لڑی نظم ثریّا سے ہو عالی،
عالم کی نگاہوں سے گرے قطب شمالی،
سب ہوں دُر یکتا نہ علاقہ ہو کسی سے،
نذرانکی یہ ہوں گے جنہیں رشتہ ہے نبی سے۔

صنعت رعایت لفظی: غواض- لالی- تاج- در- نذر

صنعت ایہام: نظر- علاقہ

**بند ۷:**

صنعت مراعاۃ النظیر

ساقی کے کرم سے ہو وہ دور اور وہ چلیں جام،
جس میں عوضِ نشہ ہو کیفیت انجام،
پر مست فراموش کرے گردشِ ایام،
صوفی کی زباں بھی نہ رہے فیض سے ناکام،
ہاں بادہ کشو! پوچھ لو مے خانہ نشیں سے،
کوثر کی یہ موج آگئی ہے خلد بریں سے۔

**بند ۱۱:**

تائید کا ہنگام ہے، یا حیدرؑ صفدر!
امداد ترا کام ہے، یا حیدرؑ صفدر،
تو صاحب اکرام ہے، یا حیدرؑ صفدر،
تیرا ہی کرم عام ہے، یا حیدرؑ صفدر،
تنہا تیرے اقبال سے شمشیر بہ کف ہوں،
سب ایک طرف جمع ہیں، میں ایک طرف ہوں۔

صنعت رعایت لفظی: تائید- امداد- کرم- حیدر- شمشیر

صنعت تکرار: یاحیدر صفدر- ایک طرف

صنعت اشتقاق: کرم- اکرام

صنعت تضاد: تنہا- سب

**بند ۲۵:**

”نازاں ہوں عنایت پہ شہنشاہ زمن کی،
بخشی ہے رضا جائزہ فوج سخن کی،
چھرے کی بحالی سے قبا چست ہے تن کی،
لو ہر طرف پڑ گئی مضمون کہن کی،

اک فرد پرانی نہیں دفتر میں ہمارے،
بھرتی ہے نئی فوج کی لشکر میں ہمارے۔"

**بند ۲۷:**

"اے شمس و قمر! اور قمر ہوتا ہے پیدا،
نخل چمن دین کا ثمر ثمر ہوتا ہے پیدا،
مخدومہ عالم کا پسر ہوتا ہے پیدا،
جو عرض کی ضو ہے، وہ گہر ہوتا ہے پیدا،
ہر جسم میں جان آتی ہے مذکور سے جس کے،
نو نور خدا ہوں گے عیاں نور سے جس کے۔"
(فاضل، ۱۹۷۴: ۳۱)

صنعت کنایہ: نو نور خدا- ثمر
صنعت تکرار: نور قمر
صنعت رعایت: نخل- چمن- ثمر- رضا- گوہر

مير انيس جي شاعريءَ ۾ صنعتن تي صنعتون ملن ٿيون ڪجهہ تہ بند اهڙا آهن جن ۾ الڳ تخليق ڪرڻ جهڙيون صغتون آهن.

### ۴.۲.۴ مير انيس جي مرثين ۾ شاعريءَ جي پيشڪش ۾ اسلوب

مير انيس جي شاعري مقبول انهيءَ ڪري آهي جو هندستان جي مقامي ٻولين جا لفظ لهجا اٿس. اگر لفظن کي لهجي کان جدا ڪبو تہ معنيٰ مان اثر نڪري ويندو. اڄ تائين مرثيہ خوان مير انيس جي مرثين کي پڙهڻ کان اڳ ڀيرين انهن لفظن جي رياضت ڪندا آهن ۽ اها رياضت ننڍپڻ کان تربيت ۾ جڏهن ملندي آهي تہ پوءِ اهو مرثيہ خوان هڪ قابل قبول تحت اللفظ پڙهڻ وارو مرثيہ خوان سڏبو آهي.

"میر انیس کا کلام حسن کی دونوں قسموں پر محیط ہے یعنی حسن الفاظ حسن معنیٰ، دونوں لحاظ سے ان کی شاعری مثالی حیثیت رکھتی ہے، لیکن اِس بحث سے یہ خیال کرنا کہ شاعری یا ادب میں لفظ و معنیٰ کے حسن کو ایک دوسرے سے یکسر الگ کر کے دیکھا جا سکتا ہے پر مفید مطلب نہ ہو گا۔ لفظ و معنیٰ میں ایسا تلازم ہے کہ انہیں ایک دوسرے سے جدا کر کے دیکھنے کی کوشش بے معنیٰ سی

بات ہے۔ یہ دونوں ہمیشہ ساتھ ساتھ نظر آئیں گے اور اسی یکجائی کو اگر آپ چاہیں تو اسلوب کہہ سکتے ہیں۔ اسلوب سے یہاں مراد صرف حسنِ بیاں یا حسنِ ادا نہیں بلکہ فنکار کی شخصیت، انداز فکر، طرز احساس، ندرت تخیل اور الفاظ کے فنی برتاؤ کا وہ سارا عمل شامل ہے، جسے انگریزی میں اسٹائل کہتے ہیں۔ میر انیس انہی معنوں میں ایک صاحب اسلوب شاعر ہیں، اور یہ ان کے اسلوب کی جامعیت اور انفرادیت ہی ہے جو ان کے مرتبہ شاعری کو مرثیہ گوئی میں سب سے بلند کر دیتی ہے۔"(فتح پوری فرمان، ۲۰۰۲: ۹۲)

**مير انيس پنهنجي شاعري صنف مرثيي ۾ هڪ حقيقت رکي ٿو. مير انيس صنعت حسن التعليل ۾ ڪمال رکي ٿو، جنهن مان سندس شعر بياني ظاهر ٿئي ٿي ۽ اهو هنر صرف مير انيس وٽ ئي آهي.**

**علامه شبلي نعماني "موازنه انيس و دبير" ۾ لکي ٿو ته:**

"حسن التعلیل، یہ ایک لطیف صنعت ہے۔ اس کی حقیقت یہ ہے کہ شاعر ایک ایسی چیز کی علت فرض کرتا ہے جو در حقیقت اس کی علت نہیں۔" مثلاً:

بھلائی جو کرے دنیا میں ہووے وہ پامال،
بساں جادہ کسی کو تو راہ مت بتلا۔

جادہ یعنی راستہ پامال ہوتا ہے۔ شاعر اس کی وجہ یہ قرار دیتا ہے کہ راستہ لوگوں سے بھلائی کرتا ہے اس لیے پامال ہے۔

**اسلوب پيشڪش تي مير انيس چوي ٿو:**

"ڈر سے ہوا فرات کی موجوں کو اضطراب،
اور آب میں سروں کو چھپانے لگے حباب۔"

"موجوں، اضطراب اور حباب کا پانی سر میں چھپانے کی علت ڈر اور خوف کو قرار دیا ہے۔ لیکن موج اضطراب اور حباب کا پانی میں سر چھپانا، خود کوئی واقعی چیز نہیں، بلکہ شاعر نے موج کی حرکت کو اضطراب قرار دیا ہے۔ اور حباب جو ٹوٹ جاتا ہے تو اُس کو فرض کیا ہے کہ اس سے پانی میں منہ چھپالیا۔ اس صنعت کو میر انیس نے اکثر جگہوں پر نہایت خوبی سے برتا ہے۔"

"تیغیں برہنہ ہو گئیں تھیں چوم کر نیام"

**ٻئي مقام تي هيئن چوي ٿو:**

"پیاسی جو تھی سپاہ خدا تین رات کی،
ساحل سے سر پٹکھتی تھیں موجیں فرات کی۔"

''اکبر سے بھی دغا میں کچھ آگے بڑھی رہی۔''

(نعمانی شبلی، ۱۹۶۸: ۹۸-۱۰۱)

## حضرت علي اڪبر جي تلوار جي تعريف

پيشڪش اسلوب ۾ انداز بيان، محاوره، اصطلاح، تشبيهون، استعارا، مجاز ڪنايا اُهي سڀ اچن ٿا. سيّد ثابت علي شاهہ جي مرثين ۾ جيئن اهي سڀ صنعتون ڪم آندل آهن، مير انيس پڻ اهي صنعتون لفظي معنوي ڪم آنديون آهن.

اردو ٻوليءَ ۾ ۽ انهن تي پارسي ٻوليءَ جو سُر رنگ چڙهيل آهي. ۽ عربي ٻوليءَ جا فقرا شعرن ۾ منڊيءَ ۾ نگيني جي جڙاءَ وانگر استعمال ٿيل لڳن.

### ۴.۲.۴.۱ ٻولي

مير انيس جي باري ۾ هميشہ سوال اڀرندا آهن تہ ان جي ٻوليءَ ۾ سادگي صفائي، شيريني برجستگي، لطافت آئي ڪٿان؟ قادر الڪلامي ۽ خوش بياني ملي ڪٿان؟ اگر اهو اثر لکنؤ جي مروج زبان جو هو تہ پوءِ هن جي همعصر شاعرن ۾ بہ نظر اچڻ گهرجي ها. اهو امر واقع آهي تہ مير انيس جو خاندان دهليءَ کان فيض آباد ۽ فيض آباد کان لکنؤ پهتو. ٻيا شاعر گهراڻا بہ دهليءَ کان لکنؤ پهتا هئا. مگر ان معاملي ۾ مير انيس جو خاندان لکنؤ جي زبان بيان ۽ طلسم جو شڪار نہ ٿيو. ڊاڪٽر ابو الليث صديقي چوي ٿو تہ: مير انيس شروع کان آخر تائين پنهنجي روايتن ۽ خانداني وضع قطع تي غور رکندا هئا، ڪافي دفعا ڪيترائي لفظ محاورا لکنؤ جي برعڪس دهليءَ جي عين مطابق ڳالهائيندا هئا. آزاد چوي ٿو تہ: مير انيس جڏهن بہ ڪنهن جلسي ۾ پنهنجو ڪلام پڙهائيندو هو تہ اهو چوندو هو تہ هي لفظ ۽ محاورو ان لاءِ ٿو استعمال ڪريان جو منهنجي گهراڻي ۾ مروج هو. بقول آزاد جي تہ، هو پاڻ کي لکنؤ جو باشندو ڪو نہ سمجهندو هو. سندس وڏن جو تعلق مير حسن ۽ مير خليق جو (بهو بيگم) جي خاندان سان هئڻ ڪري فيض آباد جي دفتري معاملات جي ڪري. مير انيس جيئن تہ ان ماحول ۾ پرورش ورتي دهليءَ کان پري رهي بہ دهليءَ جو محاورو ان جي زبان تي عام هو. انهن سببن ڪري مير انيس پنهنجي زبان کي لکنؤ جي مروج زبان کان الڳ رکيو ۽ پنهنجي ذاتي ڪوشش سان لکنؤ ۽ دهليءَ جي زبان کي ملائي هڪ ساده ۽ معنيٰ خيز لب و لهجي کي جنم ڏنائين جو لکنؤ وارن ۽ دهليءَ وارن لاءِ مستند ۽ رهنما قرار ٿي ويو. مولانا حالي هڪ رباعي ۾ چوي ٿو:

"دلی کی زبان کا سہارا تھا انیس،
اور لکھنؤ کی آنکھ کا تارا تھا انیس،
دلی جڑ تھی تو لکھنؤ اس کی بہار،
دونوں کو ہے دعویٰ کہ ہمارا تھا انیس۔"
(فتح پوری فرمان، ۲۰۰۲ء: ۹۴)

انتخاب الفاظ ۾ مير انيس جي زبان جي خصوصيت ۾ مناسب ترين الفاظ مثال جي طور تي مير انيس جا هيٺيان ڪجهہ شعر ۾ مصرع ڏسجن ٿا:

"طائر ہوا میں مست ہرن سبزہ زار میں،
جنگل کے شیر گونج رہے تھے کچھار میں،
فرمایا آدمی ہے کہ جنگل کا جانور۔"
(فتح پوری فرمان، ۲۰۰۲ء: ۹۵)

مٿئين شعر ۾ جنگل ۽ صحرا لفظ هم وزن ۽ هم معنيٰ آهن، اسان انهن کي آسانيءَ سان بدلائي سگهون ٿا ليڪن ائين ڪرڻ سان زبان ۽ بيان جو خون ٿي ويندو ۽ اهو ڪلام فصاحت ۽ بلاغت جي درجي کان گهٽ ٿي ويندو.

مولانا شبلي نعماني مثال ۾ هڪ ٻيو شعر ٿو ڏئي، جيڪو هر اديب وانگر فرمان فتح پوريءَ کي بہ متاثر ڪري ٿو.

"کھا کھا کے اوس اور بھی سبزہ ہرا ہوا،
تھا موتیوں سے دامن صحرا بھرا ہوا۔"
(فتح پوری فرمان، ۲۰۰۲ء: ۹۵)

هتي اگر اوس جي بجاءِ شبنم لفظ آندو وڃي ها تہ فصاحت خاڪ ۾ ملي وڃي ها مگر اتي اوس لفظ جي استعمال ايترو تہ فصيح ڪري ڇڏيو مصرع کي.

شبنم نے بھر دئے تھے کٹورے گلاب کے۔

هاڻي هتي "شبنم" جي بجاءِ "اوس" لفظ اچي تہ فصاحت بلڪل ختم ٿي ويندي. مولانا شبليءَ جي خيال ۾ تہ ۽ سندس مثال ۾ تہ شبنم ۽ اوس هم معنيٰ لفظ تہ آهن مگر هم وزن نہ آهن.

ڪجهہ ٻين شعرن جا مثال ڏجن ٿا:

''یا ربّ دلہن بنے مجھے گزری ہے ایک شب،
دولہا جو مرگیا تو مجھے کیا کہیں گے سب،
اب تک تو شرم سے نہ ہلائے تھے میں نے لب،
پر کیا کروں کہ اب ہے مری روح پر تعب،
شبّر کے آفتاب کا وقت غروب ہے،
جو آگیا پیغام رنڈاپے کا یا اِلٰہ،
یہ عقد تھا کہ موت تھی ماتم تھا یا بیاہ،
بعد ان کے ہوگا خلق میں کیوں کر مرا نباہ،
اٹھو جاں سے دلبر شبّر کے سامنے،
عورت کی موت خوب ہے شوہر کے سامنے۔''
(فتح پوری فرمان، ۲۰۰۲ء: ۹۶)

اهي ڳالهيون مثال شعرن ۾ بي بي ڪبريٰ لاءِ آهن جنهن جو عقد هڪ ڏينهن اڳ شهزادي قاسم سان ٿيو هو. ڪنوار جي وات مان اهي لفظ چورائڻ جنهن مهل حضرت قاسم ميدان جنگ ڏانهن وڃي رهيو هو. ان ٻوليءَ ۾ صاف صاف عڪس لفظ مشرق جي عورت جي نظر اچن ٿا ۽ فطري تقاضا تي پورو لهن ٿا.

مثال: ۱. دولہا سے پہلے مجھ کو اٹھالے تو خوب ہے۔
۲. عورت کی موت خوب ہے شوہر کے سامنے۔

اگر پهرئين مصرع ۾ "دولها" جي جڳهہ تي "شوهر" ۽ ٻئين مصرع ۾ "عورت" جي جڳهہ تي "بیوی" جا لفظ بہ آساني سان فٽ ٿين ها مگر بلاغت جي خلاف ٿين ها، بقول حامد حسن قادري:

۱. شوہر سے پہلے مجھ کو اٹھالے تو خوب ہے۔
۲. بیوی کی موت خوب ہے شوہر کے سامنے۔

مير انيس جو هڪ هڪ لفظ جيڪو جتي استعمال ٿو ڪري اهو محل وقوع ۽ حالات مطابق تقاضائي قدرت آهي. مير انيس جي ٻوليءَ ۾ هم معنيٰ يا مترادف لفظ هڪ جڳهہ تي نہ ڪئين جاين تي استعمال ٿيل آهن مگر هر جڳهہ هر لفظ جو پنهنجو حسن بي مثال آهي.

هي ٻہ مصرع مثال آهن: (مختصر تاریخ مرثیہ گوئی ص:۵)

ا. جیسے کوئی بھونچال میں گھر چھوڑ کے بھاگے۔
۲. گرزلزلہ بھی ہو تو نہ اتنی زمین ہٹے۔

اتي ڊاڪٽر اعجاز حسين "بھونچال" جي لفظ کي ان موقعي تي استعمال ڪري ٿو جڏهن انتشار جو ماحول قلم بند ڪرڻو آهي ۽ زلزلي جو لفظ ان وقت جڏهن امام حسينؑ سان هڪ پهلوان چڙهي رهيو آهي تہ هاڻي جنگ شروع ٿي رهي آهي پنهنجي جڳهہ تان قدم هٽڻ نہ گهرجن تہ ان حالتن ۾ امام حسينؑ فرمائين ٿا تہ:

"گرزلزلہ بھی ہو تو نہ اتنی زمین ہٹے۔"

"بھونچال" لفظ افراتفري کي ظاهر ڪري ٿو جڏهن تہ ظاهر اهو ڪرڻو هو تہ:

"زمین کروٹ بھی لے تب بھی پاؤں کو لغزش نہ ہوگی۔"

انيس جي ٻين شعرن جا مثال:

ا۔ "کم تھا نہ ہمہمہ اسد کردگار سے،
نکلا ڈرکارتا ہوا ضیغم کچھار سے۔

۲۔ کیا جانے کس نے روک دیا ہے دلیر کو،
سب دشت گونجتا ہے نہ غصّہ ہے شیر کو۔

۳۔ لرزہ تھا رعب حق سے پر اک نابکار کو،
روکے تھا ایک شیر جری دس ہزار کو۔"
(فتح پوری فرمان، ۲۰۰۲ء: ۹۸)

هي ٽيئي شعر رزميہ فخريہ آهن، لفظ شير، ضيغم، اسد جو انتخاب خوب آهي، جڏهن تہ ٽيئي لفظ هم معنيٰ هئڻ جي باوجود پنهنجي پنهنجي جڳهہ تي موزون آهن. مير انيس جي سڄي ڪلام جي اها خصوصيت آهي جو ماحول هندستاني ۽ ٻولي دهلي ۽ لکنؤ جي امتزاج سان صاف ساده آهي ۽ اردوءَ ۾ عام ماڻهو بہ هن دؤر جو سمجهي وڃي ٿو.

هينئر ٻولين جي سڪيا تي ايترو زور نہ آهي ان لاءِ ڪجهہ مشڪل ضرور لڳندي ليڪن جيڪي پنهنجي روزمره محفل مجالس ۾ مير انيس جي مرثين کي پڙهن ٿا، انهن لاءِ ڪا بہ مشڪل نہ آهي، ڇو جو اهي تاريخ ڪربلا مان بہ ڄاڻ رکن ٿا، ان لاءِ مير انيس جا مرثيا هر ڪنهن جي زبان تي عام آهن.

### ۴.۲.۴.۲ صنعت تشبيهہ جو استعمال

انيس تشبيهات ۽ استعارن جو بادشاهہ هو. جانورن ۽ پکين تي غضب جو مشاهدو هيس ان لاءِ پنهنجي مرثين ۾ اڪثر جانورن کي جانورن سان تشبيهہ ڏني. صرف هڪ جانور گهوڙي لاءِ ئي ڪئين قسمن جون تشبيهون استعمال ڪيون اٿس.

1. ”گھوڑا تھا مگر جست میں تھا شیر کا انداز
(هڪ جانور کي ٻئي جانور سان تشبيهہ)
2. آنکھیں غزال رشک مگر شیر کی نگاہ
(هڪ جانور کي ٻن جانورن سان تشبيهہ)
3. بر میں اسد بھی، بحر وغا میں نہنگ بھی
گھوڑا بھی، شیر تر بھی، ہرن بھی، پلنگ بھی
(هڪ جانور کي پنجن جانورن سان تشبيهہ)
4. طاؤس و کبک و نسر عقاب و ہما سے تیز
جانے میں اڑ کے ہدہد شہر سبا سے تیز
(هڪ جانور کي ڇهن پکين سان تشبيهہ)“ (گوپی چند، ۲۰۰۶: ۵۹)

هڪ مقام تي انيس ڊرامائي انداز ۾ عاشور ڪربلا جي ريگستان ۾ بي يارو مددگار مائن ۽ ٻارن جا جذبات ۽ ڪيفيتون شاعريءَ ذريعي ذاڪريءَ جي صورت ۾ تمثيل نگاريءَ جي فن ۾ ايئن بيان ڪري ٿو جو سندس لفظن مان ماحول ۽ خوف دل و دماغ کي محسوس ٿيڻ لڳي ٿو.

**بند نمبر ١:**

”جنگل کی ہوا اور درندوں کی صدائیں،
تھراتی تھی بچوں کو چھپائے ہوئے مائیں،
دھڑکا تھا کہ دہشت سے نہ جانے کہاں جائیں،
روتی تھی کوئی اور کوئی پڑھتی تھی دعائیں،
گودوں میں بھی راحت نہ ذرا پاتے تھے بچے،
جب بولتے تھے شیر تو ڈر جاتے تھے بچے۔“
(گوپی چند، ٢٠٠٦: ٥٨)

**هيٺين شعرن ۾ حسيني لشڪر جو عزم جنهن ۾ هڪ ڪرم آهي رب جو، هيڏي خوف جي عالم ۾ به سندن مثال:**

**بند نمبر ٢:**

”آنکھیں وہ نرگسی کہ غزال آنکھ کو چرائے،
ہنگام غیظ شیر یہ چتونکماد سے لائے،
پنجے سے اس ثرہ کے دغا میں خدا بچائے،
زہرہ ہے آب آب جگر کیوں نہ تھر تھرائے،
سمجھو نہ دور آنکھ ملانے کی دیر سے،
پتلی بے چشم میں کہ ترائی میں شر ہے۔“
(گوپی چند، ٢٠٠٦: ٥٨)

.101 نعمانی شبلی،١٩٦٨ء، ص١٥٣
.102 ايضاً ،ص١٥٣
.103 ايضاً ،ص٢٠٤
.104 امروہوی، نقوی نائب، جلد چہارم، ص٣٦٦،٣٦١
.105 نعمانی شبلی،١٩٦٨، ص٢٠٧،٢٠١١
.106 گوپی چند، ٢٠٠٦ء، ص١٨
.107 ايضاً ،ص١٨
.108 امروہوی، نقوی نائب، مراثی انیس، جلد دوم
.109 امروہوی، نقوی نائب، مراثی انیس، جلد چہارم
.110 امروہوی نقوی،١٩٥٩، مراثی انیس
.111 صائب، عبدالقیوم، ٢٠٠٣ء، ص٣١٥
.112 امروہوی، نقوی نائب، ١٩٥٩ء، ص٣٩١
.113 صائب، عبدالقیوم، ٢٠٠٣ء، ص٣١٧
.114 امروہوی، نقوی، ١٩٥٩ء، ص٣٨
.115 صائب عبدالقیوم، ٢٠٠٣ء، ص٣١٧
.116 امروہوی، نقوی، ١٩٥٩ء، ص٣٦٨،٣٢٦

باب پنجون

# سيد ثابت علي شاهہ ۽ مير انيس جي مرثيہ نگاريءَ جي فڪر جو تقابلي اڀياس

## ۵.۱ سيد ثابت علي شاهہ جي مرثيي جو فڪري اڀياس

۵.۱.۱ سنڌي مرثيي ۾ ثابت علي شاهہ جي منزلت

۵.۱.۲ ماحول

۵.۱.۳ غم ۽ جذبات جو بيان

۵.۱.۴ سيد ثابت علي شاهہ جي مرثين ۾ مير انيس جي مرثين کان الڳ مقامي رنگ

۵.۱.۵ جنگ جو جاهہ و جمال

۵.۱.۶ شان و شوڪت ۽ خوبصورتي

۵.۱.۷ بهادري ۽ سورهيائيءَ جو بيان

۵.۱.۸ جاهہ و جلال

۵.۱.۹ تاريخي ڪردار تي سنڌ ڌرتيءَ جو اثر

۵.۱.۱۰ عزم و استقلال

۵.۱.۱۱ فن فڪر خطابت

۵.۱.۱۲ ڪربلا جي ايذاءَ تي زمين، آسمان ۽ پاڻيءَ جو پڇتاءُ

۵.۱.۱۳ ثابت علي شاهہ جي مرثين ۾ مڪالمہ نويسي

۵.۱.۱۴ در عباس عملدار تي فڪر انگيز مناجات

۵.۱.۱۵ سنڌي زبان جو پهريون منظوم سفرنامو

۵.۱.۱۶ زيارت نامو فڪر جي انتها

## ۵.۲ مير انيس جي اردو مرثيہ نگاريءَ جو فڪري اڀياس

### ۵.۲.۱ ماحول

### ۵.۲.۲ غم ۽ جذبات جو بيان

### ۵.۲.۳ فڪر ۽ خيال

### ۵.۲.۴ جنگ جو جاهہ و جمال، شان و شوڪت ۽ خوبصورتي

### ۵.۲.۵ فڪر انيس

### ۵.۲.۶ عزت جو موت ذلت جي زندگيءَ کان بهتر آهي

### ۵.۲.۷ مير انيس ۽ ميرزا دبير جي فڪر جو موازنو

### ۵.۲.۸ بهادري ۽ سورهيائيءَ جو بيان

### ۵.۲.۹ جاهہ و جلال

### ۵.۲.۱۰ غيرت نسبي

### ۵.۲.۱۱ فن خطابت

### ۵.۲.۱۲ علي اصغرؑ سان خطاب

### ۵.۲.۱۳ بي بي صغرا جو درد بيان

### ۵.۲.۱۴ حُر جي صدا

### ۵.۲.۱۵ عزم جزم

### ۵.۲.۱۶ عزم و جزم جي پختگي ۽ سخا

باب پنجون

# سيد ثابت علي شاهہ ۽ مير انيس جي مرثيہ نگاريءَ جي فڪر جو تقابلي اڀياس

## ٥.١ سيد ثابت علي شاهہ جي سنڌي مرثيي جو فڪري اڀياس

جيئن تہ ڪربلا جو قضيو سرزمين عرب تي ٿيو آهي ۽ ڪنهن بہ هند سنڌ جي مرثيہ گوئي ڪندڙ ڪي ان جو اصل فهم ٿي نٿو سگهي. اها آهي انساني سوچ ۽ زباني ڪلامي لکڻ جي حد تائين جي ڳالهہ – شاعري اهو فهم جو راز آهي، جنهن ۾ جيترو ڪمال ۽ عروج جي عطا ٿيندي، اوترو راز پڪو پڌرو ٿيندو. شاعر ڪي رب طرفان خاص وديعت عطا ٿيندي آهي. ڪربلا نہ ڪو افسانو ۽ نہ ڪو اهڙو واقعو آهي، جنهن ۾ ڪو شڪ يا شائبو ڪجي. اڄ سڄي دنيا آگاهہ آهي تہ مرثيو عربي ٻوليءَ مان آيو. ان صنف جي ابتدا بہ ان سرزمين تي ٿي، پر ديارِ عرب ۾ جڏهن واقعو ڪربلا ٿيو ۽ دؤر بہ بني اميہ ظالم حڪومت جو هو، سڀ اڄ جي دنيا ۾ ان راز ڪان بہ آگاهہ ٿي چڪا آهن تہ ظلم ۽ بربريت هميشہ خاندان بني اميہ جي موروغي حڪومت ڪيو ۽ سختيءَ ظلم سان پابندي بہ وڌي ويئي. زمانہ جاهليت ۾ عرب جي سرزمين تان مرثيو دنيا تائين پهچي ٿو، مگر قهر ڪربلائي مرثيا بہ ڪئين سال ظلم ۽ تشدد واري قيد ۾ اهلبيت سان گڏ مرثيا بہ قيد ڪرڻ جي مڪمل ڪوشش ڪئي ويئي.

**خاندان اهلبيت جا فرد**

خاندان اهل بيت جي قيد ۽ شهادت بعد دربدريءَ جي ڳالهہ تي جڏهن تحقيق ٿئي ٿي تہ اڄ بہ اها تحقيق هڪ طلب لائق ۽ وڏو مسئلو بڻيل آهي. جيئن تہ خاندان اهلبيت ۾ امام حسينؑ جي شهادت بعد سندن باقي بچيل گهراڻي جي مردن ۾ ٻہ تہ جليل القدر امام آهن. هڪ فرزند امام حسينؑ جو حضرت امام زين العابدينؑ ۽ ٻيو ٽي يا چار سن عمر جو امام محمد باقرؑ فرزند امام زين العابدينؑ يعني امام حسينؑ جو پوٽو آهي. رسول پاڪ صلي الله عليہ آلہٖ وسلم جن جي حديث مبارڪ آهي تہ هي منهنجا ٻہ فرزند حسن ۽ حسين جيڪي آهن، سي اُٿن تہ بہ امام ۽ ويهن تہ بہ امام آهن. اها حديث مشهور زمانہ آهي. هر هڪ مسلمان توڙي جو غير بہ واقف آهي علم ۽ تحقيق جي دنيا ۾. ان جي معنيٰ آهي تہ ويهڻ جو مقصد اگر صلح ڪن ۽ خاموشي اختيار ڪن، ڪنڊ وٺي ويهن تہ بہ امام آهن ۽ اگر جي اُٿن، يعني قيام ڪن، معنيٰ جنگ ڪن ۽ مهاڏو ظلم سان اٽڪائين، تہ بہ امام آهن. جيئن: صلح امام حسنؑ ۽

جنگ قيام يعني يزيد بن معاون بن ابو سفيان خلاف امام حسينؑ جو اٿڻ ۽ بيعت کان انڪار ڪرڻ.

هاڻي امام حسينؑ جي شهادت بعد امامت جي پڳ امام زين العابدينؑ تي آئي ۽ تاريخ ۾ واضح تحقيق شده ڳالهہ آهي تہ رسول پاڪ صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جي مرضي ۽ رب جي مرضي فرمان قرآن موجب سوره مائده جي آيت ۾ آيو آهي: ”اي رسول! پنهنجي تبليغ کي آخري مرحلي تائين بہ پهچائي ڇڏ، رسالت جي تبليغ ڪر، اگر تو ائين نہ ڪيو تہ معنيٰ توهان رسالت جو پيغام ئي نہ پهچايو ۽ تو بعد پيو نبي ناهي اچڻو. (سوره مائده از قرآن مجيد)

ڳالهہ واضح ٿي ويئي.

رسول پاڪ صلي الله عليہ وسلم، حضرت عليؑ کي پنهنجو جانشين مقرر ڪري حجة الودا ع جي آخري خطبي ۾ واضح پيغام لکن جي تعداد ۾ موجود مسلمانن کي ڏنو ۽ جن قبول بہ ڪيو! ۽ رسول پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي چوڻ مطابق حضرت علي ڪرم الله وجهہ کي مبارڪون بہ ڏنيون. تمام تاريخون گواهہ آهن تاريخ اسلام جون، صحيح بخاري، سنن ابي داؤد وغيره ۾ رسول پاڪ جي حيات ۾ نہ ڪو فرقو هو ۽ نہ ڪا ڪوڙي نبوت جي دعويٰ جي گنجائش هئي. ۽ امام جي مقرري نہ ڪا موروثي هئي ۽ نہ رسول جي پنهنجي مرضيءَ موجب هئي. قرآن گواهہ آهي تہ ”وما ينطق عن الهويٰ ان هو عليٰ وحي ان يوحا“ (قرآن پاڪ)

يعني هيءَ منهنجو نبي پنهنجي مرضيءَ سان ڪو ڪلام نٿو ڪري، ايستائين جو اسان وحي ڪريون، پوءِ ڪير بہ دعوي ڪري. حضرت عليؑ جانشين رسول اڳواڻ ۽ (پهريون امام) يعني رسول بعد اڳواڻي ڪندڙ اُمت جي آهي.

امام حسن ۽ حسينؑ جي جمڻ شرط ڪين ”جنت جا سردار هي ٻئي شهزادا آهن“ ۽ ”هنن کي جن ستايو رنجايو، سمجهو مون کي رنجايو ۽ هنن کي خوش ڪيو، سمجهو مون کي خوش ڪيو“. اها حديث پاڪ محمد مصطفيٰ جي آهي ۽ پاڻ رسول خدا عملي مظاهرو ڪري پنهنجي ڪلهي مبارڪ تي سوار ڪري سڄي مديني ۾ گهمائي ماڻهن کي ڏيکاري ٻڌايو تہ ڏسي وٺو آءٌ هنن جو ناقو آهيان ۽ سواري آهيان ۽ منهنجا زلف هنن جي هٿ ۾ گهوڙي جي مهارن مثل آهن. جيڏانهن ڪيين سواريءَ جو رخ موڙي سگهن ٿا هي ٻئي شهزادا.

## رسول پاڪ صلي الله عليہ و آلہ وسلم جو فڪر

پاڪ مصطفيٰ جو فڪر اهو آهي تہ عليءَ جا فرزند منهنجا فرزند آهن. ان هڪ فڪر مان ڪئين

فڪر انگيز ڳالهيون اچن ٿيون، جن کي صاحب فڪر ئي سمجهي سگهن ٿا. اهڙيءَ طرح ڪربلا جي خوني واقعي بعد امامت جا حقدار ۽ اڳواڻ امام زين العابدينؑ اڪيلا فرزند امام حسين جا بچيل بعد ڪربلا آهن. ۽ پوءِ ساڳيو فڪر ۽ قول مصطفيٰ ﷺ ثابت ٿو ٿي وڃي تہ امام ويهي تہ بہ امام ۽ جيڪڏهن اٿي جنگ ڪري تہ بہ امام آهي. رسول پاڪ جي فرمان مطابق امام منصوص من الله ٿيندو آهي، جيڪو صرف رب طرفان حڪم موجب هوندو آهي. اهڙيءَ طرح جي سمجهاڻيءَ بعد ڳالهہ سامهون اچي ٿي ڪربلا بعد ڏکويل امام جي اڳواڻيءَ ۾ تمام قيدي ال اطهار جنهن وقت شام کان مديني قيد مان آزاد موڪليا پئي ويا ۽ رستي ۾ جن جن کي هنن پنهنجا ڏک پڌايا پئي، ممڪن آهي تہ انهن پڌندڙن منجهان "مرثيا" جڙندا ويا هجن، انهن پڌندڙن منجهان ڪهن پهريون مرثيو چيو هجي، پر رضا علي عابديءَ جو خيال آهي تہ خاص طرح سان ڪربلا جي سانحي بابت سڀ کان پهريائين مربوط مرثيا فارسيءَ جي شاعرن لکيا آهن، نہ ڪ عرب شاعرن! مولانا شبلي نعماني لکيو آهي تہ عرب شاعرن يزيد جي ڏهڪاءَ سبب مرثيو لکڻ جي همت ئي نہ ڪئي هئي ۽ ان ڏس ۾ علامہ صاحب جو خيال هو تہ عربي شاعريءَ ۾ جوش، جولان ۽ شعلا بيان جي جيڪا صلاحيت آهي، اُها جيڪر عرب جا شاعر امام حسينؑ جي ياد ۾ شاعريءَ تي صرف ڪن ها تہ دنيا کي ٿانڊا ڏيئي ڇڏين ها، پر بني اميہ جي خوف پؤ ۾ هو ائين ڪرڻ کان قاصر رهيا، جو بقول رضا عابديءَ جي اهل عرب جڏهن مديني پاڪ ۾ خود امام حسينؑ جي "رهڻ" ۽ "هئڻ" ۾ ئي راضي ڪونہ هئا، تہ ان جي ياد ۾ ٿيندڙ شاعريءَ ۽ شاعرن کي ڪٿان ٿي برداشت ڪري سگهيا. (رضوي اعجاز، ٢٠١٧: ١١٠)

### سنڌي ٻوليءَ ۾ اُن صنف جو آغاز

مرثيي صنف جو آغاز ڪهڙي شاعر ڪيو ۽ فڪر فهم ڪربلا ڏنو؟ پتائي صاحب جي "ڪيڏاري" بيتن کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ عروض جي انداز ۾ ڪهڙي شاعري پهريون دفعو ان صنف ۾ طبع آزمائي ڪئي ۽ ان کي عروج تي رسايو تہ ان ڏس ۾ ان جو فيصلو محققن تي ڇڏيندي ڊاڪٽر غلام علي الانا جي هن راءِ سان اَءٌ سؤ سيڪرو متفق پيو ٿيان تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ مرثيہ نويسيءَ واري صنف جي فني خوبين ۽ خصوصيتن جي لحاظ کان سيد ثابت علي شاهہ تي پڄاڻي ٿي ويئي آهي. (رضوي اعجاز، ٢٠١٧: ١١١)

### ٥.١.١ سنڌي مرثيي ۾ ثابت علي شاهہ جي منزلت

سيد ثابت علي شاهہ کان اڳ ڪيترن ئي شاعرن سنڌي مرثيا چيا. جيڪا منزلت ثابت علي شاهہ ماڻي، ان منزل تائين ڪو بہ نہ پهتو. مرثيي کي عروج تائين ائين چئجي سيد ثابت علي شاهہ

پڇايو. رزميه شاعري جنگي شاعريءَ کي تمام لوازمان سان سنواري سينگاري جنهن ۾ سڀ خوبيون گڏ ڪري علم عروض جو جامو پهرائي مڪالمه نگاريءَ جي هيرن جي جڙاوت سان ڪردار نگاريءَ کي انتهائي جذبات نگاريءَ سان بيان ڪرڻ جو فن جيڪو قدرتي انعام صرف ثابت علي شاهه کي مليل آهي. ڪربلا جي خوني قهر جي واقعه نگاريءَ ۾ ڪردار نگاري اهڙيءَ طرح بيان ڪري ٿو جهڙوڪ سندس هر ڪردار سان گڏ گفتگو ڪلام ٿيو هجي. سيد ثابت علي شاهه بابت ڊاڪٽر قمرجهان مرزا پنهنجي هڪ مقالي ۾ لکيو هو ته حضرت امام حسينؑ، شهزاده علي اڪبرؑ، شهزاده علي اصغرؑ، شهزاده قاسم، حضرت عباسؑ ۽ امام زين العابدينؑ جي ڪردارن کي ۽ انهن جي غم کي هن ايڏو ته گهرائيءَ سان چِٽيو آهي جو انهن جو بيان (پڙهي ٻڌي) ٻڌندڙن جي دل تڙپڻ لڳي ٿي ۽ هو روئڻ ۽ هنجون هارڻ ڪان سواءِ رهي نٿا سگهن. ائين ٿو لڳي جڻ سيد ثابت علي شاهه خود ڪربلا جي ميدان ۾ اکين سان اهو سڀ ڪجهه ڏسي پوءِ بيان ڪري رهيو آهي. ڊاڪٽر قمرجهان جي اها راءِ تحقيق درست ئي معلوم ٿئي ٿي ۽ جن جي پڙهندڙن/ ٻڌندڙن کي سيد علي شاهه جي مرثين جو ادراڪ ۽ گهرائي سان ان کي مطالعي ڪرڻ جو موقعو مليو هوندو. (رضوي اعجاز، ۲۰۱۷: ۱۱۳)

ڊاڪٽر قمرجهان مرزا جي تحقيق مان صاف ظاهر آهي ته سيد ثابت علي شاهه پنهنجي فڪر انگيزيءَ ۾ ايڏو ته بلنديءَ جي مقام تي پهچي چڪو هو جو ڏسڻ وارن کي ته هو پنهنجي عزا خاني ۾ مرثيو پڙهندڙ عام انسان ٿي نظر آيو، پر هن عام شخص جو فڪر ۽ سوچ ڪنهن کي خبر نه هئي. هن جي تصور ۾ ڪربلا رچيل وسيل سمايل هئي، جڻ ته شهيدن جي رت ڦڙن کي قلم ۾ پري لکندو هجي ۽ نوڪ نيزه تي بلند شهيدن جي سر هيٺان بيهي ساڻن اسرار شهادت جا راز وٺندڙ هجي. ايستائين پاڻ ڪربلا ۾ خيمه گاهه مان آخري رخت سفر ٻڌندي نڪرندي ۽ ذوالجناح تي سوار ٿيندي امام حسين سان مليو هجي يا کين تمام ويجهو ڪان ڏٺو هجي.

### ۵.۱.۲ ماحول

پنهنجي بيان حسن ۾ رقت آميز لفظن ۾ هيءَ مرثيي جو بيان پنهنجو پاڻ ۾ ثبوت آهي ته سيد ثابت علي شاهه جي عقيدت ۽ ماحول بيان ڪرڻ سان پڙهڻ وارن جي اکين اڳيان منظر ڦريو اچي. هر هڪ پڙهڻ وارو ان ماحول جو حصيدار ٿيو وڃي:

چڙهيو اڄ جنگ تي شاهه دلاور،<br>
چڙهيو اڄ جنگ تي جانِ پيمبرؑ،<br>
چڙهيو اڄ جنگ تي جانانِ حيدرؑ،

مديني تي قيامت شور گھر گھر،
سواري ٿي حسينؑ مبتلا جي،
سواري ٿي شهيد ڪربلا جي.

هنن سٽن ۾ شاعر امام حسينؑ ۽ سندس معصوم ڪمسن نياڻي بي بي سڪينہ جا جذبات صاف اهڙن اوصافن ۾ بيان ڪيا آهن جو پڙهندڙ سيد ثابت علي شاهہ کي ان دور جو سمجهندو تہ شاعر شايد اکين ڏٺو واقعو رقم ڪرڻ وارو ڪو راوي آهي ۽ ان دؤر جو شعر آهي، جڏهن ڪربلا جو واقعو ٿيو هو.

## درد معصوم سڪينہ مرثيي جا بند

آئون اجهو آيو سڪينہ چو ٿي روئين منهنجي امان،
تنهنجو بابو توتئون قربان چو ٿي روئين منهنجي امان،
ڪيم ٿي هن پر تون حيران چو ٿي روئين منهنجي امان،
جي هلي تان هل مون سان چو ٿي روئين منهنجي امان،
تنهنجو بابو اي آمان تولئي بهشتين بيقرار،
تون نہ هن زندان لائق هل ۽ ڏس باغ و بهار.
(مرزا نجم، ۲۰۰۵: ۹۸)

### ۵.۱.۳ غم ۽ جذبات جو بيان

جڏهن قيد خاني شام ۾ معصوم سڪينہ پيءُ جي جدائيءَ ۾ زارو قطار روئندي هئي ۽ ڪنهن صورت ماٺ نہ ڪندي هئي، روايتون آهن تہ يزيد کي شڪايتون بہ ملنديون هيون تہ اسان جي آرام ۾ خليل ٿو پوي. قيد خان جي اردگرد شام ۾ تجارت لاءِ آيل واپاري هوٽلن ۽ سرائي خانن ۾ ترسيل جيڪي هوندا هئا، تن کي درد ڀريا آواز ٻڌڻ ايندا هئا.

شاعر چوي ٿو تہ اهو درد ۽ فغان وارو منظر ان وقت ڪائنات ۾ ڪنهن ڪان بہ بردا شت نہ ٿئيها، اگر ڪير اکين سان ڏسي ها. جيڪو آءٌ پنهنجي فڪر ۽ تصور ۾ محسوس ڪريان ٿو، جڏهن قيد خاني ۾ سائڻ سڪينہ وٽ بابي جو سر آيو تہ پيءُ جي سر بہ نياڻيءَ جي معصوم زخمي منهن تي منهن رکي چيو، اي بي بي امان نہ رو، تنهنجو بابو توتان قربان ۽ مون کي ڏسي حيران نہ ٿي، تنهنجو بابو بہ تو بنا بهشت ۾ بيچين ۽ بيقرار آهي. اي منهنجي شاهزادي ڪٿي تنهنجو مقام ۽ ڪٿي هي قيد خانو! اي منهنجي معصومہ جلدي توکي رب مون سان ملائيندو ۽ تون جنت جا باغ بهار ڏسنديئن. اتي شاعر چوي ٿو تہ اها

ملاقات حسين مظلوم جي سر جي پنهنجي ننڍڙيءَ معصوم ڌيءَ سان آخري هئي. ان ملاقات بعد وري قيد خانو سُڃو ٿي ويو ۽ وري اتان روئڻ جا آواز ڪڏهن بہ ٻڌڻ ۾ نہ آيا. ان لاءِ جو بابا پنهنجي سيني تي سمهڻ واري ڌيءَ کي وٺي ويو. شاعري چوي ٿو:

## فڪر ۽ خيال

هَلُ سڪينہ توکي ڏاڏي فاطمہ ساري آمان،
فاطمہ تولاءِ ٿي فردوس سينگاري آمان،
هِن رُئڻ تي تنهنجي ڏاڏي رت هنجون هاري آمان،
۽ بہ بابَهن لئي ٿي حُورن ساڻ او ساري آمان،
روضئہ رضوان ۾ ماتم سَرائي عام ٿي،
توکي ڪيئن شام غريبان قيد صبح و شام ٿي.

(مرزا نجم، ۲۰۰۵: ۹۸)

اتي انهن سٽن ۾ جنت ۾ سائڻ فاطمہ ڏاڏيءَ سڳوريءَ جي بيچيني ۽ تڙپڻ، جنت جو سينگارڻ يعني جڏهن پاڪ روح هن جهان مان ڪتي ڪمائي هلندا آهن تہ جنگ ۾ انهن جو جيڪو سرمايو اڳيئي ٻڌجي چو هوندو آهي، سو ان شهيد جي آمد تي سنوارجڻ لڳندو آهي ۽ حوران جنت بيتابيءَ سان ان جو آمد استقبال لاءِ تيار بيٺيون هونديون آهن. رب پاڪ سوره ياسين پاڪ ۲۲ سيپاري ۾ ۽ قرآن ۾ هنڌ هنڌ تي فرمايو آهي، خوشخبري ڏني آهي چڱل روحن کي، پر انهن ۾ اگر آل محمد ۽ سچي سائڻ جي ڏکارين ٻچن جو ذڪر هجي تہ رب سڄ خدائي بنائي ئي انهن خاطر آهي، جن تي هن ڪائنات جو سمورو بار ۽ آزمائش بہ وڌي اٿس تہ شاعر معصوم سڪينہ جي درد ۽ بابي جي سر مبارڪ سان ملاقات ۽ درد وندڻ معصومہ جو پنهنجي بابي سان بيان ائين ڪيو اٿس، جهڙوڪ هر مقام هر گاهہ هر منزل تي بيٺو آهي ۽ ڏسي پيو اکين سان. بيان آهي تہ شام غريبان کان قيد تائين عرش الاهيءَ ۾ ماتم ۽ نوحہ خواني قائم آهي. حوران جنت جي ۽ جنگ جي سردارن جي محل ۾ تڏو وڇايل آهي ۽ اتي سڀ موجود آهن، سڀني کي اي بي بي منهنجي امڙ وانگر امر سڀ تنهنجي قيد ۽ روڄ تي ڏينهن رات روئن ٿا، منهن مٿو پٽين ٿا. شاعر جو فڪر شاعر جو ديد محمد و آل محمد جي درد سان مشابهت رکي ٿو. هر لفظ حقيقت، هر لفظ غم حسين سان سرشار آهي، جيڪو انساني ڪلام نٿو لڳي. شاعر کي ڪا قوت آهي، جيڪا عالم ارواح مان لکڻ جو فيض عطا ڪندي پيئي وڃي.

### ۵.۱.۴ سيد ثابت علي شاهہ جي مرثين ۾ مير انيس جي مرثين کان الڳ مقامي رنگ

سنڌ ڌرتيءَ جي ريتن رسمن کي ڪٽي واقعو ڪربلا ماڻهن جي احساس فڪر کي جاڳائڻ لاءِ آهي. ڪربلا جو قضيو عرب جي سرزمين تي واقع ٿيندڙ آهي. سيد ثابت علي شاهہ پنهنجي مرثين ۾ قصي ڪربلا جي حقيقت ۽ درد کي حقيقي روپ ڏنو آهي. ان قصي ۾ ڪنهن بہ قسم جي گهٽتائي يا واڌاو بہ ناهي ڪيو، جيئن جو تئين تاريخ کي بيان ڪيو اٿس، مگر انسانن جي ذهنن ۾ انهن جي دل تي اثرائتو بنائڻ خاطر جنهن سرزمين جو پاڻ باشندو آهي، ان سرزمين جي ريتن رسمن، قدرن جو جيڪو مقامي رنگ ڏنو اٿس، تنهن سان گهڻ پڙهيل لکيل، اڻجاڻ انسان بہ درد ڪربلا کي سمجهي وڃي ٿو. اڄ جو انسان هڪ ڪٺور ۽ بي رحم آهي، ان کي پنهنجي رب سان بہ سؤ شڪايتون آهن، بلڪ سڌيءَ راهہ تان ٿڙيل آهي. ان جي نفسيات تي ڪربلا جي واقعي جو اثر ٿيڻ، اها خوبي ۽ مهارت ڇٽبي شاعر جي.

سيد ثابت علي شاهہ پنهنجي مرثين ۾ ڪن هنڌن تي سنڌ جو مقامي رنگ جنهن خوبيءَ ۽ مهارت سان پريو آهي، سو قابل ديد ۽ تحسين جوڳو آهي. محترم گرامي صاحب لکي ٿو: ”ان طرح (ثابت علي شاهہ) انساني نفسيات سان گڏ سنڌي سماج جي رسومات ۽ مسلمانن کي بہ پنهنجي ڪلام ۾ جڙي ڇڏيو آهي. سندس ڪلام جو اهو امتياز منفرد آهي. اردو مرثيي جي خصوصيات کان هٽ نهايت پختو ۽ جداگانہ رنگ ۽ حُسن آهي. ان سلسلي ۾ جڏهن شهزادي قاسم جي شاديءَ جو ذڪر ڪيو اٿس تہ ان ۾ سنڌيت صاف جهلڪا پيئي ڏئي. گهوٽ کي ميندي لائڻ، لاڏا گيت ڳائڻ، سهرا پڙهڻ، سانٽ سنوڻ ڪرڻ، ڊُهلن جو وڄڻ، سيج سينگارڻ وغيره سڀ سنڌي سماج جون ريتون ۽ رسمون آهن ۽ انهن جي عڪاسي سنڌي ٻوليءَ جي روزمرهہ ۽ محاورن ۾ نهايت چابڪدستيءَ ۽ سهڻي نموني ۾ ڪيل آهي. ازان سواءِ ڪربلا جي ميدان ۾ ٿيل ڪوس ۽ ڪِيس تي زالن جو رڄ راڙو، اوسارا ۽ ماتم توڙي ڪونڌرن جي ڪنڌ ڪپجڻ کي بہ اهڙي نموني پيش ڪيو ويو آهي، ڄڻڪ واقعو سنڌ جي زمين تي ٿيو آهي. انهن هنڌن تان جي ڪربلا جو لفظ ڌار ڪجي تہ پوءِ ان ڳالهہ جو احساس ٿيندو تہ واقعي سيد ثابت علي شاهہ جي مرثيي ۾ سنڌيت جو عنصر جلوہ گر ۽ نمايان آهي. (صائب: ۲۰۰۳: ۳۲۲)

### ۵.۱.۵ جنگ جو جاهہ و جمال

شادي مبارڪون اي نول گهوٽ قاسما،
سهرا سلامت اي ورنہ وير لاڏلا،
تون سهرو ماڻين سِر تي ۽ تو سر جي رد بلا،
سڀ چاچي ماچي تنهنجا ٿا ڪن توکي هيءَ دعا.

آيل پُٽَني اميد منگَي جا مراد ماءُ،
سهرا ٻڌي سڄڻ ڪي تون هل هوت جي وهاءُ،
لعلڻ ڪي لائون ڏيئي ونيءَ وٽ وهاري آءُ.
آباد ڪيو الله سکيو گهر سندءِ سَدا،
آسون اميدون تنهنجيون تہ پرور پڄائيون،
پهرا ۽ اڄ پريت مئون دلبر جن درئيون،
اڄ گهر تہ گهوٽ ماءُ جي سڀ سيٽيون آئيون.
قاسم آمان مبارڪون ڪيريون ڏنئي خدا،
چاچي تہ آيا چڄ ڪري ميرل ڪي ميندي لاءِ،
ساري سهاڳڻن ڪي سڏي سات لئي سنپاءِ،
گهورون گهمائي گهوٽ ڪي خاصي خلقت ڏڪاءِ،
ٻَڌُ موڙ سِرَ سڄڻ جي ۽ ڪر دوست ڪي دعا.
شربت پيار شوق مئون چامن جي چاچئين،
گهر سيج ڪي سنپاءِ تون، ميرل جي ماجئين،
ڳل پاند ڪر قباءِ پيارا جيئن تيئن،
اڄ تنهنجون من مرادون پنيئون حسب مُدعا.
قاسم جو ڪربلا ۾ حسين عليءَ جي گهري،
اڄ ويانهہ جو وڏو ٿيو سامان سَر بَسر،
حُورون مَلڪ فلڪ مئون هليا چڄ ڪري اُپر.
اڄ گهر رسول جي آهي شادي و عشرتا،
قاسم جو چاچو ڪوڏون سنواري ٿو ڪاچ ڪي،
نت منهہ معرڪي ۾ هلائي تو هاچ ڪي،
گهوڙي تي چاڙهي گهوٽ سينگاري ٿو ساج ڪي،
پاڳين پليرو پائيتيو اڄ ڪيائين ڪَد خدا،
موتين ۽ ماڻڪن پيري هيرن طبق هزار،
ملڪن مبارڪون ڏيئي ڪوڙين ڪيئون نثار،
چوڏس چراغ بند ٿيا مشعل ٿيا بيشمار،
شاديءَ جي شادماني جا واجا وڄڻ ٻها،

خطبو پڙهي خطيب ۽ آمين ڪئي امام،
مائٽن مبارڪون ڏيئي ڪيئون ازدهام عام،
ڪؤڙين ٿي ڪورنشون ڪيون سهسين ڪيا سلام،
قاسم جي ڪاج جي پئي ڳُوڪار ڪربلا،
جڏ تخت تي چڙهي ڪيئين جلوه جلوس جو،
منهن آرسي مُصاف ۾ هڪ ٻي جو ڪي ڏٺو،
ناگاهه طرف رڻ جي ٿيو آواز اوچتو،
ڪ اِ عترت نبي ڪو رهيو آهي جانفدا،
جڏ شيز شاهزادي جي ڪَن پيئي هيءَ تنوار،
ڳُوڙهي ڪمر ٻڌي ۽ ڪيو قصو ڪارزار،
دامن وٺي ونيءَ ٿي چيس روئي زار زار،
ڪ ايءَ شير شرم سيد سردار الودا.

(مرزا نجم، ٢٠٠٥: ١٥٢)

جيئن تہ ڪردار جي عظمت مان صاف ظاهر آهي تہ هن جو سڄو سنئون تعلق رسول خدا جي آل ۾ آهي ۽ شهادت هن گهراڻي جي ميراث آهي. مرڻ گهڙيءَ تائين هي پنهنجي شان ۽ تجمل ۽ وقار کي هر طور قائم رکندا آهن. شاعر نج سنڌي ساٺ سنئوڻ بہ شاعريءَ ۾ آندا آهن. هڪ ماءُ جا ارمان، پيڻين جا، پقين جا ارمان بہ انساني نفسيات مطابق ظاهر بيان ڪيا اٿس.

جڏ گهوٽ گڏجين پنهنجي بہ مائٽن سين منجهه مقام،
منهنجا بہ ناني ڏاڏي کي ساري چئج سلام،
آئون پيي ٿو پٺيءَ اچان ڪا دير پائج ڪام،
اڄ پنهنجي ڪُل ڪُڙم سين ملندس بہ مصطفيٰ،
پس تاب ناهي تا چوان هن سوز کي سدا،
صلوات بَر مُحَمّد و بر آلِهِ ثنا،
’ثابت علي‘ جي سيد ڪر ماڙ مصطفيٰ،
ڏي صحت تنهن کي سرور سردار لڳ خدا.

### ٥.١.٦ شان و شوڪت ۽ خوبصورتي

جڏهن بہ اسان گهوٽ کي تيار ڪندا آهيون تہ ان کي پڳ ۽ موڙ سندس بزرگ خاندان جا پارائيندا ۽ پڌندا آهن. مٿين سٽن ۾ جنگ جي ڪار زار واري ميدان ۾ امام حسين عالي مقام نول گهوٽ قاسم ابن حسنؑ پنهنجي معصوم تيرهن سالن جي ڀائٽيي کي پڌندي آڌت بہ ڏئي ٿو تہ ڏک وچان! شاعر فڪري انداز مطابق امام عالي مقام جيان چوي ٿو تہ قاسم جڏهن جنت مڪين ٿين تہ منهنجي ناني ۽ تنهنجي ناني ۽ منهنجي بابي تنهنجي ڏاڏي ۽ منهنجي ڀاءُ حسن کي سلام چئج ۽ اهو پيغام ضرور ڏج تہ آءٌ پنهنجو واعدو نڀائي سرخرو ٿي توهان سڀني منهنجي خاندان جي شهيدن وارثن سان اچي ملندس. ۽ پوءِ ثابت علي شاھ محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم جي بارگاھ ۾ دعا پنندي هدايت ٿو ڪري ڪل مؤمنن کي تہ سچو سيد سردار شل بيمارين تڪليفن کان محفوظ فرمائي تہ غم حسين ۾ عبادت ٿيندي رهي. قلم حق حسين لاءِ هلندو رهي. درياءَ جي رواني‍ءَ وانگر لفظ بہ ڪاغذ تي ايندا ترندا وڃن.

### ٥.١.٧ بهادري ۽ سورهيائيءَ جو بيان

شهزادي قاسم جي شهادت تي مختلف راوي ڪئين شاعر ۽ مقاتل تحرير ڪن ٿا. مؤرخ آقائي حاج علامہ مجلسي رحمة لکن ٿا: مقاتل مجلسي ۾ تہ ڪربلا جي شهيدن ۾ شهزادي قاسم فرزند حسن مجتبيٰ ميدان جنگ ۾ لٿو تہ ان بهادريءَ سان رجز خواني ڪئي.

**لا تجزعَي نفسي فَكُلُ فِإن اليَومَ تَلقين ذُرَي الجِنَانِ**

”ذري جو ذروه“ کی جمع ہے اس کا معنی ہے ہر چیز کا بلند حصہ ،اس لیے کہا جاتا ہے ذورہ الجبل پہاڑ کی چوٹی۔

”جنان“ بروزن کتاب جنت کی جمع ہے۔ ایسی زمین کو کہا جاتا ہے جو کھجور اور دوسرے درختوں سے پُر ہو، جس میں ہر قسم کے میوہ جات ہوں۔

اشعار کا حاصل معنی یہ ہے کہ ”شہزادی نے اپنے آپ کو جہاد پر ابھارا اور اسے شہادت کی طرف راغب کیا۔ آپ نے فرمایا اے نفس اے نفس موت سے خوف زدہ مت ہو، ہر نفس نے موت کے گھاٹ اترنا ہے اور اس نے نابود ہونا ہے۔ آج تجھے مبارک ہو کہ جلد تمہیں جنت کے عالی درجات حاصل ہونے والے ہیں۔ پس شہزادے نے اپنی جنگ کا آغاز کیا اور دشمن غی تین آدمیوں کو جہنم پہنچایا۔ لیکن جب ہر طرف سے تیروں، تلواروں اور نیزوں سے حملہ ہوا تو آپ گھوڑے کی زین سے زمین پر آئے اور ان کی پاک و پاکیزہ روح جنت کی طرف پرواز کر گئی۔ (کلاچی الطاف، ٢٠١٢: ٣٤٢)

### ٥.١.٨ جاهہ و جلال

سيد ثابت علي شاهہ جو مرثيو ڪربلا جي واقعي تي مشتمل آهي. جيئن تہ اهو واقعو عرب جي سرزمين تي ۽ انهن جي ريتن رسمن ۽ انهن جي قبائلي جنگي طريقن موجب پيش آيو.

عرب ۾ جنگ جڏهن شروع ٿيندي هئي تہ جو پهريائين هڪڙي ڌر جو ڪو بهادر جنگ ميدان ۾ لهي، ٻي ڌر ۾ ڪنهن ڪي مقابلي لاءِ للڪاريندو هو، جنهن ي مبارز طلبي چيو ويجي ٿو. جڏهن ٻنهي ڌرين جا پهلوان مقابلي جي لاءِ سامهون ٿيندا هئا تہ هرڪو پنهنجي همت ۽ بهادري پنهنجي اڳين جي ڪارنامن پنهنجي بزرگن جي معرڪن، پنهنجي قوم ۽ قبيلي جي فضيلتن ۽ پنهنجي حسب نسب ۽ شرافت بيان ڪندو هو. ان کي رجز ڪوٺيو ويجي ٿو.

سيد ثابت علي شاهہ جي ڪلام ۾ رجز جو واضح عنصر گهٽ نظر ٿو اچي. البت هن ڪردارن جون وصفون هن ريت قلمبند ڪيون:

ڪافر ڪرهہ تي سنبري ٿيا صف بصف تمام،
معلوم ٿيو امام کي تن جو خيال خام،
آيو اڳيان امام ۽ ٿيو تن سان هم ڪلام،
چيائين تہ ڪوفي ۽ سڀ شوميان شام،
آخر ڪہ نور چشم، رسول خدا منم،
آرام فاطمہ، جگر مرتضیٰ منم،
ڄاڻو تا آئون امام برحق آهيان ناهي شڪ،
حق منهنجو مؤمنن جي مٿي آهہ جيئن نمڪ،
فرمان منهنجو فرض جان بر فلڪ ملڪ،
سلطان اين و زيب زمين زينت فلڪ،
فردوس جائي اوست ڪہ يا ما بود رفيق،
جنت سرائي اوست ڪہ با ما بود شفيق.

(صائب، ٢٠٠٥: ٢٩٢-٢٩٣)

### ٥.١.٩ تاريخي ڪردار ۾ سنڌ ڌرتيءَ جو اثر ڏيکارڻ

ڏنو ويجي تہ هر شاعر پنهنجي سرزمين، خطي ۽ قبيلي جو اثر ضرور وٺندو آهي. انڪري سيد

ثابت علي شاهہ سنڌ ڌرتيءَ تي رهندي، ان جي ريتن رسمن جو اثر وٺندي، پنهنجي فڪر ۾ سمائي، مرثين کي جاندار بڻايو آهي. اگر ائين نہ ڪري ها تہ ماڻهو گهٽ سمجهن ها ۽ هونئن بہ هر شئي جيستائين رواج ۾ عام نہ ٿيندي آهي، تيستائين خبر نہ پوندي آهي. محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم جي شان تي عرب ۾ چوندڙ نعت سنڌ ڌرتيءَ تي موجود جي شڪل ۾ ڇٽي ويندي آهي صدين کان ۽ ان جو احترام ۽ وصف ثنا ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪمي نہ ٿيندي آهي، بلڪ نبي پاڪ جي وصف، سندس تعريف، سندس گڏ جيئڻ پاڪ ۾ قصيده آهن، ساڳيو مثال ملي ٿو مولودن مان. ڪٿي سندن ڏند پاڪ، زلف پاڪ، چهرو پاڪ، هلڻ ڪلڻ هر طرح سان مڪمل قرآن پاڪ مان ئي ان جي سورتن مان ئي شاعر مثال وٺي مولود لکندا آهن. بيان ۾ عربي گهوٽ ۽ محمد جهڙو سهڻو گهوٽ چوڻ اهي شاعر جي سنڌ ڌرتيءَ لاءِ سهڻا مثالي خطبات آهن. گهوٽ هميشہ سهڻي ۽ حسين نوجوان کي خطاب ڪري چئبو آهي، ڇو جو جڏهن هن جي شادي ٿيندي آهي تہ هن کي ٻين کان علحده ۽ منفرد ري سجائبو آهي. ان مان واضح ٿيو تہ سنڌ زبان جو اهو حسين مثال ٻي ڪنهن ٻوليءَ ۾ نہ ملندو. ها البت اردو زبان ۾ ضرور آهي، دولها، قاسم، نوشاهہ دولها وغيرہ پر جيڪو سهڻو لفظ گهوٽ آهي، اهو ڪنهن ٻي ٻوليءَ ۾ نہ آهي.

هن مرثيي ۾ مثال ڏجي ٿو:

گهر گهوٽ ماءُ جي ڄڃ ڪري ڄاڄاڻيون آئيون،
ٻيبيون ڏجاڻيون، سائڻيون، شهزاديون، مائيون،
گهورن گهرن دعا سين ڪڻي دست دائيون،
حورن جا هار ويس ڏيئي سڀ قرائيون،
هن ڄڃ جا ڄاڄي تہ ملڪوت آسمان،
هت هڪڙو هڪڙو فطرس و جبرئيل ٿيو جوان،
قاسم وني‍ءَ کي ويانهہ جي ميندي ٿي لائجي،
رت جون هنجون گلاب ٿو گهر گهر وسائجي،
سيني ۽ سر جو دف ۽ دهل ٿو وڄائجي،
سانن سين سهرو راڳ پهڳڻ جو ڳائجي،
يا رب هي سر ۽ سهرو سلامت رهي سدا،
سهرو جدا نہ سر ڪئون، نہ سر تن ڪئون ٿئي جدا.

(صائب، ٢٠٠٣: ٣٢٤-٣٢٥)

شهزادي قاسم جي ڪربلا جي رڻ ۾ لانئون لهڻ تي تہ سيد ثابت علي شاهہ تقريبن ست اٺ دل

گداز مرثيا چيا آهن. انهن مان هر مرثيي ۾ سنڌ ڌرتيءَ جي مقامي رنگ کي شاديءَ جي منظرن ذريعي آڏو رکي فڪر ڏنو اٿس ۽ ايترو تہ منظر ۾ ويتر درد غم پرجي ويندو آهي جو هر ماءُ کي پنهنجي ٻچي نوجوان جي چهري تي شهزادي قاسم جي سهري جي صدقي ۾ ارمان جاڳي پوندا آهن.

اهي نج رسمون ريتون رسمون ثابت علي شاهہ کي مرثيي جي دنيا ۾ ممتاز ۽ مٿانهون رکن ٿيون.

مر مرڪي ميرل ماءُ، اڄ جاسيڻين ڪئي سُر هي خدا،
ٿيا ان جا مطلب من گهريا مينديءَ مبارڪ قاسما،
لائئون لهي وٺ قاسما ٿا ڪربلا ساٿي سڏين،
هل تنهنجا ساٿي سڀ لڏيا، مينديءَ مبارڪ قاسما.

مٿين مرثيي جي ڏنل بندن ۾ سهري کي بلا جو رد چوڻ، ماءُ جي مراد مڱڻ، آيل جي اميد پڇڻ، سهرا ٻڌڻ، لائون ڏيئي وٽيءَ وٽ وهارڻ، دايون پهرائڻ، سيڻين جو اچڻ، مبارڪون ۽ ڪيرون ڏيڻ، مېندي لائڻ ۽ سات سنوڻ ڪرڻ لاءِ سهاڳڻين کي سڏڻ، موڙ ٻڌڻ، ڄاڃين کي شربت پيارڻ، سيج سينگارڻ، گهوٽ کي گهوڙي چاڙهڻ، ڪاڇ جي هاڄ سنڀالڻ، خطبو پڙهڻ ۽ آمين چوڻ، تخت (سيج) تي چڙهي ويهڻ، آرسيءَ ۾ گهوٽ ڪنوار جو هڪ ٻئي جو منهن ڏسڻ، گلاب ڇڙڪائڻ، دُهل وڄائڻ، سهري جا راڳ ڳائڻ، ٻيبين ڏڄاڻين سانئڻين، شهزادين ۽ مائين جو ڇڄ ڪري اچڻ، دائيءَ جو هٿ کڻي دعا گهرڻ، ڏيکاري ٿو تہ هي سڀ سنڌي سماج جي رسمن ۽ ريتن جي عڪاسي آهي، جن کي سيد ثابت علي شاهہ پنهنجي بي پناهہ قوت شاعريءَ سان اجاگر ڪري سنڌي ادب ۽ زبان ۾ شاندار اضافو آندو آهي. (صائب، ۲۰۰۳: ۳۲۵)

فڪر چئبو ڇا کي آهي؟ سيد ثابت علي شاهہ سمجهائي ٿو:

ڪربلا کي عام ڪرڻ گهر گهر تائين پيغام پهچائڻ

جيڪي ڏنو سو مون

اديون پينر اوهان ڇا ڏنو واري شعري مثال مطابق

### صبر، قناعت ۽ عزم استقلال

ثابت علي شاهہ زندگيءَ کي سجايو ۽ قيمتي بنائڻ لاءِ جيڪو مجرب فڪري نسخو ڏنو اٿس،

اهو فهم ڪربلا آهي، جنهن قهر، درد، مصيبت جي ڪٿا ڪي دشمن آلِ محمد لکائڻ تي چاهيو! اهي دُهل شرنايون ۽ ماتم، نوحہ، سلام، مرثيي سان فڪر ۾ ڏيئي دنيائي عالم کي سنڌ ڌرتيءَ تان سنڌو تهذيب ذريعي سيد ثابت علي شاھہ فڪري پيغام ڏنو آهي.

مثال طور: سنڌ جي لاڪيڻي لعل لطيف ڪئين سال اڳ سنڌ ڌرتيءَ تي ڪربلا جي فڪر کي پنهنجن لفظن ۾ سدائين ياد ڪيو. سندس سُر ڪيڏاري ۾ پٽ ڏڻي نج نبار سنڌيءَ ۾ هيئن چيو تہ:

محرم موٽي آئيو، آيا تان نہ امامؑ،
مديني جا ڄام، مؤلا مون کي ميڙيئين.
(شاھہ لطيف)

۽ وري هن بيت ۾ چوي ٿو:

ڏنو محرم ماھہ ستڪو شهزادن ٿيو،
ڄاڻي هڪ الله پاڻ وڻنديون جو ڪري.
(شاھہ لطيف)

هاڻي سيد ثابت علي شاھہ جو انداز بہ پنهنجي ذات ۾ نرايلو آهي:

”چنڊ چڙهيو ماتم جو موٽي ٿي قيام ئي قيام،
هَئہ وري جهوليا جهنڊا نڪريا نشان آيا امام.
ڪربلا ڪاهيو ڪلي ڪوڏؤن ڪِرڻ لئہ قتلعام،
هاشمي هاتڪ هليا، هَئہ هَئہ ڪري حملا هشام.“
(مرزا نجم، ۲۰۰۵ع: ۸۹)

هاڻي هن مرثيي جي سٽن ۾ ثابت علي شاھہ جو سنڌي ٻوليءَ ۾ فڪر جو انداز ڏسڻ ۽ سمجهڻ وٽان آهي:

جڏ اڪبر مظلوم کي گهايل ڏسي گهوڙي،
رڻ کي ڏي خيمي جي طرف منهن هليو موڙي،
پر آھہ جو اڪبر کي ڦٽن نيو هو نوڙي،
۽ هئي لکي ان وقت بہ اؤويل وڇڙي،

بابي رَسيو ڪين، ڪِريو واٽ تي فرزند،
گهوڙو وري آيو، نہ وريو گهوڙي جو خاوند.
(مرزا نجم، ۲۰۰۵ع: ۱۴۰)

### ۵.۱.۱۰ عزم استقلال

ڪربلا جي ڪارزار ۾ فرزند نوجوان ارڙهن ورهين جو شهزادو علي اڪبر شبيهہ پيمبر جڏهن ميدان ۾ جنگ لاءِ ويو تہ ڪيترن ئي ملعونن کي جهنم رسيد ڪري چڪو هو. نيٺ ملعون هٿان لڳل زخمن جي سٽ نہ سهي سگهيو ۽ ايترو پري تائين دشمن سان وڙهندو ويو جو پيءُ جي اکين کان اوجهل ٿي ويو. امام حسينؑ غم ۽ فڪر جي حالت ۾ پٽ جي اوسيئڙي ۾ بيٺو رهيو.

گهوڙي تمام گهڻي ڪوشش ڪئي تہ علي اڪبر کي هنن حيوانن نما دشمنن وٽان ڪڍي نڪري. گهوڙو جانور هو، پر اهلبيت جي شناس ۾ فرشتن مثل هو. هن طرف مسلمان هئا، امام حسين جي مقابلي ۾ پر افسوس حيوانن کي بہ حيران ڪيون بيٺا ها. گهوڙي جي ڪوشش ڪارگر نہ ويئي، رڻ ۾ ئي علي اڪبر دشمنن جي ور چڙهي ويو. جسم تي لڳل ڦٽن جي تاب نہ آٽي سگهيو تہ مٿان ملعونن شهزادي جي جگر ۾ گرز ۽ ڀالا هنيا. اتي گهوڙي جڏهن حالت فرزند امام حسين جي ڏٺي تہ هن خيمي جي طرف وڃڻ بجاءِ اتي ميدان ۾ ڊوڙون پاتيون. شاعر پنهنجي فڪريہ انداز ۾ ميدان جنگ جي حقيقت بيان ٿو ڪري:

گهوڙو وري آيو نہ وريو گهوڙي جو خاوند.

گهوڙي پنهنجي سوار جي پويان همٿ هاري ڇڏي ۽ شرمساريءَ ڪري تہ واپس وڃي ڇا امام کي منهن ڏيکاريندس، گهوڙو وريو ڪونہ. ٻي روايت آهي تہ امام حسين ششدر ٿي پُٽ جي آواز تي هليو تہ بابا منهنجي خبر وٺو! اڪبر آواز ڏنو بابي حسين کي ميدان مان. شاعر ان سوچ ۽ فڪر سان چوي ٿو تہ جانور جي وفا انسانن کان وڌ نڪتي، جڏهن ڏٺائين تہ گهوڙي سوار ميدان ۾ ڪِري پيو آهي ۽ دشمن جي حملي هيٺ اچي چڪو آهي تہ پوءِ منهنجو ڪهڙو ڪم ان بغير ميدان نڪري پنهنجي جان مٺي ڪريان، سو "گهوري جان جتن تان" مثال واري ڳالهہ گهوڙي واپس ورڻ جي ارادي کي ترڪ ڪيو. روايتون آهن تاريخ ۾ تہ جڏهن شهزادي علي اڪبر بابا! بابا! جي سدا هنئي ۽ اهي آواز امام حسينؑ جي ڪن تي پيا تہ پاڻ هوندي بہ ربّ جي بارگاهہ ۾ ٻاڏائي رهيا هئا تہ خالق اڪبر! مون کي منهنجي اڪبر سان ملائي ۽ ائين گهوڙو ڊڙيو، واڳو ڇڇل، منهن رت سان ڀريل، زخمن سان تر ٿيل

امامؑ جي اڳيان اچي ڪين شهزادي جي هنڌ جو پتو پڌايو. اهڙيءَ طرح امام کي ڪجهہ نہ سمجهيو، ان غم اندوهہ جي وقت امام مقل گاهہ ۾ معصوم ٻار جيان ٻانبڙا پائي پٽ کي آواز ڏيندا رهيا، ڳوليندا رهيا. اهي واقعا اڪين ڏٺا ان وقت جي راوين قلمبند ڪيا هئا، جن ۾ ڪجهہ راوي يزيدي گروهہ جا بہ هئا ۽ ڪن جو تعلق حسيني گروهہ سان بہ هو. جڏهن اهي واقعا زبان زد عام ڪتابن جي صورت ۾ پهتا تہ شاعرن پنهنجي پنهنجي زباني فڪريہ انداز ۾ بيان ڪيا، جن ۾ سڀ کان اعليٰ ۽ ڀرپور منظوم فڪر اسان کي سيد ثابت علي شاهہ جي مرثين ۾ ملي ٿو ۽ هر پڙهڻ وارو غم جي بحر ۾ ٻڏندي ڪربلا پهچي وڃي ٿو.

## جدائي فراق ۾ سنڌي ماحول جو ڏيک

اهڙيءَ طرح هتي هن مرثيي جي سٽن ۾ ثابت علي شاهہ بي بي سائڻ شهربانو (امام حسين جي گهر واري) جي بيواهہ ٿيڻ تي نج سنڌ جو ماحول جدائي ۽ فرق جو دل ڏاريندڙ انداز هيئن بيان ڪري ٿو:

هَئہ هَئہ رڻ ۾ بيبي بانو سِر تي خاڪ وسائي ٿي،
شاهہ حسينؑ جي لاش تي ويٺي نيڻئون نير وهائي ٿي،
آهون دانهون عرش رساٽيون هن پر حال سٽائي ٿي،
زهرا بيبيءَ جي ننهن پياري سائينءَ ري سيلائي ٿي.
(مرزا نجم، ٢٠٠٥ع: ١۴٠)

انهن بندن ۾ بي بي شهربانو جو پنهنجي سِر جي سائينءَ سان مخاطب ٿيڻ وارو انداز بلڪل ائين ٿو ظاهر ڪري جهڙوڪ سائڻ سنڌ مان ڪربلا ويئي هجي. شاعر جو فڪر بيان ۾ درد سائڻ جو بيان ڪرڻ خالص سنڌيءَ ۾ مرثيي کي وڌيڪ مؤثر ڪري ٿو.

اڳيان هي مرثيي جو بند هن ريت آهي:

روئي روئي رڻ جي واري کهگل جهڙي جوڙيندياس،
لحد تي تنهنجي لوڙهہ سنواري، روضو عالي راس ڪندياس،
تنهنجي بي بي سڪينہؑ جي هٿ چؤنري ڏيئي هيئن چوندياس،
چؤنري ڍار قبر تي امان، آئون تو تئون صدقو ٿيندياس.
(مرزا نجم، ٢٠٠٥ع: ١۴٠)

بيبيءَ جو روڄ راڙو ۽ قبر تي مجاور ٿي ويهڻ ۽ چؤگرد چؤڪنڊي اڏڻ اهو سڀ انداز نج سنڌيءَ ۾ آهي ۽ اهو روئي فرياد ڪرڻ تہ معصوم سڪينہ جيڪا امام حسينؑ جي سڀ کان پياري اولاد تنهن هٿان قبر جي چؤگرد چؤنرو ڏيڻ ظاهر ڪري ٿو تہ پيءُ جي محبت يا ان جي جنازي يا قبر جو سينگار اڪثر پياريون نياڻيون هونديون آهن سنڌ ۾.

چون ٿا تہ اردوءَ ۾ پهريون مرثيو 'سودا' چيو هو، پوءِ 'خليق'، 'ضمير' ۽ ڪائنٽ ٿورو پوءِ مير انيس ۽ ميرزا دبير ان وقت ۾ وڏو ڪمال حاصو ڪيو. اردوءَ جي تاريخ پڙهائي ٿي تہ اهي سڀ شاعر دهلي حيدرآباد دکن ۽ لکنؤ جا هئا، انهيءَ ڪري هو ڪربلا جي سانحي ۽ شهادت جي بيان ۾ شدت ڏيکارڻ لاءِ مقامي محاورا، ثقافت ۽ ٻوليءَ ۾ ئي عزادارن سان مخاطب ٿيندا هئا. ڏٺو وڃي تہ اهو هڪڙو سياويڪ عمل بہ آهي. اجهو هتي سنڌ جي شاعرن بہ ائين ڪيو آهي. مثال طور پتائي صاحب جو ڪيڏارو پڙهي ٿو تہ لڳي ٿو تہ ڪربلا جو ميدان هتي سنڌ ۾ ئي ڪٿي هو. پتائي صاحب کان قطع نظر سيد ثابت علي شاهہ جي مرثيي ۾ اگرچ فارسي آميز ٻوليءَ جو واهپو گهڻو آهي، پر ان ۾ اتر جي ٻوليءَ جو لهجو بہ عام جام نظر اچي ٿو. مثال طور: 'جاتي'، 'ڪاٿي'، 'ڪنئون'، 'تنئون' ۽ 'گهوٽ' وغيره.

۽ اهو بہ درست آهي تہ سيد ثابت علي شاهہ جا وڏڙا بيشڪ ملتان جا هئا، پر هو پاڻ ١٧٤٠ع ڌاري سيوهڻ شريف ۾ ڄائو هو ۽ ١٨١٠ع ۾ اتي ئي گذاري ويو. تاريخي ليکي ۾ سيد ثابت علي شاهہ پنهنجي دؤر ۾ سيوهڻ جو اهو پهريون ماڻهو هوندو هو،جيڪو علي الصبح درگاهہ قلندر لعل شهباز تي ويندو هو ۽ مزار مبارڪ جي سيرانديءَ کان ويهي تلاوت ڪلام پاڪ ڪندو هو.

سيد ثابت علي شاهہ ڪلهوڙن جي ايامڪاريءَ ۾ پيدا ٿيو. ٽالپر امير مير فتح علي خان جي بادشاهت ۾ هن کي نمايان حيثيت هئي. جڏهن هو عاشور ڏينهن فقير جي پڙ ۾ وڏي شاهي تعزيي آڏو ويهي پنهنجو چيل مرثيو ”ڪربلا جي قتل جي ڪر ڪا خبر اي آسمان“ سوز سان پڙهندو هو تہ بادشاهہ مير فتح علي خان ٽالپر ۽ اتي موجود ٻين ٽالپر شهزادن جا ڇيهہ ڇڄي پوندا هئا. (مرزا نصير، ٢٠٠٧ع: ١٥)

### ٥.١.١١ فن فڪر خطابت

سيد ثابت علي شاهہ جو جڳ مشهور ۽ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ طرفان نائين درجي جي سنڌي لازمي ڪتاب ۾ هي مرثيو ثابت علي شاهہ جي فڪر جو اعليٰ نمونو آهي. تمام درد، ظلم، قهر آل محمد تي ٽٽل ستم آسمان سان مخاطب ڪندي بيان ڪري ٿو! ۽ ائين لڳي ٿو واقعي ڪٿي آسمان ٽُٽي نہ پوي، ڦاٽي نہ پوي، جڏهن تہ ڪربلا جي قهر وقت آسمان قائم هو ۽ واقعي سڀ ڪجهہ ظلم آسمان هيٺ ئي ٿيندو رهيو.

انساني وجود ڪان وٺي آسمان قائم آهي. هر انساني حرڪت ان آسمان ڏٺي ۽ ٻُڌي آهي.

جڏ علي اصغر ڏٺئي ٿي تير سين تڙلين تچو،
چو نہ انجي تير جي تون ٿين سپر اي آسمان،
منهن ڏٺئي اڪبر جو ساڳيو مصطفيٰ جيئن بيمثال،
ڪيئن ڏٺئي نيزي تي پنهنجي رت ۾ تر اي آسمان،
جڏ ڏٺئي عباس پياسن ڪاڻ پاڻيءَ تي ڪُٺو،
توکي رئڻو هو جي ها تو ۾ ڪکر اي آسمان.

(مرزا نجم، ٢٠٠٥ع: ١٤٠)

سيد ثابت علي شاهہ جو فڪري انداز ۾ آسمان سان مخاطب ٿيڻ، شاعر جي حيراني ڪيفيت ۾ سوال تہ اي آسمان تو منجهہ بہ پاڻيءَ جا ڦڙا بہ خيراتي نہ هئا جو حسين مظلوم جي حالت زار تي وسائين ها، نہ توکي علي اصغر جي پياس تي رحم آيو، نہ توکي سُڪل مشڪ سڪينہ تي ڪهل پيئي. پاڻيءَ خاطر عباس عملدار نهر ڪناري دشمنن جي فوج هٿان بارو قلم ڪرائي شهيد ٿي ويو، تنهنجي سخت دلي ۽ بي رحميءَ تي توکان سوال ٿو ڪريان، تون ڇم ڇم برسات وسائين ٿو پر ڪربلا ۾ قهر ڏسي تو وٽ ڪو هڪ بہ ڪڪر نہ آيو. توکي تہ رئڻو هو، ڇا تون ان بيڪسيءَ جو حساب روز محشر ڏيئي سگهندين؟

شاعري پنهنجي سيني ۾ درد ڪربلا جو سانڍيو هر ڪردار، هر ظلم ۽ هر واقعي جو فڪري سوال آسمان ڪان ڪري ٿو! جنهن ۾ سوال بہ شاعر ڪري ٿو ۽ جواب بہ سندس ذهن ۾ اُڀرن ٿا، پر هو ڪنهن معجزي جي اوسيئڙي ۾ آهي. اڄ بہ جڏهن تاريخ ڪربلا جو ذڪر ٿئي ٿو تہ اهي ساڳيا سوال هر ذهن ۾ اُڀرن ٿا آسمان ڪان، زمين ڪان، پاڻيءَ ڪان.

### ٥.١.١٢ ڪربلا جي ايذاءَ تي زمين، آسمان ۽ پاڻي جو پڇتاءُ (مقاتل شيخ طوسي ۽ مقاتل مجلسي...... ۾)

تاريخ ۾ رقم آهي تہ روز عاشور بعد آسمان ۾ سرخ انڌاريون طوفان هليو، خون جي بارش ٿي، ڪيترائي ڏينهن جيڪو پٿر ڪنيو ٿي ويو، تنهن هيٺان تازو خون جاري پئي ٿيو، زمين ۾ زلزلو آيو، نهر فرات ۾ ٿرٿلو مچي ويو، ڪنارن سان پاڻي اهڙي نموني ڇوليون اڇلايون جيئن درياءَ اڇل ڪائيندو هجي ۽ ماتم ڪري سينو پٽيندو هجي. دشمن جي مٿان سخت غصي ۽ شور و غم جو اظهار ڪندو هجي

۽ گڏوگڏ ان پڇتاءَ ۾ منهن مٿو ٻہ پٽيندو هجي تہ هاءِ ڪجهہ نہ ڪري سگهيس.

## ۵.۱.۱۳ سيد ثابت علي شاهہ جي مرثين ۾ مڪالمہ نويسي

مڪالمي جي لغوي معنيٰ آهي هڪ ٻئي سان يا پاڻ ۾ ڳالهيون ڪرڻ يا ٻن ماڻهن جو ڪنهن هڪ موضوع تي خيالن جي ڏي وٺ ۽ گفتگو ڪرڻ.

سيد ثابت علي شاهہ پنهنجي مرثين ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي نهايت رقت آميز ۽ دلگداز مڪالمہ آرائي ڪئي آهي، جنهن مان نہ صرف سندس فني صلاحيت معلوم ٿئي ٿي، پر ٻوليءَ تي گرفت ۽ محل موقع سان گفتگو ڪرڻ جو وڏو فڪري ڏانءُ بہ ظاهر معلوم ٿئي ٿو.

**امام حسين جو شهزادي اڪبر سان ڪلام**

شاهہ گهوڙي تئون لهي ياڪر وڏو فرزند کي،
ڳل ڳراٽي پائي دلبر دادلي دلبند کي،
رت هنجون رئون چمي منهن پٽ جگر پيوند کي،
چيئين ابا ڇا عذر جي اهڙي وٽي خاوند کي،
آه اڪبر! تنهنجو منهن ساڳيو محمد جو جمال،
هَل محمد کي هلي ڏيکار منهن لوهو سين لال.

(صائب، ۲۰۰۳ع: ۳۱۸)

ڪربلا جي ڪارزار ۾ نوجوان فرزند علي اڪبر کي بابا حسين ابن عليءَ بار بار جهلي جهلي ڪئين مقامن تي رخصت ڪرڻ مهل روڪيو، پيار ڪيو، منهن مبارڪ چُميو تہ اي فرزند تنهنجي منهن مبارڪ مان ناني جي زيارت ڪندو هئس، اڄ ان زيارت کان محروم ٿي ويندا سين. هل امڙ کي آخري دفعو زيارت ڪرائي، پوءِ تہ محشر ۾ ملاقات ٿيندي.

**بيبين جو اڪبر سان ڪلام**

چئي سڪينہ سر پٽي منهنجا ادا اڪبر مَ وئون،
چئي پڦي سر منهن پٽي هئي هئي ابا اڪبر م وئون،
بيبي بانو چئي منهنجا اُڏار اجهار اڪبر م وئون،
جي تون وئي تو ريءَ اسين رڻ ۾ رليا اڪبر م وئون،

اي محمد جي نشاني هي محمد جو عيال،
ڪيم ڇڏيم پرڏيهہ پاڻئون ڪيم ڪر قصد قتال.

(صائب، ۲۰۰۳ع: ۳۱۸)

شهزادي اڪبر جو چهرو ساڳيو ناني محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم مثل هو ۽ هي شهزادو سڀني کي پيارو هو. بني هاشم ۾ بہ نوجوان علي اڪبر ۽ سندن چاچو حضرت عباس علمدار هو، جڏهن بيبين کي پنهنجي پردي چادر جا نگهبان اهي هستيون هيون.

**مقتل مجلسي مان: حصو پيو**

علامہ مجلسي مقتل مجلسي ۾ لکي ٿو تہ حضرت امام حسينؑ پنهنجي عورتن کي پاڻ سان گڏ ڇو وٺي ويا. سيد ابن طاؤس کان روايت آهي تہ حضرت امام حسين عليہ السلام پنهنجي اهل بيت کي خواتين کي پاڻ سان گڏ ان لاءِ وٺي ويا هئا جو پاڻ کي يزيد کان خطرو هين ۽ يقين هيو امام حسينؑ کي هو بيبين کي قيدي بڻائيندو. اگر امام اهل بيت کي حجاز يا ڪنهن ٻئي مقام تي ڇڏي وڃن ها ۽ ڪربلا جي طرف هليا وڃن ها تہ يزيد اوهان جي خواتين کي پنهنجو قيدي بنائي ها ۽ پوءِ امام عليہ اسلالم جهاد نہ ڪري سگهن ها ۽ نہ شهادت حاصل ڪري سگهن ها.(ڪلاچي الطاف، ۲۰۱۴ع: ۲۰۶)

مقتل شيخ صدوق ۾ روايت آهي تہ:

عبداللہ بن مسلم کی شہادت کے بعد امام حسین علیہ السلام کے بیٹے علی اکبرؑ میدان جنگ میں گئے۔ جب وہ دشمنوں کی طرف روانہ ہوئے تو امام حسین علیہ السلام کی آنکھوں سے آنسو جاری ہوئے اور آپ نے فرمایا: اے میرے معبود تو خود گواہ رہنا کہ ان کے ساتھ جنگ کرنے کے لیے وہ گیا ہے جو تیرے پیغمبر کا فرزند ہے اور صورت و سیرت میں لوگوں میں سب سے زیادہ ان کے مشابہ ہے۔

دشمن کے دس افراد قتل کرنے کے بعد (علی اکبرؑ) لوٹ کر اپنے بابا کی خدمت میں آئے اور یوں کہا:

بابا جان! پیاس - امام حسین علیہ السلام نے فرمایا: میرے بیٹے! تحمل کریں کہ میرے جد رسول خدا ﷺ آپ کو چھلکتے ہوئے جام سے سیراب کریں گے۔ علی اکبر میدان جنگ میں لوٹ آئے اور آپ نے جنگ کرنا شروع کی اور دشمن کے چوالیس (۴۴) افراد کو قتل کیا اور پھر خود شہید ہو گئے۔ (مشہدی آزاد، ۲۰۱۴ء: ۱۹۱)

### ۵.۱.۱۴ در عباس علمدار تي فڪر انگيز مناجات

سيد ثابت علي شاهہ نہ صرف مرثيہ گو آهي، پر رب کين هڪ وليءَ جو بہ درجو عطا ڪيو هو. نيڪ دل، صاف، پرهيزگار، در اهلبيت جو ڪُتل غلام هو. سندن زندگيءَ ۾ هڪ اهڙو بہ تڪليفده ڏينهن آيو، جڏهن کين آزمايو ويو. پاڻ هڪ مرثيو چيائون، جنهن ۾ سندن فڪر تي وڏا الزام لڳا. مخلف قوتون سرگرم ٿي ويون. عزاداريءَ کي روڪڻ لاءِ ننهن چوٽيءَ جو زور لڳائڻ شروع ڪيا. ان ئي دؤر ۾ سيد ثابت علي شاهہ هي مرثيو لکيو، جنهن تي اعتراض اٿيو هو:

شاهہ جي تابوت سين اڄ مصطفيٰ ﷺ روئندو هليو،
مير جي مظلوم مڙهہ سين مرتضيٰ روئندو هليو،
حضرت زهراؑ سين حسن المجتبيٰ روئندو هليو،
آهي خدا جو سُنهن ڪ اُن گڏ خود خدا روئندو هليو.

(مرزا نجم، ۲۰۰۸ع: ۲۷۱)

مرثيي جي چوٽين سٽ ۾ آهي تہ خود خدا رُوئندو هليو. سيد ثابت علي شاهہ جي ان فڪر مرثيي تي دين جي دعويدارن طرفان مصيبت برپا ڪئي ۽ دشمني وڌي الزام ترا شيون ڪيون تہ ”خدا تعاليٰ ڪائڻ پيئڻ ۽ روئڻ کان مُبره پاڪ ۽ لا شريڪ آهي، سيد ثابت علي شاهہ اهو لکي خدا تعاليٰ جي شان اقدس ۾ گستاخي جو مرتڪب ٿيو آهي، جنهن جي سزا صرف قتل آهي، انڪري هاڻي سيد ثابت علي شاهہ ڪربلائي کي اسان جي حوالي ڪيو وڃي تہ جيئن اسين کيس سزا ڏيئي شرعي حد جاري ڪري سگهون.“ حالانڪ سيد ثابت علي شاهہ ڪربلائي تہ اهي لفظ قرآن حڪيم ۽ احاديث نبويءَ کي مدنظر رکي لکيا هئا. قرآن حڪيم جي سوره احزاب جي آيت نمبر ۵۷ ۾ ارشاد خداوندي آهي تہ، جيڪي ماڻهو الله ۽ ان جي رسول کي اذيت پهچائين ٿا، انهن تي الله تعاليٰ دنيا ۽ آخرت ۾ لعنت فرمائي آهي ۽ انهن جي لاءِ رُسوا ڪندڙ عذاب آهي.“ (رضوي اعجاز، ۲۰۱۷ع: ۱۳۷)

۽ پي حديث آهي تہ حسين مون مان ۽ آءٌ حسين مان آهيان، جنهن بہ منهنجي حسين کي اذيت ڏني، ان مون کي اذيت ڏني. ان الله تعاليٰ کي اذيت پهچائي.

”حضور اڪرم جن جا تہ اهڙا ڪيترائي واضح فرمان موجود آهن، جن کي سامهون رکندي سيد ثابت علي شاهہ ڪربلائي امام حسينؑ جي مظلومانہ شهادت تي حضور اڪرم جن جي روئڻ کي خدا تعاليٰ جو روئڻ قرار ڏيندي لکيو تہ خود خدا روئندو هليو.“ (رضوي اعجاز، ۲۰۱۷: ۱۳۷)

عزاداريءَ جي مخالف قوتن تحريڪ هلائي مخالفت ۽ احتجاج شروع ڪيو. سيد ثابت علي شاهہ خلاف مير غلام علي ٽالپر سان ملاقاتون ڪري مؤقف رکيو تہ سيد ثابت علي شاهہ کي گرفتار ڪري اسان جي حوالي ڪيو وڃي، اسين شريعت موجب سندس ڏوهہ جي سزا تجويز ڪنداسين.

حاڪم وقت انهن کي اطمينان ڪرايو، واعدو ڪيو تہ سڀاڻي سيد ثابت علي شاهہ توهان جي حوالي ڪيو ويندو.

”انهن ڏينهن ۾ حيدرآباد ۾ ئي درس و تدريس جي سلسلي ۾ هڪ مدرسو هلائي رهيو هو. ان کي جڏهن حاڪم وقت جي اهڙي فيصلي جو اطلاع پهتو تہ هو بہ انتهائي پريشانيءَ ۾ مبتلا ٿي ويو. اها سڄي رات انتهائي پريشانيءَ واري عالم ۾ گذاري ۽ ان رات حضرت عباس علمدار جي بارگاهہ ۾ هيءَ مناجات لکيائين.“ (رضوي اعجاز، ٢٠١٧: ١٣٧)

عترت جا علمدار شها منهنجي مدد ڪر،
تو هٿ علم الحمديو! منهنجي مدد ڪر،
تو شاهہ جي آئون در جو گدا، منهنجي مدد ڪر،
رک پنهنجي علم سايہ سدا منهنجي مدد ڪر،
ابن علي حسنين ادا منهنجي مدد ڪر،
عباس علي شير خدا منهنجي مدد ڪر،
اي حمزه اولاد علي شير بهادر،
وي جعفر طيار حسين آخ دلاور،
ڪيئي حيدري حملا ۽ ڪٽئي ڪوفي جا لشڪر،
ڪوفن ڪئون ڇڏائي اچي ڪر منهنجي بہ واهر،
ابن علي حسنين ادا منهنجي مدد ڪر،
عباس علي شير خدا منهنجي مدد ڪر.

(مرزا نجم، ٢٠٠٨ع: ٤٦)

جڏهن سيد ثابت علي شاهہ ڪربلائي اها مناجات لکي مڪمل ڪئي تہ ان جو ورد شروع ڪري ڇڏيائين. هڪ طرف سيد ثابت علي شاهہ ڪربلائي مناجات جي دور ۾ مشغول هو تہ ٻئي طرف حاڪم وقت مير غلام علي خان ٽالپر پنهنجي شاهي آرامگاهہ ۾ آرامي هو. اوچتو مير صاحب بستري تان هيٺ ڪِري پيو. ڪيس ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ آيو ۽ زمين تان اٿي وري بستري تي سمهي پيو. ڪجهہ

دير ڪان پوءِ هو ڀيهر بستري تان هيٺ زمين تي اچي ڪِريو. ڀيو ڀيرو هيٺ ڪِرڻ ڪان پوءِ مير صاحب کي پريشاني لاحق ٿي. کيس ڪافي دير تائين ننڊ نہ آئي ۽ ڪجھ سمجھ ۾ بہ نہ پئيس آيو. مير صاحب جي آخر اک لڳي تہ خواب ۾ هڪ بنا ٻانهن واري پُرنور جوان کي ڏٺائين، جيڪو کيس غضبناڪ لهجي ۾ فرمائي رهيو هو تہ اسان جو هڪڙو محب تنهنجي سلطنت ۾ زندگي گذاري رهيو آهي ۽ تون ان کي دشمن جي حوالي ڪرڻ چاهين ٿو. اسين بہ ڏسون ٿا تہ تون ڪيئن ٿو ان کي سندس دشمنن جي حوالي ڪرين. بس ان کان پوءِ مير صاحب وري بستري تان هيٺ زمين تي ڪِريو ۽ سندس اکين مان ننڊ اڏامي ويئي. اهڙي صورتحال مير غلام علي خان ٽالپر کي انتهائي خوفزده ڪري ڇڏيو. اُنڪري هن ان ئي وقت هڪ غلام کي اُماڻي پنهنجي وزير آغا اسماعيل شاهہ کي فوري تي طلب ڪري ورتو. آغا اسماعيل شاهہ حاضر ٿي مير صاحب کان رات جو ايتري دير سان طلب ڪرڻ جو سبب معلوم ڪيو تہ مير صاحب کيس سموري صورتحال کان آگاهہ ڪيو ۽ کانئس ان پريشانيءَ جو حل دريافت ڪيائين. آغا اسماعيل شاهہ کيس آگاهہ ڪيو تہ آءٌ سمجهان ٿو تہ سيد ثابت علي شاهہ ڪربلائي جي امداد اچي پهتي آهي، ان ڪري ان جي ناراضگي دور ڪري کيس راضي ڪيو وڃي. مير غلام علي خان ٽالپر آغا اسماعيل شاهہ کي هدايت ڪئي تہ سيد ثابت علي شاهہ ڪربلائي کي هينئر ئي وٺي اچو.

حاڪم وقت جو اهڙو حڪم ملڻ شرط آغا اسماعيل شاهہ سيد ثابت علي شاهہ کي پاڻ سان گڏ وٺي آيو. مير غلام علي خان ٽالپر سيد ثابت علي شاهہ ڪربلائيءَ سان عزت ۽ احترام سان پيش آيو ۽ صورتحال کان آگاهہ ڪري کيس چيائين تہ آءٌ پنهنجي ڪيل فيصلي تان بہ دستبردار ٿي چڪو آهي. هاڻي توهان حضرت عباس علمدارؑ جن جي بارگاهہ ۾ منهنجا سفارشي بڻجي مون کي معافي ڏياريو تہ جيئن آءٌ سندن ناراضگيءَ کان بچي سگهان. سيد ثابت علي شاهہ ڪربلائي مير غلام علي ٽالپر جي حق ۾ دعا ڪئي. مير غلام علي خان ٽالپر کيس انعامن ۽ اڪرامن سان نوازيو. هن معجزي جي مڪمل تفصيل جو مطلاعو انجمن اماميہ سنڌ پاران ڀهرين ١٩٥٥ع ۽ پوءِ ١٩٦٣ع ۾ ٻيو ڀيرو شايع ڪرايل محمد هاشم ميوه خان کي ڪتابچي ”معجزه حضرت عباس علمدار در سيد ثابت علي شآهہ ڪربلائي“ ماهوار الحسينؑ ڪراچي جي اپريل ١٩٥٦ع واري اشاعت ۾ سجاد بيگم بنت مرزا اڪبر بيگ جي شايع ٿيل مضمون معجزه حضرت عباس سيد ثابت ثابت علي شاهہ يادگار ڪميٽيءَ جي سال ١٩٦٣ع ۽ ١٩٦٥ع جي ساليانې رپورٽن وارن شايع ٿيل ڪتابچن ۽ هفتيوار ’پنجتني‘ حيدرآباد جي ١٢ آڪٽوبر ٢٠٠۴ع جي اشاعت ۾ ڪري سگهجي ٿو. (رضوي اعجاز، ٢٠١٧ع: ١٣٩، ١۴٠)

سيد ثابت علي شاهہ کي در اهلبيت تان مليل فڪر ۽ فهم آل رسول جو منظور نظر بڻائي ڇڏيو.

الله جي طرفان اهي چونڊيل بندا هوندا آهن، جن ڪي اهڙي اعليٰ فڪر جهڙي ساجاهه مليل هوندي آهي، جنهن ۾ سنڌ ڌرتيءَ جي هن شاعر پنهنجو مقام پنهنجي محنت ۽ سچائيءَ سان حاصل ڪيو آهي ۽ رهندڙ دنيا تائين آسمان تي چمڪندڙ ستاري جيان روشن رهندو. علم ادب جي آسمان جي وسعتن ۾ سيد ثابت علي شاهه جي فڪر جي ڳالهه جي ۽ سندس اعليٰ تصنيف جو ذڪر نه ٿئي ته پوءِ اها ناانصافي ٿيندي. هن شاعر نه رڳو مرثيي کي عروج بخشيو پر ان کي لازوال ڪري ڇڏيو. سنڌي زبان/ ٻولي صدين تائين ثابت علي شاهه جي ٿورن/ احسانن هيٺ دٻيل رهندي. سنڌي زبان جي ڪُک سڀاڳي آهي، جنهن محمد و آل محمد جي هن خدمتگذار سادات گهراڻي جي فرزند کي جنم ڏنو. سيد ثابت علي شاهه کي رب پاڪ شهيدن جي زيارت ۽ سموري عراق جون زيارتون ڏٺئي دؤر ۾ نصيب ڪيون. شاهه بندر کان ساموڊي سفر ذريعي ڪربلا معليٰ ۽ عراق جي ٻين مقد زيارت گاهن جي زيارت جو شرف حاصل ڪرڻ لاءِ روانا ٿيا. سندن هي سفر ١۴ شعبان سن ١٢٠٨هه بمطابق ١٧٩٣ع تي شروع ٿي سن ١٢٠٩هه بمطابق ١٧٩۴ع تي پنهنجي وطن پهچي ختم ٿي. سيد ثابت علي شاهه ڪربلائي ان سڄي روئداد کي منظوم شاعريءَ ۾ قلمبند ڪري ان کي زيارت نامو جو نالو ڏنو. سندن ان مقدس سفر تان واپسيءَ تي سنڌ جي معروف شاعر سيد غلام علي 'مائل' نثوي قطعه تاريخ لکي، جنهن مان پڻ سندس واپسيءَ جو سال ١٢٠٩هه بمطابق ١٧٩۴ع نڪري ٿو. ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته سنڌي زبان ۾ ديار مقدس بابت سيد ثابت علي شاهه ڪربلائيءَ جو منظوم شاعريءَ ۾ لکيل هي 'زيارت نامو' نثر کان به اڳ لکيل سنڌي زبان جي سفرنامن ۾ هي پهريون سفرنامو آهي. (سيوهاڻي، ٢٠١٧ع: ١٠)

### ٥.١.١٥ سنڌ زبان جو پهريون منظوم سفرنامو

ڪليات سيد ثابت علي شاهه ته تمام پوءِ شايع ٿي. ان کان اڳ 'زيارت نامو' نالي هيءَ سفرنامو ١٩۴٢ع ۾ مرحوم ميوه خان ڪيريو جوائنٽ سيڪريٽري انجمن اماميه سنڌ سيٺ حاجي امام بخش صدر جماعت خواجگان اثنا عشريه ميرپور بٺورو پاران ڇپارائي پڌرو ڪيو، جيڪو ١٢٦ صفحن تي مشتمل هو. (سيوهاڻي، ٢٠١٧ع: ١١)

### ٥.١.١٦ 'زيارت نامو' ثابت علي شاهه جي فڪر جي انتها آهي

شاهه جي هميت، اُڪير ۽ تمنا ڪيس آخرڪار مير صاحب کان سفر جي اجازت ڏيڻ تي مجبو ڪيو. ڪيس رستي جو خرچ ۽ بحري سفر جي پهرين منزل مسقط جي حاڪم ڏانهن هڪ سفار شي خط ڏنو ۽ ڪيس التجا ڪئي ته مقدس جاين تي سندس لاءِ دعاءِ عاقبت گهري. مير جي اهڙين مهربانين لاءِ پاڻ به بيان ڪيو اٿس:

عاقبت با خير و خوبي فضل سين فياض جي،
خسروي دربار مئون حاصل ٿي رخت بارها،
خرچ نقدي اذوقو اسباب درڪار سفر،
جيڪي مطلوب تنهن ڪنئون پڻ زياده ٿيو عطا،
عامل بندر تي پروانو گهٽي پارت منجهس،
حاڪم مسقط ڏي خط تنهن ۾ سفارش بيحدا،
امر فرمايئون ڪ اي مسڪين زوار حسين،
ڪيئي شاهہ مظلوم جو عزم زيارت مرحبا،
جڏهہ رسين روضہ ۾ فرزند رسول الله جي،
در چُمي سر ڌري منهنجي بہ ڪؤرنش ڪج ادا،
رت هنجون روئي جڏهن چهرو رنگي ٿين سرخرو،
چئج سرور جو سند ۽ صادق محب جانفدا،
يا ابن خيرالمرسلينؑ يا ابن امير المومنينؑ،
الصلواة وَالسلام عليڪ يا خيرالوريٰ.

ڪربلا جي پاڪ سرزمين طرف جڏهن روانا ٿيا، پنهنجي سفر نامي ۾ ان وقت جي حقيقتن ڏانهن بہ اشارو ڪيو اٿس. جڏهن ڪو حج جو پانڌيئڙو سفر تي مقامن جو پرانو يا پرديس جي طرف سفر تي روانو ٿيندو هو تہ سڄو ڳوٺ جنهن ۾ سندس گهر وارا، عزيز اقارب، دوست مٺا سڀ عزت سان دل ۾ جايون ڏيندا هئا ۽ امام ضامن ٻڌي هٿ پيرن تي رکي التجا ڪندا هئا دعائن ڪاڻ:

۽ بہ اُمراؤ اڪابر ۽ مصاحب اهل بزم،
سر نوايءَ چئون سلام ۽ ڪيئون سجدا دعا،
هموطن همراز مشفق خاص مخلص يار دوست،
هڪڙي هڪڙي هٿ ڪٽي ٿي ڪئي دليئون جانيئون دعا،
ڪنهن ٿي چيو اي ابن پيغمبرؐ جا پانڌي رب امان،
ڪنهن ٿي چيو اي ڪربلائي شال رسندين ڪربلا،
سال عزم اين زيارت چور دل ڪر دم طلب،
آمد از سوئي دلم ثابت علي صادق ندا.

(سيوهاڻي، ٢٠١٧ع: ١٨٠١٧)

قافلي جي روانگيءَ وقت سيد ثابت علي شاهہ سڄي قافلي جي فردن ۽ سمنڊن جي لهرن موجن جو ذڪر ڪيو:

ماهہ چوڏهن شهر شهر شعبان سال ٻارنهن سؤ ۽ اٺ،
ٺياسون بند ڪئون روانہ راهہ دريا سڪ پريا،
موڪلائي مڙني ڪئون ٺياسين روانا راهہ بحر،
شاهہ بندر ڪئون بہ مسقط همراهہ حفظ خدا،
رات ڏينهن ٿي راهہ بحر شور ڪشتي قطع ڪئي،
بحر بحر رحمت و ڪشي سفينہ قدنجا.

(سيوهاڻي، ٢٠١٧ع: ١٩)

سيد ثابت علي شاهہ تاريخ ١۴ شعبان المعظم سن ١٢٠٨هجري تي سنڌ جي بندر ڪان مقدس سفر شروع ڪيو. تمام افراد ۽ ڪيفيتون، حالات سمنڊ جي خوف واري سفر ۾ سمنڊ جي خوفناڪ لهرن ۽ دهشت ڀرين لوڏن ڪي شاهہ صراط مستقيم جو رستو سڏيو آهي.

## ٥.٢ مير انيس جي اردو مرثيہ نگاريءَ جو فڪري اڀياس

اردو ادب جي دنيا ۾ جيڪڏهن گهڻا ۽ عام نالا مرثين جي ڪري مشهور آهن تہ اهي مير انيس ۽ دبير آهن. هونئن تہ سودا کي مرثيي جو تعميري سخن ور چيو ويندو آهي، مير ضمير، مير خليق، ميان دلگير ۽ مرزا فصيح جون برصغير ۾ مرثيي کي ارتقا جي منزل تي پهچائڻ جون گهڻيون ٽڻيون ڪوششون رهيون آهن. اها ڳالهہ ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ هر شئي جي ابتدائي صورت ڪجهہ خاص نہ هوندي آهي. جيئن جيئن زماني ۾ آگاهي ۽ تغيرات جي افتاد ٿيڻ لڳندي آهي، آهستي آهستي ان جي صورتن ۾ تبديلي اچڻ شروع ٿي ويندي آهي. اتي مثال مير ضمير جهڙي دلچسپ شخصيت رکڻ جو ڏجي تہ: جو ڪين مرثيي جو نئون طرز ايجاد ڪرڻ ۾ اوليت حاصل آهي، ان پاڻ پنهنجي هڪ مرثيي ۾ چيو آهي تہ:

”جس سال لکھے وصف یہ ہم شکل نبی کے،
تھے بارہ سو انچاس (١٢٤٩ء) وہ سال نبوی کے،
آگے کبھی دیکھے نہ تھے یہ طرز کسی کے،
اب سب ہی مقلّد ہوئے اسی طرز نبوی کے،
دس میں کہوں سو میں کہوں یہ درد ہے میرا،
جو جو کہے اسی طرز میں نما گرد ہے میرا۔

اس بند کو پڑھنے کے بعد کئی اہم سوال پیدا ہوتے ہیں۔ کہا سن بارہ سو انچاس کے پہلے میر ضمیر نے خود جو مرثیے لکھے، وہ اس مرثیے یا اس کے بعد کے مرثیوں سے مختلف تھے۔ کہا ان کے ہم عصر دوسرے شعراء اس وقت تک جو مرثیہ لکھتے تھے، ان میں وہ باتیں نہ تھیں، جو ١٢٤٩ء والے مرثیے میں پیدا کی گئی ہیں؟ وہ کہا خصوصیات ہیں، جو اس مرثیے کے دوسرے مرثیوں سے الگ کرتی ہیں اور جنہیں میر ضمیر نے طرز نوی کہا ہے۔ سب سے بڑی مشکل یہ ہے کہ ان شعراء کلام تاریخی ترتیب سے نہیں ملتا۔ اسی لیے یہ کہنا بہت مشکل ہے کہ میر ضمیر نے مرثیے میں وہ کون سی خصوصیات پیدا کر دیں جو میر خلیق کے مرثیوں میں نہیں پائی جاتیں؟ جس مرثیے میں یہ بند آیا ہے، اس میں یقیناً مرثیے کا وہ عام ڈھانچہ تیار ہو گیا، جسے بعد میں میر انیس اور میر زا دبیر نے تکمیل تک پہنچایا، یعنی مرثیے کے وہ اجزائے ترکیبی اپنی ابتدائی شکل میں نظر آنے لگتے ہیں، جن کا ارتقا بعد میں ہوا۔ اس میں تمہید یا چہرہ بھی ہے، رخصت بھی، سراپا کے کچھ نقوش بھی، آمد اور اخیر بھی، رزم کے مناظر بھی، شہادت اور بین بھی۔ گویا ایک مختصر سے خاکے کے اندر وہ سارا رنگ و روغن نظر آ جاتا ہے۔“ (نقوی نائب، ١٩٥٩ء: ١٥-١٤)

اتي هڪ ڳالهه صاف نظر اچي ٿي حوالي مان ته مير انيس هڪ باڪمال شاعر مرثيه هو، پر ان جي ان ڪمال کان پهرين باڪمال مرثيه گو پيدا ٿيل هئا، ۽ مير انيس پنهنجن انهن وڏڙن کان شاگردي به ورتي هئي. ان سلسلي کي ارتقا تائين ڪٽي آيو ۽ مرثيي کي علحده نواڻ به ڏنس.

''جس کوزیادہ حسن وتناسب اور تعمیری احساس کے ساتھ میر انیس نے پیش کیا ہے۔ بہرحال تاریخ مرثیہ گوئی کے طالب علموں کے لیے میر ضمیر کی مرثیہ نگاری غور وفکر کا بڑا سامان فراہم کرتی ہے، جس کے نظرانداز کرنے سے میر انیس کے فنی ارتقا کو بھی مکمل طور پر نہیں سمجھا سکتا۔'' (نقوی نائب، ۱۹۵۹ء: ۱۸)

٥٣. نقوی، نائب حسین، امروہوی، ''مراثی انیس''، جلد چہارم، شیخ غلام علی اینڈ سنز، پرنٹرز و پبلشرز، کشمیری بازار، لاہور بندر روڈ، کراچی (پوسٹ بکس٥٢٨لاہور) ١٩٥٩ء، ص١٧

٥٤. ایضاً، ص١٨

٥٥. ایضاً، ص٢٣

٥٦. ایضاً، ص٢٥

باب ڇهون

# نتيجا ۽ تجويزون

موضوع جي اعتبار کان منهنجي تحقيقي مقالي جو تعلق صنف مرثيي سان آهي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ مرثيي جي شخصيت سيد ثابت علي شاهه ڪربلائي ۽ اردو ٻوليءَ جي مرثيہ نويس سيد انيس ببر علي انيس جي مرثيہ نگاريءَ تي آهي. سيد ثابت علي شاهه جي مرثيي تي مقالا، مضمون ۽ تحريرون تہ آهن، مگر تحقيق جي دنيا ۾ ڪنهن اجا ايم.فِل يا پي.ايچ – ڊي ناهي ڪئي. هڪ اسڪالر جي وس جي ڳالهہ نہ آهي، ان لاءِ گهڻو وقت ۽ اسڪالر درڪار هئڻ گهرجن ها. هڪ پي.ايچ – ڊي اسڪالر لاءِ اهو قطعي ناممڪن آهي تہ هو ٻوليءَ سان لاڳاپيل سمورن علمي معاملن ۽ خصوصاً شعري ميدان ۾ مرثيي صنف ۾ آيل انهن لوازمات صنعتن کي اڀياس هيٺ آڻي سگهي.

هن مقالي ۾ سيد ثابت علي شاهه ڪربلائيءَ جي مڪمل دستياب ڪليات ۽ تاريخ کي تنقيدي اڀياس هيٺ آندو ويو آهي.

اهڙيءَ طرح مراثي انيس جي مڪمل جلدن مان امير جي مرثين جي تحقيق ڪئي ويئي آهي.

ٻنهي شاعرن جي پنهنجي پنهنجي انداز، ٻولي، خطي، ريتن رسمن ۽ فڪر تي تقابلي تحقيق ۽ تنقيد ڪري جائزو ورتو ويو آهي.

پهرئين باب ۾ تحقيق جا طريقا بيان ڪيا ويا آهن.

ٻئي باب ۾ مرثيي جي تاريخ، ان جي شروعات کي بيان ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ مرثيہ نگاريءَ جي روايتن کي واضح ۽ جانچ ڪري بيان ڪيو ويو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ مرثيي جي روايت ابتدا، صنف جو نمونو ۽ اهي شخصيتون جن مرثيي جي ابتدا ڪئي ۽ پنهنجي فڪر سان سنڌي ادب ۾ مرثيو متعارف ڪرايو. ان باب ۾ اردو مرثيہ نگاريءَ جي تاريخ، روايت ۽ قديم مرثيہ خوان انهن جو ڪم مرثين جي مثالن سان بيان ڪيو ويو آهي، جنهن جي روشنيءَ ۾ اردو مرثيہ نگاريءَ جي روايت ۾ جيڪي خوبيون ۽ زماني جي پيش نظر تنگ خياليون هيون، اهي سڀ سامهون بيان ۾ آيون. مرثيي جا ترڪيبي جزا ڪهڙا ۽ ڪيترا آهن ۽ ٻنهي شاعرن ڪيترن جزن تي مرثيي جي فن جو ستاءُ ۽ گهاڙيتو بيهاريو آهي، اهو بيان آهي.

ٽئين باب ۾ سيد ثابت علي شاهه ڪربلائيءَ جي مڪمل شخصيت، مرثيي جي ابتدا ۽ سندس فڪري، فني خوبين کي واضح مثالن سان بيان ڪيو ويو آهي. مير انيس جي شخصيت، مرثيہ نگاريءَ

جي فني فڪري خوبين ڪي واضح مثالن سان بيان ڪيو ويو آهي.

چوٿين باب ۾ سيد ثابت علي شاهه ۽ مير انيس جي مرثيہ نگاريءَ جي فن ۾ گهاڙيتو، صنعتون، علم عروض کي بيان ڪيو ويو آهي.

پنجين باب ۾ سيد ثابت علي شاهه ڪربلائي ۽ مير انيس جي مرثيہ نگاريءَ جي فڪر ۽ طريقي کي خاص تقابلي اڀياس هيٺ بيان ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ مرثيي ۾ گهربل جذبات، ماحول، رنگ، منظر نگاري، ڪردار نگاري، واقعه نگاري، جاهه و جلال، صبر و قناعت، عزم و استقلال، فن خطابت وغيره بيان ڪيو ويو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي پهرئين منظوم سفر نامي جي فڪر کي اجاگر ڪيو ويو آهي، جيڪا هڪ انوکي تخليق سيد ثابت علي شاهه سنڌي ادب کي ڏني آهي، جنهن ۾ سندس مڪمل زيارت عراق، ايران سفر جو قصو منظوم ٿيل آهي.

باب ڇهين ۾ نتيجن ۽ تجويزن سان گڏوگڏ ببليوگرافي شامل ڪئي ويئي آهي.

هن مقالي ۾ تحقيق جو طريقيڪار سنڌي ٻوليءَ جي مرثيي جي باني سيد ثابت علي شاهه جي علمي شعوري فني فڪري اهميت ۽ افاديت جو تعين جي بنياد تي رکيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح اردو ادب جي مير انيس جي فني فڪري اهميت ۽ افاديت کي پڻ بنياد تي جاچيو ويو آهي.

هن مقالي جي لکڻ جو طريقو بيان ۽ طريقيڪار تحقيقي ۽ تنقيدي مقرر ڪيو ويو آهي. هن مقالي جو تعلق ڪتابن، لائبررين ۽ ٻوليءَ جي عالمن ۽ ماهرن سان آهي. هن مقالي لاءِ جن لائبررين جو ذڪر ببليوگرافيءَ واري حصي ۾ آهي، انهن مان لاڀ حاصل ڪيو ويو آهي. ثانوي ذريعن ۾ موضوع سان لاڳاپيل ڪتابن، رسالن، لغتن، اخبارن، اديبن ۽ انٽرنيٽ کان بہ مدد ملي آهي.

هن موضوع تي ٿيل تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس مان هيٺيان مقصد حاصل ٿين ٿا:

- موضوع سان لاڳاپيل اهڙا نوان ۽ لڪل گوشا نروار ٿيا آهن، جن تي ڪو ڪم ڪونہ ٿيو هو.
- هن موضوع تي ڪم ڪرڻ کان پوءِ، مرثيي جي صنف ۽ سنڌي اردو ٻوليءَ جي ميلاپ جو موجوده دؤر ۾ نوجوان نسل کي آگاهي ۽ شناسائي ملندي. ڪيترائي اسڪالر ان گڏيل ٻوليءَ جي تحقيق مان ۽ گڏوگڏ عام پڙهندڙ پڻ استفادو حاصل ڪندا.
- ٻوليءَ طرف ويجهڙائي ۽ مرثيي جي صنف سان گهڻي آگاهي حاصل ٿيندي.

## ٦.١ نتيجا

هن تحقيق جي مڪمل ٿيڻ تي حاصل ٿيل ڪجهہ چونڊ نتيجا هتي پيش ڪجن ٿا:

- مرثيي جي تاريخ معنيٰ، مفهوم ۽ صنف تي بحث ڪري خوبيون واضح ڪيون ويون.
- مرثيو غم جو مهاساگر آهي. ڪائنات ۾ سڀ کان پهريون مرثيو حضرت آدم عليہ السلام پنهنجي فرزند حضرت هابيل جي شهادت تي سرياني ٻوليءَ ۾ چيو. ان کان پوءِ مرثيو عربي ٻوليءَ ۾ مليو ٿو، جيڪو عروضي شاعريءَ جو هڪ قسم آهي ۽ عروض کي عربن ايجاد ڪيو. مرثيو ۾ عروض هڪ ٻئي لاءِ لازم ملزوم آهن. سنڌي زبان ۾ ان جو سهرو سيد ثابت علي شاهہ تي سجيو، جيڪو ثابت ٿي چڪو آهي.
- مرثيي جي شاعريءَ ۾ رزميہ يعني جنگي شاعري بہ شامل آهي. انگريزي زبان ۾ شاعريءَ جي ان صنف کي Elegy چيو ويندو آهي.
- ملڪ عرب ۾ شاعريءَ جي ابتدا فطرت جي عين مطابق مرثيي سان ٿي. دلين ۾ جيڪي جذبا ٿيندا هئا، انهن جو شاعريءَ جي ذريعي اظهار ڪيو ويندو هو.
- مرثيي جو فن عرب دؤر جاهليت ۾ عروج تي هو.
- تحقيق شده حقيقت مطابق تہ سنڌي مرثيي جي ابتدا تڏهن ٿي جڏهن سنڌي شاعري وجود ۾ آئي. مرثيي جي ابتدا بيتن ۽ ڏوهيڙن سان ٿي، جنهن جو مثال شاهہ عبداللطيف جي رسالي ۾ سُر ڪيڏارو موجود آهي، جنهن جا مثال اولين طور ڏنا ويا آهن.
- ڪلهوڙا ۽ ٽالپر حاڪم اثنا عشري مذهبي هئا ۽ انهن جو تعلق ايران ۾ صفوي خاندان جي دؤر ۾ اوڌ جي والين جي اوڌ ۾ بہ سٺا تعلقات هئا. جهڙيءَ طرح سنڌ ۾ ڪلهوڙا ۽ ٽالپر خاندانن سنڌي مرثيي کي ترقي وٺرائي.
- شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست، مخدوم عبدالله نري وارو، مخدوم عبدالرؤف ڀٽي هالائي، مولوي احمد، سيد عظيم الدين ٺٽوي، ميرزا مراد علي بيگ 'سائل'، مير نصير خان، آخوند محمد بچل، مرزا بنده علي، سيد غلام مرتضيٰ شاهہ، هزهائنيس مير حسن علي خان، ميرزا قليچ بيگ، مير عبدالحسين خان سانگي، ميان سرفراز ڪلهوڙو ۽ ٻيا ڪئين جن سنڌي مرثيي تي طبع آزمائي ڪئي، اهي مثال تحقيق ۾ شامل ڪيا ويا مرثين سميت.
- سنڌي ٻوليءَ ۾ مرثيا نگاريءَ جي روايت کي سيد ثابت علي شاهہ جنهن جو دؤر ١٧٤٠ع کان

۱۸۱۰ع آهي، تنهن ان روايت کي عرب جي علم عروض تحت فارسي رنگ طرز ۾ مسدس ۾ مرثيا چيا ۽ پوءِ طويل مرثيا جديد شڪل ڏني، جيڪا صرف ۽ صرف ايجاد سيد ثابت علي شاهه جي آهي ۽ اهڙيءَ طرح سنڌي مرثيي جي فن جو بادشاهه سيد ثابت علي شاهه کي چيو ويندو.

- اردو ادب جي شاعر مير انيس تي به وقت آيو هو، جڏهن مذهبي تنگ خياليءَ جي ڪري ان کي ۽ ان جي ڪلام کي خاص گروهه تائين محدود رکيو ويو. مير انيس جي ڪلام جي قدرت لاءِ ايترو ئي ڪافي آهي جو اردو ادب ۾ هميشه انيس و دبير جو مقابلو هليو، مگر ڪنهن جي شهرت ڪلام تي اثر نه پيو.
- اردو شعر و ادب ۾ مرثيي جي صنف جي ترقي ۽ ترويج ۾ لکنؤ جي فضا جو وڏو هٿ رهيو آهي. اهي صنفون اگر لکنؤ کان ٻاهر رهيون ته اهو به لکنؤ جي فضا جي مرهون منت هو.
- تحقيق سان اهو به ثابت ٿيو ته قديم طرز لکنؤ جي ڪلام مصنوعي فضا ۾ مرثيي جي سلاست فصاحب ۽ ادبي آموزش سان ريگستان ۾ خوشنما سبزه زار ڪري ڇڏيو.
- ان وقت جڏهن شاعري عيش پسندي درٻارن ۾ خوشامد جي ڏيڻ ۾ قاتل هئي، ان وقت صد بار آفرين جو ان ڪريل ماحول مرثيي جو فن اُسريو، حالانڪ حيثيت صفا نه هئڻ برابر هيس. چوٽي هئي ته ”بگڙا شاعر مرثي گو“. غزل جو عروج هو ۽ مرثيي ۾ سنجيدگيءَ جي ضرورت هئي ۽ ان ماحول جو ڪير دلداده نه هو، مگر اها صنف سست رويءَ سان سهي مگر رفتار ۾ مسلسل هلندي رهي ۽ آخرڪار دنياءِ هند ان سنجيدگي ۽ اخلاق جي آموزش سان مزين ڪلام کي دل ۾ جڳهه ڏني ۽ اڄ جو مرثيه نگار پنهنجي مرثيه نگاريءَ تي فخر محسوس ڪري ٿو.

رام سڪسينه چوي ٿو ته:

”جنوبي هند کان شروع ٿيڻ واري مذهبي ماحول سچو ان صنف جي سخن ۽ فهم ڪا اثر ورتو. بلاشبه لکنؤ ۽ مرثيو اڄ اسان جي دلين ۾ لازم ۽ ملزوم ٿي چڪو آهي.“

- لکنوي ماحول تي هڪ تنقيدي رجحان آهي ته ان ماحول ۾ نسائيت، حسن پرستي، عورت پرستي، لهو و لعب، بداخلاقي وغيره عام هيون. ان لاءِ ان ماحول جي شاعريءَ ۾ اهي عنصر شامل هئا. ان عهد ۾ مرثيي جو فن ڪمال جي درجي تي پهچڻ جو اصل سبب اهو هو جو حڪومت شيعا هئي.
- ان ڳالهه تي اڄ به ناقدين حيران آهن ۽ ڳالهه زير غور آهي ته اهڙو معاشرو جنهن ۾ ڪريل

حرڪتون عام هجن، اتي هن صنف سخن جو عروج ڪما ۽ اعليٰ اخلاقي روين جو اظهار اهم نقطو آهي.

- سودا جا مرثيا انهن جي شاعريءَ جا جزوي حصا آهن. جڏهن تہ ضمير ۽ خليق جا مرثيا تقريبن تمام ڪلام مرثيي جي چوگرد گھمندا نظر اچن ٿا. انهن ئي شاعرن مرثيي جي خوبصورتيءَ جي لاس ڪي پيهر پهرايو، خارجي ۽ داخلي ڪلام جي حسن ڪي واضح ڪري بگڙا شاعر مرثيہ گو جو مهڻو جيڪو ڳچيءَ جو هار بڻيل هو، تنهن ڪي لاهي ڦٽو ڪرايو.
- ڪتابن جي تحَيق مان ثابت آهي تہ اردو ادب ۾ مرثيي صنف جي وابستگي صرف واقعہ ڪربلا سان آهي.
- مرثيہ گوئيءَ جي خوبصورتي تحت اللفظ پڙهڻ سان آهي، سڀ کان پهرين مير ضمير شروع ڪيو.
- هندستان ۾ اردو شاعريءَ جي ابتدا دکن کان ٿي ۽ مرثيہ گوئيءَ جو آغاز بہ اتان ٿيو. سلطان بيجاپور ۽ گولڪنڊا سرپرستي ڪئي. محمد علي قطب شاه ۽ عبدالله قطب شاه گولڪنده خود شاعر ۽ سخن سنج ۽ جوهر شناس هئا، جن فارسي آميزش سان دکني اردوءَ ۾ ديوان مرتب ڪيا.
- عالمگير جي زماني کان گھڻو اڳ جهانگير جي عهد ۾ پهرين شجاع الدين نوري مرثيہ گوئيءَ ۾ نالو ڪيو، پوءِ هاشم علي برهانپوري، راؤ سيوا، ڪاظم علي شهرت ماڻي.
- محمد شاه جي عهد ۾ فضلي، مسڪين، حزين ۽ غمگين جا نالا ورتل آهن، جيڪي ٿيئي پائر هئا. سودا ۽ مير جي عروج کان پهرين مرثيي جو رواج ٿي چڪو هو.
- مير تقي مير بہ مرثيا چيا پر ان پائي جا نہ هئا. ميا سڪندر ۽ سودا کي شرف تہ پئي همعصر هئا. چؤمصرع مرثيا چيا. انهن پنهي مان خبر ناهي شرف ڪنهن کي مليو.
- ميان سڪندر جيڪو بعد ۾ لکنؤ هليو آيو روزگار پويان، ان مسدس ۾ دردناڪ مرثيو چيو، جيڪو اڄ تائين مجلسن جي زينت بڻيل آهي ۽ اردو زبان جو پهريون مسدس آهي. هندستان ۾ مرثيہ گوئيءَ جو پيو دؤر جنهن عاليشان عمارت جوڙي، ان جو پچ ميان سڪندر جو ئي پوڪيل آهي.
- مير ضمير مرثيي ۾ جدتون آنديون. رزميہ، سراپا، گھوڙي ۽ تلوار، اسلح، جنگ جا اوصاف ڏيکارڻ، صفائي بندش تي توجهہ ڏيڻ، غلط لفظن کي مرثيي مان متروڪ ڪرڻ، تحت اللفظ پڙهڻ ۽ ممبر تي ويهي هٿن جي اشارن سان پڙهڻ وغيره.
- مير خليق، ميان دلگير، مرزا فصيح ۽ مير ضمير هم رتبہ هئا، مگر محاوره بنديءَ ۾ خليق جو درجو بلند گھو، جنهن سيني جي بازار کي سرد ڪري ڇڏيو. مير ضمير جي شاگرد ميرزا دبير

بہ عرصي کان مرثيہ گوئيءَ ۾ مشق ڪري رهيو هو، تنهن شهزادي علي اڪبرؑ جي شان ۾ مرثيو چئي "شب محفلوں کا نور کی محفل ہے" بس خواجہ آتش جي دل وٺي ڇڏي، پوءِ تہ ضمير ۽ دبير ماہ مشتري وانگر اردو ادب مرثيہ تي چمڪڻ لڳا.

- يڪايڪ خورشيد رخ تان نقاب ڪنيو ۽ چهرو مهتاب فق ٿيو. مير خليق جو بلند اقبال صاحبزادو مير ببر علي انيس، فيض آباد مان اچي لکنؤ ۾ مجلس پڙهي رزم بزم جون اهڙيون تہ هلندڙ ڦرندڙ تصويرون ڏيکاريون جو "هذا اڪبر" جي صدا هر گوشي مان اچڻ لڳي. انيس طرز مرثيہ گوئيءَ ۾ ضمير ۽ دبير جي ڪلام جي حسن کي مرقع بنايو ۽ ان تي سندس والد مير خليق جي محاوره بندي ۽ مير حسن جي داستان نگاريءَ جو رنگ و روغن ڏيئي طلسمات جو عالم ڏيکاريو. مرثيي جي دنيا ۾ سدائي مير انيس جو هڪ سان مقابلو رهيو اهو ميرزا دبير.
- هن باب جي زينت اردو ادب دنيا جا مرثيہ گو فن ۽ اختتام مير ببر علي انيس ۽ مرزا سلامت علي دبير تي آهي، جن اردو مرثيي کي اوُج تي رسايو.
- سيد ثابت علي شاهہ ۽ مير انيس جو مڪمل خانداني تعارف ۽ ان زماني جي سياسي سماجي حالتن مان گهڻو ڪجهہ پرايو ويو.
- سنڌي، اردو، فارسي ۽ عربي ٻولين تي دسترس رکندڙ سيد ثابت علي شاهہ جڏهن سنڌي مرثين طرف آيو تہ مرثيي کي نواڻ ڏني ۽ ان کي عرب جي علم عروض جي حدن اندر فارسي طرز سان نج سنڌي ٻولي ۽ ماحول کي نظر ۾ رکي سنڌي مرثيا لکيا.
- سيد ثابت علي شاهہ لکنؤ جي ابتدائي دؤر جي شاعرن جو همعصر رهيو. مير تقي سندس همعصر هو. اهو دؤر سودا درخشان، صابر، مير ضاحڪ ۽ مير حسن جي فرزند خليق جو دؤر هو. خليق مير انيس جو والد هو.
- اهو پڻ ثابت ٿي ويو جنهن جو ذڪر بار بار آيو آهي تہ سيد ثابت علي شاهہ ڪنهن جي نقل تقليد ناهي ڪئي. پنهنجي ئي علم جي بنياد تي عرب جي علم عروض تي پابند مسدس ۽ مسلسل مرثيا چيا.
- شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست ۽ مير حسن عليءَ جي مرثيي جي اعلىٰ فهم کي سيد ثابت علي شاهہ نئون فڪر، نئون رنگ ۽ طرز ڏنو.
- مرثيو ڪربلا جو داستان ضرور آهي، مگر انسانيت ۾ احساس شعور، آزادي ۽ سچائي، حق جو پيغام ڏئي ٿو. مرثيي جو بنيادي مقصد هڪ خاص گروهہ مان نڪري مذهب جي ترجماني بہ ڪري ٿو ۽ هڪ تبليغ بہ چئي سگهجي ٿي، جيڪو جائز آهي. شاعرن ۽ فنڪارن لاءِ لازم آهي

تہ هن تي طبع آزمائي ڪن. علامہ غلام محمد گرامي ۽ جا چيل لفظ مثلاً انيس و دبير تي جيڪو ڪجھ علامہ شبلي نعماني، حاليءَ لکيو اهو ڪنهن خاص مڪتب فڪر جي تائيد ۽ تصديق لاءِ نہ آهي، انهن بزرگن جي علمي ڪاوش ۽ تنقيدي ڪوشش ادب و فن زبان ۽ انداز بيان جي خدمت جي سلسلي ۾ آهي.

- سيد ثابت علي شاهہ ۽ مير انيس جو مڪمل شجرو ۽ ان زماني جون سياسي سماجي حالتون بہ سامهون آيون، جن سان پنهي شاعرن جي شاعريءَ جي دني ۾ عمر خدمتون، ڪم، پورهيو سڀ سامهون اچي ويو. سندس ڪلام جون خصوصيتون جن ۾ خاص ڪري سيد ثابت علي شاهہ تي تمام ٿورو ڪم ٿيو آهي، ريسرچ جي حوالي سان بلڪل نہ ٿيو آهي. ايندڙ وقتن ۾ خوب رهنمائي ٿيندي، باقي اردو ادب مير انيس جي ڪمال ڪلام ڪي مختلف ٽرسٽن جي ذريعي في الله ڇاپائي مجلس عزا ۾ نياز طور ورهايا آهن. سيد ثابت علي شاهہ جي شاعريءَ جي پورهئي تي ان ذخيري تي ديانتدارانہ غير جانبدارانہ اصول سامهون رکي ان جي لغوي ذخيري تي علمي تحقيقي ڪم جي ضرورت آهي.
- سيد ثابت علي شاهہ مير انيس جو فڪر، فن ۽ واقعو ڪربلا هڪ آهي، مگر زبان، ريتون رسمون، معاشي سماجي طور جدا آهن. مير انيس جي مرثين جي اشاعت پري پري تائين ڦهلجي چڪي آهي، جڏهن تہ سيد ثابت علي شاهہ جي مرثين جي گونج سنڌ تائين محدود آهي. جيستائين سنڌي ٻولي تيستائين سنڌي مرثيا، ليڪن اها هڪ غيبي قوت آهي. دعا آهي رسول خدا جي ۽ سندس نياڻي بي بي فاطمة الزهريٰ جي جن جي ٻچن جي ظلم تي حق جو آواز مرثيہ نگاري آهي. ان لاءِ جيستائين دنيا قائم تيستائين حق جو آواز مرثيي جي روپ ۾ گونجندو رهندو. مرثيي جي دنيا ۾ نہ مذهب جي قيد ۽ نہ ٻوليءَ جي، نہ رنگ نہ نسل جي پابندي آهي. جنهن ۾ جيترو احساس هوندو، اهو اوترو ان ۾ پذيرائي ڪندو.
- مير انيس ڪي مرثيي جي دنيا ميدان سجيل سجايل مليو. مير ضمير تحت اللفظ جو بنياد وڌو. مير انيس جي والد مير خليق مرثيي جا طور طريقا مير انيس ڪي سيکاريا. داستان گوئي مير انيس جي خاندان ۾ سندس نئيو ڇاڇو احسان مخلوق هوندو هو. تاريخ ۽ داستان گوئيءَ مان واقفيت مير انيس ڪي پنهنجي خاندان مان ملي.
- سيد ثابت علي شاهہ جي فن مرثيہ ۾ مضبوط ايپڪ آهي، اگر ڪا علمي ترتيب ڏجي تہ هوند هڪ مڪمل ۽ مربوط نوعيت تي شهزادي علي اڪبر جي شهادت ۽ حضرت عباسؑ جي شهادت تي ۽ حضرت عباسؑ جي شهادت تي مرثيا جيڪي صدين کان پڙهيا وڃن ٿا، سوز غم جي واردات جي تلخيص تي مشتمل آهن، جن جي سمجهاڻي علمي اصطلاح ۾ ڏني ويئي آهي.

سيد ثابت علي شاھ کان اڳ مرثيي ۾ فقط ممدوح جي اصناف جميل کي بيان ڪيو ويندو هو. آخر ۾ واردات غم جي ترجماني ڪندي ٻه چار شعر اضافو ڪيا ويندا هئا، مگر ثابت علي شاھ تاريخ وار مڪمل قصي کي مسلسل مرثيي ۾ ڏيڍ سؤ کان به مٿي طويل مرثيا چيا آهن. سيد ثابت علي شاھ جي مرثين جي انعام ۾ سندس چوڻ تي سنڌ ۾ ڦرين ڦرين وڏو بلند تعزيہ (جنهن ۾ امام حسين جي روضي پاڪ جي شبيھ هوندي آهي) يادگارطور مير فتح علي خان پنهنجي سپھ سالان ميان فقير محمد خان جوڻيجي کي حڪم ڏيئي ٺهرايو. اڄ به فقير جي پڙ حيدرآباد ۾ پشوري هوٽل جي پٺيان هڪ مسجد آهي، ان هنڌ اهو تعزيو رکيل آهي. مير حسن علي خان پنهنجي ڪچهريءَ ۾ ڳالھ ڪندا هئا تہ ان وقت سيد ثابت علي شاھ تعزيہ جي اڳيان ڦرين ڦرين فجر وقت سوز ۾ هيءَ مرثيو پڙهندا هئا.

سندن عادت هوندي هئي مرثيا پڙهندا ويندا هئا، زاروقطار روئندا به هئا، ماتم به ڪندا هئا.

- شاعر وٽ هڪ خدائي مقصد هوندو آهي. هن مقصد ۾ هن جي روح جو رشتو جڙيل آهي. سيد ثابت علي شاھ انهن کي جيئن جو تيئن بيان ڪيو آهي. تاريخ جو عالم تي اڳيئي هو، مٿان خاص اهلبيت جو ڪم ٿيندو ويس. قلم کي رواني ملندي ويس. شاعراڻي صنف کي هڪ ئي بحر ۽ وزن ۾ قابو رکي ٿو. حالانڪ مختلف ڪردارن کان هڪ هنڌ تي گفتگو ڪرائڻ اگرچ هن جديد دؤر جي پيدوار آهي، پر حيرت آهي مرثين مان ثابت پيو ٿئي تہ سيد ثابت علي شاھ وٽ صديون اڳ اهو فن موجود آهي. نثر پذيريءَ جي لحاظ سان هي اسلوب ۽ انداز نهايت ڪامياب رهيو آهي ۽ ان ۾ سيد ثابت علي شاھ مڪمل ڪامياب آهي.

- سيد ثابت علي شاھ ۽ مير انيس جي مرثين ۾ بيتن جي جوڙجڪ، هيئت، صنائع بدائع جي علم مطابق بحث ٿيل آهي. ٻنهي شاعرن علم عروض جي قاعدي مطابق شاعري ڪئي آهي، جنهن ۾ ڦرين علم عروض جي تعريف ڏني ويئي آهي ۽ ان جي قسمن جو تفصيل به مثالن سان ڏنو ويو آهي. علم عروض جي پئماني ۾ ماپيو ۽ جانچيو ويو آهي، موزون ۽ غير موزون ڪلام جو فرق به ٻڌايو ويو آهي. شعر جو وزن، بحر، تقطيع ڏيئي به سمجهايو ويو آهي.

- سيد ثابت علي ساھ جو غزل جي دنيا کي ڇڏي مرثيي جي دنيا ۾ اچڻ، ڦريون مرثيو مربع چوڻ، ان بعد مسدس ۽ مسلسل طويل مرثيا چوڻ، بيتن جو گھاڙيٽو معلوم ڪرڻ، مرثيہ نويسيءَ ۾ ترڪيبي نظام تي ڪيترائي پابند شعر چيل آهن.

  پيشڪش ۽ اسلوب کي ڪيترو نڀايو ويو آهي ۽ ٻولي مقامي، سولي ۽ سمجھ ۾ اچڻ واري استعمال ڪئي ويئي آهي. مڪالمہ آرائيءَ ۾ ٻنهي شاعرن جي ڀيٽ ۾ هڪ جهڙائي ملي ٿي.

مثال: بي بي صغرا جو ڪبوتر سان ڪلام مرثيي ۾ بابي جي شهادت جي خبر ملڻ ۽ عزيزن جو قيد مان آزاد ٿي موٽي مديني اچڻ، اهي درد ڪيفيتون مرثيي ۾ هڪجهڙيون ملن ٿيون.

- سيد ثابت علي شاهه قافيي جي شڪل ۾ مسلسل مرثيا چيا آهن. قديم مرثيي ۾ قافيہ تي زور هوندو هو. مير انيس رديف ۾ مرثيا اڪثريت سان چيا آهن. مير انيس منظر نگاريءَ ۾ صبح جو منظر، رات جو ماحول، گرميءَ جو منظر، جنگ جو ماحول تي زور ڏنو آهي. سيد ثابت علي شاهه ترجيح بند وارا شعر چيا، جنهن ۾ شعر چار مصرع وارا بند جنهن ۾ بار بار ساڳيو مصرع ايندو آهي ۽ ترڪيب بند ۾ بار بار ڳالهه دهرايل نہ هوندي آهي.
- ٻنهي شاعرن سيد ثابت علي شاهه ۽ مير انيس جي مرثين ۾ صنعتن جو استعمال برابر ملي ٿو.

تلميح – مبالغو – استعارو – ترڪيب – مجاز مرسل – تلميع – مرڪب اضافي – سابقو – لاحقو – تلميح تشبيهه مبالغہ – تضاد – تڪرار – مراعاة النظير – رعايت لفظي – صوتيات – اشتقاق – مرڪب عطفي – تعليل – ايهام – ٻوليءَ جون خوبيون – ترڪيبي نظام – واقعہ نگاري – ڪردار نگاري – جنگ جي منظر نگاري وغيره.

مير انيس جي مرثين ۾ رخصت بين تي گهڻو زور آهي، تحقيق مطابق.

منظرن ۾ صبح جو، شام جو منجهند جو، رات جو، جنگ جو منظر تي مشهور مرثيا آهن.

- سيد ثابت علي شاهه جي مرثين ۾ رخصت تي مرثين ۾ شهزادي علي اڪبر، شهزادي قاسم ابن حسن، حضرت عباس علمدار، ڀيڻين مان بي بي زينب سان آخري ملاقات وقت موڪلاڻي، زوجہ گهر وارين مان بي بي اُم ليليٰ، بي بي اُم رباب، شهزادي علي اصغرؑ جي والده ۽ چار سالا بي بي سڪينہ بنت الحسين کان پيءُ جي موڪلاڻي وغيره تحقيق جو نچوڙ آهن.

مديني کان امام حسين جو روضہ روسل ناني پاڪ، ماءُ بي بي جنت خاتون جي قبر کان موڪلاڻي، اهي مرثيا جن جو ذڪر تمام ضروري آهي، جن تي ڪيو ڪيو ويو آهي.

ان کان علاوه سيد ثابت علي شاهه جو وڏو ڪارنامو سنڌيءَ ۾ پهريون منظوم سفرنامو جيڪو شروع کان آخر تائين ۽ هر مقام زيارت تي پهچڻ احوال ۽ دعا گهرڻ ثابت علي شاهه کي منفرد ۽ ممتاز ڪري ٿو.

- مير انيس جي زماني ۾ شاعريءَ جو مدار صنائع ۽ بدائع تي هو، جيڪو فن سيد ثابت علي شاهه سنڌي ادب ۾ ڪيئن سال اڳ متعارف ڪرائي چڪو هو.
- جيئن تہ هندستان جي شاعريءَ ۾ بہ مبالغہ – ايهام – مناسبات لفظي اهي سڀ شيون شاعريءَ

جو ڪمال خيال ڪيون ويندڙيون هيون ۽ مير انيس انهن شاعرن جي دنيا ۾ رهندو هو، سو ڪيئن ٿو محروم رهي سگهي، جڏهن سندس ڪليات تي تحقيق ٿي ته سڀ ڳالهه سامهون آئي. علامه شبلي نعماني موازنه انيس و دبير ۾ لکي ٿو ته جيڪا صحيح ۽ مستند روايت آهي ته مير انيس کان پڇيو ويو اوهان لفظي ۽ رعايت صنائع بدائع کي پسند ڪريو ٿو. مير انيس چيو، نه پر مون کي لکنؤ ۾ رهڻو آهي، مطلب ته جيڪي ضروري صنعتون هيون، انهن کي استعمال ۾ آڻيندو رهيو ۽ ٻين لغو صنعتن کي گهٽ استعمال ۾ آندائين. مثال: صنعت، اهمال، اورلزوم، مالا يلزم وغيره.

- جيڪي صنعتون مير انيس جي ڪلام ۾ آيون ايهام يعني هڪ لفظ جون ٻه معنائون، هڪ معنيٰ مراد هجي ۽ ٻي معنيٰ نه – سيد ثابت علي شاهه جي مرثين ۾ به ايهام – تلميح – شبيهه – استعاري – سابقو – لاحقو – مبالغ آرائي تي گهڻو زور آهي.
- مبالغ صنعت امير انيس جي زماني ۾ ڪمال جي حد تائين پهچي ويو. مبالغ يعني ممدوح جا اوصاف هڪ لطيف پيرائي ۾ معمولي حالت کان وڌائي بيان ڪرڻ ليڪن حد کان مٿي نقصد ٿي وڃي ٿو، ان کان ٻنهي شاعرن پاسو ڪيو آهي.
- مير انيس به پنهنجي مرثيي جي اصلي فطرت کي قائم رکندي مرزا دبير کان پوئتي رهجي ويو، جنهن تي ڪافي ماڻهو مٿس تنقيد ڪندا هئا.
- ننڍي کنڊ جي شاعر سيد ثابت علي شاهه جي مرثيي ۾ نه صرف صنعتن جو ڪمال ظاهر ٿيو، پر سنڌي سماجي رنگ، ريتن رسمن جو ميلاپ اهڙو ته مرثين کي ڪمال ڏنو آهي، جو هڪ گهٽ پڙهيل لکيل کي به مشڪل نٿي ٿئي.
- هونئن به ڳالهه احساس ۽ دردمند دل جي هوندي آهي، جنهن ۾ مرثيو وڏي پذيرائي رکي ٿو. مير انيس ۽ سيد ثابت علي شاهه ان احساس کي انسانيت جي دل ۾ جاڳائي انعام وٺي چڪا آهن.
- علم عروض جي حدن اندر مسدس ۾ فارسي طرز تي عرب جي قضئي ڪربلا کي ٻنهي شاعرن بيان ڪيو آهي، جنهن ۾ فرق صرف ٻولي ۽ تهذيب جو آهي.
- سيد ثابت علي شاهه ڪربلائيءَ جي منظوم سفرنامي ’زيارت نامو‘ جي مرثين سنڌي ادب ۾ سيد ثابت علي شاهه کي الڳ مٿانهون مقام ڏياريو آهي، جيڪو اڄ تائين ٻئي ڪنهن به شاعر ايستائين جو اردو ادب جي دنيا ۾ به اهڙو ڪم ناهي ڪيو.
- مرثيي جي دنيا ۾ مير انيس کان پهريان سنڌي ادب جي دنيا ۾ مرثيه نگاريءَ کي جدت بخشڻ واري سيد ثابت علي شاهه جو اصل مقام ۽ ڪارنامو اردو ادب جي دنيا ۾ به ثابت ٿي ويو ته سنڌ

ڌرتيءَ اسلام جي مجاهدن کي جنم ڏيڻ ۾ صف اول ڌرتي آهي.

- مير انيس مرثين ۾ تاريخ نويسيءَ کي شاعريءَ جي روپ ۾ حقيقت جو روپ ڏيئي ثابت ڪيو آهي تہ هو تاريخ جو ڄاڻو تاريخ نويس هو.
- مرثيي جا تمام لوازمات، ترڪيبي نظام جو بيان، سنڌي ۽ اردو ٻوليءَ ۾ ڪرڻ وارا ٻئي شاعر پنهنجو الڳ الڳ مقام رکن ٿا، جنهن ۾ سيد ثابت علي شاهہ جي مرثيي جي دنيا ۾ آمد مير انيس کان پهرين ثابت آهي.
- فڪري اپياس ۾ ڪردارن جو سچائيءَ سان بيا ۽ غم و جذبات ۾ حد کان اڳتي بيان نہ ڪرڻ، عزم استقلال کي خوبيءَ سان نڀائڻ ۾ سيد ثابت علي شاهہ ۽ مير انيس جو پنهنجو پنهنجو اعليٰ انداز آهي.
- مير انيس جي مرثين ۾ هندستاني تهذيب جو رنگ اثر نمايان ملي ٿو. ڪربلا جو قضيو وڏي وائي آهي، جنهن سان هر احساس رکندڙ دل جي اک اشڪبار آهي. مير انيس جي مرثين ۾ هندستاني ٻولي ۽ ثقافتي ماحول جي ڪري هندو سماج ۾ وڏي پذيرائي ملي آهي.
- سيد ثابت علي شاهہ جي مرثين ۾ سنڌي ثقافت جو سهڻو رنگ آهي. شهزادي قاسم ابن حسن جي شهادت وارن مرثين ۾ نوشاهہ نول گهوٽ جي مينڌي ۽ شهزادي علي اڪبر ابن حسين جي شهادت جا سهرا ۽ گهوٽ جي سيج، شرنايون، ڌُڪدائڪ دهل جي واڄي تي يا حسين جي صدا جا مرثيا نج ٺيٺ سنڌي سماج جي عڪاسي ڪن ٿا.
- سيد ثابت علي شاهہ ۽ مير انيس جي دنيا ۾ آمد جي دؤر ۾ وڏو فرق آهي. ٻنهي مرثيہ گو شاعرن جي عمر ۾ بہ وڏو فرق آهي. زبان، ٻولي ۽ خطي جو بہ وڏو فرق آهي.
- هن تحقيق سان اهو بہ ثابت ٿي ويو تہ سنڌي مرثيي کي دنيا ۾ جديد رنگ ڏيندڙ علم عروض سان سنواريندڙ سيد ثابت علي شاهہ ڪربلائي ٻاهتر ورهين جي عمر ۾ جڏهن هن جهان مان لاڏاڻو ڪيو تڏهن مير انيس مس ستن سالن جو هو ۽ ميرزا دبير اٺن سالن جو هو.
- شهادت امام حسينؑ تي، بي بي شهربانو زوجہ امام حسين جا ويڻ، منظر نگاري، ماحول، سيد ثابت علي شاهہ جي مرثين ۾ الڳ سنڌي مقامي رنگ ڏيکاري ٿو. مير انيس جي بينيہ مرثين ۾ نج هندستاني رنگ ملي ٿو، جڏهن تہ فڪر ڪربلا ٻنهي شاعرن جو هڪ ساڳيو آهي.
- سادات محمد مصطفيٰ جي گهراڻي جو شان بيان ڪرڻ ۽ غيرت نسبي، جاهہ و جلال جو جنگ جي ميدان ۾ بيان ڪرڻ هڪ ڏکيو ڪم آهي. ان عزت مرتبي کي پنهنجي فڪر خيال سان لفظن جو سهڻو روپ ڏيئي ٻنهي شاعرن پنهنجي پنهنجي طريقي ۽ فهم سان ڪمال ڪيو آهي.

## ٦.٢ تجويزون

پيش ڪيل ڪم ۾ ۽ ان جي خصوصيتن ڪي جانچڻ بعد جيڪي نتيجا اخذ ڪيا ويا، انهن ۾ سچائيءَ جا ڪئين پهلو ملن ٿا. مرثيي جو تعلق انساني جذبن جي ڏکوئيندڙ اندر جي اڏمن جي اپامڻ سان آهي ۽ نج از کي مرثيو سڏجي ٿو.

- سنڌي ادب جي قديم ترين ۽ نج ادبي صنف مرثيو زوال پذيريءَ ڏانهن وڃي رهيو آهي. ان کي بجاءِ جو ادبي صنف قرار ڏجي، ماڳهين ان کي نيث مذهبي ۽ هڪ مخصوص مڪتب فڪر جي صنف قرار ڏنو پيو وڃي ۽ ان کي محدود ڪرڻ جون مسلسل ڪوششون جاري آهن.
- مرثيو ڪلام جي سانحي کان پوءِ ڪونهي ٿيو، مرثيو تہ هن جهان ۾ خلقت انسان جي وجود سان ئي جنم وٺي اٿيو، جڏهن حضرت آدم عليہ السلام پنهنجي هڪ پٽ هٿان ٻئي جي قتل تي فرياد ڪيو. اهڙيءَ طرح ابو البشر پنهنجي بيگناهہ فرزند هابيل تي.
- سيد ثابت علي شاهہ سنڌي ٻولي کي جڏهن سنوارڻ جو فيصلو ڪيو تہ ان مرثيي جو انتخاب ڪيو، حالانڪ ٻهرين غزل سان ابتدا ڪيائين، پر مزو ڪونہ آيس ۽ وڏن جي بہ جهل ٿيس. هن الله لوڪ انسان کي الله ۽ ان جي رسول طرفان وديعت ٿيل تحفو عطا ٿيو ۽ هن ڪئين زماني جي مشڪلاتن کي منهن پڻ ڏنو، پر مرثيي صنف کي عروج بخشي ويو جديد روپ ڏيئي.
- سيد ثابت علي شاهہ جي مرثيي کي عالمن اديبن اديب تاريخ ۾ مختصر ذڪر ڪري پيش ڪيو، ڪنهن بہ هن جي فن، سٽاءَ ۽ نئين روپ کي تحقيقي طور پيش نہ ڪيو. باقي جن اديبن مقالا مضمون لکيا، تن خوب لکيو، پر اهو مواد هڪ ڪنڊ ۾ ڪتابن رسالن ۾ گمنام ٿي ويو. ڏنو وڃي تہ ادب جي دينا ۾ جيڪا پذيرائي غزل، وائي ۽ ڪافيءَ کي ملي آهي، اها مرثيي کي چوٿو نہ ملي آهي.
- سيد ثابت علي شاهہ جو ڪم پنهنجو مثال پاڻ آهي، ڪنهن جي نقل يا تتبع تي ناهي، جيڪو خوامخواهہ الزام هو يا سيد ثابت علي شاهہ جي فن کي گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هو مير انيس ۽ دبير جا مرثيا پڙهندو هو. اهو مونجهارو بہ دور ٿي ويو تہ سيد ثابت علي شاهہ جي وفات مهل برصغير جا مرثيہ نويس انيس ۽ دبير مشڪل سان ستن ۽ اٺن سالن جا هئا.
- مير انيس جي مرثيي ۽ سيد ثابت علي شاهہ جي مرثيي جي فن جي تحقيق ۾ اهو ثابت ٿي ويو تہ ٻنهي جي تهذيب، ٻولي ۽ تمدن ريتن رسمن ۾ ڪافي فرق آهي، بس صنف ساڳي آهي. سيد ثابت علي شاهہ نئين ڪنڊ ۾ سنڌ جي ماحول کي پنهنجي فڪر پيش ڪري ٿو ۽ مير انيس برصغير هندستان جي ماحول کي پيش ڪري ٿو.

- مير انيس کي مرثيي جي دنيا ۾ تمام لوازمات پنهنجي بزرگن مير خليق ۽ ضمير کان سجيا سجايل مليا.
- بيتن ڏوهيڙن ۾ ڪربلا جي ذڪر کي جيڪو لاڪيٽي لعل لطيف سُر ڪيڏاري ۾ پيش ڪيو آهي، سچل پڻ اهڙي قسم جي شاعري ڪئي آهي. سيد ثابت علي شاهه ان فڪر کي نئون جديد الڳ روپ ڏيئي صنف مرثيي کي جدت بخشي ۽ علم عروض جي حدن اندر مسلسل ۾ طويل مرثين جو باني بڻجي ويو. ان ڳالهه کي علمي ادبي سطح تي واضح ڪرڻ جي ضرورت آهي.
- سنڌي ادب ۾ صنف مرثيي جي تاريخ ۽ اردو ادب ۾ صنف مرثيي جي تاريخ جي تحقيق سان ڪافي راز ۽ سچايون سامهون آيون. ادبي محفلن مجلسن ۾ هن صنف کي پڙهڻ وارن اڳيان اهو به سچ ثابت ڪري ڏيکاريو ته مرثيو سنڌي ٻوليءَ ۾ قديم ۽ مسلڪي تنگ نظريءَ کان مٿانهون آهي، ان کي تعصب جي نذر نه چڙهڻ گهرجي. سنڌي مرثيي کي به اوتري ئي پذيرائي ملڻ گهرجي، جيڪا اردو ادب ۾ اردو مرثيي کي حاصل آهي.

# ڪتابيات (Bibliography)

## سنڌي ڪتاب


٠١. ابڙو، بدر (٢٠١٤ ع): ”سنڌ جو شاهه“، حيدرآباد: فائين ڪميونيڪيشن.

٠٢. بخاري، مخمور، ڊاڪٽر (٢٠١٤ ع): ”سچل سرمست جو مرثيو“، ڪراچي: ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ.

٠٣. بدوي، لطف الله (١٩٤٣ ع): ”تذڪره لطيفي“، (جلد پهريون)، ڪراچي: شيام آفسٽ لميٽيڊ.

٠٤. بدوي، لطف الله (١٩٥٩ ع): ”تذڪره لطيفي“، (جلد ٻيو)، ڪراچي: شيام آفسٽ لميٽيڊ.

٠٥. بکري، معصوم، مير محمد (؟): ”تاريخ معصومي“ مترجم: مخدوم امير احمد، ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.

٠٦. بلوچ، غلام رسول (١٩٧٠ ع): ”سنڌي مرثيه نويسي“، (مونوگراف)، ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي.

٠٧. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر (؟): ”فتح نامه عرف چچ نامه“، ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.

٠٨. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر (٢٠١٣ ع): ”تحفة الڪرام“، حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ، تلڪ چاڙهي.

٠٩. بلوچ، نبي بخش، خان ڊاڪٽر (١٩٨٠ ع): ”سومرن جو دؤر“، (ڇاپو پهريون)، حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.

١٠. بيگ، عباس علي، مرزا (١٩٨٤ ع): ”ڪليات سيد ثابت علي شاهه“، (ڇاپو پهريون)، اسلامڪ ڪلچر ائنڊ ريسرچ سينٽر.

١١. بيگ، عباس علي، ميرزا (١٩٧٠ ع): ”حضرت سيد ثابت علي شاهه اعليٰ الله مقامه جي مختصر سوانح حيات“، سيد احسان علي شاهه ابن سيد مظفر علي شاهه، حيدرآباد: قبا مير صاحبان.

١٢. بيگ، مرزا قليچ (؟): ”تصويرِ غم“، حيدرآباد: پنجتني اماميه پرنٽنگ پريس.

١٣. بيگ، مرزا قليچ (١٩١٤ ع): ”سنڌي شعر“، (ڇاپو پهريون)، حيدرآباد: سنڌي ساهت سوسائٽي.

١٤. بيگ، نادر علي قلي (٢٠١٨ ع): ”رسالو سچل سائين“، حيدرآباد: ڪويتا پبليڪيشن، حيدر چؤڪ.

١٥. پٽي، مخدوم صالح (؟): ”ڪيڏارو“، حيدرآباد: محمد يوسف ائنڊ برادرس.

١٦. تميمي، رسول بخش (٢٠٠٣ ع): ”ٺٽو صدين ڪان“، حيدرآباد: فائين ڪميونيڪيشن.

١٧. ٺٽوي، طاهر محمد، نساني سيد (٢٠٠٦ ع): ”تاريخ طاهري (ٺٽي شهر جي تاريخ)، ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.

١٨. ثابت علي شاهه، سيد (؟): ”سنڌي مرثيو“، مرتب ۽ پبلڪ ثابت علي شاهه (ثالث)، ميرن جا قبا، حيدرآباد، سنڌ.

١٩. ثالث ثابت علي شاهه، سيد (؟): ”مرثيه سنڌي، سيد ثابت علي شاهه، پاڱو پهريون.

٢٠. چاچڙ، حاجي خان، ڄاموٽ (٢٠١٤ ع): ”سنڌ حضرت‘ آدم جو آستانو“، ڪنڊڪوٽ: حضرت سنڌ اڪيڊمي.

٢١. حداد، محمد علي (١٩٦٩ ع): ”خيرپور رياست جي شاعرن جي مرثيه گوئي“، ايم.اي سنڌيءَ لاءِ مونوگراف،

سنڌ يونيورسٽي.

٢٢. خيرپوري، حامي، عطا محمد (١٩٦٤ع): ”سچل سرمست“، (ڇاپو پهريون)، ڪراچي، پاڪستان پبليڪيشن.

٢٣. درس، عبدالستار، زوار (؟): ”علمي، ادبي، سياسي، سماجي ۽ مذهبي حالتون: ١١٥٣ع کان ١٢٢٥ع، ١٧٤٠ع کان ١٨١٠ع“، حيدرآباد: سيد ثابت علي شاهه يادگار اڪيڊمي، ميرن جا قبا، هير آباد.

٢٤. درس، عبدالستار، زوار (٢٠١٥ع): ”سفيرِ ڪربلا“، حيدرآباد، سيد ثابت علي شاهه يادگار اڪيڊمي، ميرن جا قبا، هير آباد.

٢٥. درس، عبدالستار، زوار (٢٠١٥ع): ”مرثيو تاريخ جي آئيني ۾“، حيدرآباد: ڪولاچي پرنٽرز، حيدر چؤڪ.

٢٦. درس، عبدالستار، زوار (٢٠٢١): ”سنڌي مرثيه جا ٥٠٠ سال“، حيدرآباد: ڪولاچي پرنٽرز، حيدر چؤڪ.

٢٧. راڄپر، محمد انيس(٢٠١٣ع): ”مخدوم محمد معين ٺٽوي ۽ سندس فلسفو“، ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي.

٢٨. راشدي، حسام الدين (١٩٨١ع): ”ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون“، (ڇاپو پهريون)، ڪراچي، حيدرآباد: انجمن تاريخ سنڌ.

٢٩. رضوي، اعجاز علي شاهه، پروفيسر (٢٠١٧ع): ”تذڪره ثابتؒ“، حيدرآباد: ڪولاچي پرنٽرز، حيدر چؤڪ.

٣٠. سورلي، ايچ.ٽي. (١٩٩٢ع): ”ڀٽ جو شاهه“، ڪراچي: آزاد ڪميونيڪيشن.

٣١. سيد، جي.ايم. (٢٠١٢ع): ”پيغام لطيف“، ڪنڊيارو، روشني پبليڪيشن.

٣٢. سيوهاڻي، فتح محمد، حڪيم (١٩٥٨ع): ”آفتاب ادب“، (پهريون ايڊيشن)، ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ.

٣٣. سيوهاڻي، نظير حيات (٢٠١٧ع): ”سنڌي زبان جو پهريون سفرنامو (المعروف زيارت نامو)“.

٣٤. شان حسين (٢٠٠٥ع): ”مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ“، مرتب: جليس جعفري، حيدرآباد: بتول پرنٽنگ پريس.

٣٥. شاهين، يوسف (٢٠١٤ع): ”شاهه لطيف آزاديءَ جو علمبردار“، حيدرآباد: پيڪاڪ پرنٽرس اينڊ پبلشرس.

٣٦. صائب، عبدالقيوم (٢٠٠٣ع): ”سيد ثابت علي شاهه شخصيت ۽ شاعري“، حيدرآباد: اين.ڪي پرنٽنگ پريس، محمدي پلازه ويسٽ ڪچا.

٣٧. صديقي، محمد حنيف (١٩٨٩ع): ”سنڌ جي درٻار“، (ڇاپو چوٿون)، ڄام شورو/حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.

٣٨. عبدالله، مخدوم (؟): ”ڪنز العبرت“.

٣٩. قادري، عبدالرسول، بلوچ (١٩٩٠ع): ”تحفة الطاهرين“، ڄام شورو-حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.

٤٠. قدوسي، اعجازالحق (٢٠٠٧ع): ”سنڌ جي تاريخ“، شڪارپور: مهراڻ اڪيڊمي.

٤١. قمبر علي شاهه، سيد (١٩٠٠ع): ”بياض سنڌي مرثين جو“، (ڀاڱو ٽيون)، جلد پهريون، سکر: زهري سنگ تاجر ڪتب.

٤٢. ڪوريجو، عبدالستار (تحقيق ۽ تاليف) (؟): ”رجال السند والهند قديم سنڌ“، لاڙڪاڻو: روپاهي ڪوريجا پبليڪيشن.

٤٣. لاکو، غلام محمد، ڊاڪٽر (؟): ”سمن جي سلطنت (تاريخ سنڌ)“، ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.

٤٤. مدني، محمد مهاجر، مولوي (؟): ”ڪلان ڪوٽ“، ڪراچي.

۴۵. مرزا، قمرجهان، ڊاڪٽر (٢٠١٥ع): "سنڌ جي تاريخ، ميرن ٽالپرن جو دؤر"، ڄام شورو: پاڪستان اسٽڊي سينٽر، يونيورسٽي آف سنڌ.

۴٦. موسوي، عبدالحسين، انجنيئر (٢٠١٨ع): "رنج ڏاران ناھ راحت"، روهڙي: موج وحدت پبليڪيشن.

۴۷. موسوي، عبدالحسين، سيد (١٩٧۴ع): "روهڙيءَ جون ساڃيون تي سورائيٽون صديون"، روهڙي، موج وحدت پبليڪيشن.

۴۸. مولائي شيدائي، رحيمداد خان (٢٠٠٥ع): "ٽالپرن جي مختصر تاريخ"، ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي.

۴۹. مولائي شيدائي،رحيمداد خان (١٩٨٨ع): "تاريخ تمدن"، (ڇاپو پهريون)، ڄام شورو: سنڌي يونيورسٽي.

۵٠. ميمڻ، محمد صديق، خانبهادر (١٩٦٥ع): "سنڌ جي ادبي تاريخ"، (ڀاڱو پهريون)، ڇاپو ٽيون، حيدرآباد: آر.ايڇ احمد ائنڊ برادرس.

۵١. ميوا خان، عرف، محمد هاشم (؟): "تصوير غم"، مرثيہ مرحوم سيد ثابت علي شاهہ (ڀاڱو پهريون)، حيدرآباد: پنجتني اماميہ پرنٽنگ پريس، اسٽيشن روڊ.

۵٢. نظاماڻي، ڪريم بخش، رئيس (؟): "ڪيئي ڪتاب"، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.

۵٣. هاليپوٽو، عبدالحفيظ (١٩٨٨ع): "من اندر جا لوچ"، حيدرآباد: بورڊ آف روينيو.

۵۴. همايوني، نياز (مترجم) (؟)، "تاريخ طاهري"، سيد طاهر محمد نسياني ٺٽوي، ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.

۵۵. وفائي، دين محمد (١٩٨٦ع): "تذڪره مشاهير سنڌ"، (ڇاپو پهريون)، جلد ٽيون، حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.

۵٦. وفائي، دين محمد، مولانا (١٩۵١ع): "لطف اللطيف"، ڪراچي: وفائي پبلشنگ هائوس.


## اردو کتابیں


۱. ؟(۲۰۰۳ء): ''انتخاب میر انیس''، حاجی علی اکبر خیر النساء علی رضا ابراہیم میموریل ٹرسٹ، کراچی: محفوظ بک ایجنسی، مارٹن روڈ۔

۲. ابو ظفر، ندوی (۱۹۶۷ء): ''تاریخ سندھ''، (طبع اول)، اعظم گڑھ، مطبع معارف۔

۳. ابوالحسن، ڈاکٹر، میرزا امام علی بیگ، افسر (۲۰۰۱ء): ''سندھ اور اہلبیت''، حیدرآباد: محسن پبلی کیشنز، ٹنڈو آغا۔

۴. اثر، امداد امام (۱۹۵۶ء): ''کاشف الحقائق''، لاہور: مکتبہ معین الادب۔

۵. احمد، کلیم الدین (؟): ''اردو شاعری پر ایک نظر''، لاہور: عشرت پبلیکیشن ہاؤس۔

۶. آزاد، محمد حسین (۱۹۹۵ء): ''آب حیات''، لاہور: سنگ میل پبلیکیشنز۔

۷. امروہوی، نقوی، نائب حسین (۱۹۵۹ء): ''مراثی انیس''، (جلد اول تا جلد پانچ)، لاہور: شیخ غلام علی اینڈ سنز۔

۸. حالی، خواجہ الطاف حسین (۱۹۶۷ء): ''مقدمہ شعر و شاعری''، کراچی: اردو اکیڈمی۔

۹. رضوی، مسعود حسن ادیب، پروفیسر (۱۹۵۶ء): ''روح انیس''، (طبع اول)، لکھنو: اسرار کریمی پریس، جانین گنج، الہ آباد۔

۱۰. سکسینہ، رام بابو (؟): ''تاریخ ادب اردو''، لاہور: گلوب پبلشرز۔

۱۱. سکسینہ، رام بابو(؟): ''تاریخ اردو ادب''، (مرتب: تبسم کاشمیری)، لاہور: علمی کتاب خانہ (س-ن)۔
۱۲. سید، شبیہ الحسن، ڈاکٹر (۲۰۰۴ء): ''اردو مرثیہ اور مرثیہ نگار''، لاہور: اردو بازار۔
۱۳. شبلی، نعمانی (؟): ''موازنہ انیس و دبیر''، کراچی: مطبوعہ اردو اکیڈمی۔
۱۴. شبیہ الحسن سید، ڈاکٹر (؟): ''اردو مرثیہ اور مرثیہ نگار''، لاہور: اظہار سنز پرنٹرز ۱۹، اردو بازار۔
۱۵. عروج، عبدالرؤف (؟): ''اردو مرثیہ کے پانچ سو سال''، (اشاعت اول)، کراچی، شارق پبلیکیشنز۔
۱۶. فاروقی، احسن، ڈاکٹر (۱۹۵۱ء): ''مرثیہ نگاری اور میر انیس''، لاہور: اردو اکیڈمی۔
۱۷. فاضل، مرتضیٰ حسین، سید (۱۹۷۴ء): ''منتخب مراثی انیس''، لاہور: لاہور: مجلس ترقی ادب، نرسنگھ داس گارڈن کلب روڈ۔
۱۸. فتح پوری، فرمان، ڈاکٹر (۲۰۰۲ء): ''حیات اور شاعری میر انیس''، لاہور: گنج شکر پریس۔
۱۹. قادری، حامد حسین، پروفیسر (۱۹۶۴ء): ''مختصر تاریخ مرثیہ گوئی''، کراچی: تالیب پبلشر، اردو اکیڈمی۔
۲۰. قریشی، محمد اسلم، ڈاکٹر (۱۹۷۱ء): ''ڈرامے کا تاریخی و تنقیدی پس منظر''، لاہور: مجلس ترقی ادب۔
۲۱. کاشفی، حسین بن علی واعظ، علامتہ (۲۰۰۳ء): ''روضتہ الشہداء''، مترجم: علامہ صائم چشتی، لاہور: رضا پرنٹنگ پریس۔
۲۲. کاظمی، سید البشر، سید (۲۰۰۱ء): ''مقتل ابی مخنف''، راولپنڈی: محمد علی بکڈپو، قائد اعظم کالونی، دھمیال کیمپ۔
۲۳. محمد، ہادی حسین، (۲۰۰۵ء): ''شاعری اور تخیل'' لاہور: ترقی ادب، کلب روڈ۔
۲۴. مرزا، محمد جعفر اوج، لکھنوی (۱۹۸۳ء): ''حیات اور ادبی کارنامی ڈاکٹر سید سکندر آغا، لکھنو: ناشر مصنف۔
۲۵. مہر، غلام رسول (۱۹۸۵ء): ''تاریخ سندھ کلہوڑا عہد''، (جلد اول و دوئم)، اشاعت اول، جام شورو: سندھی ادبی بورڈ۔
۲۶. نارنگ، گوپی چند، ڈاکٹر (۲۰۰۶ء): ''انیس اور دبیر دو سالہ سیمینار''، لاہور: سنگ میل پبلیکیشنز۔
۲۷. نقوی، بلال، ڈاکٹر (۱۹۹۴ء)، ''بیسویں صدی اور جدید مرثیہ''، (طبع اول)، کراچی/لندن: محمد ٹرسٹ۔
۲۸. نیّر مسعود (۲۰۰۰ء): ''شاگردان انیس''، ادبستان، لکھنو، دین دیال روڈ۔
۲۹. نیّر مسعود (۲۰۰۵ء): ''مرثیہ خوانی کا فن''، کراچی: ذکی سنز پرنٹرز۔


## سنڌي رسالا


۱. ٽماهي مهراڻ، سنڌي ادب بورڊ، ۵۲/۲ ۽ ۷۱/۱.
۲. ماهوار نئين زندگي، ۹، ۱۰ ۽ ۱۱، ۱۹۷۱ع ۽ ۱۹۹۷ع.
۳. رشيد احمد ارشد (۱۹۷۱ع): ماهوار 'سيپ'، ڪراچي.
۴. انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا، جلد ۲، سنڌي لينگئيج اٿارٽي، حيدرآباد.
۵. سيد ثابت علي شاهه ڪربلائي عليه الرحمه (۳۷ ساليانی رپورٽ ۱۹۹۱ع)
۶. ۹۲-۱۹۹۳ع جي ساليانی رپورٽ، ڇپائيندڙ يادگار ڪاميٽي، قبا مير صاحبان، حيدرآباد، سنڌ.
۷. ۱۹۴۵ع جي ڏهين ساليانی رپورٽ، ڇپائيندڙ يادگار ڪاميٽي، قبا مير صاحبان، حيدرآباد، سنڌ.
۸. ۷۳-۱۹۷۴ع جي ۱۸ ساليانی رپورٽ، ڇپائيندڙ يادگار ڪاميٽي، قبا مير صاحبان، حيدرآباد، سنڌ.

٩. چاليهين ساليانی رپورٽ ٩۴-١٩٩٥ع، ڇپائيندڙ يادگار ڪاميٽي، قبا مير صاحبان، حيدرآباد، سنڌ.
١٠. چوٿيهين ساليانی رپورٽ ٨٩-١٩٨٨ع، ڇپائيندڙ يادگار ڪاميٽي، قبا مير صاحبان، حيدرآباد، سنڌ.
١١. ٣٨ ساليانی رپورٽ ٨۴-١٩٨٣ع، ڇپائيندڙ يادگار ڪاميٽي، قبا مير صاحبان، حيدرآباد، سنڌ.
١٢. ٣٦ ساليانی رپورٽ ٩٠-١٩٨٩ع، ڇپائيندڙ يادگار ڪاميٽي، قبا مير صاحبان، حيدرآباد، سنڌ.
١٣. ٢٧ ساليانی رپورٽ ٨۴-١٩٨٣ع.
١۴. ٢٦ ساليانی رپورٽ ٨٢-١٩٨١ع، ڇپائيندڙ يادگار ڪاميٽي، قبا مير صاحبان، حيدرآباد، سنڌ.


## انٽرنيٽ تان ورتل


١. شيخ اياز جي غزل جو فن، عزيز قاسماڻي.
٢. سعيد حاوي جو مضمون
٣. شيخ اياز جي وائيءَ ۾ فن


## اردو رسائل


١. ماہنامہ ''آجکل''، دہلی، ١٩۴٥/١٢
٢. ماہنامہ ''ماہ نور''، کراچی، انیس نمبر (اضافی نمبر)، ١٩٧٢ء۔
٣. سید سجاد حسین شدید لکھنوی، ''میر عشق اور انکے خاندان کی مرثیہ گوئی''، مقالہ برائے ایم فل (قلمی نقل، لکھنو، کتاب خانہ)


## لائبررين


١. علامہ دائودپوٽو لائبرري، نزد سنڌ ميوزيم، حيدرآباد.
٢. سنڌي لينگئيج اٿارٽي لائبرري، نزد سنڌ ميوزيم، حيدرآباد.
٣. ريسرچ لائبرري، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو.
۴. علامہ آءِ. آءِ قاضي سينٽرل لائبرري، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو.
٥. سيد ثابت علي شاھ ڪربلائي يادگار اڪيڊمي لائبرري، سيدن جا قُبا، هير آباد، حيدرآباد.
٦. نهج البلاغہ لائبريري، انجمن اماميہ سنڌ، قدم گاھ مولا عليؑ، حيدرآباد.
٧. زوار عبدالستار درس جي ذاتي لائبرري، جاني شاھ محلو، ٽيون نمبر تلاءُ، حيدرآباد.
٨. مرزا نجم الحسن جي ذاتي لائبرري، ٽنڊو آغا، حيدرآباد.
٩. مير قائم خان ٽالپر جي ذاتي لائبرري، مير محلہ، ٽنڊو ڄام.
١٠. حضرت عائشہ صديقہ رضي الله عنها بلديا لائبرري، قيام ٢٠٠٥ع.
١١. حضرت خديجة الڪبريٰ رضي الله عنها لائبرري، لطيف آباد يونٽ نمبر ٨، حيدرآباد.
١٢. جمهوريہ لائبرري، لطيف آباد يونٽ نمبر ٧، حيدرآباد، قيام ١٩٦٠ع.

١٣. حسين آباد لائبرري.

١٤. ميونسپل لائبرري، يونٽ نمبر ٦، لطيف آباد، حيدرآباد.

١٥. ميونسپل لائبرري، يونٽ نمبر ٨، لطيف آباد، حيدرآباد.

١٦. (هي سموريون لائبرريون حضرت عائشہ صديقہ رضي الله عنها لائبرريءَ ۾ ضم ٿي چڪيون آهن)

١٧. گوشہ علم و عرفان لائبرري، ٢٠١٤ع، يونٽ نمبر ٨، لطيف آباد، حيدرآباد.


## ENGLISH BOOKS


1. Baig, Mirza Kaleech (1902): “History of Sindh”, (Vol: II), Karachi. The Commissioner’s Press

## ABSTRACT

Poems / poetry of Syed Sabit Ali Shah and Mir Anees are closely related to the evaluation of sindh and Urdu marsiya Nigari (Elegy, Monody).

Their poetry was proposed in the form of Religious "KARBALAI" poetry and Battle of Karbala and poetry keeping the all views aspects of Karbala and all events, which has great importance in the evolution of Sindhi and Urdu Marsiya Nigari.

Mir Anees and other many poets including Hazrat Shah Abdul Latif Bhittai, Sachal Sarmast and other poets also memorized the battle of Karbala in their poetry. It may be considers the basic evolution of Sindhi Marsiya Nigari As well as Mir Anees` the Urdu marsiya Nigari also.

Syed Sabit Ali Shah is confidence the founder of Modern Sindhi Marsiya Nigari. His poetry of Marsiya Nigari is important part of sindhi language and literature and his poetry proposed in various other languages such as urdu, Persian and sindhi he used different effective modern techniques for the beauty of Marsiya Nigari , therefore his poetry j.5 very attractive spiritually effective for everyone.

Syed Sabit Ali Shah writes the Sindhi Marsiya Nigari, means the 'Elegy' meaning a poeim which is a lament for dead. In the many literatures of the world and principally in praise of Imam Hussain Alaih Salam, the grandson of Prophet Mohammad and his family members who diet at the battle of Karbala (ڪربلا جي قتل جي ڪر ڪا خبر اي آسمان).

Sabit Ali Shah's Marsiya Nigari and his poetry in important like the spinal cord of human body. It is like great rout for our society and important part of Sindhi language.

Syed Sabit Ali Shah and his Sindhi Marsiya Nigari is the necessary need of the fulfillment of entire Sindhi Literature and languages in this world.

ثابت علي شاهہ يا شاهہ سدا آهي سندءِ سامَ،
سا سامَ سَلامت رکين آز آفت آيام،

تو شاھ ڪنئون مَداح گھري مَدَح جو انعام،
يَڪ گام زمين ماريہ جاگير ڪر انجام.

After Syed Sabit All Shah some other famous poets such as Mirza Budhal Baig, Mirza Fateh All Baig, Amel Muhammad Saeen, Mirza Kaleech Baig and Qadir Bux Buledi have also significant contribution in Sindhi Marsiya Nigari, Syed Sabit All Shah was Born on 19 November 1740 and Died on 1. January 1810 shall remain in the hearts forever.

Mir Anees Born 1803 in Faizabad (India) died on December 07, 1874 in Lucknow (India) one of the most prominent poet at Lucknow, who excelled in Marsiya Poetry contemporary of Syed Sabit Ali Shah. Mir Babar Ali "Anees" (1803-1874) the used penname (*Takhallus*) of Anees, Means close friend companion in poetry.

Anees used Urdu, Arabic, Persian and Sansakrit words in his poetry. Anees wrote prolonged Marsiya which was custom of times, but Now-a-Days only selected sections are narrated even in religion ceremonies. He died 1291 Hijri corresponding with December 07, 1874.

Marsiya (Persian مرثیہ) is an elegiac poem written to commemorate the martyrdom and velour of Imam Hussain Ibn - e - Ali and his comrades of the Karbala, Marsiya are essentially religious.

Urdu literature has forget Mir, Ghalib, Iqbal and Anees and no other could enter that select group. They changed our culture, values, and literary traditions, and their influence would lost for centuries.

Anees's poetry had also born the brunt of severe criticism, the first one object to his Marsiya Nigari (An Elegic Poem that commemorate Hazrat Imam Hussain Allaih Salam and his companions Martyrdom at karbala) was M. Ahsan Farooqi who in 1938 wrote Six Articles in the literary journal Nigar Against him Refuting is scholar Nawab Imdad Asrar's statement that Anees was urdu's first "Dramatic" poet comparing him to Tulsidas, Homer, Dante and shakespear.

Farooqi reject it saying Anees was not a such great poet and was only a notable versification "unnatural" citing the reason that in a state of war, no one could speak in contented ton as Anees made the characters speak in Marsiya many more stanza of marsiya where Imam Hussain, fighting the war, still has love and affection for Humanity one of its completes was.

TALWAR NA MARI JISEY MUH MUH MORTE DEKHA AASU

NIKAL AAYE JISEY DUMM TORTE DEKHA

His Marsiya are assests, Mir Anees's poetry was the other name of Human purity and sparkling thoughts.

Mir Anees wrote almost exclusively about the battle of karbala inform of marsiya (elegy) this gave ample scope to write about raw human emotions brave stand in the face death, loss of loved ones, scenes of battle - swords and horses, valor virtue, legacy lineage, life and death righteousness and many more.

Mir Babar "Anees" is one of the poets who took the genera of Urdu marsiya to unprecedented heights. With his creative expressions and Melancholy - infused grandeur, he has become the paragon of Marsiya something. Can be found only and only and only in his writings.

Both great poets Syed Sabit Ali Shah and Mir Anees voluminous and versatile Sindhi and Urdu poets of Monody, Elegiac Poems in all kinds, Braches battle of Karbala subjects etc etc.

Both greatest poets style was a model of expressive building in Marsiya Nigari in properly Sindhi and Urdu languages also in other languages like Persian and Sanskrit languages it will notices that in the rest of this paper that after Syed Sabit Ali Shah and Mir Aneess many other authors and poets mostly monopolized writing Sindhi, Urdu poem of Monody Elegiac Poems had done in composing Sindhi, Urdu & Persian poetry.

Everyone can benefit from writing poetry, whether they want to share it or not because it closely related to the evolution of Sindhi and Urdu Marsiya Naigari, Religious Karbalai poetry Battle of Karbala and keeping the all views of Karbala and all events.

Helps, provides a gift of inspiration or education lesson to others. The world is blessed to have had such great poets of the world whose poems are inspirational soul-searching and Influential.

UNIVERSITY OF SINDH, JAMSHORO

**PhD THESIS**

# SYED SABIT ALI SHAH'S SINDHI AND MIR ANEES'S URDU MONODY: AN ANALYTICAL AND COMPARATIVE STUDY

**THESIS SUBMITTED TOWARDS THE PARTIAL FULFILLMENT OF THE REQUIREMENT OF THE UNIVERSITY OF SINDH, FOR THE AWARD OF DOCTOR OF PHILOSOPHY DEGREE IN SINDHI**


**NAHEED SHAH NAQVI**

**DEPARTMENT OF SINDHI**
**UNIVERSITY OF SINDH**
**JAMSHORO, SINDH, PAKISTAN**


**2023**